لطيف جو پيغام

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

مهراڻ اڪيڊمي ڪراچي

Scanned with CamScanner

اول الله، عليم، اعليٰ، عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهه قديم،
والي، واحد، وحده، رازق، ربّ رحيم،
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لطيف جو پيغام

مضمون ۽ مقالا

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

مهراڻ اڪيڊمي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حق ۽ واسطا محفوظ

ڇپائيندڙ : قمر ميمڻ
نگراني : خالد سيف الله ڀٽي
ڇاپو پهريون : مارچ 1989ع
ڇاپو ٻيو : نومبر 1993ع
ڇاپو ٽيون : سيپٽمبر 1998ع
تعداد : 1000

قيمت =/48 رپيا

ملڻ جو هنڌ

برانچ آفيس : مهراڻ اڪيڊمي واڳڻودر شڪارپور
۽
سنڌ جا سمورا ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مَنَا ءُ

• پنهنجي پاران	
• مقدمو	11
• شاهه لطيف جي سوانح حيات	23
• شاهه لطيف رحه جي زماني ۾ سنڌ جون سياسي ۽ اقتصادي حالتون.	34
• صوفيانه فڪر ـــ وحدت الوجود	55
• خودشناسي شاهه جي نظر ۾	63
• شاهه جي نظر ۾ زندگيءَ جو تصور	69
• شاهه رحه جي نظر ۾ موت جو تصور	80
• شاهه رحه جي عظمت	86
• شاهه رحه جي شعر ۾ انساني مزاج ۽ فطرت جي عڪاسي	91
• نوجوان ۽ شاهه رحه	97

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

• رسالي جي ڪهاڻين جو فني ۽ فڪري جائزو	101
• سُرڪليان، (مضمون ۽ فلسفو)	118
• سُر مارئيءَ جو مطالعو	125
• سُر سامونديءَ جو فلسفو	145
• سُر معذوريءَ جو فلسفو	149
• سُر ڏهر جو فڪري جائزو	155
• سُر ڪاموڏ جو ادبي جائزو	165
• سُر سهڻي جو فلسفو	172
• سر سارنگ جو مطالعو	178
• سر ڪاپاتي جو فڪري ۽ لساني جائزو	187
• سر بلاول جو مضمون	195
• سر سريراڳ جو مطالعو	203
• سر رامڪلي جو اڀياس	213

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي پاران

سهڻي ڌرتي سنڌ جو سدا حيات شاعر، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه، دنيا جو عظيم، لاثاني ۽ بي مثل شاعر ۽ وڏو ولي هو.

ڀٽائي رحه. انهن هستين مان هو جي صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن ۽ ڪنهن خاص آدرش ۽ مقصد واسطي، ڌرتي تي آندا ويندا آهن.

دنيا جي جدا جدا علائقن ۽ حصن ۾، اهڙا نامور ۽ بي مثل انسان پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن پنهنجي پيغام وسيلي، انسان ذات کي محبت، ڀائيچاري، آفاقيت، ايڪي ۽ اتحاد، سڪ ۽ پريت، محنت ۽ جدوجهد جو پيغام ڏنو آهي. انهن ڪٽرپڻي، نفرت، بغض، ڪيني، گلا، ظلم، ڏاڍ، استحصال، ڪوڙ، ڪپت، دغا، دوکي ۽ دولاب، دنيا ۽ ان جي حب جهڙن اوگڻن خلاف نصيحت پڻ ڪئي آهي. انسان کي سندس اصلي مقصد ڏانهن سڏيو آهي، محبوب جو رضامندو حاصل ڪرڻ، ان جو مشاهدو ماڻڻ، سندس جلوو پسڻ، ۽ دنيا کي تج سمجهڻ جي تلقين پڻ ڪئي اٿن،

"جو تو سائيهه ڀانئين سو، مانجهاندي ۽ جو ماڳ."

يا

"جاتو پاڻي اڄ، تنهن پاڻيءَ پنا ڏيهڙا"
حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه ۽ سندس ڪلام، ساري انسان ذات جي قيمتي موڙي آهي. سنڌ کي ڀٽائي تي ناز آهي. ڀٽائي رحه، سنڌ جي سونهن آهي، سنڌ جو آواز آهي، اهڃاڻ آهي. پر اهڙي عظيم هستي کي سنڌ تائين محدود ڪرڻ به، سندس ذات، شاعري ۽ پيغام سان انصاف نه آهي. ڀٽائي رحه جو ڪلام ساري انسانيت جي ميراث آهي. مهراڻ اڪيڊمي، لطيف رحه جي شاعري ۽ پيغام کي ڦهلائڻ گهري ٿي. هي ڪتاب انهيءَ ڏس ۾ هڪ ڪوشش آهي.

محترم سائين ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڪنهن تعارف جو محتاج نه آهي. هو سنڌ جو مشهور محقق، مفڪر، مصنف، فاضل اديب، ۽ سنڌي ٻولي جو پراڻو خدمتگار آهي. هيل تائين اٽڪل ٦٠ کن ڪتاب لکي چڪو آهي. سندس قلم جو ميدان نهايت وسيع آهي، بيشمار موضوعن تي قلم کنيو اٿس.

هي ڪتاب جو ٻيو ڇاپو آهي، جنهن ۾ سندس لکيل ٢٣ مقالا ۽ مضمون شامل ڪيا اٿون، جن مان گهڻا اڻ ڇپيل آهن. ڊاڪٽر صاحب وڏي محنت، عرق ريزي، جاکوڙ، تحقيق ۽ دل جي اتاهه سان ڀٽائي رحه جي شاعري جي انيڪ پهلوئن تي نهايت سليس ۽ سلوڻي انداز ۾ روشني وڌي آهي. ٻيهرئين ڇاپي تي ٻڻ نظرثاني ڪري ڪيترا سڌارا آندا اٿس. حضرت شاهه عبداللطيف رح جي مختصر ۽ جامع سوانح حيات ٻڻ لکي اٿس.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الهيءَ سان ڪتاب جي افاديت هيڪاندو وڌي ويئي آهي. اڪيڊمي، ڊاڪٽر صاحب جي تهه دل سان شڪرگذار آهي.

هن ڪتاب جي ڇپائي ۾ سهڪار ڪندڙ مڙني دوستن جو ٿورائتو آهيان جن ۾ خاص طور استار ڪمپوزرس شڪارپور جي آپريٽر شمس الدين ميمڻ، اڪيڊمي جي پبليڪيشن شعبي جي نگران خالد سيف الله پٺي، جن جي محنت سان هي ڪتاب منظر عام تي اچي سگهيو.

قمر ميمڻ

سيڪريٽري مهراڻ اڪيڊمي

ڊسمبر1993

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان هن ڪتاب کي عام مقبوليت حاصل ٿي، ۽ ٿوري وقت ۾ ان جون سموريون ڪاپيون ختم ٿي ويون. ان ڪان پوءِ پڙهندڙ، اديبن ۽ شاگردن طرفان لاڳيتو گهر ٿي رهي هئي، تہ ان کي ٻيهر ڇپايو وڃي. ان ضرورت کي محسوس ڪندي "مهراڻ اڪيڊمي" جي ڪار پردازن هي ڪتاب ٻيهر ڇپائڻ جو فيصلو ڪيو.

هن نئين ايڊيشن ۾ سڌارا ۽ واڌارا آندا ويا آهن، ۽ ڪتاب کي جامع بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. شاهہ جي شعر جو اڀياس ڪندي شاهہ صاحب جي فڪر، مقصديت ۽ پيغام جي اپٽار ڪئي وئي آهي. هن نئين ايڊيشن ۾ شاهہ صاحب جي زندگيءَ جو مختصر احوال بہ ڏنو ويو آهي. ان سان گڏ هيٺين طرح واڌارو مواد ڏنو ويو آهي.

١ـ سرمارئي جي مطالعي ۾ گهڻو نئون مواد شامل ڪيو ويو آهي.

٢ ـ هيٺين سرن جو اڀياس نئين طرح شامل ڪيو ويو آهي.

سر سريراڳ، سرسارنگ، سرڪاپائتي، سربلاول، ۽ سر رامڪلي.

٣ ـ "شاهہ جي نظر ۾ زندگيءَ جو تصور" جي عنوان سان نئون مضمون آهي.

دعا آهي تہ الله تعاليٰ هن ڪتاب کي عام مقبوليت عطا ڪري.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مقدمو

ادب جي وصف ۽ ڪارج: علم ادب جي تعريف ۽ ڪارج بابت مختلف نظريا ۽ رايا آهن. ڪنهن فن ۽ ادب کي زندگيءَ جو عڪس سمجهيو، جيڪو هڪ شخصي مزاج جي آئيني ۾ نظر اچي، ڪنهن وري شخصيت کي گم ڪرڻ جو نالو ادب رکيو، ته ڪنهن شخصيت جي اظهار کي ادب جو نصب العين ٺهرايو. ڪنهن وري ادب لاءِ Super personality يعني فوق الذات يا ماورائي شخصيت جو اصطلاح گهڙيو. ادب کي ڪلهن زندگيءَ جي تنقيد بنايو ويو، ته ڪلهن زندگيءَ جو اولڙو. ڪنهن ان کي زندگيءَ جو ڪل ۽ سمورو سڏيو، ته ڪنهن وري ان کي فڪر جي عمارت جي سونهن ڪوٺيو. اهي سڀ اڌ پوريون حقيقتون آهن. ادب اهو سڀ ڪجهه ته آهي، پر ان کان گهڻو وڌيڪ به آهي. علامه آءِ- آءِ قاضي صاحب ادب جي تعريف هن طرح بيان ڪئي آهي:

"اها تحرير جا ادب، لطافت طبع، زيب ۽ زينت واري عمل ڏانهن اشارو ڪري ۽ انهن خوبين جي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري."

حقيقت اها آهي، ته ادب علمن جي سڀني شاخن تي حاوي آهي، ۽ سمورن علمن کي پنهنجو مخصوص رنگ ۽ روپ ڏئي پاڻ ۾ سمائي ٿو ڇڏي. ٻين علمن کي اسان غير تڪويني ادب چئي سگهون ٿا، پر ادب چئي نه ٿا سگهون. ان قسم جا جيڪي به علم آهن، انهن جو مقصد علميت ۾ اضافو ڪرڻ هوندو آهي، ۽ علمن ۾ بيان تي زور نه ڏنو ويندو آهي، پر ادب ۾ انداز بيان جي ڪافي قدر و قيمت آهي. ادب اسان انهيءَ شيءِ کي چئون ٿا، جنهن ۾ پنهي ڳالهين جو خيال ڪيل هجي، يعني ان

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي مواد ۾ عالم انسان جي دلچسپيءَ جو سامان هجي، ۽ ان مواد جو انداز بيان ذاتي، داخلي ۽ دلڪش هجي. ان ٻئي پهلوءَ کي " اسلوب بيان" به چيو ويندو آهي. انهن ٻن ڳالهين جي هجڻ ڪري ادب ۾ تاثر ٿئي ٿو. سي -ايم جوڊ ته ايتريقدر چوي ٿو؛

"مصوريءَ ۽ موسيقيءَ جي مقابلي ۾، ادب جي طاقت ۽ تاثير تمام زياده آهي. حقيقت ۾ ادب جي رنگينيت ۽ دلچسپين جي ڪابه حد مقرر ڪري نه ٿي سگهجي، ڇاڪاڻ جو ان ۾ انساني تجربي جو سمورو عڪس، ۽ انساني فطرت جي هر رخ کي پوريءَ طرح ظاهر ٿيڻ جو موقعو ملي ٿو."

لطيف جي ڪلام ۾ اسان کي اهي ٻئي ڳالهيون ملن ٿيون. ان ۾ جيڪو مواد آهي، اهو عوام الناس جي دلچسپي جو آهي، انهيءَ ڪري ٻار ٻڍي، پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل کي حظ حاصل ٿئي ٿو. شاهه صاحب پنهنجي دل جا جذبات ۽ احساسات تمثيلي انداز ۾ بيان ڪيا آهن. هن جيڪي ڏٺو وائٺو ۽ مشاهدو ڪيو آهي، اهو ويهي بيان ڪيو اٿس، انهيءَ ڪري سندس انداز بيان ذاتي ۽ داخلي آهي. دلڪشي ۽ رنگيني سندس شعر جون خاص خوبيون آهن.

شعر جو ٻيو پهلو فن يا ڏانءُ هوندو آهي. انهن سيني ڳالهين جي ڪري شاهه صاحب جي ڪلام ۾ اهڙو تاثير آهي، جو پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جي دل تي براهِ راست اثر ڪري ٿو.

ادب ذاتي زندگيءَ کان سواءِ اجتماعي زندگيءَ جو به ترجمان آهي، ڇاڪاڻ جو ادب ۽ سماج جو پاڻ ۾ گهاٽو سٻنڌ آهي. شاهه صاحب جو ڪلام، داخلي هجڻ سان گڏ خارجي به آهي. سندس ڪلام ۾ معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي تصوير نهايت خوبيءَ سان چٽيل ملي ٿي. ٿري ماڻهن جي خوشحاليءَ جو دارومدار مينهن تي آهي. جڏهن مينهن پوي ٿو، ته آن جهجهو ٿئي ٿو، ۽ کير مکڻ گهڻو ٿئي ٿو. شاهه صاحب فرمائي ٿو؛

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ تي سنڌل وڄيا، آيو جهڙ جهاتي،
هيڪ ارزان آن ٿيو، پيو مکڻ منجهه ماتي،
ڪلمي سين ڪاتي، لاٿم ڪٽ قلوب تان.

جن واپارين مهانگو ڪري وڪڻڻ لاءِ اَن گڏ ڪري رکيو هو، انهي ميڻ پيچائين ٿا،

"جي مهانگو ميڙيو، سي ٿا هٿ هڻن"

شاهه صاحب اهڙن ڏڪارين کي سخت لفظن ۾ ننديو آهي:

"ڏڪاريا ڏيهه مان مرڌي شال مرن"

حقيقت پسنديءَ: سماج ۽ ماحول ڪن حقيقتن تي دارومدار رکي ٿو. اديب جي آڏو حقيقتون ڦرنديون رهن ٿيون، جن جو هو تيز نظر سان مشاهدو ۽ مطالعو ڪري متاثر ٿئي ٿو. ان ڪانپوءِ جذبات ۽ احساسات سندس دل ۾ اڀرن ٿيون ٿا، جن کي لفظن جو ويس پهرائي پيش ڪري ٿو، ته جيئن پڙهندڙ به ان مان اهڙوئي تاثر حاصل ڪن. انهيءَ ڪري چيو ويو آهي، ته اديب جو حقيقت نگار هجڻ ضروري آهي. حقيقت نگاري ادب جو اهم قدر آهي. ڪنهن به شاعر ۽ اديب جي قدر ۽ قيمت جانچڻ لاءِ ضروري آهي ته اهو ڏٺو وڃي ته ان جي شهپاري ۾ حقيقت پسنديءَ جو عنصر ڪيتري قدر آهي. يعني هو ڪيتري قدر انهن سڀني شين جي گهرائين تائين پهچي ٿو، جيڪي سندس علم ۽ ادراڪ جي دائري ۾ اچن ٿيون، ۽ پاڻ انهن جي فرق کي ڪيستائين علحده ڪري ٿو.

هاورڊ فاسٽ چوي ٿو: " ادب واقعيت جو هڪ حصو آهي، ۽ زندگيءَ جي حقيقت سان مڪمل طور وابسته آهي. هن جو زندگيءَ کان جدا ڪو وجود ڪونهي، ۽ نه فنڪار ئي سماج جي ڪنهن فرد کان جدا ڪو وجود رکي ٿو. عملي زندگيءَ کان ڪناره ڪش ٿي وڃڻ جو رستو ان لاءِ ضرور کليل آهي، پر ان لاءِ اهو دروازو کليل نه آهي، ته هو

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زندگيءَ کان ڪناره ڪش ٿي وڃڻ ڪانپوءِ به هڪ تخليقي فنڪار باقي رهي.

اديب حقيقت نگار ضرور ٿئي ٿو، پر هو فوٽو گرافر نه آهي. حقيقت کي هوبهو انداز ۾ پيش نه ٿو ڪري، پر هو حقيقتن مان نتيجا اخذ ڪري، قاري جي دل ۾ تاثر پيدا ڪري ٿو. شاهه صاحب جي مشاهدي جي قوت تمام تيز آهي. هو هر شيءِ جي گهرائيءَ ۾ وڃي، بهترين نتيجا اسان جي آڏو پيش ڪري ٿو. مارو ماڻهو ڏٺ ميڙي ٽٻا ۽ ڇڄون پري مٿن تي کڻي موٽيا آهن. شاهه صاحب سندن تصوير ڏسو ته ڪهڙي نه حقيقت پسندانه نوع ۾ چٽي آهي:

مٿي ٽڪ ٽڪرا، ڇڪندڙا اڇن،
ڪڙيون کيهه پڪليون، پکڙ سر پيرن،
اي وڙ وڙيچن، مون لوڙان ني لکيا.

يعني: مٿي تي ڪاريون ۽ ٽٻا اٿن، ۽ سهڪندا پيا اچن. ڪڙيون رڻيءَ سان پريل اٿن، پکهر پيرن تائين وهي آيو اٿن، ۽ سندن لوڏ به پڌري آهي.

مطلب ته ادب اهو چٽي سگهجي ٿو، جنهن ۾ انسان جي دل جو ڌڙڪنون بند هجن، جنهن جي ماحول ۾ هلندڙ چلندڙ انسان ساهه کڻندو نظر اچي، ۽ جنهن جي فضا ۾ انسان جا ٽهڪ ۽ سڏڪا ٻئي پڌرا ٿين. مطلب ته ادب زندگيءَ جو آئينه دار آهي. جيئن ته ادب جو تعلق زندگيءَ سان آهي، ۽ زندگيءَ جا گهڻ طرفا پهلو آهن، تنهن ڪري ادب جا مختلف پهلو ٿي سگهن ٿا. حقيقت ۾ زندگيءَ جو هر واقعو ادب جو هڪ موضوع بڻجي سگهي ٿو. ادب زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي روشن به ڪري ٿو، ته ان تي طنز به ڪري ٿو. جيئن ته ادب زندگيءَ جو آئينه دار ۽ سماج ۽ ماحول جو ترجمان آهي، تنهنڪري ادب مان قوم جي سياسي ۽ سماجي، اخلاقي ۽ مذهبي، انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. فرانسيسي اديب ٽيني جو به ادب متعلق ان

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قسم جو رايو آهي. هو ادب ۾ هنن ٽن عناصر کي شامل ڪري ٿو، نسل، ماحول ۽ عصري رجحان. يعني سندس نظريه موجب سوسائٽيءَ جي مطالعي کي وڏي اهميت آهي.

روايت ۽ انفراديت: اهي ٻئي ڳالهيون ته ادب لاءِ برابر ضروري آهن. پر سندس نظريي ۾ اچا هڪ ڳالهه جي کوٽ آهي. اها هيءَ ته ادب ۾ اديب جي زندگيءَ جو به وڏو اثر هوندو آهي. جيتوڻيڪ اديب جي زندگي به سوسائٽيءَ جو هڪ جز آهي. تڏهن به هر هڪ جي زندگيءَ ۾ پنهنجي پنهنجي انفراديت ٿئي ٿي. اهوئي سبب آهي، جو هر اديب جي فن پاره ۾ ٿوري گهڻي انفراديت ضرور هوندي آهي. انهيءَ ڪري چيو ويو آهي ته اديب پنهنجي ماحول جو خالق به هوندو آهي، ۽ مخلوق به.

شاهه صاحب جي شاعريءَ ۾ روايت جي پابنديءَ سان گڏ جدت ۽ انفراديت آهي. شاهه صاحب مضمون ۽ هيئت جا نهايت انوکا تجربا ڪري، پنهنجي ڪلام کي نهايت دلڪش ۽ پُراثر بڻايو آهي. اهو شاهه صاحب جي جدت ۽ انفراديت ئي آهي، جنهن ڪري شاهه صاحب کي عظيم ترين شاعر مڃيو ويو آهي. علامه آءِ.آءِ قاضي عالمگير ڪسوٽيءَ سان شاهه صاحب کي عظيم شاعر ثابت ڪيو آهي. شاهه صاحب جي عظمت جو اعتراف مغربي عالمن به وقت بوقت پَڌرو ڪيو آهي. ڊاڪٽر سورلي پنهنجي ڪتاب "موسا پراو گانس" ۾ دنيا جي چوٽيءَ جي شاعرن جو تذڪرو ڏنو آهي. ان ۾ هن ڏيکاريو آهي ته شاهه صاحب انهن سڀني کان عظيم آهي. مشهور مستشرق "مس شميل" جيتوڻيڪ پاڻ جرمن آهي، تڏهن به صاف صاف لفظن ۾ چيو اٿس، ته "شاهه صاحب جرمنيءَ جي مشهور شاعر گوئٽي کان به ڪون اڳتي آهي."
شاهه صاحب کي اها عظمت ۽ بلندي انهيءَ ڪري حاصل ٿي آهي، جو شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ کي فقط روايت جي پابنديءَ تائين محدود نه رکيو آهي، پر نوان نوان تجربا ڪري، ڪلام ۾ وڏيڪ رواني ۽

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏيڪ اثرانگيزي پيدا ڪئي اٿس.

سنڌي شاعريءَ جو تجزيو ڪرڻ ڪانپوءِ معلوم ٿيندو تہ سنڌي شاعري ايراني ۽ هنديءَ شاعريءَ جي روايتن کان ڪجهہ قدر متاثر آهي. شاهہ صاحب جي شعر ۾ بہ انهي روايتن جا اهڃاڻ ملن ٿا. مثلاً هندي شاعريءَ ۾ شاعر عورت جي زباني پنهنجا جذبات ۽ احساسات بيان ڪندو آهي. شاهہ صاحب جي بيان جو نوع بہ ساڳيو آهي، پر شاهہ صاحب ان ۾ اها تہ تواڻ، اثرڪائي ۽ حقيقت پسندي پيدا ڪئي آهي، جو بي اختيار ڪيو ڇڏي.

وڇوڙي جا ورلاپ اهڙي تہ اثرکي ۽ دلچسپ نموني بيان ڪيا اٿس، جو اهين پيو معلوم ٿئي، تہ فراق جي قوڙائي کان شاعر کي شڪوہ نہ آهي، پر ان انتظاريءَ ۽ بيقراريءَ پاڻ سندس دل ۾ هڪ مٺڙو درد پيدا ڪيو آهي:

سڪي جان ستياس، تان سڪ سمهڻ نہ ڏي.

نہ فقط ايترو، پر ان درد ۾ هڪ نئين زندگي ۽ نئون ولولو آهي. اهيءَ ڪري عاشقن کي اها مصيبت بہ مٺي لڳي ٿي، جيڪا سندن دل ۾ سوز ۽ گداز پيدا ڪري:

سور جي کي سرتيون، سري تي صحت،
مٺي مصيبت، آهي عاشقن کي.

وڇوڙي ۾ وينل والون نهاريندي رهي ٿي، اهڃاڻ ۽ نشان ڏسي اميد ۽ آسرو رکي ٿي، پر محبوب تي مدار ٿئي رکي:

سڄڻ سڃاڻئو ڇوڙ، ماڻا سامونڊي آئيا،
مان مهجبو هوڙ، جاني هن جهاز ۾.

ادب جا قدر: ادب جا ڪي مستقل قدر آهن. ڪن صاحبن جو چوڻ آهي، تہ جيئن تہ ادب زندگيءَ جو ترجمان آهي، ۽ زندگي بدلجندي رهي ٿي، تنهنڪري ادب جا قدر بدلجندا رهن ٿا. اها حقيقت آهي تہ زندگي بدلجندي رهي ٿي، ۽ ماحول تبديل ٿيندو رهي ٿو، پر اهو

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زندگي جو روپ ۽ رنگ بدلجندو رهي ٿو. زندگيءَ جا قدر ڪونہ ٿا بدلجن. زندگيءَ جا قدر هر ملڪ ۽ هر وقت لاءِ ساڳيا رهيا آهن. انهيءَ ڪري ادب جا قدر اڻ ڦرندڙ آهن. انهيءَ ڪري ادب کي جديد ۽ قديم ۾ ورهائڻ بيسود ٿيندو. شاهه صاحب جو ڪلام اڄ بہ اسان لاءِ نئون آهي. اڄ بہ اسان شاهه صاحب جي ڪلام ۾ حقيقت پسندي ۽ انساني زندگيءَ جي ترجماني محسوس ڪريون ٿا. ان مان اهو صاف ثابت ٿيو، تہ ادب جا بنيادي قدر ڪونہ ٿا بدلجن. ادب جو پهريون ۽ اهم قدر خلوص آهي، جنهن تي هزارين سال اڳ افلاطون بہ زور ڏيئي ويو آهي؛

"سڀني ۽ بقادار ادب جو بنياد آهي، زندگيءَ جي آزمودن ڏانهن، حقيقتن جي سچائيءَ ڏانهن، ۽ پاڻ ڏانهن پوري ايمانداري."

اڄ بہ خلوص ادب جو سڀ کان پهريون قدر آهي. جنهن فنڪار جي فن ۾ خلوص ڪونهي، ان کي صحيح معنيٰ ۾ فنڪار چئي نہ ٿو سگهجي.

خلوص جو مطلب هي آهي، تہ مصنف ادب ۾ خالص پنهنجي جذبات جو اظهار ڪري، ۽ دنيا جي ٻين شين تي صداقت سان تبصرو ڪري. انهيءَ ڪري سچائي، نيڪ نيتي ۽ ايمانداري ان قدر جون شاخون آهن. جنهن فنڪار جي ادب ۾ اهي خوبيون هونديون آهن، ان جون تخليقون ئي عام مقبوليت حاصل ڪنديون آهن، ۽ ايندڙ نسل انهن کي ياد رکندا آهن، انهن تي فخر ڪندا آهن. شاهه صاحب جي ڪلام ۾ اهي سڀئي خوبيون موجود آهن. انهيءَ ڪري ئي شاهه صاحب جو ڪلام اڄ بہ رائج الوقت سڪي جي حيثيت رکي ٿو، ۽ اسان سندس ڪلام تي فخر ڪريون ٿا. دراصل اها شاهه صاحب جي صداقت ۽ خلوص ئي آهي، جنهن شاهه صاحب کي ايڏي عظمت ڏني آهي.

صداقت جي سلسلي ۾ رسڪن نهايت اهم ۽ دلچسپ ڳالهہ چئي آهي. سندس قول آهي، تہ "ادب ۾ جنهن شيءِ کي انفراديت چيو وڃي ٿو، ۽ ان جي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، اها دراصل صداقت آهي." صداقت پيدا ڪرڻ لاءِ لازمي آهي تہ مصنف اهائي ڳالهہ

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چئي، جهڙا سنڌس تقرن آڏو هجي، يا جهڙا سنڌس تجربن جي حدن ۾ هجي.

مقصد: صداقت يا حقيقت پسنديءَ جو مطلب اهو نہ آهي، تہ ادب کي زندگيءَ جي بلڪل مترادف مڃيو وڃي. جيڪڏهن ائين فرض ڪيو وڃي، تہ پوءِ اهو سوال پيدا ٿئي ٿو تہ خود زندگيءَ جو ڇا مقصد آهي؟ جيڪڏهن ائو چئجي تہ فقط زندگيءَ جو مول مقصد آهي، تہ پوءِ انسان ۽ حيوان ۾ فرق ڪونہ ٿيو. انسان جي زندگيءَ ۾ ارتقا هڪ لامحدود تصور آهي. انهيءَ ڳالهہ کي جيڪو ويو آهي تہ "انسان فقط ماني کائڻ سان زنده نہ رهندو." روٽيءَ جو پيغمبر مارڪس خود هڪ هنڌ لکي ٿو، "هڪ انشاءِ پرداز کي زنده رهڻ ۽ پاڻ کي لکڻ جي قابل بنائڻ لاءِ يقيناً روٽي ڪمائڻي آهي، پر فقط روٽي ڪمائڻ لاءِ هن کي رهڻ ۽ لکڻ نہ گهرجي."

مطلب تہ زندگيءَ وانگر ادب جو مقصد بہ صحت ۽ تنوع -Dimen sion and variety جي لحاظ کان لامتناهي آهي. اهو بہ ظاهر آهي تہ سواءِ مقصد جي ڪنهن زماني ۾ بہ ڪو ادب پيدا نہ ٿيو آهي. پوءِ اهو مقصد شعوري هجي يا لاشعوري، اها بہ پنهنجي جاءِ تي امر حقيقت آهي، تہ فقط مقصد جو ٺلو بہ ادب نہ رهيو آهي. مقصد ۾ جيستائين هڪ تخليقي حيثيت Sign of a creative surplus جو اضافو نہ ٿيندو، تيستائين اهو ادب نہ ٿيندو. جيستائين موجود ۾ ممڪن، واقعي ۾ تخئيل ۽ حال ۾ مستقبل جو عنصر داخل نہ ٿيندو، تيستائين ادب وجود ۾ نہ ايندو.

ادب انسان جي سمورين مادي ۽ غير مادي اثرن جو نتيجو آهي، ۽ ان جي سمورين عملي ۽ فڪري حرڪات جو ماحصل آهي. انهيءَ خيال کان ڏٺو وڃي تہ ادب نہ تہ خارجي سببن ۽ حالتن کان ٻاهر آهي، ۽ نہ مقصد ۽ مدعا کان بي نياز آهي. ادب جو مقصد ضرور هوندو آهي. پر اهو مقصد ادب جي وجود جي اندروني ترڪيب ۾ مزاج طور داخل ٿيندو آهي. بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن سچ جي وجود ۾ سندس مقصد، يعني

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روشني ۽ گرمي پهچائڻ جو فرض لڪل هوندو آهي، پر جيڪڏهن سج جيڪڏهن پنهنجي مقصد ۾ مبالغو ڪري، ته انسان جي زندگي عذاب بڻجي وڃي، تيئن ادب ۾ جيڪڏهن مقصد تي زور ڏنو وڃي، ته ادب مان اهو لطف لڪري ويندو.

اهڙيءَ طرح جيئن سج هر ڪنهن کي هڪ جهڙو فائدو پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، تيئن ادب جو پيغام به سڀني لاءِ هجڻ گهرجي. يعني ادب جي فڪر ۽ مضمون جو دائرو محدود هجڻ نه گهرجي. ان ۾ ڪنهن ڪان به نفرت جو جذبو نه هجي.

شاهه لطيف جي ڪلام ۾ به هڪ پيغام آهي، پر ڪنهن فرد يا قوم، وقت توڙي ملڪ تائين محدود نه آهي. هن جو پيغام عالمگير آهي. فطري آهي. هر قوم ۽ ملڪ، ۽ هر وقت ۽ هر فرد لاءِ آهي. ان سان گڏ ادب جي بنيادي تقاضا موجب اهڙي اسلوب بيان ۾ آندو ويو آهي، ته فن کي مجروح نه ٿو ڪري. نه فقط ايترو پر فن، مقصد ۽ پيغام کي واضح، پُرڪشش ۽ پُراثر بنائي ٿو. هڪ عالم چيو آهي،

”ادب انسان جي تهذيب جي علامت ۽ ان جي ضمانت آهي. ان جو مقصد اهو آهي، ته ان جي اثر کان انسان بغير وعظ ۽ تبليغ جي خودبخود اڳي کان وڌيڪ مهذب، شريف ۽ نيڪ ٿي وڃي. ادب، انسان جي ڪردار مان نفس پرستي، خود غرضي، بغض ۽ حسد، ڪينو ۽ دشمني، مڪاري ۽ عياري، ٻين کي فريب ڏيڻ، سازش جو شڪار بنائڻ جهڙا وحشيانه ذليل لاڙا ختم ڪندو رهي ٿو.“

شاهه صاحب جي ڪلام مان انسان کي اهو ڪارج سڌ ٿي سگهي ٿو. شاهه صاحب جي شاعري اڻ بدلجندڙ قدر جي حامل آهي، ڇاڪاڻ جو ان جي افاديت هر دور ۾ هڪ جهڙي آهي. اهوئي سبب آهي، اڍائي سئو سال گذرڻ کان پوءِ به هر سج نئون آهي. شاهه صاحب انسان کي زندگيءَ جو حسن ڏيکاري ٿو، ۽ زندگيءَ کي وڌيڪ حسين بنائڻ جا رستا ٻڌائي ٿو. هو سمجهائي ٿو، ته زندگي فقط هن فاني جهان تائين

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محدود نہ آهي، پر موت هڪ نئين زندگيءَ جو آغاز آهي. هو ڌهر نشين ڪرائي ٿو، تہ انساني زندگيءَ لاءِ فقط مادي ضرورتن لاءِ ڪوشش نہ ڪجي، پر ان سان گڏ روح جي غذا لاءِ بہ ڪجهہ ڪرڻ گهرجي. انسان جي روح کي فقط الله تعاليٰ جو ذڪر ئي مطمئن ڪري سگهي ٿو.

شاهہ صاحب ٻڌائي ٿو، تہ شريعت جي پيروي ۽ اخلاقي قدرن کي اختيار ڪرڻ سان ئي زندگيءَ کي صحيح معنيٰ ۾ خوبصورت بنائي سگهجي ٿو، ۽ صالح ۽ صحتمند معاشرو قائم ڪري سگهجي ٿو. هو انسان ذات سان محبت ڪرڻ سيکاري ٿو، ۽ نفاق ۽ نفرت کان دور رهڻ جي تلقين ڪري ٿو. نہ فقط ايترو، پر هو چوي ٿو، تہ انهن سان بہ چڱائي ڪر، جيڪي توسان برائي ڪن:

هو چڻني، تون مَ چَئُ، پاءِ اُميري ان سيئه،
جي هو اوڳڻ ڪنني، تہ تون ڳڻائي ڳڻُ،
پاند جهلئو پڻُ، مَن سرنهاري سگَ ۾.

جيئن تہ شاهہ صاحب انساني فطرت جو صحيح جائزو پيش ڪيو آهي، ۽ انسان جي فطرتي تقاضائن جو پورو پورو لحاظ رکيو آهي، انهيءَ ڪري سندس شاعري جا اقدار غير متبدل آهن. اهوئي سبب آهي، جو سندس فڪر جي بلندي تائين ڪوبہ پهچي نہ سگهيو آهي، جاڪاڻ جو قديم زماني کان اڄ تائين مغربي دنيا جو ڪوبہ نظريو يا "ازم" نہ عالمگير برادريءَ جا اصول پيش ڪري سگهيو آهي، ۽ نہ انسان ذات جي سيني جذبن ۽ احساسن جي ڪاڏيل ترجماني ڪندي، انسان ذات جي سڌاري ۽ واڌاريءَ اتحاد ۽ اتفاق لاءِ ڪي لوس اخلاقي قدر پيش ڪري سگهيو آهي. سندن نام نهاد عقليت پسند نظريا، انسان کي ڪامل انسان بنائڻ لاءِ ناڪافي آهن. اهوئي سبب آهي، جو سڄي دنيا ۾ وڏو انتشار آهي. انسان ذات سک جي ساهہ لاءِ سڪي رهي آهي. هيڏي ساري مادي ترقي بہ انسان کي ڪنهن طرح مطمئن ڪري نہ سگهي آهي. هيڏي

ساري زرعي ۽ هنري واپاري ۽ ترقي هوندي به ڪٿي بيروزگاري آهي، ته ڪٿي بک آهي. اهو ڏيکاري ٿو، ته اهي سمورا اسڪول، نظريا ۽ "ازم" انسان ذات کي اخلاقي يا روحاني طرح ته ڇڏيو، پر مادي طرح به مطمئن ڪري نه سگهيا آهن. "قوم پرستي" ۽ "وطن پرستي" جا نظريا به مغرب جي پيداوار آهن، جن ۾ مغرب وارا انتها کي پهچي ويا هئا. يعني پنهنجي قوم ۽ پنهنجي ملڪ وارن جي حقن جو ڪوبه احترام ڪونه ٿا ڪن. انهيءَ ڪري ملڪن جي وچ ۾ نفرتون پيدا ٿين ٿيون، ۽ لڙايون لڳن ٿيون.. پهرين ۽ ٻي مهاڀاري لڙائي انهن نظرين جي انتها پسنديءَ جو نتيجو هيون.

ان مان ثابت آهي، ته مغربي فلسفين انسان ۾ شڪن شبهن جو هڪ لامتناهي سلسلو پيدا ڪري ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ جو جيڪي نظريا پيدا ٿيا آهن، انهن جو پاڻ ۾ ئي تضاد آهي. انهيءَ ڪري هرڪو نظريو انسان کي ڪامل انسان بنائڻ ۾ ناڪام ويو آهي. يعني ان کي پنهنجن لفظن ۾ اڃا ڪٿي ڇڏي، ته انسان پنهنجو پاڻ سڃاڻي نه سگهيا آهن. انهيءَ ڪري ته علامه آءِ آءِ قاضي صاحب چيو آهي: "يورپ جو ڪوبه مفڪر شاهه صاحب جي بلنديءَ تائين پهچي نه ٿو سگهي. سڄو يورپ شاهه صاحب جي اڳيان ۱۲، ۱۵ ورهين جو ٻار آهي." شاهه صاحب جي فڪر جو بنياد ئي آهي: "پاڻ سڃاڻڻ" تي. حڪيم جڏهن مريض جي پوري پوري تشخيص ڪري چڪندو آهي، تڏهن ئي علاج جو صحيح نسخو تجويز ڪري سگهندو آهي. انسان ذات جي سڌاري ۽ واپاري جو صحيح حل به انسان کي تڏهن ئي معلوم ٿيندو، جڏهن انسان هر لحاظ کان ۽ هر پهلو کان پنهنجو پاڻ سڃاڻي ويندا سون. پٽ ڏٺي پڌائي ٿو،

"پهرين سڃاڻج پاڻ، پوءِ پرينءَ پرپٽجو."

مطلب ته شاهه صاحب جي شعر ۾ فن ۽ فڪر جو حسين امتزاج ملي ٿو. سندس پيغام ۾ انسان ذات جي فلاح ۽ بهبود جو راز مضمر آهي. انهيءَ ڪري انسان کي جڳائي، ته سندس ڪلام جو مطالعو ڪريون، ۽

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سندس پيغام تي عمل ڪري پنهنجي زندگيءَ ۾ خوشگوار تبديلي پيدا ڪريون، ۽ مادي ضرورتن سان گڏ روح جي خوراڪ جو خيال به ڪريون.

هن مجموعي ۾ مختلف پهلوئن کان شاه صاحب جي شعر جو اڀياس ڏنو ويو آهي، ته جيئن شاه صاحب جي شعر جي اهميت ۽ افاديت واضح ڪري، قاريءَ کي شاهه جي شعر پڙهڻ ۽ ان مان حظ حاصل ڪرڻ تي آماده ڪجي. هن مجموعي ۾ شاهه جي شعر جي فڪر ۽ پيغام جو جائزو به ڏنو ويو آهي، ته ان جي فن ۽ ادبي خوبين کي به نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. ان کان سواءِ شاهه جي شعر جي لساني خوبين ۽ خصوصيتن جو جائزو به ورتو ويو آهي، ته ڪن سُرن جو تاريخي ۽ جاگرافيائي پس منظر به ڏنو ويو آهي. نه فقط ايترو، پر شاهه صاحب جي دور جي سياسي ۽ اقتصادي حالتن جو به جائزو ورتو ويو آهي. ان هوندي به اهڙن چئي نه سگهبو، ته شاه صاحب جي شعر جي مڙني خوبين ۽ خصوصيتن جو احاطو ڪيو ويو آهي. هڪ ڪوشش آهي، جنهن ۾ ڪمين ۽ ڪوتاهين جي گنجائش موجود آهي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه لطيف جي سوانح حياتً

حسب نسب:- حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي متعلوي (مٽياري) ساداتن جي خاندان مان هو. هن خاندان جو وڏو ڏاڏو اصل هرات جو ويٺل هو. سنڌس نسب جو سلسلو امام موسيٰ ڪاظم سان وڃي ملي ٿو. جيڪو هن طرح آهي:

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي بن حبيب بن عبدالقدوس بن سيد جمال بن سيد عبدالڪريم شاهه بن سيد لعل محمد شاهه عرف لله شاه بن سيد عبدالمومن عرف ميهو شاه بن سيد هاشم شاه بن سيد حاجي شاهه(١) بن جلال محمد عرف جرار شاهه بن سيد شرف الدين شاه بن سيد مير علي شاه بن سيد حيدر شاه بن سيد مير علي شاه بن سيد يوسف شاه بن سيد حسين شاه بن سيد ابراهيم بن سيد علي الجواري بن سيد حسن الڪبري بن سيد جعفر ثاني بن امام موسيٰ ڪاظم بن امام جعفر صادق (١)

"سيد علي الجواري" شيراز ۾ رهندو هو. "سيد ابراهيم شاه" ۽ "سيد

---

(١) ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، "شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جو ڪلام" (ص ١ کان ٣) ۾ سيد امير علي بن سيد محمد ثاني شجرو ڏنو آهي، جنهن ۾ سيد حاجي شاهه جو نالو ڪٽل آهي. مرزا قليچ بيگ جي ڪتل شجري ۾ به سيد حاجي شاهه جو نالو ڪٽل آهي

(رسالو ڪريمي ص ٢)

(١) مير عبدالحسين سانگي، لطائف لطيفي، مرتب، ڊاڪٽر نبي بخش خان، بلوچ - ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ١٩٦٧ع، ص ١٧ حاشي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حسين شاه" ۽ شيراز ۾ رهيا. "سيد يوسف شاه" شيراز مان لڏي اچي ترمذ ۾ ويٺو. "سيد مير علي شاه" ترمذ مان لڏي هرات ۾ اچي رهيو. جڏهن امير تيمور هرات فتح ڪيو تہ سيد مير علي سان سندس واقفيت ٿي. سيد مير علي پنهنجي فرزند مير حيدر سان ڪري، تيمور سان گڏجي هندستان آيو. مير حيدر جلدئي اجازت وٺي سيروسفر تي نڪتو، ۽ گهمندو سنڌ ۾ آيو. هالا ۾ اچي ڪجهہ وقت رهيو. هالا جو رهاڪو شاهہ محمد هالو سندس اخلاق ۽ ڪردار کان ايترو متاثر ٿيو، جو پنهنجي نياڻي بي بي فاطمہ سندس نڪاح ۾ ڏنائين. جيئن تہ سيد صاحب جي نياڻيءَ جو نالو بيبي فاطمہ هو، انهيءَ ڪري پنهنجي گهر واري جو نالو بدلائي بي بي سلطانہ رکيائين. هڪ سال پنج مهينا سنڌ ۾ رهڻ کان پوءِ پنهنجي والد جي وفات جي خبر پڌي، هرات وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. ان وقت سندس گهرواريءَ کي اميدواري هئي. جنهنڪري اڪيلو وڃڻو پيس. وڃڻ وقت پنهنجي گهرواريءَ کي ٽي شيون نشانيءَ طور ڏنائين؛ مندي، جنهن تي سندس نالو لکيل هو، جڙادار خنجر ۽ هڪ پانهي، جا هرات کان آندي هئائين. ان سان گڏ وصيت ڪيائين تہ جيڪڏهن پٽ ڄمي تہ نالو "مير علي" رکجوس، پر جي نياڻي ڄمي تہ ڏاڏهس وارو نالو رکجوس.

هرات پهچڻ کان پوءِ گهرواريءَ کي خط پٽ لکندو هو. آخر ۾ سنڌ ۾ اچڻ جو ارادو پڪو ڪيائين تہ موت مهلت نہ ڏنس ۽ ٽي سال، 27 ذي‌الحج کانپوءِ هرات ۾ گذاري ويو. (١)هرات ۾ اڳين گهرواريءَ مان ٻہ پٽ، سيد محمد ۽ سيد حسن هئس، جن پيءُ واري ملڪيت پاڻ ۾ ورهائي ڪئي.

---

(١) اها بيان العارفين جي روايت آهي، جا پوءِ جي سوانح نگارن قبول ڪئي آهي. پر تحفتہ الڪرام (سنڌي ترجمو، ص ـ ٣٤١) مان معلوم ٿئي ٿو، تہ سيد صاحب سنڌ ۾ رهي پيو. تحفتہ الڪرام جي مقابلي ۾ بيان العارفين جي روايت صحيح سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو اها بزرگن کان سيني ۾ سيني آيل آهي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيد حيدر جي وڃڻ کانپوءِ سندس گهرواريءَ کي پٽ ڄائو، جنهن جو نالو وصيت موجب "مير علي" رکيائين. جڏهن وڏو ٿيو ته تيئي لشانيون پاڻ سان کڻي هرات ڏانهن اسهيو. اتي پهچڻ سان کيس معلوم ٿيو ته سندس والد گذاري ويو هو. پاڻ ان کان ملڪيت جو حصو طلب ڪيائين، جنهن کي هن گهڻي ڪشمڪش کانپوءِ ڏنس. جيڪي مليس اهو وٺي واپس وطن وريو. پاڻ سان گڏ چاچي شرف الدين کي به ساڻ ورتيون آيو، جنهن ڪجهه وقت سنڌ ۾ رهڻ کان پوءِ وفات ڪئي. سيد مير علي سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ پنهنجي ملڪيت جا ٽي حصا ڪيا، جن مان ٻه حصا وري به پنهنجي پاڻان ڏانهن موڪلي ڏنائين. سيد مير علي سنڌ مان ٻه شاديون ڪيون، هڪ هالا ذات مان ۽ ٻي ترڪ قوم مان.

بيان العارفين موجب کيس ٻه پٽ ٿيا، هڪ شرف الدين، جو هالا حويلي مان ٿيس ۽ ٻيو سيد احمد، جو ترڪ گهرواريءَ مان ڄائس، پر محترم جي ايم سيد لکيو آهي ته سيد صاحب کي مرتضيٰ نالي ٽيون پٽ به ٿيو، جيڪو بنا اولاد گذاري ويو. هو شاهه پريا جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس مقبرو مانجهند جي اتر ۾ آهي (١). سيد احمد ٻيءَ سان گڏ رهيو، پر سيد شرف الدين شادي ڪرڻ کانپوءِ جدا حويلي ٺاهي. سيد شرف الدين جي اولاد "شرف پوٽا" سڏجڻ ۾ آئي ۽ سيد احمد جي اولاد سندس پٽ "مير" جي نالي پٺيان "ميرڻ پوٽا" جي نالي سان مشهور ٿي (٢).

ڪجهه وقت کان پوءِ هي خاندان ٨٤٠ هه (١٤٣٦ع) ڌاري هالن مان لڏي ڪوٽ "متياري" ۾ اچي رهيو. متياري ۾ رهڻ کان پوءِ هي خاندان هيٺين چئن قبيلن ۾ ورهائجي سڄي سنڌ ۾ پکڙجي ويو:

(١) جرار پوٽا (٢) باقيل پوٽا (٣) موسيٰ پوٽا (٤) مشين پوٽا.

---

(١) جي - ايم - سيد، "پيغام لطيف". ص - ٣

(٢) مير عبدالحسين سانگي، لطائف لطيفي. ص - ٢٢

www.sindhsalamat.comScanned with CamScanner

"جرار پوٽا" شرف پوٽا جي شاخ آهي. اسانجو شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي هن خاندان مان هو. نسبي لحاظ کان شاهه عبداللطيف ۽ مخدوم بلال جو مريد "سيد حيدر شاهه سن وارو" مٽين پوٽا قبيلي مان هئا (١).

طريقت جو سلسلو:- طريقت جي لحاظ کان شاهه عبداللطيف جي ڏاڏي شاهه ڪريم جي والد لال محمد عرف الهداد شاهه جو طريقت جو سلسلو سهروردي هو. شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو به حضرت مخدوم نوح جو مريد هو، جيڪو سهروردي اويسي هو. ان سان گڏ قادري طريقي سان به وابسته هو (٢).

شاهه صاحب لطيف جو ڏاڏو:- شاهه ڪريم جو فرزند جلال شاهه يا جمال شاهه (جيڪو شاهه لطيف جو ڏاڏو هو) شاهه ڪريم جي ئي وقت هالا متيهاري طرف گهڻو گذاريندو هو. هالن جي طرف ڦورن ڪنهن غريب مائيءَ جو مال هنيون. ان جي واهر لاءِ جلال شاهه (جمال شاهه) ڦورن جي پويان ويو، ته ڦورن کيس شهيد ڪري وڌو. کيس "ڪولي پير" جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو، جيڪو ڀٽ شاهه کان ست ميل اتر طرف تعلقي شهداد پور جي ديهه ٽبي "جما" ۾ آهي.(٣)

شاهه صاحب جو والد:- شاهه لطيف جو والد شاهه حبيب پنهنجي والد جي وقت ۾ يا سندس وفات کان پوءِ ڪجهه وقت اچي متياري ۾ رهيو. شاهه حبيب جي شادي عرس فقير ڏيري جي نياڻيءَ سان ٿي، جيڪو حضرت غوث بهاؤ الحق زڪريا ملتاني جي خليفي قندر فقير ڏيري جي اولاد مان "ڏيوڙيات" لقب وارن ڏيرن فقيرن جي ثابت يا "ثابت پوٽا" نک مان هو. (٤). هن طرح آيو آهي ته شاهه صاحب جي امڙ "ڏياڻي" خاندان مان هئي، ۽ شاهه صاحب "هالا حويلي" ۾ ڄائو.

---

(١) جي - ايم - سيد، "پيغام لطيف" ص - ٣

(٢) نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو" جلد پهريون، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڪميٽي، ڀٽ شاهه، ١٩٨٩ع، ڇاپو، ص -٣

(٣) ايضاً، ص - ٧، (٤) ايضاً، ص - ٩

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تحقيقي بحث ڪري ان ڳالهه کي رد ڪيو آهي (١). ڪن سوانح نگارن لکيو آهي ته شاه صاحب "ڀٽين پور" يا "ڀٽي پور" ۾ ڄائو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيقي لتيجي موجب اها ڳالهه صحيح نه آهي (٢). البت اهترو ڄاڻايو اٿس ته شاهه لطيف جي ولادت ته "سٽي قندر" جي پرسان ٿي، پر ولادت کان پوءِ شاه صاحب جو والد شاهه حبيب ٿي سگهي ٿو، ته ڪجهه ڏينهن وڃي "ڀٽه پور" ۾ رهيو هجي (٣).

ولادت، ننڍپڻ ۽ تعليم:- شاهه لطيف جي ولادت سن ١١٠٢ هه (١٦٩٠ع) ۾ ٿي. شاهه لطيف اڃا ڏهن، ٻارهن سالن جو هو، ته سندس والد شاهه حبيب "سٽي قندر" مان لڏي وڃي "ڪوٽڙي مغل" ۾ رهيو هو. ننڍپڻ کان ئي نرالي طبيعت جو مالڪ هو. سندس اخلاق اعليٰ ۽ رهڻي ڪهڻي منفرد هئي. هو عام ٻارن وانگر ٽپڻ ڪڏڻ ۾ اجايو وقت نه وڃائيندو هو. پر سدائين ڪنهن سوچ ۾ گم رهندو هو.

روايت آهي ته شاهه حبيب کيس آخوند نور محمد جي مڪتب ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويهاريو. جنهن شاهه صاحب کي قرآن شريف پڙهايو، ۽ مڪتبي تعليم ڏني. ان کان پوءِ وڌيڪ تعليم جو سلسلو جاري نه رهيو. پر ميان نور محمد هميشه شاهه صاحب وٽ ايندو رهندو هو، ۽ شاه صاحب کانئس پرائيندو رهندو هو. آخر ڪار جڏهن شاه صاحب اچي ڀٽ کي وسايو ته آخوند نورمحمد کي به سندي اوطاق ليکي ڏنائين، ۽ ڀٽ تي پاڻ وٽ رهايائين. (٤)

هن مان واضح ٿيندو ته شاه صاحب مڪتبي تعليم حاصل ڪئي هئي ۽ پنهنجي استاد آخوند نورمحمد کان گهڻو ڪجهه پرايو هئائين. ان سان گڏ هن روحاني ۽ الهامي ذريعن مان حقيقي علم ۽ معرفت الاهي حاصل

---

(١) ايضا. (٢) ايضا. ص – ١٠ (٣) ايضا

(٤) نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر، "شاهه جو رسالو" جلد ٽيون ص ١٤

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪئي. خاص طرح ان انهيءَ ڏس ۾ سنڌس ٽڙ ڏاڏي شاهه ڪريم جي ملفوظات بيان العارفين ۽ مولانا جلال الدين رومي جي مثنوي سنڌس وڏي مدد ڪئي.

شاه صاحب جي ظاهري تعليم بابت گهڻو بحث آيو آهي. ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ هو پارسي ۽ عربي زبانن جو ماهر هو ۽ ديني تعليم جو گهڻو مطالعو ڪيو هئائين. جاڪاڻ جو سنڌس رسالي ۾ انهن ڳالهين جا واضح مثال ۽ ثبوت ملن ٿا. اها حقيقت آهي تہ شاهه صاحب پنهنجي رسالي ۾ قرآن حڪيم جون آيتون، حديثون، عربي ۽ پارسي مقولا ۽ اسلامي تعليم ۽ تصوف جو روح نهايت سهڻي نموني سمايو آهي. اها بہ روايت آهي تہ شاه صاحب مثنوي مولانا روم ۽ شاهه ڪريم جو رسالو بيان العارفين (جيڪو پڻ پارسي ۾ آهي) پاڻ سان ڪشندو هو. ان کان سواءِ اها حقيقت بہ معلوم ٿي آهي، تہ شاه صاحب پنهنجي دوست مخدوم محمد معين ٺٽي واري ڏانهن خط لکي "اويسي طريقي" جي حقيقت معلوم ڪئي هئي ۽ ان جي جواب ۾ مخدوم صاحب "اويسي طريقي" بابت پارسي ۾ رسالو لکي کيس روانو ڪيو هو. انهن حقيقتن مان ثابت ٿئي ٿو، تہ شاه صاحب پارسي پڙهي ۽ سمجهي سگهندو هو.

رياضتون، مجاهدا ۽ سير و سفر:- شاه حبيب پنهنجي لائق فرزند جي روحاني تربيت تي تمام گهڻو ڌيان ڏنو. جيڏانهن بہ ويندو هو، تہ پاڻ سان گڏ ولي ويندو هوس ۽ وقت جي عالمن، بزرگن ۽ درويشن جي صحبت ۾ ويهاريندو هوس، تہ جيئن انهن جي صحبت مان روحاني فيض پرائي. شاهه ڪريم بلڙي واري جي درگاهه تي ولي وٺي زيارت ڪرايائينس، ۽ شاهه ڪريم جي فقيرن سان ملايائينس. نصرپور وٺي ويو، مين شاهه عنات سان ملاقات ڪرايائينس. اهڙيءَ طرح پاڻ سان گڏ سنڌ جي گهڻن ئي شهرن جو سير سفر ڪرايائينس، ۽ بزرگن سان ملاقاتون ڪرايائينس.

جوانيءَ ۾ ئي شاهه حبيب کيس طريقت جي راهه ڏسي ۽ نفساني

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خواهشن کي ضابطي ۾ رکڻ، زهد، عبادت، رياضت ۽ مجاهدن جي تلقين ڪيائينس. انهن هدايتن پٽاندڙ شاهه لطيف مائٽن کي پاسيرو ٿي وچي ذڪر ۽ فڪر ۾ گذاريندو هو. انهن جاين مان جتي شاهه صاحب ڪنڌائتو ويهي عبادت ڪندو هو، ٽي ماڳ اڄ به مشهور ۽ محفوظ آهن. شاهه جو لئو، پٽ شاهه وارو ماڳ، جتي شاهه صاحب پنهنجو حجرو ٺهرايو، ۽ شاهه جو ڪنڊو. اهو لئو، شاهه صاحب جي گهر جي ويجهو جهنگ ۾ هو، جيڪو پوءِ "لال لئو" سڏيو ويو. هڪ جهونو لئو اڄ به ان جاءِ تي موجود آهي، جيڪو چون ٿا ته اصل لئي جي جاءِ تي آهي. ڪنڊو پوءِ شاهه جو ڪنڊو سڏيو ويو، ۽ پٽ شاهه جي اوڀر-اتر طرف ڏيڍ ميل تي آهي.

مطلب ته شاهه لطيف جوانيءَ ۾ ئي اڪيلائي ۾ ويهي عبادت ڪئي ۽ چلا ڪڍيا. ڪڏهن ڪيترا ڏينهن عبادت ۾ گذري ويندا هئس، ته سندس والد شاهه حبيب سڄو سماءُ لاءِ کيس ڳولهي لهندو هو. هڪ ڀيري جڏهن ڪيترا ڏينهن شاهه صاحب غير حاضر رهيو، ته شاهه حبيب کيس ڳولهي وڃي لڌو. ڇا ڏسي ته، جنهن ڪنڊي واري جاءِ تي شاهه صاحب ذڪر ۽ فڪر ۾ محو آهي، اتکي مٽي وري ويئي آهي، ۽ شاهه لطيف جي جسم تي به لٽ چڙهي وئي آهي. اهو حال ڏسي سندس دل ڀرجي آئي ۽ شاهه لطيف کي مخاطب ٿي چيائين:

"لڳي لڳي واءُ، ويا انگؤ لتجي"

شاهه لطيف، پنهنجي والد بزرگوار جو آواز ٻڌي جواب ۾ چيو:

"پني ڪٿي پساهه، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي"

اهڙيءَ طرح شاهه صاحب ١٨ سالن جي عمر ۾ ئي رچي رهيو ٿيو. ان کان پوءِ شاهه حبيب کيس هاشم شاهه وٽ ولي ويو، جنهن کي ڏسندي دعا طور چيو:

"لطيف جو چراغ روشن ٿيندو"

ان کان جلدئي پوءِ هاشم شاهه ١٢ ربيع الاول سن ١١٢٠هه

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(١٧٠٨ ع) تي وفات ڪئي. (١) ان کان پوءِ شاهه صاحب پنهنجي سير سفر و سفر ڪيو ۽ ڪيترن ئي عالمن، بزرگن ۽ درويشن سان ملاقاتون ڪيون. شاهه ڪريم جي زيارت لاءِ بلڙيءَ ويو. نصرپور ۾ وڃي شاهه عنات رضوي سان ملاقات ڪيائين. انهن کان سواءِ جهڪي، ماڳ مڪان ڏٺائين ۽ جن عالمن، فاضلن درويشن سان مليو ۽ بزرگن جي مزارن جي زيارتون ڪيائين، انهن جي وچور ڪجهه هن طرح آهي:

- هالا پراڻا (ساداتن جو پهريون ماڳ)
- کوٽي پير جو مقام (جتي سندس ڏاڏي جلال شاهه (جمال شاهه) جي مزار آهي)
- ساڳري ڍوري جو ڪنارو، جتي درويشن جا مڪان هئا.
- ڀيڻ پور
- شاهه پور ۽ نصرپور
- لاڙ وارو سڄو علائقو ● مشائخ هوتي جي درگاهه ● بزرگن جون مزارون جهڙوڪ، حضرت قلندر شهباز (سيوهڻ)، درويش آچر، شيخ پرڪيو ڪاتيار، درويش پلي، پنهو سهاڙ، مخدوم اسماعيل سومرو اگهمر ڪوٽ، شيخ موسو (جوڻ جي علائقي وارا) رڪن الدين ولد مهرڻ ڪاتيار، مهراڻ فقير نهڙيو، مخدوم صابر ولهاري، منارويءَ سيد ساجن سوائي، جرڪس ڏنائي (ولهار ۽ ونگي علائقن وارا) شاهه ڪريم جي اولاد مان ٻه درويش سيد پنيلڻو ۽ سيد مگيلڻو (تلهار جو علائقو)، شاهه ڪريم جو والد "شاهه للو" (بدين لڳ شهاب الدين سهروردي جي مقام عرف "شاهه بدي جو مقام" ۾ مدفون) وغيره.

بهرحال پنج ـ ڇهه سال اهڙيءَ طرح سير و سفر ڪيائين، درويشن ۽ عالمن سان ملاقاتون ڪيائين، بزرگن جي مزارن جون زيارتون ڪيائين، عام ماڻهن سان ڪچهريون ڪيائين، هنرن ۽ ڏانءُ وارن وٽ ويهي،

---

(١) ايضاً، ص ـ ٢٠

هنرن، ڏاڏن، عام ماڻهن جي زندگي ۽ فطرت جي نظارن جون مشاهدو ۽ مطالعو ڪيائين. اهوئي سبب آهي، جو سندس شعر ۾ سنڌ جي ثقافت جي ترجماني ملي ٿي ۽ عام ماڻهن جي زندگيءَ جي عڪاسي نظر اچي ٿي.

شادي:– جيئنءَ شاه صاحب جي عمر اچي ٢٣ سال ٿي. انهيءَ زماني ۾ سن ١١٢٤هه (١٧١٢ع) ۾ ڪوٽڙيءَ جو رئيس مرزا مغل بيگ دل قبيلي جي ماڻهن جي هٿان مارجي ويو. سندس مارجي وڃڻ کان جلدئي پوءِ سندس پٽ ڪرو به فوت ٿي ويو. سندس اولاد مان باقي وڃي سندس هڪ نياڻي سيده بيگم (يا سعيده بيگم) بچي. جيئن ته هو شاهه حبيب جو معتقد هو، انهيءَ ڪري هن خاندان کي سهارو ڏيڻ لاءِ سنڌن مرضيءَ سان شاهه لطيف سان سيده بيگم جو نڪاح ڪرايائين. روايت آهي ته ان کان اڳ ۾ شاهه لطيف ان بيبي صاحبه کي ڏٺو هو، ۽ ان جي محبت جي چڻنگ چولي ۾ پئي هيس. البت پاڻ ظاهر پاڻ نه ڪيدي هئائين ۽ دل ۾ پيدا ٿيل درد جي دولهين کي پنهنجي سالڪاڻه صبر سان ڍڪي ڇڏيو هئائين. مير عبدالحسين سانگيءَ ۽ شاه صاحب جي ٻين سوانح نگارن ان روايت ۾ هي ڳالهه به آندي آهي، ته شاهه لطيف کي مرزا مغل بيگ جي گهر دعا لاءِ وٺي ويا هئا. ان موقعي تي شاهه لطيف پرده دار بيمار ڇوڪري جي چيچ جهلي چيو هو، "جنهن جي چيچ سيد هٿ ۾ تنهن کي لهر نه ڪو لوڏو." محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جي ثقافت جي ريتن رسمن ۽ شاهه لطيف جي اعليٰ ڪردار جي روشنيءَ ۾ ان روايت کي رد ڪيو آهي. (١)

• وقت جي درويشن فقيرن ۽ عالمن سان ملاقاتون:

شادي کان پوءِ به شاه صاحب ڪيترائي سال سير و سفر ۾ گذاريا. عالمن ۽ بزرگن سان ملاقاتون ڪيائين، ۽ عوامي زندگي کي ويجهو

---

(١) نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر، شاهه جو رسالو، جلد پهريون، ص_ ٢٢ ٢٣

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويهي ڏنائين. مطلب تہ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ گهميا. سنڌ کان ٻاهر ملتان، ڪڇ، لس ٻيلي ۽ هنگلاج تائين ويو. هندو فقيرن سان بہ ملاقاتون ڪيائين. پنهنجي مريدن ۽ معتقدن سان بہ روح رهاڻيون ڪيائين.

ڀٽ وسائڻ: ١١٤٠هہ — ١١٤٢هہ — (١٧٢٧ع — ١٧٢٩ع) ڌاري ڀٽ تي رهڻ جو ارادو ڪيائين. ١١٤٢هہ — ١١٤٣هہ ۾ ڀٽ تي جايون جوڙايائين ان کان پوءِ پنهنجي والد بزرگوار سان ڪوٽڙيءَ مان لڏي اچي ڀٽ تي رهيا. سنہ ١١٤٤هہ (١٧٣١ع) ۾ شاهہ حبيب وفات ڪئي. ان کان پوءِ شاهہ صاحب ڀٽ تي رهائش اختيار ڪئي. زندگيءَ جا پويان ويهارو سال گهڻي قدر هڪ هنڌ ويهي، فقيرن ۽ طالبن جي روحاني تربيت ڪيائين، والد بزرگوار واري گادي نشين هجڻ وارو حق ادا ڪيائين ۽ ڀٽ تي ذڪر ۽ مخصوص نوعيت جي سماع جو سلسلو ۽ راڳ جو طريقو جاري ڪيائين. ان کان سواءِ ڪڏهن ڪڏهن سير و سفر تي بہ نڪرندو هو، ۽ مريدن، معتقدن ۽ طالبن وٽ وڃي سندن حال معلوم ڪندو هو ۽ عالمن، فاضلن، صالحن ۽ اهل دل بزرگن سان ملاقاتون بہ ڪندو هو.

وفات:- ٺٽي جي عالم، فاضل ۽ صوفي بزرگ مخدوم محمد معين ٺٽوي سان دلي دوستي ۽ روحاني لڳاءُ هوس، مخدوم صاحب جي وفات وقت شاهہ صاحب ٺٽي ۾ موجود هو. مخدوم صاحب جي وفات ١١٦١هہ (١٧٤٨ع) ۾ ٿي. ان کان پوءِ شاهہ صاحب ڪوبہ سفر اختيار نہ ڪيو. زندگيءَ جو پويون عرصو ڀٽ تي ويهي ذڪر فڪر ۾ گذاريائين. ١٤ صفر ١١٦٥هہ (٢٣ يا ٢٤ ڊسمبر ١٧٥١ع) تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيائين. قاضي ابراهيم هالائي "رضوان حق" مان سندس وفات جو سن (١١٦٥ع) ڪڍيو آهي. محمد پناهہ رجا هيٺين ٻن مصرعن مان وفات جو سال ڪڍيو:

"شد محو در مراقبہ جسم لطيف پاڪ (١١٦٥هہ)

گرديد محو عشق وجود لطيف مير" (١١٦٥هہ)

شاه صاحب جي يادگارن مان سندس جوڙايل شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو قبو، سندس والد بزرگوار جو مقبرو ۽ پٽ شاهہ واري مسجد اڄ بہ موجود آهن. ان کان سواءِ شاه صاحب جي يادگارن مان ڪي ماڳ مڪان بہ مشهور آهن، جهڙوڪ؛ لال لڪو، ڪنڊر، ڏتڙ (پٽ شاهہ)، "شاهہ جو تڪيو" ترائي لڳ مدئجي ضلعو شڪارپور وغيره.
شاه صاحب جو مقبرو ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي سنہ ١٧٥٤ع ۾ تعمير ڪرايو.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهہ صاحب جي زماني ۾ سنڌ جون سياسي ۽ اقتصادي حالتون:

شاهہ لطيف جي زماني ۾ سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪومت هئي، ڪلهوڙن کان اڳ ۾ سنڌ، مغل حڪومت جي حدن ۾ شامل هئي. مغل دور کان اڳ ۾ سنڌ تي ترخانن جي حڪومت هئي. مغل بادشاهہ اڪبر جي زماني ۾ مرزا جاني بيگ ٺٽي ۾ حڪومت ڪندو هو. هو وڏو ظالم هو. هن جي ڏينهن ۾ مغل بادشاهہ اڪبر نواب محمد صادق کي سنڌ تي چاڙهي موڪليو.

هو سيوهڻ تائين پهتو، ۽ هار کائي پوئتي موٽي ويو. ان ڪانپوءِ سنہ ٩٩٩ ھہ (١٥٩٠ ع) ۾ مرزا عبدالرحيم خان خانان چڙهي آيو، جنهن سخت لڙائي کان پوءِ سيوهڻ فتح ڪيو. انهي وچ ۾ مرزا جاني بيگ ٺٽي کي پاڻهون ڏيئي تباہ ڪرائي ڇڏيو. انهيءَ افراتفريءَ ۾ قہر ٿي ويو. سنہ ١٠٠٠ ھہ (١٥٩١ ع) ۾ خان خانان مرزا سان صلح ڪري کيس اڪبر جي خدمت ۾ موڪليو، اڪبر سندس پٽ مرزا غازي بيگ کي ٺٽي جو نواب مقرر ڪري موڪليو جو ان وقت سورهن سالن جو هو. مرزا جاني بيگ کي دهليءَ ۾ ئي رهائي ڇڏيائين. هن اتي ئي وفات ڪئي، ۽ سندس لاش آڻي مڪليءَ تي دفن ڪيو ويو. مرزا غازي بيگ جي ڏينهن ۾ ٻہ ڪيترئيون بغاوتون ٿيون. سنہ ١٠١٣ ھہ (١٦٠٤ ع) ۾ بادشاهہ جي سلاميءَ لاءِ ويو، جتي بادشاهہ کيس رهائي ڇڏيو. سنہ ١٠١٤ ھہ (١٦٠٥ ع) ۾ اڪبر جي وفات کان پوءِ چوريءَ ٺٽي ۾ آيو. پوئتان سندس دشمنن، نورالدين جهانگير کي سندس خلاف اڀاريو، جنهن ڪري هن کيس گهرائي ورتو. آخر وفادار سمجهائينس، تڏهن کيس

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قنڌار جو نواب ڪري موڪليائين جتي سنه ۱۰۲۱هه (۱۶۱۲ع) ۾ وفات ڪيائين. سندس لاش آڻي مڪليءَ تي دفن ڪيو ويو. هو فارسي زبان جو بلند پايه شاعر هو. ۽ "وقاري" تخلص ڪندو هو. شاعرن جو وڏو قدردان هو. ڪيترائي شاعر سندس دربار ۾ هوندا هئا. ايراني شاعر به وٽس ڪهي ايندا هئا. ذهين به هو ته سنئو منتظم به هو. انهن خوبين سان گڏ منجهس برايون به هيون. وڏو زالي هو ۽ شراب به گهڻو پيئندو هو (۱).

مرزا جاني بيگ جڏهن خانه بدوش ٿي ويو، تڏهن جهانگير سنڌ کي مرڪز سان ملائي ڇڏيو. پوءِ نئين ٿي گورنر مقرر ٿي ايندا رهيا. سنه ۱۰۱۵ هه (۱۶۰۶ع) ۾ خسرو چرڪس سنه ۱۰۲۱هه (۱۶۱۲ع) ۾ مرزا رستم، سنه ۱۰۲۵هه (۱۶۰۶ع) ۾ مرزا مصطفيٰ سنه ۱۰۲۸ هه (۱۶۱۸ع) ۾ مرزا بايزيد بخاري، ان کان پوءِ شريف الملڪ، سنه ۱۰۳۷هه (۱۶۲۷ع) ۾ مرزا عيسيٰ خان نئين جا گورنر ٿيا (۲).

جن ڏينهن ۾ اڪبر طرفان خانخانان سنڌ تي ڪاهه ڪئي، انهن ڏينهن ۾ ڪلهوڙن جو وڏو ڏاڏو آدم شاهه ڪلهوڙو پيريءَ مريديءَ وارو هو. خانخانان ڪانئس فتح جي دعا گهرائي هئي، جنهنڪري فتح ڪانپوءِ کيس چانڊڪي پرڳڻي ۾ لاڙڪاڻي لڳ جاگير ڏنائين. ان کانپوءِ ڪلهوڙا سياسي طرح مضبوط ٿيندا ويا. آدم شاهه جي طاقت کي مغل گورنر پنهنجي لاءِ هڪ خطرو محسوس ڪندي، کيس قيد ڪرائي ملتان ۾ مارائي ڇڏيو. سندس وفات ۱۵۹۲ع ۾ ٿي. سندس مقبرو سکر ۾ هڪ مٿانهين ٽڪريءَ تي آهي، جيڪا "آدم شاهه جي ٽڪري" سڏي

---

(۱) "ترخان نامه" ص. ۵۱ کان ۹۵ـ "تاريخ معصومي" ص. ۲۴۷ کان ۳۰۹، حواشي مڪلي نامه ص ـ ۴۰۷ کان ۴۱۵ مرزا غازي بيگ ترخان ۽ اور اس کي بزم ـ سيد حسام الدين راشدي سال ۱۹۷۰ع، ص. ۵۶ کان ۱۶۶.

(۲) "تحفة الڪرام" سنڌي ترجمو، ص. ۲۲۸ کان ۲۳۶.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪلهوڙا سياسي طرح ايجا ۽ مضبوط ٿيندا ويا. ميان آدم
وه ميان بکر جي مغل گورنر ڪلهوڙن جي اقتدار کي ختم
ڪوشش ڪئي. ميان نصير محمد ڪلهوڙي کي قيد ڪري
اورنگ زيب ڏانهن دهليءِ موڪليائين. ڪجهه وقت کان پوءِ ميان نصير
محمد، عالمگير جي قيد مان ڀڄي سنڌ ۾ پهتو، ۽ لشڪر گڏ ڪري
بکر جي مغل گورنر مير يعقوب کي شڪست ڏنائين. اهو ٻڌي دهليءَ
مان شهزادو معزالدين بکر پهتو. ميان دين محمد کي شهزادي جي
استقبال لاءِ بکر روانو ڪيو. انهيءَ وچ ۾ ميان جي هڪ مريد ماڇيلي تي
حملو ڪيو ۽ شهر کي لٽيو. شهزادو باهه تي ويو ۽ ميان دين محمد
ڀڄي ويو. مغلن جو زور گهٽجي رهيو هو. اهڙيءَ افراتفريءَ واري زماني
۾ ڪلهوڙن جي سونائن دائودپوٽن بکر جي مغل گورنر هوندي ٿي
شڪارپور جي علائقي تي قبضو ڪيو، ۽ ١٠٢٦هه (١٦١٧ع) ۾
شڪارپور جو شهر ٻڌايو.

ميان دين محمد جي ڀڄي وڃڻ کان پوءِ شهزادي ميان جي پيرڪي
کي اجاڙي ڇڏيو. ڇهه مهينا شهزادو سنڌ ۾ رهيل هو. آخر لاچار ميان
دين محمد سيوهڻ ۾ پيش پيو. شهزادو کيس پاڻ سان ملتان وٺي ويو.
جتي سنه ١١١١هه (١٧٠٠ع) ۾ وفات ڪيائين.

ميان يار محمد ولد ميان نصير محمد پنهنجي ڀاءُ ميان دين محمد
جي وفات بعد قلات هليو ويو. سنڌ ۾ زميندارين ۽ جاگيرن تي سيوي جي
حاڪم بختاور خان پناڻ قبضو ڪري ورتو. ٻن سالن کان پوءِ ميان يار
محمد قلات مان بروهن جي فوج وٺي وطن موٽيو. ڀريائين بتوهرن جي
علائقي تي قبضو ڪيائين. ان کانپوءِ چانڊڪو پرڳڻو هٿ ڪيائين.
بختاور خان ملتان ڏانهن شهزادي وٽ دانهين تي ويو. شهزادو وري سنڌ
تي ڪاهي آيو. پر رستي ۾ بختاور خان تي ناراض ٿيو ۽ کيس قتل
ڪرائي ڇڏيائين. ميان يار محمد درٻيلي ۾ شهزادي سان مليو. شهزادو

مٿس راضي ٿيو ۽ کيس عالمگير جي دربار مان "خدا يار خان" جو لقب مليو. ان کانپوءِ تمام گهڻي طاقت حاصل ڪري ورتائين. دادو ضلعي جو خدا آباد جو شهر سندس پڌايل آهي.

ميان يار محمد ڪلهوڙو حڪومت جو باقاعده بنياد وجهي ارڙهن سال راڄ ڪري، ۱۵ ذوالقعد سنه ۱۱۳۱هه (۱۷۱۸ع) تي وفات ڪئي. کيس خداآباد ۾ دفن ڪيو ويو. هن جي ڏينهن ۾ شاهه عنايت جي شهادت جو واقعو ٿيو، جنهن ۾ هن شاهه عنايت سان غداري ڪئي، ۽ دهلي جي گورنر سان سازباز ڪري کيس قتل ڪرايو. انهيءَ ڪري شاهه عنايت سندس لاءِ چيو هو:

"ڏونگري ڏني ڏاڙهي ڪُرهه ڪتي جي پڇ"

يعني ميان يار محمد وعدو ڪري دغا ڪئي. اهڙي نموني ميان، شاهه عنايت جي شهادت جو سودو ڪري، سنڌ جي حڪومت حاصل ڪئي.

ميان يار محمد جي وفات کان پوءِ سندس پٽ ميان نور محمد گادي نشين ٿيو. شروع ۾ سندس ڀاءُ محمد دائود سان سندس جنگيون ٿيون، پر پوءِ پنهنجي پاڻ ۾ ٺاهه تي ويو. هن حڪومت جون حدون وڌايون ۽ سڄي سنڌ تي قابض ٿي ويو. نه فقط ايترو، پر بلوچستان کي به مطيع ڪيائين. هن جي ڏينهن ۾ شاهه بهارو چانڊڪي پرڳڻي جو حاڪم هو ۽ لاڙڪاڻي ۾ رهندو هو. هو وڏو بهادر، دلير ۽ ڪامياب سپهه سالار هو. هن پنهنجي وطن جي تحفظ لاءِ قلات جي خان ۽ ٻين حملو ڪندڙن سان ۸۴ جنگيون ڪيون ۽ سڀني ۾ ڪامياب ٿيو. هڪ ڀيري قلات جي خان مير عبدالله خان سان سندس وڏي لڙائي ٿي، جنهن ۾ عبدالله خان مارجي ويو، ۽ شاهه بهارو ڪامياب ٿيو. شاهه بهاري سنه ۱۱۵۰هه (۱۷۳۵ع) ۾ وفات ڪئي. سندس مقبرو لاڙڪاڻي ۾ آهي.

انهن ڏينهن ۾ مخدوم عبدالرحمان ڪهڙن ۾ وڏو عالم، فاضل ۽ شريعت جو علمبردار ٿي گذريو آهي. ميان نور محمد جي چرچ تي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مخدوم صاحب کي پنهنجي سائين سميت کهڙن جي مسجد ۾ ۱۱۴۵هه (۱۷۳۲ع) ۾ شهيد ڪيو ويو. شهيدن جا لاش ٽي ڏينهن مسجد ۾ پيا هئا. مخدوم غلام محمد بگائي الف اشباع جي سٽا ۾ ان واقعي تي پردرد مرثيه لکيو. ۽ جمعي ڏينهن مسجد ۾ جمعي نماز کانپوء مياں جي روبرو پڙهيو. ان مرثيي ۾ شهادت جو واقعو بيان ڪيائين. مياں کي ان ظالمانه واقعي تي ملامت ڪيائين. ۽ مخدوم صاحب جي تعريف ڪيائين. مياں کي تنديندي چوي ٿو:

چٽ چڻي، ترهو ٽٽي، پيڙي پوڙياءِ
شال نه مرنديون سرخرو، ڪوڙهيا ڪاڻ پياءِ

پارٿون پيغمبر پاڪ جي، او پالا اينداءِ
وٺي حڪومت هٿ مان، پاپيا پٽ مرنداءِ
وٺي واءِ نه رب جي، سوريا سچ ڪياءِ
آبرو اسلام جي، ڪوڙهيا ڪوھ ڪڍياءِ
نورا! هٿئون نڪري، ڳهلا ڳالهه وياءِ

اصفهان ۽ ايران جا گهوڙا گهر ايندءِ
سگهيا زنجير ظلم جا، ڳچ ڳانا ڳل پونداءِ
اڄ يا صُبحون مرندين، پاپي ڏينهن پناءِ

ان کانپوءِ جيڪي واقعا رونما ٿيا. انهن مان ثابت ٿيو ته مخدوم بگائيءَ جي زبان مان جيڪا درد جي دانهن نڪتي، اها پوري ٿي. سنه ۱۱۵۲هه (۱۷۳۹ع) ۾ نادر شاهه سنڌ تي ڪاهي آيو. پهريائين لاڙڪاڻي ۾ منزل انداز ٿيو. جڏهن ته شاهه بهارو فوت ٿي چڪو هو. انهيءَ ڪري چانڊڪا پرڳڻي ۾ ڪوبه دلير ماڻهو سندس مقابلي لاءِ موجود ڪونه هو. مياں نور محمد پڃي عمرڪوٽ هليو ويو. نادر شاهه ڪاهيندي عمرڪوٽ پهتو. مياں نور محمد پيش پيو. نادرشاهه هڪ

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪروڙ ڏيل ولي ۽ ميان جا پٽ مرادياب خان ۽ غلام شاهه ساڻ ڪئي پنهنجي موٽيو ۽ پهرين لاڙڪاڻي ۾ آيو ۽ ميان تي سالانه ٢٠ لک روپيه ڍل رکي ايران روانو ٿيو. نادرشاهه سنڌوندي جو ساڄو ڪنارو يعني سکر، شڪارپور، لاڙڪاڻو ۽ بلوچستان وارا علائقا ميان نور محمد جي قبضي مان ڪڍي قنڌار سان ملائي ڇڏيا. پوءِ نادرشاهه جي طرفان بکر تي صوبيدار مقرر ٿيڻ لڳا ۽ ٺٽي تي ميان نور محمد جي طرفان نائب مقرر ٿيڻ لڳا. اهڙيءَ طرح دهليءَ جي مغل بادشاهه محمد شاهه سان سنڌ جا لاڳاپا ٽٽي پيا.

نادر شاهه جي قتل ٿيڻ کان پوءِ احمد شاهه ابدالي ايران تي قابض ٿيو. سال ١١٦٧هه (١٧٥٤ع) ۾ احمد شاهه ابدالي سنڌ ۾ آيو. ميان نور محمد سندس ڊپ کان ڪڇ ڏانهن راهي ٿيو. پر رستي ۾ ساڳئي سال وفات ڪيائين. سندس لاش ڳوٺ محمد آباد ۾ دفن ڪيو ويو، جو هينئر تعلقي موري ۾ آهي. شاهه لطيف جي وفات ١١٦٥هه ۾ ٿي. يعني ميان نور محمد ڪلهوڙي سندس وفات کان ٢ سال پوءِ وفات ڪئي.

غلام شاهه:- ميان نور محمد جي وفات کان پوءِ، سندس وڏو پٽ محمد مراد ياب تخت نشين ٿيو. هن ظلم ڀاري ڏنو، جنهن ڪري امير توڙي غريب بيزار ٿيڻ لڳا. آخر ڪيس گاديءَ تان لاهي، ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ٻئي پٽ ميان غلام شاهه کي پڳ ٻڌائي وئي. هو سنه ١٣ ذوالحج ١١٧٠هه (١٧٥٨ع) تي سنڌ جي تخت تي ويٺو. ٿوري وقت ۾ سندس ڀيو ڀاءُ عطر خان، جيڪو افغان حڪومت هٿ يرغمال طور رهيل هو، سو افغان حڪومت کان سنڌ جي حڪومت جو پروانو وٺي، سنڌ ۾ آيو. ٻنهي ڀائرن جو مقابلو ٿيو. آخر وڏي ڪشمڪش کان پوءِ، ميان غلام شاهه جي فتح ٿي. ميان محمد عطر خان، جڏهن ٻچڻ جي واهه نه ڏٺي، تڏهن سنڌ ڇڏي ڀڄي ويو. هن ٢٩ مئي ١٧٥٩ع تي ميان غلام شاهه ڪلهوڙي کي خط لکيو ته "مان هميشه لاءِ سنڌ ڇڏي وڃي رهيو آهيان" ان کانپوءِ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي شاندار دور جي شروعات ٿي. هن وڏي جدوجهد ڪري، سنڌ جي وڃايل عظمت وري بحال ڪئي. اهوئي سبب آهي جو ڪلهوڙا خاندان جو بهترين حڪمران سڏيو وڃي ٿو. سندس حڪومت جو دور سنڌ وارن لاءِ رحمت ۽ برڪت جو دور هو.

وڏي ڪوشش ولي، پاڳا پاڳا ٿيل سنڌ ۾ هڪ مضبوط مرڪزي حڪومت قائم ڪيائين. ڪڪرالي جو جام خود مختيار حاڪم ٿي ويو هو. سنہ ١٧٦٠ع ۾ ان کي شڪست ڏيئي، سندس جاگير کي سنڌ جي حڪومت ۾ شامل ڪري ڇڏيائين. پاڙيسري حڪمرانن سان سٺا ناتا قائم ڪرڻ جي خيال کان ساڳئي سال بيڪانير جي راجا کي پنهنجو پڳ مٽ يار بنايائين. سنہ ١٧٦١ع ۾ احمد شاهه ابدالي کيس سنڌ ۾ "شاهه وردي خان" جو خطاب ڏنو. اهي اعزاز کيس ديوان گدومل جي سهڻي سلوڪ ۽ سياڻپ جي ڪري حاصل ٿيا. جيڪو سنڌ حڪومت جي طرفان افغاني دربار ۾ مستقل سفير هو.

سنہ ١٧٦٢ع ۾ ڪڇ تي ڪاهه ڪري، سنڌڙي بستا ۽ لکپت جا بندر سنڌ جي حڪومت ۾ شامل ڪيائين. ان کان پوءِ "پراڻ" درياهه کي موري وٽ بند ٻڌرايائين، تنهن ڪري ثر جي آبادي ۾ اضافو ٿيڻ لڳو. سنہ ١٧٧٠ع ۾ ميان غلام شاهه ڪڇ جي راهه جي سوٽ راهه لنگهار جي ڌيءُ سان شادي ڪئي، ان کانپوءِ ميان صاحب بستا ۽ لکپت جا بندر ڪڇ جي راهه کي موٽائي ڏنا.

ميان صاحب کي تعميرات جو به شوق هو. ڪانئس اڳ ۾ "خدا آباد" ڪلهوڙن جو تختگاهه هو، جيڪو هينئر دادو ضلعي ۾ هڪ ڳوٺ آهي. هن خدا آباد کي ڇڏي، ڪيترين ئي جاين کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بڻائڻ جو ارادو ڪيو. آخر سندس نظر وڃي پراڻي شهر "نيرڻ ڪوٽ" تي پيئي، جيڪو درياهه جي ڪابي ڪپ تي گنجي ٽڪر جي هڪ ٽڪريءَ تي، قليلي واهه جي لڳ هو. هن انهيءَ جاهه تي ذوالقعد ١١٨٢هه (مارچ ١٧٦٩ع) ۾ قلعي تعمير ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اهو

قلعو جڏهن جڙي راس ٿيو، تہ ان تي نالو "حيدر آباد" رکيائين. ان کي پنهنجو تخت گاهہ بڻايائين ۽ حياتيءَ جا باقي ڏينهن اتي گذاريائين.

حيدرآباد جي ڏکڻ الهندي شاهہ محمد مکيءَ واري ٽڪريءَ تي هڪ مٽيءَ جو قلعو جوڙايائين. اهي ٻئي اڄ بہ موجود آهن، پر اسان جي بي توجهيءَ جي ڪري برباد ٿي رهيا آهن.

ميان صاحب قلعي ۾ پنهنجي لاءِ هڪ خاص محلات اڏايو، جنهن جي سورت دهليءَ ۽ لاهور جي شيش محل جهڙي هئي. حرم سرا ڪالنسواءِ ان ۾ ديوان عام ۽ ديوان خاص بہ بڻايائين. قلعي جي آس پاس واري زمين واپارين ۽ عاملن کي ڏنائين، تہ جيئن هو جايون جوڙي ويهن. خداآباد جا هندو لوهاڻا واپاري لڏي، اچي حيدرآباد ۾ ويٺا. حيدرآبادي عامل ۽ ڀيا هندو انهن خدا آبادي هندن جي اولاد مان هئا. ٿوري ئي وقت ۾ حيدرآباد وڏي ترقي ڪئي، ۽ هڪ عاليشان شهر ٿي ويو. نئين ڪالهيءَ حيدرآباد صنعت ۽ واپار ۾ وڏي ترقي ڪئي. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ تائين حيدرآباد سنڌ جو تختگاهہ ٿي رهيو. هيئنر بہ حيدرآباد سنڌ جو ٻيو نمبر وڏو شهر آهي.

ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ سنڌ صنعت ۽ حرفت جو تمام وڏو مرڪز هو. هتي جو ڪپڙو تمام مشهور هو ۽ سڄيءَ دنيا ۾ ويندو هو. ان ڪالنسواءِ هتان تير ۽ قلمي شورو بہ ٻاهر ويندو هو. ٺٽو بہ واپار جو وڏو مرڪز هو. ميان صاحب سنڌ جي هنر ۽ واپار جي ترقيءَ ۾ دلچسپي ورتي. سنڌ جي واپار کي وڌائڻ ۽ سنڌ جي صنعت کي ترقي ڏيارڻ جي خيال کان، انگريزن کي ٺٽي ۽ شاهہ بندر ۾ واپار لاءِ ڪوٺيون وجهڻ جي اجازت ڏنائين. انگريزن کي ان جو پهريون پروانو ٢٢ سيپٽمبر ١٧٥٨ع تي مليو. ١١ آڪٽوبر ١٧٥٨ع تي کين ٻيو پروانو مليو، جنهن مطابق کين واپار جون وڏيڪ سهولتون حاصل ٿيون.

صنعت ۽ حرفت ڪالنسواءِ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڏا علمي درسگاهہ هئا. ١٦٩٨ع ۾ ڪپتان هئملٽن ٺٽي آيو. هن جو بيان آهي، تہ ان زماني

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ ٺٽي ۾ ڪاليج جي حيثيت جا چار سو درسگاهه هئا. ميان صاحب انهن علمي درسگاهن ڏانهن توجهه ڏنو ۽ عالمن جي قدرداني ۽ همت افزائي ڪئي. انهن ڏينهن ۾ ٺٽي ۾ مخدوم محمد هاشم وڏو عالم ۽ بزرگ هو. مخدوم صاحب جي توجهه ڏيارڻ سان ميان صاحب ڪيس هڪ فرمان ڏنو، جنهن موجب شريعت خلاف ٿيندڙ ڳالهين کي روڪيو ويو.

مطلب ته ميان صاحب سنڌ کي متحد ڪيو، ان ۾ امن امان قائم ڪيو، علم ۽ هنر کي ترقي ڏني، واپار کي وڌايو، شريعت جي قانون کي نافذ ڪيو، عالمن جو مان وڌايو، ۽ حيدرآباد جهڙو عاليشان شهر تعمير ڪيو. سنڌ جي هن نامياري حاڪم ٢ جمادي الاول ١١٨٦هه مطابق ٢ آگسٽ ١٧٧٢ع تي وفات ڪئي. حيدرآباد ۾ جيل لڳ، سندس مقبرو آهي، جنهن تي ڪاشيءَ جو تمام سهڻو ڪم ٿيل آهي.

ٽالپور ڪلهوڙن جي فوجي طاقت هئا، پر ڪلهوڙي حاڪم ميان سرفراز مير بهرام خان کي بي گناهه شهيد ڪرايو، جنهن ڪري ٽالپورن سندس خلاف بغاوت ڪئي ۽ ١٧٧٥ع ۾ کيس تخت تان لاهي حيدرآباد جي قلعي ۾ قيد ڪيائونس. ان کانپوءِ ميان عبدالنبي کي تخت تي ويهاريائون. ميان عبدالنبي ظالم حڪمران ثابت ٿيو. هن ميان سرفراز کي قتل ڪرائي ڇڏيو، ۽ ٽالپورن جي به پويان پيو. آخر مير فتح علي خان ٽالپور ١٧٨٢ع ۾ کيس شڪست ڏيئي، سنڌ ۾ ميرن جي حڪومت قائم ڪئي. هن مان معلوم ٿيندو، ته ڪلهوڙن جي حڪومت صحيح معنيٰ ۾ ١٧١٩ع کان ١٧٨٢ع تائين هلي.

ڪلهوڙن جي سازش سبب شاهه عنايت شهيد ۽ مخدوم عبدالرحمان کهڙن واري جي شهادت جا دردناڪ واقعا ٿيا، ته جي سوڀن شورشون ڪيون، نادرشاهه حملو ڪيو، احمد شاهه ابداليءَ شڪارپور وارو حصو کسي ورتو، ۽ مدد خان پٺاڻ خونريزي ۽ ڦر لٽ ڪئي. آخر ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن جي گهرو لڙائي لڳي. انهن واقعن سنڌ جو سڪون تباهه ڪري

ڇڏيو.

ڪلهوڙن، حيدرآباد کي گادي بنايو. پر ان هوندي به ٺٽو علم جو وڏو مرڪز هو. سياسي پيچ ڌاهه کان بي پرواهه عالم دين جي خدمت ۾ مصروف رهيا ۽ درس و تدريس جو سلسلو هلائيندا رهيا. ارغونن جي ڏينهن ۾ فارسيءَ کي اهميت ملي چڪي هئي. ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ به فارسيءَ جي اها اهميت قائم رهي، جنهن ڪري "فارسي گهوڙي چاڙهسي" مروج ٿيو. ان هوندي به سنڌي عالمن، عام ماڻهن کي مذهبي مسئلا سيکارڻ لاءِ سنڌي زبان ۾، الف اشباع جي قائمي ۾ ڪيترا مذهبي ڪتاب لکيا ۽ انهن کي مدرسن ۽ مڪتبن ۾ پڙهائڻ لڳا. اهو رواج اڄان تائين هليو اچي. مڪتبن ۾ اڃا اهي سنڌي ڪتاب پڙهايا وڃن ٿا.

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي ڪوشش سان مسلمانن توڙي هندن جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۾ ڦيرو آيو، ۽ سنڌي تهذيب هڪ نئون روپ اختيار ڪيو. انهن ڏينهن ۾ هندن ۾ ڌوتيءَ جو رواج گهٽيو ۽ منجهن پتلون جو رواج پيو. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ سرتوڙ ڪوشش وٺي، ڪلهوڙن کان شريعت جي پابندي ڪرائڻ جو پروانو حاصل ڪيو، ۽ وڏي جرئت ۽ همت سان ان تي عمل ڪرايو. مخدوم معين ٺٽوي عالم ۽ فاضل هجڻ سان گڏ صوفي هو، ۽ وحدت الوجود جو قائل هو. هن پنهنجو فڪر ۽ خيال ڪتابن ذريعي ظاهر ڪيا. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جيتوڻيڪ سندس شاگرد هو، ان هوندي به هن سندس خيال ۽ عقيدي کي شريعت جي برخلاف سمجهي، انهن جي رد ۾ ڪتاب لکيو. ان جو جواب وري مخدوم محمد معين جي ئي هڪ شاگرد ڏنو. اهڙيءَ طرح عالمن جا پاڻ ۾ بحث مباحثا ٿيندا رهيا.

اسان جي شاعر حضرت شاهه صاحب جي ولادت سنه ١٦٨٩ع ۾ ٿي، ۽ ١٧٥٢ع ۾ وفات ڪيائين. يعني شاهه صاحب ميان يار محمد ڪلهوڙي جو دور ڏٺو، ۽ شاهه شهيد جي وفات جو واقعو سندس

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جوانيءَ واري زماني ۾ ٿيو. نور محمد ڪلهوڙي جو دور بہ سندس سامهون گذريو. مخدوم عبدالرحمان ڪهڙن واري جي شهادت جو واقعو ۽ نادر شاهہ جي ڪاهہ وارا واقعا سندس زندگيءَ ۾ ٿيا. انهن ڳالهين سنڌ ۾ جيڪي پارڻ پاريا، جيڪي تباهيون آنديون ۽ پچ ڊاهہ پيدا ڪئي، انهن حقيقتن سندس حساس طبيعت تي وڏو اثر ڪيو. نہ فقط ايترو پر نور محمد ڪلهوڙي ساڻس بہ ڪئونس ڪئي، ۽ ڪيس ختم ڪرڻ لاءِ گهات گهڙيا، پر جنهن کي رب رکي، تنهن کي ڪير چکي. آخر ميان نور محمد اچي ۽ شاه صاحب کان معافي ورتي.

روايت آهي، تہ ميان غلام شاهہ، حضرت شاه صاحب جي دعا سان پيدا ٿيو. اهو دعا جو ئي اثر هيو جو ميان غلام شاهہ جو دور سنڌ لاءِ ڀلائي، خوشحالي ۽ امن امان جو دور ثابت ٿيو.

مٿي ٻارهين صدي هجري کان ٻارهين صدي هجري تائين سنڌ جا تاريخي واقعا اختصار سان بيان ڪيا ويا آهن. ان مان معلوم ٿيندو تہ شاه صاحب کان اڳ سنڌ ڏجهن ۽ ڏوجهرن ۾ گذاريو، ۽ سنڌ جي رهاڪن وڏا ڏولاوا ڏٺا ۽ وقت بوقت سور سهندا رهيا. شاه صاحب جي دور ۾ اهڙي نوعيت جا واقعا رونما ٿيا جهڙوڪ شاهہ صاحب جي دور ۾ ٽن صدين جي مسلسل پيڙا سنڌ ۾ جيڪي حالتون پيدا ڪيون هيون، شاه صاحب جو انهن کان متاثر ٿيڻ لازمي امر هو. شاه صاحب محسوس ڪيو، تہ انسان جڏهن خدا جي حڪمن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو، تڏهن ئي ڏاڍ پيدا ٿئي ٿو، شر زور وٺي ٿو، انسانيت سوز حالتون پيدا ٿين ٿيون ۽ نتيجي ۾ ماڻهو سک جو ساهہ کڻڻ لاءِ سڪي ٿو. اهوئي سبب آهي جو شاه صاحب پنهنجي شعر ۾ درس ڏنو آهي، تہ انسان جي فلاح ۽ بهبود الله تعاليٰ جي حڪمن جي پيروي ۾ آهي. هن پنهنجي رسالي ۾ انسانيت جو صحيح علاج بہ ٻڌايو آهي. هن جي نظر ۾ انسانيت جي سمورين اخلاقي، سماجي، ذهني ۽ سياسي بيمارين جو علاج توحيد، رسالت ۽ آخرت جي مڃتا ۾ مضمر آهي. هن هيٺ انهن

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳالهين جي اپتار ڪئي ٿي، جيڪي شاهه صاحب اوهان کي ٻڌايون ٿيون.

توحيد: انسان پنهنجي بيشمار خوبين ۽ خاصيتن جي باوجود، ڪيترن ئي ڳالهين ۾ مجبور ۽ بيوس ٿيو پوي. انساني مزاج ۽ فطرت جي جائزي وٺڻ کان پوءِ معلوم ٿيندو، ته فقر ۽ احتياج انسان جي فطرت ۾ شامل آهن. پنهنجي انهيءَ ڪمزوريءَ کي دور ڪرڻ لاءِ هر نفعي ۽ نقصان پهچائڻ واري شيءِ کي انسان پنهنجو خدا ٺهرايو. هو پنهنجو احتياج دور ڪرڻ لاءِ انهن کي پڪاريو ٿو، انهن کان مدد طلب ڪري ٿو، پاڻ کان گهٽ مخلوق جي آڏو سجدي ۾ ڪري پوي ٿو. انهيءَ جهل، نادانيءَ ۽ عقل جي دوکي کي دور ڪرڻ لاءِ سچي دين جو مي پيغام پنهنجي جهانن جي سردار، ڪائنات جي ڪارڻي، محمد مصطفيٰ ﷺ دنيا کي ٻڌايو، ته انسان کي اهو نه جڳائي ته اشرف المخلوقات ٿي ڪري، پاڻ کان گهٽ درجي واري مخلوق جي آڏو ذليل ۽ خوار ٿئي. واضح ڪري فرمايائون، ته انسان جو سر انهيءَ همه ڏان هستيءَ جي آڏو جهڪڻ گهرجي، جنهن جي دستِ قدرت ۾ سڄي ڪائنات جي واڳ آهي. سمورين صفتون انهيءَ کي ئي سونهن. اهوئي خالق آهي ۽ روزي رسائيندڙ آهي. ان سان ڪوبه شريڪ ڪونهي اهائي هستي لسان جو الله آهي. عبادت انهيءَ کي سونهين. ٻيو ڪوبه عبادت جي لائق نه آهي.

حضرت شاهه لطيف پنهنجي پيغام جي ابتدا ۾ انهيءَ عقيدي سان ڪري ٿو. سندس رسالي جي پهرين سر "سر ڪلياڻ" ۾ انهيءَ ئي عقيدي جي اپتار آهي. هو انهيءَ عقيدي کي پوريءَ طرح واضح ڪرڻ ۽ ذهن نشين ڪرائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪري ٿو. هو توحيد خالص تي زور ڏئي ٻڌائي ٿو، ته الله کي هڪ ڪري مڃڻ کان پوءِ ئي صحيح رستو هٿ اچي ٿو:

وحده لاشريڪ له، اي وهائج ويڙ،
ڪتين جي ڪارائي، منڌ تنهنجو هيڙ،
پاڻان چرنده پيڙ، پري جام جنت جو

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الله تعاليٰ قرآن حڪيم ۾ فرمايو آهي: "الله تعاليٰ ان شخص کي نه بخشيندو، جنهن شرڪ ڪيو، ٻيو جنهن کي چاهي ان کي بخشيندو." شاه صاحب خبردار ڪري ٿو، ته شرڪ انسان جي عظيم غلطي آهي، جيڪا سندس اصلي عظمت کان هيٺ ڪيرائي ڇڏي ٿي. ڪيس ذليل ڪري ٿي، ۽ سندس ذهني ارتقا کي روڪي ڇڏي ٿي. فرمائي ٿو، ته الله تعاليٰ کي وحده لاشريڪ له مڃڻ سان ئي ڪاميابي قدم چمي ٿي:

وحده لاشريڪ له، اي ميڪڙائي حق،
ٻيائي ۾ کي ٻڪ، جن وڌو سي ورسيا.

شاه صاحب هر قسم جي شرڪ کان منع ڪري ٿو، ڀلي اهو شرڪ في الذات هجي، شرڪ في الافعال هجي، يا شرڪ في الصفات هجي. هو خبردار ٿو ڪري، ته جيڪڏهن ڪنهن به قسم جو شرڪ اختيار ڪيو، ته وڏو الله تي وڃبو. فرمائي ٿو:

وحده لاشريڪ له، ٻڌه نه ٻوڙا،
ڪ تو ڪنين نه سنا، جي گهٽ اندر گهوڙا،
ڳاڙيندين ڳوڙها، جت شاهد ٿيندء سامهان.

اهڙي طرح شاه صاحب، سر ڪلياڻ ۾ توڙي ٻين سرن ۾ الله تعاليٰ جي ميڪڙائي بيان ڪئي آهي، ۽ ان جي مڪمل طرح وضاحت ڪئي آهي.

رسالت: توحيد سان گڏ حضرت شاه صاحب رسالت جي اهميت ۽ فضيلت بيان ڪئي آهي، ۽ نبين جي سردار ختم المرسلين، شفيع المذنبين جي ساراه ڪئي آهي. ٻڌايو اٿس، ته حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي رسالت تي ايمان آڻجي، ان سان تعلق قائم ڪجي، ان لاءِ محبت جو جذبو دل ۾ قائم ڪجي، ان کي ڪائنات جو ڪارڻ ڪري سمجهجي. چوي ٿو:

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وحده لاشريڪ له، جان تو چئين ايئن،
تان مڃ محمد ڪارڻي، نرتون منجهان نينهن،
تان تون وڃي ڪيئن، ناٿيئن ڪنڌ پئي ڪي.

هو ٻڌائي ٿو، ته الله تعاليٰ جڏهن اِجهان ڪائنات نه خلقي هئي، احديت جي مرتبي ۾ هو ۽ اِجا صفتن جو ظهور نه ٿيو هو، تڏهن سڀ کان پهريائين پنهنجي پياري حبيب جو نور پنهنجي نور مان پيدا ڪيائين. ان کان پوءِ ان جي طفيل، ان جي ظهور لاءِ سندس ئي نور مان هيءَ ڪائنات جوڙيائين. هو تلقين ٿو ڪري، ته اهڙي ڪامل اڪمل هستيءَ سان ناتو رکجي. ان سان محبت ڪجي ۽ ان جي رسالت تي ايمان آڻجي، ۽ ان جي پيروي ڪجي. ان جي پيرويءَ ۾ ئي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي آهي. فرمائي ٿو،

وحده لاشريڪ له، جي اتو سين ايمان،
تي مڃيو محمد ڪارڻي، قلب سان لسان.
اوءِ فائق ۾ فرمان، اوڙي ڪه نه اولئا.

شريعت جي پابندي: قرآن شريف ۾ آيو آهي، قل ان ڪنتم تحبون الله فاتبعوني يحببڪم الله (آل عمران - ۳۱)

ترجمو: (اي رسول) چؤ ته جيڪڏهن اوهين الله سان محبت رکو ٿا، ته منهنجي تابعداري ڪريو ته الله (به) اوهان سان محبت ڪندو. ان مان معلوم ٿيو ته هڪ مسلمان کي قرب خداوندي تڏهن ئي حاصل ٿي سگهي ٿو، سندس محبوب حقيقي سان ملڻ جي خواهش جي تڪميل تڏهن ئي ٿي سگهي ٿي، جڏهن رسول الله ﷺ جي پڌايل رستي تي هلي، ۽ سڀني کان وڌيڪ حضور ﷺ سان محبت ڪري. حضرت شاهه لطيف چوي ٿو ته سلوڪ جي راهه تڏهن هٿ ايندي، جڏهن پهرياڻين شريعت جي مڪمل پيروي ڪجي. شريعت کان پوءِ ئي طريقت جي واٽ هٿ اچي ٿي. يعني شريعت، طريقت کان جدا نه آهي، بلڪ شريعت جي حڪمن تي پرخلوص طريقي سان عمل ڪرڻ جو نالو طريقت آهي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فرمائي ٿو:

وحده لاشريڪ له، چئي چرندو آ،
فرض، واجب سنتون، تنهن ترڪ مَ ڪر پاءِ،
توبهه سندي تسبيح، پڙهه سان پساهه،
نانگا پنهنجي نفس کي، ڪا سنتن راهه سونهاءِ،
ته سندي دوزخ باهه، تو اوڙيائي نه اچي.

وحده جي ورِيا، الاالله، سين اورين،
عين حقيقت گڏيو، طريقت تورين،
معرفت جي مٿ سين، ڏيساندر ڏورين،
سڪ نه سٽا ڪڏهين، ويهي نه وڙين،
ڪلمتون ڪورين، عاشق عبداللطيف چئي.

پرخلوص عمل: حديث شريف "انما الاعمال بالنيات" موجب عمل جو بنياد نيت تي آهي. جيڪو سجدو خلوص نيت سان ادا نه ڪيو ويجي، اهو قبوليت جو شرف حاصل ڪري نه ٿو سگهي. جن صاحبن جي دل ۽ دماغ دلياوي ٻڌن سان پر آهي، اهي جيڪڏهن سمجهن ٿا. ته هو قول ۽ فعل جي تضاد جي باوجود قربت الاهي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا، ته اهي ان ۾ ڀليل آهن. شاه صاحب فرمائي ٿو:

اُن ۾ نه ايمان، جيئن ڪلمي گو ڪوٺائيو،
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهيو.

عشق الاهي: جدائي ۽ فراق، عشق ۽ محبت جا لازم جز آهن. وصل کان اڳ ۾ عاشق صادق کي وڇوڙي جي دور کان به لنگهڻو پوي ٿو. حضرت شاه صاحب به فراق جي وادين مان گذريو آهي:

ڪتيءَ ڪر موڙيا، تيرو ايا تيني،
راڻو رات نه آئيو، ويل تري ويني،

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون کي ڏئي ڏيئي، رهي وڌليو وٽ ترارين.

جي قيام مڙن، ته ڪر اوڏا سهرين
تهان پوءِ سڄڻ، واڌايون وصال جون.

پر انهن فراق جي صدمن جي باوجود سندس غم ۽ اولڏهه ۾ قنوطيت نه آهي، بلڪ پنهنجي محبوب سان ملڻ جي پوري پوري اميد آهي، ڇاڪاڻ جو رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي، ته مومن ڪڏهن به الله تعاليٰ جي فضل مان نااميد نه ٿو ٿئي. نااميدي فقط ڪافر ۽ مشرڪ جي خاصيت آهي، شاهه صاحب فرمائي ٿو؛

مون سڀئي هوت ته ڪنڌڙا هيٺي،
ماءُ! چار ته ڪنڌڙا هيٺي،
الا! مون ته ڇڏيندا ڇپرين.

هوتن جي هيڪاند ڪي، آءٌ روئان راتو ڏينهن؛
ڇيڙي وڏيس ڇپرين، ٻارو ڇائي نينهن؛
لڪون لڳي ڪوسيون، ڏاڍا تپن ڏينهن،
مون کي ٻچن ميڙيو، روجهڙيون ميڙيو مينهن،
الله! عبداللطيف ڪي، ساڄن ميڙ سميع.

اوليا ڪرام جو اڪثر اهو طريقو آهي، ته هو مجازي عشق جي پردي ۾ حقيقي عشق جو راڳ آلاپيندا آهن، ۽ تشبيهن ۽ استعارن سان محبوب حقيقي جي عشق کي واضح ڪندا آهن. حضرت شاهه صاحب به عشق و محبت جي مختلف قصن جهڙوڪ، سسئي پنهون، عمر مارئي، مومل رانو، نوري ڄام تماچي، وغيره جي ذريعي پنهنجي حقيقي عشق جو اظهار فرمايو آهي، ۽ انهن رومانوي داستانن جي ذريعي تصوف جو اسرار و رموز بيان ڪيا آهن. فرمائن ٿا؛

پنڌ اڻانگا پنڌيڙي، مرنڪي ڪرهيارو ٿو ڪاري،
سڄڻ سخي سهرين، ماڻ پنهل پنهنجو پاڙي،

ڇيرو اندر جنڊڙي، ويو پاروچو پاري.

مجازي عشق جو ڏک دل جي طلب کي وڌائي ٿو، ۽ محبوب حقيقي جي عشق جا اِلا اٿاري ٿو:

ناسيندي نگاهه، پهرين ڪج پريه ڏي،
احوال عاجزن جو، آ ڪيچ لگ الله،
روز نهاريان راهه، اکيون اوهان جي آسري.

احسان ۽ اخلاق: رسول الله ﷺ جن فرمائن ٿا، ته ”احسان اهوئي آهي ته الله تعاليٰ جي اهڙي طرح عبادت ڪريو، ڄڻ اوهان کيس ڏسي رهيا آهيو، ۽ جيڪڏهن اوهان کيس نه ڏسي رهيا آهيو، ته هو اوهان کي ڏسي رهيو آهي.“ اها احساني اخلاقي ڪيفيت پيدا ڪرڻ لاءِ ضرورت انهيءَ ڳالهه جي آهي، ته پاڻ ۾ سٺيون وصفون پيدا ڪيون وڃن، ۽ بداخلاقيون دور ڪيون وڃن. انسان جي بدن ۾ دل بادشاهه آهي، عضوا ان جو لشڪر ۽ پانهيا آهن. جيڪڏهن دل ٺيڪ ٿي وڃي، ته عضوا خودبخود ان جي پيروي ڪرڻ لڳندا. حضور نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي، ”بيشڪ ماڻهوءَ جي بدن ۾ گوشت جو هڪ ٽڪرو آهي. جڏهن اهو درست ٿي وڃي ٿو، ته سڄو بدن ٺيڪ ٿي وڃي ٿو، جڏهن اهو بگڙي ٿو وڃي، ته سڄو بدن تباهه ٿي ٿو وڃي، پڌو اها دل آهي.“ ان مان معلوم ٿيو ته اصل مقصد دل جي اصلاح يا باطني اصلاح آهي، ۽ انهيءَ اصلاح جو نالو عرف عام ۾ ”تصوف“ آهي. يعني تصوف، دين جو روح آهي. حديث پاڪ ۾ اصلاح قلب جو سخت تاڪيد ڪيو ويو آهي. تصوف به انهيءَ شيءِ جو نالو آهي، ڇاڪاڻ جو ان ۾ اصلاح قلب جو اهتمام ٿئي ٿو. حضرت امام غزالي رحه فرمائي ٿو ته، ”جڏهن مان انهن ظاهري عملن کان فارغ ٿيس، صوفيا جي طريقي طرف متوجهه ٿيس، ته مون کي معلوم ٿيو ته سندن طريقي سان علم ۽ عقل تڪميل کي پهچن ٿا. سندن علم جو مقصد نفس جي خواهش کي ختم ڪرڻ، خراب اخلاق ۽ برين عادتن کان پاڪ ۽ صاف ڪرڻ آهي، ته جيئن ان

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ذريعي دل کي ٻيائي (غير الله) کان خالي ڪيو وڃي، ۽ ان کي الله تعاليٰ جي ذڪر سان آراسته ڪيو وڃي." تصوف جي حقيقت هيئن بيان ڪري سگهجي ٿي، ته الله تعاليٰ جي ٻاري ۾ ٻانهي جي دل کي اعزو يقين ۽ اطمينان نصيب ٿي وڃي ٿو، جهڙوڪ ڪنهن حقيقت جي مشاهدي سان ٿيندو آهي. پوءِ الله تعاليٰ سان عبديت جو اهو رابطو پيدا ٿي وڃي، جو دل هردم الله تعاليٰ جي ياد ۽ ان جي محبت ۽ عظمت سان معمور رهي. ان جو قدرتي نتيجو اهو نڪري ٿو جو الله تعاليٰ جي تعلق جي مقابلي ۾ سمورا تعلقات فنا ٿي وڃن ٿا.

پاڻ سڃاڻڻ: امام غزالي رحه، ڪيميائي سعادت جي منڍ ۾ چيو آهي، ته انسان کي سوچڻ کپرجي، ته هو ڪير آهي، هتي ڇو آيو آهي، ۽ سندس زندگي جو مقصد ڇا آهي؟ يعني انسان کي پنهنجو پاڻ سڃاڻي، پنهنجي زندگي جي راهه متعين ڪرڻ کپرجي. شاهه صاحب جي فڪر جو بنياد به پاڻ سڃاڻڻ تي آهي. فرمائي ٿو:

"پهرين سڃاڻج پاڻ، پڇج پوءِ پرينءَ."

شاهه صاحب پاڻ به انهن ڳالهين تي سوچيو آهي، ۽ حقيقتون معلوم ڪيون آهن. فرمائي ٿو:

جو مون پڙهيو پاڻ لي، سبق سابق جو،
پهرين سڃاتم پانهنجي، نفس جو نهو،
جت عرفان اصل ۾، آ روحي روز ڪيو،
وري ورق پيو، گڏيو وڙ وصال جو.

يعني پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ کان پوءِ ئي سمجهه ۽ معرفت حاصل ٿئي ٿي. اهو انساني راز، ڪو گهڻو مشڪل ڪونهي، پر اهي ان کي سمجهي نه سگهندا، جن کي صحيح رستو هٿ ئي نه آيو آهي. شاهه صاحب فرمائي ٿو:

نڪو ويڳهه نه ويل، نڪو منهن مهاڙ ڪا،
آ اموني کيل: ڪوڙ پروڙي ڪينڪي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيئن تہ انهن کي صحيح رستو هٿ نہ آيو آهي. انهيءَ ڪري جيئن جيئن هو هٿ پير هڻن ٿا، تيئن تيئن هو وڃن ٿا اوجهڙ پوندا؛

سانداري سمونڊ جي ٿهوڙي نيا،
رهي تہ پيا، جت نهايت ناهہ ڪا.

دنيا کان بي رغبتي: حديث شريف ۾ آيو آهي: مومن لاءِ دنيا جيل خانو ۽ ڪافر لاءِ جنت آهي. انهيءَ ڪري عارف ڪڏهن بہ دل کي دنيا جي قيدخاني ۾ انڪائي نہ ٿو ڇڏي، ۽ ڪڏهن بہ پنهنجي قلب کي دنيا جي زيب و زينت جي آرائش سان خراب نہ ٿو ڪري. هو هن دنيا ۾ ڪنول جي گل وانگر رهي ٿو، جيڪو پاڻيءَ ۾ هوندي بہ پاڻيءَ کان جدا رهي ٿو. دنيا ۾ رهندي بہ هو دنيا جي محبت کي پنهنجي دل ۾ جڳهہ نہ ٿو ڏئي، بلڪ سندس دل الله تعاليٰ جي محبت سان معمور رهي ٿي. جيڪي صاحب دنيا ان جي آرائش کي پنهنجي دل جو بت بنائين ٿا. اهڙن ماڻهن کي حضرت شاهہ صاحب هن طرح تلقين فرمائي ٿو:

ڪاٺو ڪمايوم، موتي مون نہ وڻجيا،
سيهي جو سنيد چئي، وکر وهايوم،
اوچتي آيوم، سودو صرافن سين.

عجز ۽ انڪساري: عارف ڪامل امام الاولياءُ حضرت سيد احمد ڪبير رفاعي رح فرمائي ٿو: "بزرگيءَ ۾ مون کوبہ ڏکيو رستو ۽ سولو طريقو نہ ڇڏيو آهي، جنهن جا پردا نہ کوليا اٿم. مون هر دروازي کان الله تعاليٰ ڏانهن پهچڻ گهريو، پر هر دروازي تي وڏو هجوم ڏٺم. پوءِ ذلت ۽ انڪساريءَ جي دروازي تي پهتم، تہ اهو خالي ڏٺم. جيڪو شخص عاجزيءَ سان دروازي تي پهچي ٿو، تہ ان جي لاءِ دروازو کلي پوي ٿو، ۽ ان کي قبول ڪيو وڃي ٿو. جيڪو شخص انڪساريءَ سان دربار ۾ داخل ٿئي ٿو، عزت واريءَ جڳهہ تي ويهي ٿو." حضرت امام الاولياءُ جنهن انڪساري ۽ ذلت ڏانهن اشارو ڪري ٿو، ان کي صوفياتہ اصطلاح ۾ فنا چيو ويندو آهي. عجز ۽ انڪساريءَ جو معراج ئي فنا جي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تڪميل آهي، جنهن مان عبديت جو شان ظهور ٿئي ٿو. اها سڀ کان اعليٰ ۽ ارفع باطني ڪيفيت شمار ڪئي وڃي ٿي. هيءَ ڪيفيت حضرت شاه صاحب تي نهايت شدت سان طاري رهندي هئي. جيڪو فنا جي درجي تي پهتو، جنهن عبديت جي مقام کي سڃاتو، جيڪو ذلت ۽ انڪساريءَ جي رستي تي هليو، اهو جڏهن روئي ٿو، ته حق تعاليٰ سندس ڳوڙها اگهي ٿو، اهو جيڪڏهن ڪري ٿو ته، حق تعاليٰ کيس سهارو ڏئي ٿو، هو پاڻ کي ذليل سمجهي ٿو، ته الله تعاليٰ کيس عزت جي خلعت پهرائي ٿو، هو فنا ٿئي ٿو ته حق تعاليٰ کيس بقا جو درجو ڏئي ٿو. واقعي پنهنجي هستي مٽائي، ان مرتبو حاصل ڪيو، جنهن خوديءَ جي قيد کي ٽوڙيو، اهوئي بزم جانان ۾ داخل ٿيو، جيڪو عاشق ٿيو، انهيءَ آخر محبوب جو لقب حاصل ڪيو. حضرت شاه صاحب فرمائي ٿو:

سيئي سهاڳڻيون، سيني ڳچيءَ هار،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، سهسين ڪن سينگار،
دولھ تنهين جي دار، هيناهيون هلن جي.
تون سمون آهه ڳنڌري مون ۾ عيب ڪروڙ؛
پسي ککيءَ ڪروڙ، ڍڪان ماڳر مٿيون.

موت جي يادگيري: قرآن شريف ۾ آيو آهي: "ڪل نفس ذائقه الموت" ۽ "ڪل من عليها فان" انهن ڳالهين مان صاف ظاهر ٿئي ٿو، ته هر شيءِ انسان سميت فاني آهي. حضور نبي ڪريم ﷺ به انهيءَ ڳالهه جي پوري وضاحت ڪئي آهي، ته هن دنيا ۾ انسان ٿورن ڏينهن جو مهمان آهي، ۽ ان کان پوءِ کيس پنهنجي خالق جي اڳيان پيش ٿيڻو آهي. پاڻ ڪريمن پنهنجو مثال ڏيندي فرمايو، ته مان هڪ مسافر آهيان، ۽ ٿوري وقت لاءِ هڪ وڻ جي هيٺان آرام لاءِ ويٺو آهيان، ان کان پوءِ وري موت کي سفر ڪرڻو آهي. پڻ هنن هيءَ ترغيب ڏني آهي، ته "ڪڏهن ڪڏهن قبرستان مان ٿي ايندا ڪريو." هيءَ هدايت به موت کي ياد

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رکڻ لاءِ ڏني وئي آهي. مطلب تہ مسلمانن کي اها هدايت ڪئي وئي آهي تہ هو هر وقت موت لاءِ تيار رهن، ۽ توبه ڪندا رهن. قرآن شريف ۽ حديث پاڪ جي انهن حڪمن جي حضرت شاهہ صاحب هيئن تشريح ڪئي آهي؛

ڪلهي ڳاڙهو گهرٽ، ڪلهي مٽهه مقام ۾،
واريءَ سندا ڪرٽ، اڏيون اڏيندين ڪيترا.

اونهي ۾ اوهري، جڏهن ويا جي،
موٽي ماڳ نہ آئيا، ماڻا ساموندي سي،
ڪارو تنين ڪي، جيڪس وه وڏي ويو.

جا پون پريں مون، سان پون مٽي سڄڻين،
ڏڱ لتيا ڏوڙ ۾، اکين ڏٺا سون،
ڏينهن مڙئي ڏون، آڻي لوچ لطيف چئي.

موت جو تصور: شاهہ صاحب جي نظر ۾ زندگي فقط هيءَ نہ آهي، جنهن کي موت ختم ڪري ٿو — پر موت کان پوءِ هڪ نئين زندگي شروع ٿئي ٿي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صوفيانه فڪر ـــ وحدت الوجود

شاهه صاحب جي شعر جو تاڃي ـ پيٽو تصوف آهي. شاهه صاحب تصوف جي روشني ۾ انسانيت، محبت ۽ عشق الاهي جو پيغام ڏنو آهي، ۽ نبي ڪريم ﷺ سان محبت ڪرڻ ۽ سندس پيروي ڪرڻ جو درس ڏنو آهي. تصوف، دل جي پاڪيزگي، احسان، اخلاق ۽ عشق الاهي ۾ گم ٿيڻ جو نالو آهي. شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت، تصوف جون سلسليوار منزلون آهن. شريعت تي دل جي حضور سان عمل ڪرڻ کان پوءِ ئي سالڪ طريقت جي منزل تي قدم رکي ٿو. اهڙيءَ ريت تصوف نه شريعت کان جدا آهي، ۽ نه متضاد آهي. نه فقط ايترو، پر اسلامي تصوف جو سرچشمو ۽ ماخذ، اسلامي تعليم ئي آهي.

اسلامي تصوف جي تاريخ "اصحاب صفه" کان شروع ڪئي وڃي ٿي، جيڪي مسجد نبوي جي صفه ۾ رهندا هئا. ۽ فقر جي زندگي گذاريندا هئا. هنن پنهنجو گهر ٻار ڇڏي، الله تعاليٰ جي راهه ۾ پنهنجي زندگي وقف ڪئي هئي. هو ڏينهن رات الله تعاليٰ جي عبادت ۾ گذاريندا هئا ۽ ٻاڻ سگورن جي پناهه ۾ رهندا هئا. البت لفظ "صوفي" يا "تصوف" جو استعمال ڪجهه پوءِ ٿيو. ان کان اڳ ۾ اسلامي تعليم ۾ "احسان" لفظ ملي ٿو، جنهن کي "تصوف" جي هم معنيٰ سمجهيو وڃي ٿو. چيو وڃي ٿو، ته سڀ کان پهرياڻ شيخ ابوالهاشم کي "صوفي" لقب سان سڏيو ويو، جنهن سنه ١١٦١هه (١٧٧٨ـ٧٧ ع) ۾ وفات ڪئي. شيخ عين القضاه همداني پنهنجي ڪتاب "تمهيدات" ۾ لکيو آهي، ته سڀ کان پهرياڻ بغداد جي بزرگ "عبدڪ الصوفي" کي "صوفي" لقب سان سڏيو ويو. مطلب ته تصوف جي معرفت ۽ طريقت

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ابتدا ٻي صدي هجريءَ ۾ ٿي.

ذڪر ۽ فڪر، فنا ۽ بقا، فقر ۽ گوشہ نشيني، تصوف جا بنيادي جزا آهن. ذڪر ۽ فڪر جو مطلب آهي، تعلق باالله. هن جو مطلب آهي، تہ انسان فقط مادي جانور نہ هجي، پر سندس زندگي جو مول مقصد الله تعاليٰ جو عشق ۽ ذڪر هجي. صوفي سمجهائين ٿا، تہ الله تعاليٰ جي ذڪر کان سواءِ وار بہ واندو نہ ويهجي. يعني هڪ دم بہ الله تعاليٰ جي ذڪر کان سواءِ خالي نہ وڃي. الهيءَ ڪري چوندا آهن، "جو دم غافل، سو دم ڪافر." هو ان ڳالهہ تي بہ زور ڏين ٿا، تہ ذڪر جي حقيقت، ذات مطلق جي حقيقت کي سمجهڻ کان سواءِ ذڪر بي معنيٰ آهي. ان کي هو "فڪر" سڏين ٿا. جيستائين توحيد جي پوري پروڙ نہ آهي، تيستائين ذڪر جا لفظ اُچارڻ اجايا آهن. اهوئي سبب آهي، جو هو ذڪر ۽ فڪر کي لازم ۽ ملزوم سمجهن ٿا. شاهہ لطيف پنهنجي شعر ۾ تصوف جا مختلف مسئلا نهايت چٽيءَ طرح سمجهايا آهن. ۽ ٻڌايو آهي، تہ اها زندگي سچائي ۽ سڦلي آهي، جيڪا ذڪر ۽ فڪر ۾ گذري ٿي. پنهنجي روحاني ڪيفيت بيان ڪندي چوي ٿو:

رڳون تيئون رباب، وڄن وڄل سپ ڪنهين،
لِهن ڪيڃن نہ ٿيو، جانب ري جباب،
سڙني سڏيندم سهڻي، ڪيس جنهن ڪباب،
سڙني عيه عذاب، سڙني راحت روح جي.

حضرت جنيد بغدادي، "فنا" جا ٽي قسم ۽ درجا مقرر ڪيا آهن، پهريون قسم هي آهي، تہ طالب پنهنجي صفات، اخلاق ۽ مزاج جي قيد کان آزاد ٿي وڃي، ٻي قسم جي فنا هي آهي، تہ طالب پنهنجي نفس جي لذت کان بلڪل دست بردار ٿي وڃي. فنا جو ٽيون قسم هي آهي، تہ طالب تي رباني تجليات جو ايڏو غلبو ٿي وڃي، جو سندس موجود وجود جي حقيقت سندس اکين کان اوجهل ٿي وڃي. شاهہ پنهنجي شعر ۾ ڪيترن ئي جاين تي انهيءَ حقيقت جي وضاحت ڪئي. هڪ هنڌ

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فرمائي ٿو:

وحدہ جي ورِيا، الاالله الا ڪنا،
محمد رسول الله چئي مسلمان ٿيا.
عاشق عبداللطيف چئي، انهيءَ پهه پيا،
ٿيلانہ ڌاڻي ڌنا، جيلانہ وٺا وحدت ڪلاجي.

صوفيانہ تعليم کي محي الدين ابن عربي، فلسفيانہ رنگ ڏئي وحد الوجود جو فڪر پيش ڪيو. هن پنهنجي ڪتابن، فصوص الحڪم ۽ فتوحات المڪيہ ۾ هن فڪر کي وضاحت سان دليلن ذريعي بيان ڪيو آهي. هو چوي ٿو، تہ وجود مطلق هڪ آهي. فقط اهو ئي موجود آهي. هر ٻي شيءِ فقط ان جو مظهر آهي. انهيءَ ڪري عالم ۽ الله هڪ ٻي جو عين آهن. هو عالم ۽ الله کي، ذات ۽ صفات کي عينيت جي بنا تي تصور ڪري ٿو. يعني عالم، ان جي صفات جي محض تجلي آهي. هو چوي ٿو، تہ عالم جي حيثيت ثاني ماتر آهي. اهو غير حقيقي، وهمي ۽ اهڙو وجود آهي، جيڪو خارج ۾ معدوم آهي. انهيءَ لحاظ کان صوفي چوندا آهن، "همہ اوست." يعني سڀ ڪجهہ اهو آهي.

پوءِ بہ ڪيترن ئي صوفين دليلن ۽ مثالن ذريعي وجودي فڪر کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اڳتي هلي ڪن صوفين، وحدت الوجود کي اهڙي نموني بيان ڪيو، جو ساڻهن جي گمراهہ ٿيڻ جو انديشو ٿي پيو. انهيءَ ڪري حضرت مجدد الف ثاني وحدالوجود جي مقابلي ۾ "وحدت الشهود" جو نظريو پيش ڪيو، جنهن جو بنيادي نڪتو آهي، همہ از اوست. يعني سڀ ڪجهہ انهيءَ کان آهي.

شاهہ صاحب بہ وجودي صوفي هو. هن وجودي تصوف کي سائنٽي انداز سان ۽ واضح دليلن ۽ ثبوتن سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هو نہ جذباتي ٿئي ٿو، ۽ نہ حدون ئي اورانگهي ٿو. پر تمثيلن ۽ تشبيهن ذريعي اهو نظريو ذهن نشين ڪرائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪري ٿو. تمثيلون ۽ تشبيهون بہ روزمره جي واقعن، فطرت جي نظارن.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪائنات جي حقائق ۽ اشياء جي ماهيت ۽ ڪيفيت مان اخذ ڪري پيش ڪري ٿو. انهيءَ ڪري اونها مسئلا به سولائيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃن ٿا.

وجودي تصوف موجب ذات مطلق صرف هڪ آهي. ڪائنات ۾ ڪنهن به شيءِ کي حقيقي وجود ڪونهي. هر ڪنهن شيءِ انهيءَ وجود حقيقيءَ مان وجود ورتو آهي، انهيءَ ڪري هيءَ ڪثرت انهيءَ وحدت جو پرتوو يا اولڙو آهي. شاه صاحب انهيءَ مسئلي کي سمجهائڻ لاءِ پڙاڏي جو مثال ڏئي ٿو. هوجوي ٿو،آواز ۽ ان جو پڙاڏو ظاهري طرح ٻه آواز معلوم ٿين ٿا. پر جيڪڏهن حقيقت تي ويچار ڪبو ته معلوم ٿيندو، ته پڙاڏي آواز مان ئي وجود ورتو، جداگانه صورت اختيار ڪئي آهي. هو سمجهائي ٿو، ته پڙاڏو ۽ سڏ اصل ۾ هڪ ئي شيءِ آهن، پر ظاهري طرح ٻڌڻ ۾ ٻه معلوم ٿين ٿا:

جو پڙاڏو سو سڏ، وڙ وائيءَ جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، پر ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.

مٿين بيت تي ويچار ڪرڻ سان معلوم ٿيندو، ته شاه صاحب فقط هڪ حقيقت کولي بيان ڪئي آهي، جنهن کان ڪوبه انڪار ڪري نه ٿو سگهي. ان مثال آڻڻ مان سندس مطلب اهوئي آهي، ته جهڙيءَ طرح اها ڳالهه بلڪل حقيقت آهي، تهڙيءَ طرح "وحدت الوجود" جو نظريو به حقيقت آهي. هو ان مسئلي کي هڪ واعظ وانگر ڪونه ٿو سمجهائي، پر ان مسئلي ڏانهن اشارو ڪري، پڙاڏي ۽ سڏ جو مثال پيش ڪري، غور ۽ فڪر جي دعوت ڏئي ٿو. انهي نقطه نگاهه کان هو وحدت ۽ ڪثرت کي هڪ ڪري سمجهائي ٿو:

ڪثرت تان وحدت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي م ڀُل،
هو هلاچو هل؛ بالله سندو سڄڻين.

www.sindhsalamat.comScanned with CamScanner

ايڪ تصر در لک، ڪرڙين ڪٿس ڳڙڪيون،
جيڏاه ڪريان پرک، تيڏاه صاحب سامهون.

ابن عربي چوي ٿو، تہ وجود مطلق هڪ آهي. ڪائنات جي ڪثرت فقط ان جا مظهر آهن. انهيءَ ڪري چوي ٿو، تہ عالم، ان جي صفات جي محض تجلي آهي. بيان العارفين ۾ شاهہ عبدالڪريم بلڙي واري جو قول آهي:

بي صورت منج صورت، ڪثر ظهورا،
منج صورت بي صورت کي، ڪرڻ نظر نگاهہ،
جيهين تہ هيءَ صورت، هڏهين هيءَ نہ آہ،
پر آهي بي صورت جا، آہ هرڻ تهين لاءِ،
بي صورت کي صورت ڏارا لهجي نہ مورا.

شاهہ لطيف ذات جي ساڃاهہ ڏيڻ لاءِ دريا ء جي تمثيل آندي آهي. هو سمجهائي ٿو، تہ جهڙيءَ طرح درياهہ ۾ ڪي ئي لهريون اڀرنديون ۽ اسرنديون آهن، پر اصل ۾ پاڻي جي پسڻ جي حقيقت هڪ هوندي آهي، اهڙيءَ طرح هي رنگينيون ۽ رعنائيون بہ انهيءَ ذات جو مظهر آهن. انهيءَ ڪري جڏهن ويچا وساري ڇڏيا، تڏهن ئي حقيقت هٿ ايندي. فرمائي ٿو:

لهرن لک لباس، پاڻيءَ پسڻ هيڪڙو،
اونهي تہ عميق جي، واري ڇڏ وهاس،
جت ناهہ نهايت نيہ جي، ڪروات پهچي ڪاس،
تڙن جي تلاس، لاهہ تہ لالن لڳ ٿيين.

ابن عربي چوي ٿو، تہ عالم جي حيثيت ثانوي ماتر آهي. اهو غير حقيقي، وهمي ۽ اهڙو وجود آهي، جو خارج ۾ معدوم آهي. موجود صرف خدا آهي. عالم يا ڪثرت جو وجود فقط تجليات وحدت جي حيثيت سان آهي، يا ان جي تعينات جي حيثيت سان آهي. بذات خود عالم جو ڪو وجود ڪونهي. انهيءَ نقطہ نگاهہ کان شاهہ صاحب چوي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿو، تہ ڪائنات جي هر شيءِ وڏي واڪي انهيءَ حقيقت جي تصديق ڪري ٿي، تہ هر هنڌ فقط انهيءَ ذات مطلق جو جلوو جاري ۽ ساري آهي؛

جر ۾ ڏنگ تنوار، وڻ ٽڻ واتي هيڪڙي،
سڀني شيءِ ٿيا، سوري سزاوار،
هم منصور هزار، ڪهڙو چاڙهندو چاڙهين.

سڀہ پچار پرين جي، سيت هوت حضور،
ملڪ مڙوئي منصور، ڪهي ڪهنديون ڪيترا.

ٻي هنڌ فرمائي ٿو، تہ هرهنڌ انهيءَ ٿي ذات جو جلوو ڪارفرما آهي، ۽ چوڌاري اهو ٿي پڙلاءُ پيو اچي. فرمائي ٿو؛

چوڌاري چڙا؛ پرين پيلاڻيں جا،
ستي سنيارن جو پيم ڪن پڙاءُ؛
وهڻ صرف تہ وڙاءُ، سڻيو جهانءِ جهجهي هنيون.

شاهہ صاحب جو خيال آهي، تہ هن جهان پيدا ڪرڻ مان الله تعاليٰ جو مقصد هي آهي، تہ هو پنهنجو پاڻ کي سڃاڻرائي. انهيءَ مقصد لاءِ هڪ سڃاڻندڙ ضروري آهي. الله تعاليٰ جي علم ۾ انهيءَ سڃاڻيندڙ جو جيڪو نقشو آهي، اهو انسان آهي؛ اهوئي سبب آهي، جو انسان کي الله تعاليٰ پنهنجي لاءِ پيدا ڪيو، تہ جيئن هو کيس سڃاڻي، ۽ سندس صفتن کي ۽ اسمن کي ڄاڻي. اهڙيءَ طرح شاهہ صاحب خود شناسيءَ مان خدا شناسيءَ جو ڏس ڏنو آهي. شاهہ ڪريم چيو آهي؛

پاڻ ئي سلطان، پاڻ ئي ڏئي سنهيڙا،
پاڻ ڪر پاڻ لهي، پاڻ سڃائي پاڻ.

شاهہ لطيف چيو آهي؛

"سر هي، سر هو، سر اجل، سر الله"

ٻي هنڌ چيو اٿس؛

www.sindhsalamat.comScanned with CamScanner

چيڙ ترون الله هيڪڙو، ٻي وائي وساري ڇڏ،
او تان ترسڻ ڳالهه، سڄڻ ساهه پساهه ۾.

شاه صاحب جي نظر ۾ حقيقي وجود فقط هڪ آهي، ۽ اهو الله تعاليٰ جو وجود آهي. صوفي بزرگن ان حقيقت کي لا موجود الاالله چئي واضح ڪيو آهي. "وحدت الوجود" جو فڪر ٻه انهيءَ ئي حقيقت جي وضاحت ڪري ٿو. ٻي هنڌ شاه صاحب وجودي فڪر کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

پاڻهين جل جلاله، پاڻهين جان جمال،
پاڻهين صورت پرينءَ جي، پاڻهين حسن ڪمال،
پاڻهين پير مريد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال،
سڀ سڃاڻي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي.

يعني جڏهن غير الله جي وجود کي وساريو، تڏهن الله لاشريڪ جي ياد ۾ پاڻ کي فنا ڪري، فنا في الله جو درجو ماڻيو. ان ڪان پوءِ ئي انهيءَ طالب جي جمال ۽ حسن ڪمال جي پروڙ پوندي، ۽ ان جي ذات مطلق کان سواءِ ٻيو ڪجهه ٻه ڏسڻ ۾ نه ايندو. ٻي هنڌ چوي ٿو:

سو ئي سو هو، سو اجل سو الله،
سو پرين سو پساهه، سو ويري سو واهرو.

يعني جڏهن طالب غير الله کي ترڪ ڪري فنا في الله جي درجي کي رسي ٿو، تڏهن کيس الله تعاليٰ جي ذات کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نظر نه ٿو اچي. جڏهن سواءِ الله تعاليٰ جي ٻيو ڪجهه ڪونه ٿو ڏسي، تڏهن "اجل" کي به الله جو امر سمجهي، چوي ٿو، ته سڀ اهو آهي. اهوئي محبوب آهي، اهوئي پساهه آهي، مارڻ وارو به اهو آهي، جهارڻ وارو به اهو آهي.

وجودي فڪر کي جنهن نموني صوفين سمجهايو آهي، ان کي هن طرح بيان ڪري سگهجي ٿو:

۱ـ وجود حقيقي هڪ آهي، يعني فقط خدا ئي وجود آهي، ۽ ٻيو

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجهه به نه آهي. هر شيءِ انهيءَ مان آهي، ۽ انهيءَ ۾ آهي، جيئن سمنڊ ۾ لهرون ۽ موجون. جن جو وجود حقيقي ناهي، پر اضافي آهي. حقيقت ۾ انهن جو فقط نمود آهي، جيڪو تعين جي ڪري آهي. تعين جو مٽجڻ، موجن ۽ لهرن جو فنا آهي. تعينات يعني موجون ۽ لهرون مٽجنديون رهنديون آهن، پر سمنڊ باقي رهندو آهي.

٢ـ وجود حقيقي ئي ذات آهي، ڇاڪاڻ جو جيڪڏهن اهي ٻئي جدا جدا حقيقتون هجن، ته توحيد انهيءَ مرحلي تي ئي ختم ٿي وڃي.

٣ـ وجود حقيقي هميشه کان آهي، ۽ هميشه رهندو.

٤ ـ هو واجب الوجود آهي. يعني پنهنجي هئڻ ۾ ڪنهن جو محتاج نه آهي، جو پنهنجي ذات ۾ پاڻ قائم آهي، ۽ اهڙيءَ طرح هميشه رهندو.

٥ـ هو واحد ۽ لا محدود آهي. جيڪڏهن ان وانگر ٻيو وجود تسليم ڪيو ويندو، ته وجودِحقيقي نه واحد رهندو، نه لامحدود.

٦ـ ان جون ٻه شاخون خاص آهن، تنزيهه ۽ تشبيهه. يعني اهوئي عالم تنزيهه ۾ موجود آهي، ۽ اهوئي عالم تشبيهه ۾ به جلوه گر آهي.

٧ـ هو حلول ۽ اتحاد کان پاڪ آهي، ڇاڪاڻ جو ان لاءِ ٻه ٻن وجودن جو تسليم ڪرڻ ضروري ٿيندو.

٨ ـ هو بي مثل آهي، ڇاڪاڻ جو مثل ہجڻ لاءِ ٻه ٻئي وجود کي ميڄو پوندو.

٩ ـ ان جو ضد ڪونهي، ڇاڪاڻ جو ضد لاءِ ٻئي وجود جو اقرار ڪرڻو پوندو.

١٠ ـ هو بي جهت آهي، ڇاڪاڻ جو جهت ۽ پاسي مان ٻه ۽ وجود پيدا ٿين ٿا.

١١ ـ عالم جي ڪثرت ان جي احديت يا وحدت جي منافي نه آهي، بلڪ ڪثرت، وحدت مان ئي وجود ورتو آهي. انهيءَ ڪثرت ۽ وحدت ۾ ويڇو ڪبو ته ٻن وجودن کي تسليم ڪرڻو پوندو. انهيءَ ڪري وحدت ۽ ڪثرت هڪ ڪري ڄاڻجي.

حضرت شاهه صاحب اهو فڪر هنڌين ماڳين نهايت وضاحت سان ۽ سهڻي انداز ۾ سمجهايو آهي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خود شناسي شاهہ جي نظر ۾

قديم زماني کان انسان پنهنجي ذات ۽ ڪائنات جي رنگارنگيءَ تي سوچيندو رهيو آهي. پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ۽ پنهنجي اندر جي اونهاين تي سوچ ۽ ويچار ڪرڻ، صوفين ۽ فيلسوفن جو مک مضمون رهيو آهي. امام غزاليءَ جي ڪتاب ڪيميائي سعادت جي شروعات ئي هنن لفظن سان ٿئي ٿي، تہ انسان کي انهيءَ ڳالهہ تي غور ۽ فڪر ڪرڻ گهرجي، تہ هو ڇا آهي ۽ هن ڪائنات ۾ هن جو ڪارج ڪهڙو آهي؟ اهڙيءَ طرح سڀني صوفي بزرگن پنهنجي پيغام ۾ اها دعوت ڏني آهي، تہ انسان پنهنجو پاڻ سڃاڻي، ۽ پنهنجي خصوصيتن ۽ مقصدن جي اصل حقيقت معلوم ڪري. هنن جو چوڻ آهي، تہ خود شناسيءَ کان پوءِ ئي انسان خدا شناسيءَ جي منزل تي پهچي سگهندو.

قديم ۽ جديد فلاسافرن بہ خودشناسي ۽ خود آگهيءَ تي زور ڏنو آهي، ڊيڪارٽ (١٧١٦ع ـــ ١٦٤٦ع) چوي ٿو، "جيئن تہ مان غور و فڪر ڪريان ٿو، انهيءَ ڪري مان آهيان." لاڪ (١٧٠٤ع ـــ ١٦٣٢ع)، ڪانٽ (١٨٠٤ع ـــ ١٧٢٤ع) ۽ گوئٽي (١٨١٤ع ـــ ١٧٦٢ع) وغيره بہ خود آگهيءَ جو مسئلو بيان ڪيو آهي. ڪانٽ چوي ٿو، تہ خود آگهي سمورن علمن جو مرڪز آهي. قديم يوناني فلاسافرن سقراط (٣٢٢ ق. م ـــ ٣٨٤ ق. م)، افلاطون (٣٤٧ ق. م ـــ ٤٢٧ ق .م) ۽ ارسطو (٣٢٢ ق . م ـــ ٣٨٤ ق.م) وغيره بہ انهيءَ حقيقت تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مسلمان فلاسافرن، يعقوب، ابن رشد ۽ الڪندي وغيره بہ انهيءَ ڳالهہ کي ڪنهن

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نه ڪنهن صورت ۾ لکيو آهي. مسلمان صوفي بزرگن، انهيءَ مسئلي کي قرآني تعليمات جي روشني ۾ سمجهايو آهي ۽ اهو معاملو بيان ڪندي، قرآن شريف جون آيتون، حديثون ۽ بزرگن جا قول شاهديءَ طور آندا آهن. قرآن حڪيم ۾ الله تعالیٰ فرمايو آهي:

ولقد خلقنا الانسان ونعلم ماتوسوس به نفسه
ونحن اقرب اليه من حبل الوريد (ق ـــ ١٦)

(۽ بيشڪ ماڻهو کي پيدا ڪيوسين ۽ سندس نفس کيس جيڪو وسوسو وجهندو آهي، سو ڄاڻندا آهيون، ۽ اسين ڏانهس (سندس) ساهه جي رڳ کان به وڌيڪ ويجها آهيون.)

صوفي بزرگن هن سلسلي ۾ خاص طرح سان هن آيت جو پويون حصو گهڻو آندو آهي، ۽ اها آيت شاهديءَ طور آڻي، اسان جو ڌيان ڇڪايو آهي. حضرت شاه صاحب فرمايو آهي:

"ونحن اقرب اليه من حبل الوريد، تنهنجو تو هي ساڻ."

الله تعالیٰ جي انهيءَ عظيم احسان جي باوجود انسان غافل ٿي وڃي ٿو ۽ پنهنجي ذات ۽ صفات جو اهو عرفان حاصل نه ٿو ڪري، جنهن جي ذريعي الله تعالیٰ جا اهي اسرار ۽ رموز منش آشڪار ٿين، جيڪي سندس اندر موجود آهن. هتي جو چوڻ آهي، ته انسان جي اندر ۾ انهيءَ ذات باري تعالیٰ جو مسڪن آهي. اهوئي سبب آهي، جو پنهنجي ذات جي سڃاڻ سان هو عرفان الاهي حاصل ڪري سگهي ٿو. امام غزالي پنهنجي ڪتاب ڪيميائي سعادت جي شروع ۾ لکيو آهي:

واضح هجي، ته پنهنجي نفس جي معرفت الله تعالیٰ جي معرفت جي ڪنجي آهي. انهيءَ ڪري چيو ويو آهي: "من عرّف نفسه فقد عرّف ربه" يعني جنهن پنهنجي نفس کي يقيني طرح سڃاتو، ان پنهنجي پالڻهار کي سڃاتو. انهيءَ ڪري الله تعالیٰ فرمايو آهي: سنريهم آياتنا في الآفاق وفي انفسهم حتیٰ يتبين لهم انه الحق (حم ـــ ٥٣)

(يعني اسان پنهنجون نشانيون جهان ۾ ۽ خود انهن جي نفسن ۾

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن کي ڏيکاريو ٿا، تہ جيئن حق جي حقيقت مٿن روشن ٿئي. مطلب تہ تنهنجي لاءِ توکان وڌيڪ ڪابہ شيءِ ويجهي نہ آهي. جيڪڏهن تون پنهنجو پاڻ کي نہ سڃاڻندين، تہ ٻي کي ڪيئن سڃاڻي سگهندين.“

قرآن شريف ۾ هڪ ٻيءِ جاءِ تي الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وفي الارض آيات للموقنين● وفي انفسكم افلا تبصرون

(الذاريات ـــ ٢١)

(۽ يقين ڪندڙن لاءِ زمين ۾ نشانيون آهن ۽ اوهان جي جندن ۾ بہ، پوءِ بہ نٿا ڏسو ڇا؟)

پوئين آيت ڏانهن صوفياءِ ڪرام گهڻي قدر اشارو ڪيو آهي، ۽ اها آيت شاهديءَ طور آڻي، پڌايو آهي، تہ انسان جي اندر ۾ ذات مطلق جو جلوو جاري ۽ ساري آهي. سنڌ جي صوفي بزرگن بہ انهيءَ ڳالهہ تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي، ۽ پنهنجي حقيقت تي ويچارڻ ۽ ويچارڻ تي اصرار ڪيو آهي. حضرت سچل سرمست فرمايو آهي:

”وفي انفسكم افلا تبصرون — ويجهو ڪيم وسار“

”وفي انفسكم افلا تبصرون. ڪاڪيون ڪجي ڪيءَ ڪن.“

حقيقت اها آهي، تہ جديد دنيا جي دانشورن ۽ فلسفين انسان ۾ شڪن شبهن جو هڪ غير متناهي سلسلو پيدا ڪري ڇڏيو آهي، جاڪاڻ جو جيڪي نظريا نروار ڪيا ويا آهن، انهن جو پاڻ ۾ ئي تضاد آهي. انهيءَ ڪري هرڪو نظريو انسان کي صحيح معنيٰ ۾ انسان بنائڻ ۾ ناڪام ويو آهي. يعني ان کي پنهنجي لفظن ۾ اڻين ڪٿي ڇڏيو، تہ انسان پنهنجو پاڻ سڃاڻي نہ سگهيا آهن.

شاهہ لطيف جي فڪر جو بنياد ئي آهي؛ ”پاڻ سڃاڻڻ“ تي. انسان جي سڌاري ۽ واڌاري جو صحيح حل بہ انسان کي تڏهن ئي معلوم ٿيندو، جڏهن انسان هر لحاظ کان ۽ هر پهلو کان پنهنجو پاڻ سڃاڻي ويندا سون. شاهہ صاحب انهيءَ عالمگير ۽ اهم اصول جي اهميت هن طرح

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بڌائي آهي:

"پهرين سچائيءَ پاڻ، پڇج پوءِ پريتڻ."

يعني سڀ کان پهريائين انسان کي اهو معلوم ڪرڻ گهرجي، تہ اسان ڪير آهيون، ڪٿان آيا آهيون، اسان جو اصل ڇا آهي، اسان جي اچڻ جو مقصد ڇا آهي، ۽ اسان جي فطرت ۽ ماهيت، مزاج ۽ طبيعت ڪهڙي آهي؟ شاهہ صاحب انهيءَ تي سوچيو ۽ ويچاريو آهي، ۽ حقيقتون معلوم ڪيون آهن:

جو مون پڙهيو پاڻ لئہ، سبق سابق جو،
پهرين سچاتم پاڻ کي، نفس جو نهو،
جت عرفان اصل پر، ٿي روحن روز ڪيو،
وري ورق پيو، گڏيم وڻ وصال جو.

يعني پنهنجي پاڻ سڃاڻڻ کان پوءِ ئي سمجهہ ۽ معرفت حاصل ٿئي ٿي. اهو انساني راز، ڪو گهڻو مشڪل ڪونهي، پر ان کي اهي سمجهي نہ سگهندا، جن کي صحيح رستو هٿ ئي نہ آيو آهي. شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

نڪر ڏيکهہ نہ ويل، نڪر منهن مهاڙ ڪا،
آهہ اهو ئي کيل، ڪور پروڙي ڪينڪي.

جيئن تہ انهن کي صحيح رستو هٿ نہ آيو آهي، تنهنڪري جيئن جيئن هو هٿ پير هڻن ٿا، تيئن تيئن وڃن ٿا اوجهڙ پوندا:

ساناري سمونڊ جي، تهڙي تيا،
وڃي تت پيا، جت نهايت ناهہ ڪا.

شاهہ صاحب اهڙن عالمن ۽ مفڪرن کي انهن انڌن سان تشبيهہ ڏني آهي، جن هاٿي کي هٿ لائي ان جو ڪو حصو معلوم ڪري، هاٿيءَ جي شڪل ۽ صورت جو پنهنجي اندازو لڳايو:

ڦٽي هاٿيءَ ماڻرو، اچي ڪير انڌن،
منارين علي سوءِ، اکين ڪين ڏسي،

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

في الحقيقت ڦيل ڪي سچا سڃاڻي،
سنڌي سردارن، بصيرت بينا ڪري

حقيقت ۾ جن کي صحيح رستو ملي ويو ٿو، انهن لاءِ اها ڳالهه سمجهڻ ڏکي آهي ٿي ڪانه.

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيهہ ڪاڻ،
پنهوں ٿيس پاڻ، سسئي تان سور ٿيا.

اهي حقيقتون پرجهڻ ۽ پروڙڻ کان پوءِ شاهہ صاحب انسان کي بہ اهائي صلاح ڏني ٿو:

وحدت جو ونڪار، هت نہ ڳولهيءَ ٿو ڪي،
لکر ڪين لطيف چئي، پاروچو پي پار،
ناتہ نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.

شاهہ صاحب پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ۽ ڪائنات جي ڪتاب جي مطالعي کان پوءِ قرآن حڪيم جي بڌايل حقيقت "ڪنفس واحدة" جو عملي تفسير معلوم ڪيو. ان کان پوءِ هن پنهنجي پيغام جو بنياد انهيءَ اصول تي رکيو. هن انسان کي سمجهايو، تہ جو الڳا ٿيا آهيو، جو پاڻ ۾ پيا وڙهو؟ اوهان تہ پاڻ ۾ آهيو ئي هڪ، جدائگي تہ اوهان ۾ آهي ئي ڪانہ. اها اوهان جي جهالت آهي، جو هڪ ٻئي کي جدا سمجهي، پنهنجو پاڻ کي پيا نقصان رسايو. فرمائي ٿو:

"ٻاني ڪاڻ ڪمان ۾، ميان مار مَ مون،
مون ۾ آهي تون، متان تنهنجو ئي تو کي لڳي."

يعني انفراديت جو تصور ئي عذاب آهي. انهيءَ انفراديت جي سوڙ ئي انسانيت کي ڀاڱا ڀاڱا ڪري ڇڏيو آهي. بغض، ڪينو، حسد، ساڙ، دشمني انهيءَ انفراديت جي تصور جي ئي پيداوار آهن. انهيءَ ڪري معاشري ۾ انتشار آهي، ملڪ ۾ فساد آهي، ۽ هڪ ملڪ ٻئي ملڪ جو ۽ هڪ قوم ٻي قوم جي جاني دشمن بڻجي ويٺي آهي. شاهہ صاحب

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهيءَ حقيقت ڏانهن اشارو ڪري فرمايو آهي، ته دراصل سموري انسان ذات هڪ وجود مثل آهي، پر ان کي انفراديت جي تصور ڀاڱا ڀاڱا ڪري ڇڏيو آهي:

ڪهڙي گهڙو هٿ ڪري، الاهي لوهار،
ڇوڙا ڀيڙا ڇڪ پر، لڙ پر لڙيس وار،
لکين ڇهتيس لوهيٺيون، ٽيلهيون ٽرنٽون ڏار،
مڙيا مچ مزار، ڀاڱا ٿيندي سوهڻي.

شاهه صاحب جوڙي ٿو، ته انسانيت جي ڏک درد جو علاج انهيءَ ۾ آهي، ته اسان کي هيڪڙائيءَ جو قائل ٿيڻ گهرجي، ۽ ائين محسوس ڪجي، ته اسان پاڻ ۾ ائين مليل آهيون، جو پاڻ ۾ ڪو سنڌو سيٺهوڻي ڪونهي. شاهه صاحب مختلف طريقن سان ۽ جدا جدا تشبيهن سان اها ڳالهه واضح ڪئي آهي. هيٺين بيت ۾ الف ۽ لام جي ميلاپ سان اها ڳالهه سمجهائي اٿس:

ڪاتب لکيو جيئن، لايو لام الف سين،
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.

هي هنڌ وري زنجير جي ڪڙين جو مثال ڏئي ٿو:

ڪڙو منجهه ڪڙي، جيئن لوهار لپيٽيو،
منهنجو جيءُ جڙيو، سپيريان سوگهو ڪيو.

هڪ ٻي هنڌ ڪنڌين سينهن جي سڱن جي وچڙڻ جو مثال ڏنو اٿس. انهيءَ قسم جي سينهن جا سڱ جيڪي ور وڪڙ هوندا آهن- ٻن اهڙين سينهن جا سڱ جڏهن پاڻ ۾ اٽڪي پوندا آهن، ته ڪيتري ڪوشش جي باوجود به جدا ٿي نه سگهندا آهن:

ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين،
ڪي ڇڙهن نه چت تي، ڪي وسرن نه مور،
جيئن سينهن ڪنڌين پور، تيئن درست وراڪو دل سين

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه جي نظر ۾ زندگيءَ جو تصور

زندگي ۽ موت، جزا ۽ سزا جا مسئلا انساني سوچ ۾ ابتدا کان وٺي وڏي اهميت رکن ٿا. انسان انهن معاملن ۽ مسئلن بابت هزارين سالن کان سوچيندو ۽ مختلف نظريا قائم ڪندو آيو آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ به ان بابت سوچيو ويچاريو، ان کي پنهنجي شعر ۾ سلجهائي سمجهايو آهي. شاه صاحب جي نظر ۾ زندگي تحرڪ جو نالو آهي. ۽ تحرڪ ئي روحاني توڙي مادي ترقيءَ جو ذريعو آهي. هو ٻڌائي ٿو، ته زندگيءَ جو سفر، ساموندي سفر جهڙو اڻ ٿڪ آهي. انهيءَ ڪري زندگيءَ جي اعليٰ مقصد ۾ اهي ئي ڪامياب ٿين ٿا. جيڪي سدائين سفر ۾ رهن ٿا. سر سامونديءَ ۾ شاه صاحب فرمايو آهي:

اڄ ٻڌ واڻين کي، وڻجارا وڃڻ جيئن،
اٿي پهر اڳي، سمير ڪنهين سفر جي.

قرآن حڪيم ۾ آيو آهي:

لترڪبن طبقا عن طبق (انشقاق–۱۹)

(توکي درجي بدرجي چڙهڻو آهي)

يعني قرآن شريف جي ان آيت جي روشنيءَ ۾ شاه صاحب جو نظريو هي آهي، ته موت، انساني روح کي نابود نه ٿو ڪري؛ پر زندگيءَ جو قافلو پنهنجي منزل ڏانهن روان دوان آهي. شاه صاحب هڪ ئي بيت ۾ انهيءَ نظريي کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

جتي عرش نه آهي ڪو، رهيو ناهه ذرو،
نڪو چاڙهو چنڊ جو، نڪو سج سرو،

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُتي آديسي جو، لڳو ڏگ ڏرو،
پيچي پيو پرو، ناٿ ڏاڻون ناٿه ۾،

البت ايترو آهي، تہ زندگيءَ جو سفر اجھاڳ ۽ اڻانگو آهي، ۽ ان جي رستي ۾ ڪيترائي ڪَسَنَ ۽ ڪڙڪا آهن ۽ ٻيا ڪيترائي خوف ۽ خطرا آهن. انهيءَ ڪري زندگي ڀاڄڙن، ڪِنڌن تان هلڻ جو تالو آهي. انهيءَ ڪري شاه صاحب ذهن نشين ڪرائي ٿو، تہ زندگيءَ جو اعليٰ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ مشڪلاتن ۽ مصيبتن جي پرواهہ نہ ڪرڻ گهرجي. فرمائي ٿو:

ڪنبا مون پيرن ۾، تڙيو لک لڳي،
آڳرَ آڱريون نہ مڙي، ڇيهون پيرن ڇڻي،
ويندي ڏاتہ پرين، جتي جات نہ پاڻيان.

هو سمجھائي ٿو تہ اهو ڏک ڏاڪڙن وارو پنڌ طيءِ ڪرڻ لاءِ عقل، هوش ۽ علم ڪم ڪونہ ايندو، پر پاڻ آڏو اچي اتڪاءُ پيدا ڪندو. انهيءَ ڪري شاه صاحب انهيءَ پر خطر واديءَ کي دهشت واري درياه سان ڀيٽي ٿو:

دهشت دم درياه ۾، جت سنانا سيسار،
بيحد ٻاگو بحر ۾، هيبتناڪ هزار،
ساريان ڪرڻ سرير ۾، طاقت ترهان ڏار،
ساٿو چار ستار، سگهو رسج سير ۾.

اِهي لڪ ۽ لانگھا، پنڌ ۽ پيچرا، اوکا ۽ اڻانگا ضرور آهن، پر جيڪڏهن اعليٰ مقصد جي تانگهہ طلب دل ۾ جاڳزين هوندي، تہ اڻانگا اُر تري ويجي منزل مقصود تائين پهچبو. شاه صاحب فرمائي ٿو:

سي سيارو، پاڻي پارو، جت جهڙ، جَهڪَ ۽ جهولَ،
مي اندر پهار ڄا، هيڙي اچن هولَ،
جيلاءِ پڌيس پول، تي اڻانگا اُر تران.

بي هنڌ فرمائي ٿو:

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاري رات ڪڪر گهڻو، اڪيهه اونداهي،
چنڊ ڇالو نام ڪر، دريا، ڏڙ لاهي،
ساهڙ ڪارڻ سوهڻي، آڏيه ٿي آئي،
ايها ڪمر الاهي، تا تہ ڪُنَّ پر ڪير گهڙي.

شاه صاحب ٻڌايو آهي، تہ زندگي جهدِ مسلسل ۽ اڻ ٿڪ ڪوشش جو نالو آهي. وحدت الوجود جي شارح، ابن عربي پنهنجي مشهور ڪتاب "فتوحات المڪيہ" ۾ چاڻايو آهي:

"جڏهن ڳولها ڪرڻ وارا ڪنهن مقصد کي حاصل ڪرڻ جي جستجو ڪن ٿا، تڏهن ان ۾ کين ڪاميابي ٿئي ٿي."

يعني جڏهن راهہ جي ورن وڪڙن کان واقف ٿي اڳتي وڌجي ٿو، تہ مولا جي مهر ٿئي ٿي، ۽ مسافر منزل ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. شاه صاحب ٻہ چوي ٿو، تہ چپ چپات موت جي نشاني آهي، ۽ ڪوبہ مقصد خاموش ٿي ويهڻ سان حاصل نہ ٿو ٿئي. ڪوشش سان ئي مقصد حاصل ٿئي ٿو:

ويني، ڦڙ نہ پونئِ، سڄي ملي نہ سهڻين،
جي مٿي رَنڊنِ روُنِ، ساڄن ملي تن کي.

انهيءَ ڪري اعليٰ مقصد حاصل ڪرڻ وارو سدائين سندرو ٻڌي وڙهندو، وڙهندو، اورچ ٿي، اڳتي وڌندو رهي ٿو:

ڪڙهي ۽ ڪُڙي، ٻَرِ ۾ پير پنهور جي،
سڪ ٻڌائي سندرو، جانب لئہ جڙي،
لڪن سر لطيف چي، مُنڌ جهيڙي ۽ جهڙي،
پٺيءَ تان نہ پڙي، جي عمر سب اُڌ ڪري.

هو سمجهائي ٿو، تہ وهم ۽ وسوسا، خوف ۽ خطرا، مصلحتون ۽ سوچهارا انسان کي پنهنجيان، پريشان، ڍيلارڻ ۽ مقصد تان ڦيرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. انهيءَ ڪري انسان ٽرڻ ۽ ٽاپڙڻ لاءِ بهانا ڳولهي ٿو. انهيءَ حالت ۾ شاه صاحب هوشيار ٿو ڪري، تہ اهي گهٽون ۽ گوهيون

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇڏي، اڳتي وڌ. ۽ مقصد حاصل ڪرڻ کان اڳ ويسلو ٿي نہ ويهہ. فرمائي ٿو:

ٿڪ مَ ٿي لاڙائي ٿئو، گهڻن گهورين ڇڏ،
لاهو لڪو لڏ، تہ ڪاڙهي سج ڳالهہ مڙين.

زندگيءَ جي اعليٰ مقصد لاءِ ڪوشش ۽ جدوجهد تہ ضروري آهي، پر مالڪ حقيقي جي مهر کان سواءِ ڪاميابي حاصل ڪانہ ٿي ٿئي. انهيءَ ڪري شاهہ صاحب انهيءَ اڻانگي سفر مان پار پهچائڻ لاءِ پنهنجي رب ڪريم کي پاڪائي ٿو، چوي ٿو:

دهشت دَمُ درياهہ ۾، جت جايون جانارن،
نڪو سنڌو بسير جو، سپ نہ ملاحن،
ورندا درياهہ ۾، واڪا ڪيو ورن،
سڃا پيڙا پار ۾، ھليا هيٺ وڃن،
پوزو پيدا نہ ٿئي، تختو منجهان تن،
ڪو جو ٿهر ڪنڌ ۾، وٺ ڪيہ ورن،
اُتي اڻ تارن، ساهڙ سِير لنگهاءِ ترن.

مطلب هي آهي، تہ انسان فقط پنهنجي ڪوشش ۽ محنت تي ڀروسو نہ ڪري، انهيءَ ڪري هن ۾ پاڻ پڻو پيدا ٿيندو، ۽ خود غرضي ۽ خود پرستيءَ جا اوگڻ منجهس اچي ويندا. هن ۾ تڪبر، هٺ ۽ وڏائي پيدا ٿيندي، ۽ پوءِ پرمار ٿي ويندو ۽ سندس طبيعت آمرانہ ۽ جارحانہ ٿي پوندي. انهن ڳالهين جي ڪري هو اڳتي هلي غلطيون ڪرڻ لڳندو، ۽ مقصد کان ٿڙي ٿاپڙجي ويندو. مشهور صوفي فلسفي ابن عربي چيو آهي:

"ٻانهي کي اهو نہ جڳائي، تہ هو پنهنجو مرتبو ڏسي غرور ۽ تڪبر ڪري، جيڪڏهن هن ائين ڪيو، ۽ پنهنجي حيثيت کان تجاوز ڪيائين، تہ تباهہ ٿي ويندو."

انهيءَ ڪري شاهہ صاحب چوي ٿو تہ انسان جيڪڏهن پنهنجي اعليٰ

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مطلق فقط هڪ آهي. فقط اهوئي موجود آهي. هر ٻي شيء فقط ان جو مظهر آهي. انهيءَ ڪري عالم ۽ الله هڪ ٻئي جو عين آهن. انهيءَ ڪري هو عالم ۽ الله جي ذات کي ذات ۽ صفات جي حيثيت جي بنا ء تي تصور ڪري ٿو. يعني جوهر ۽ ڪرمن جي حيثيت جي بناء تي. انهيءَ ڪري هو چوي ٿو ته، عالم، ان جي صفات جي محض تجلي آهي. مطلب هيءَ آهي ته، ڪائنات ۾ ڪنهن به شيء کي حقيقي وجود ڪونهي. هيءَ ڪثرت فاني آهي، ۽ انهيءَ ۾ وحدت جو پرتو يا اولڙو آهي. شاه صاحب انهيءَ ذات حقيقي جي ساڃاهه ڏيڻ لاءِ درياءَ جي تمثيل آندي آهي. هو سمجهائي ٿو، ته جهڙيءَ طرح درياءَ ۾ ڪيتريون لهرون اڀرنديون ۽ اسرنديون آهن، پر اصل ۾ پاڻيءَ جي پسڻ جي حقيقت هڪ هوندي آهي، اهڙيءَ طرح هي رنگينيون ۽ رعنائيون به انهيءَ ذات جو مظهر آهن. انهيءَ ڪري جڏهن ويچا وساريا، تڏهن ٿي حقيقت هٿ ايندي. فرمائي ٿو:

لهرن لڪ لباسَ، پاڻيءَ پسڻ هيڪڙو،
اوڻهي ٿيهه عميق جي، واري ڇڏ وماس،

جت نام نهايت نيهه جي، ڪرو ات پهچي ڪاس،
ٿڙن جي تلاس، لاهه ته لائي لڳ ٿين.

انهيءَ ڪري شاه صاحب چوي ٿو، ته من ڪثرت کي جيءَ ۾ جاءِ نه ڏي. انهن غير حقيقي ۽ فاني شين کي من مان متائيءَ ۽ ميساري ڇڏ، ۽ حقيقي حق جي تانگهه طلب دل ۾ ڌر، ته زندگيءَ جو اصل مقصد توکي حاصل ٿئي. فرمائي ٿو:

مي هتڙ ماڙيون هاڻ، ساڙيان سڀ ڏيهه ري،
ڪل شيء يرجع الي اصلهِ، تي جهجهان جهانگين ڪاڻ،
پري پنهنجي پاڻ، پسان ملڪ مليرجي.

مطلب ته شاهه جي نظر ۾ واحد جو وصال زندگيءَ جو اعليٰ مقصد

مقصد لاءِ مالڪ حقيقي کان مدد جو ملتجي رهندو، ته من ۾ اهي اوڳڻ پيدا نه ٿيندا، ۽ سندس سفر سولو ۽ سڦائو ٿي پوندو. اهوئي سبب آهي، جو ڪارساز حقيقي کي پاڏائيندو تفلر اچي ٿو:

پُران مَ پُڇاءِ، بندر مون ڏور ٿيا،
ته مون هڙ نه هنج ڪي، جو آئون چڙهي چڙهان،
ڪارون ٿي ڪريان، ته در آيي ناڪيا.

هڪ بيت ۾ دعا گهرندي چوي ٿو:

ڏاتار ته تون، بيا مڙئي مڱڻا،
مينهن منڌائتا وسنا، سدا وسين تون،
جي گهر اچي مون، ته ميراثي مان لهان.

شاهه صاحب زندگيءَ جو مقصد به متعين ڪيو آهي. هو چوي ٿو، ته زندگيءَ جو اعليٰ مقصد قرب الاهي آهي، الهيءَ ڪري جو فقط اهائي ذات غيرفاني، ازلي، ابدي آهي، جنهن جو نه ڪو مثال آهي، ۽ نه ثاني. اها ذات حقيقي ئي هميشه رهڻ واري ۽ باقي آهي؛ ٻي هر شيءِ فاني ۽ زوال پذير آهي. قرآن شريف: كُلُّ شَيءٍ هَالِكٌ اِلاَّ وَجْهَهٗ (قصص ـــ ٨٨)

(سواءِ ان ذات جي سڀ شيءِ ناس ٿيڻ واري آهي.)

كُلُّ مَن عَلَيهَا فَانٍ وَيَبْقىٰ وجه رَبِّكَ ذوالجلال والاكرامِ

(الرحمان ـــ ٢٦)

(جيڪي ڪجهه زمين ۾ آهي، اهو سڀ ناس ٿيندو، فقط تنهنجي رب جي ذات رهندي، جيڪو بزرگيءَ ۽ تعظيم وارو آهي.)

شاهه صاحب چوي ٿو ته، عاشقن کان الله ڪنهن به وقت ڪونه ٿو وسري، عاشقن جو ساهه ڪنهن به وقت، عشق جي آهه ڪندي، پنهنجي محبوب حقيقي کي ياد ڪندي، نڪري ويندو:

عاشقن الله، وير وتار نه وسري،
آهه ڪريندي ساهه، ڪڏهن ويندو نڪري

وحدت الوجود جي نظريي جو شارح، ابن عربي چوي ٿو ته، وجود

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. انساني زندگيءَ ۾ روحاني مقصد کان سواءِ دنيوي زندگيءَ جا ٻه ڪيترائي مقصد ٿي سگهن ٿا، جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان جهد ۽ جاکوڙ ڪندو رهي ٿو. شاهه صاحب جي نظر ۾ انهن کي حاصل ڪرڻ جو اصول ٻه ساڳيو آهي. يعني جهد مسلسل، اڻ ٿڪ ڪوشش ۽ خدا جي ذات تي ڀروسو. البت شاهه صاحب ان کي اعليٰ مقصد ڪونه ٿو ڪوٺي. جيڪو ڀر مارڻ تي مبني آهي. شاهه صاحب سير و سفر ڪري، نهايت باريڪ بينيءَ سان معاشرتي حالتن جو مطالعو ڪيو هو. هو ڏسندو ٿو ته اسين طبقاتي ورهاڱي، معاشرتي برائين، انسانيت سوز رسمن، اسلامي نظام عدل جي خلاف ورزين، اسلامي مساوات ۽ برادريءَ جي اُبتڙ قائم ڪيل نظام ۽ ٻين اوگڻن ۾ اهڙا ته قيد ٿيل آهيون، جيئن ڪو قيدي بند ۾ ٻانڌي هجي ۽ ڪيس هٿ ڪڙيون ۽ پير ڪڙيون پيل هجن. فرمائي ٿو:

ڳچيءَ ڳانا لوهه جا، زيرين ۾ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾، ڪڙيون اندر ڪير،
چاري چوڪاني ۾، واهيت ڪي وزير،
ڇين ته ڇٽي آهيان، اهڙيءَ سٽ سرير،
مارو جام مليرِ، پهچ ڪي پهنوار کي.

تڙ نير ڏهر ڏانوڻ، پنڌرهن پنڌ پياس،
پڳهاڙيون ٻغلين ۾، لکيون لوهه لڳاس،
جلهن سڄڻ ياد پياس، تڏهن چرڪ چٽاڻي ميکڙي.

شاهه صاحب ڏسائي ٿو، ته انهيءَ نظام جي خلاف جدوجهد ڪري، ان مان جند ڇڏائڻ ٻه انساني زندگيءَ جو اعليٰ مقصد آهي. شاهه صاحب چوي ٿو. ارادو مضبوط هجي ۽ مقصد سان عشق هجي، ته اهڙو انقلاب آڻڻ ناممڪن نه آهي. شاهه صاحب انقلاب، آزادي سلامتي، خوشحالي ۽ انساني ڀلائي واري نظام جو منتظر آهي. هو سارنگ کي انقلاب ۽

خوشحاليءَ جي علامت طور آئي، سارنگ کي مخاطب ٿي چوي ٿو،

سارنگ سار لهيج، الله لڳ اچين جي،
پساڻي پيج پٽي پر، اروان اڻ ڪريج.
وطن وسائيج، ته سنگهارن سک ٿئي.

هو چوي ٿو، انقلاب جا آثار، سڏائين سارنگ سارينداء رهن ٿا،

سارنگ کي سارين، ماڙهو، مرگهه، مينهون،
سهڻا جي سمنڊ پر، ٿيون سچ نهارين،
پلر پيارين، ته سنگهارن سک ٿئي.

شاهه صاحب پر اميد ٿي چوي ٿو،

سند ٿي منڌل رچيا، تازي ڪي تنوار،
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگار،
اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

شاهه صاحب جي نظر ۾، ڪنهن به اعليٰ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، سر ساهه جي قرباني ڏيڻ بنيادي شرط آهي. مرڻ اهو آهي، جيڪو اٽل ۽ اڏول هجي. مرڻ ۽ مرڻ ان لاءِ مهڻو آهي. فرمائي ٿو،

سوري آهه سنگار، اڳهين عاشق جو،
مڙڻ مرڻ مهڻو، ٿتا نظارين نروار،
ڪسڻ جو قرار، اصل عاشق کي.

ان مقصد کي واضح ڪرڻ لاءِ شاهه صاحب ڪيترائي مثال ڏنا آهن، ۽ ذهن نشين ڪرايو آهي، ته اسان جيڪڏهن چاهيون ٿا، ته اسان پنهنجي اعليٰ مقصد ۾ ڪامياب ٿيون، ته اسان کي سور ۽ سختيون سهڻيون پونديون، ۽ ڏاڍ ۽ ڀاڀرن ٽالڊن تي جيرا، جگر ۽ ٻڪيون سيخن ۾ وجهي پچائڻا آهن. يعني ڏکن ۽ ڏاکڙن، مصيبتن ۽ مشڪلاتن کان ڪڏهن ڪيرائڻو نا هي، پر سيخن ماهه پچائڻو آهي. شاهه صاحب فرمايو آهي،

ڪانڊين، ٽانڊين ڀاڀرين، پچان مَر پيٺي،
جيرا جگر ٻڪيون، سيخن ۾ ٽيئي،
سڄڻن ريئي، ٿي رهائي سڄڻو.

ٻي هنڌ شاهه صاحب پتنگ جو مثال آندو آهي. هو چوي ٿو ته هونئن ته پتنگ ٻاهه جي الي تي پنهنجو پاڻ اچي قربان ڪندو آهي. پر تون پاڻ ۾ اها طاقت ۽ معرفت پيدا ڪر، جو جنهن ٻاهه ڪيترن ئي پتنگن کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو آهي، اُن کي اجهڙو اجهاءِ، جو هوءَ وري ٻرڻ لاءِ سگهندي رهي:

پتنگ نيهه پاڻ کي، ته اچي آڳ اجهاءِ،
ٻچڻ گهڻا ٻچائيا، تون ٻچڻ کي ٻچاءِ،
واقف ٿي وساءِ، آڳ ته ڏجي عام کي.

ڪن ٻيتن ۾ شاهه صاحب لوهار جي ڏوڻ، رڪ جي رجڻ ۽ ان کي پاڻي ڏيڻ جا مثال ڏنا آهن. شاهه صاحب چوي ٿو، ته جهڙيءَ طرح لوهار ڪچي لوهه يعني پهاڻ کي ٻگهاري پهريائين پائتو لوهه، پوءِ کهاڙو لوهه، ۽ ان کان پوءِ صاف رڪ بنائيندو آهي، تهڙيءَ طرح تون پنهنجي جان کي جوکن مان پار لنگهاءِ، ته ڪاميابي تنهنجا قدم چمي. ڊاڪٽر گربخشاڻي لکيو آهي، ته "هتي پهاڻ جي معنيٰ آهي "سالڪ جي خام طبع" يا "وجود"، جو شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت جون چار منزلون ڪچي ڌاتوءَ وانگي پار لنگهي، صاف رڪ جيئن ڪماليت تي پهچي ٿو." اها معنيٰ به برحق، پر شاهه صاحب جو بنيادي هيءَ اصول هر اعليٰ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪاميابي جي ڪنجي آهي. شاهه صاحب جو اهو بيت اجهو هي آهي:

ٻچائي پهاڻ، جي رساٽئو رڪ کي،
تنهن سندو ڄاڻ، آهي آگرين کي.

رڪ لهڻ جو دستور آهي، ته جيڪڏهن ڏوڏيو يعني ڏمشوارو ڏوڻيءَ کي سالدهم ڏکيندو نه ايندو، ته پهاڻ پوريءَ طرح ٻجي نه سگهندو، ۽ لوهار جي ڏکن سان ذرا ذرا ٿي ويندو. شاهه صاحب جو مطلب آهي ته اهڙيءَ طرح جيڪڏهن سور ۽ سختيون ڏسي پهر پوڻتي هٽائيو، ته پنهنجو وجود ٻچائي ته نه سگهبو، پر پاڻ پرزا پرزا ٿي وڃبو. الهيءَ

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري جيڪڏهن رڳ ٿيو آهي، تہ باهہ ۾ پاڻ پچائڻ کان پاسو ڪرڻو نہ آهي. شاهہ فرمائي ٿو:

ڏنءُ ڏنءُ ڏمشرار، اڄ ٻن اڱڙين جي،
پاريو مچ مجاز جو، اوتيائون اڱار،
ڏرڏنا ٿيءُ مَ ڏار، جہ ڪچو رڳ ڪڍين ٿي.

جڏهن لوهار ڪو اوزار ٺاهيندو آهي، تڏهن پهريائين لوهہ کي باهہ ۾ تپائي ڳاڙهو ڪري ڇڏي، ان کي پاڻيءَ جي ڪُونڙ ۾ وجهي ٺاريندو آهي. وري ڀِٽهہ ڪوري ۾ تپائي، ٺاريندو اٿس. اهو عمل ايستائين جاري رکندو آهي، جيستائين اوزار پورو پاڻي وٺي، مضبوط ٿئي. ان کي پاڻيءَ ڏيڻ چيو ويندو آهي. شاهہ صاحب اهو مثال ڏئي سمجهايو آهي، تہ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان کي گهڻين ئي آزمائشن مان پار پوڻو آهي. جيئن لوهہ کي پورو پاڻي نہ ايندو، تہ ڪچو ئي پوندو، اهڙيءَ طرح جيڪڏهن انسان ڪنهن هڪ آزمائش کان بہ لنوائي ويو، تہ وٺواند ٿي ويندو، ۽ مقصد حاصل ڪري نہ سگهندو. شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

پاريو اُجهائين، پرين اُجاهيو پاريو،
سون کي تا مارين، لتا لُهارين جا.

اڄ آڳريا آئيا، سوڏا سرائي،
پياري پاڻي، تيغون ڪنا تکيون.

اڄ آڳريا آئيا، سائوڪي سڄاڻ،
لاهيندا سورياڻ، رڳ ڪريندا پڌرو.

ڪٽ ڪڙهي، لوهہ ٻري، ڏُڏا جت ڏڳي،
سترهي مُنهن ڪيئا، سانداڻيون سڳي،
اڄ ٻن آڳرين، ميڙو آهي مچ تي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهڙيءَ طرح شاهه صاحب ڪامياب ۽ مثالي انسان جون خوبيون بيان ڪيون آهن، ۽ ٻڌايو آهي، تہ انهن خوبين وارو ئي صحيح انسان آهي، جيڪو پنهنجو پاڻ بہ ڪامياب ڪري ٿو، تہ اجتماعيت لاءِ پڻ ڪارائتو ثابت ٿئي ٿو.

شاهه صاحب ٻڌايو آهي، تہ صحيح انسان اهو آهي، جيڪو عزت، شان ۽ وقار سان زندگي گذاري، ۽ لوڀ ۽ لالچ تي هرگز پنهنجي عزت ۽ ملڪ جي وقار جو سودو نہ ڪري.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه جي نظر ۾ موت جو تصور

زندگي ۽ موت، جزا ۽ سزا جا مسئلا انساني سوچ ۾ ابتدا کان وٺي اهميت رکن ٿا. انسان ان بابت هزارين سالن کان سوچيندو ۽ مختلف نظريا قائم ڪندو آيو آهي. انهن ئي مسئلن تي سوچ جو نتيجو هو، جو انسان جاني قربانيون ڏيندو هو، ۽ وڏا وڏا جوکائتا ڪم ڪري گذريندو هو. انهيءَ ئي مسئلي جي سوچ، انسان کي جانورن ۽ انسانن جي قربانين تي آماده ڪيو، ۽ انسان پنهنجا پار قربان ڪرڻ، جهڙي پنهنجو پيٽ ڦاڙي دل ڪڍڻ، پاڻ کي جهڙو جلائڻ، سعادت جو باعث سمجهڻ لڳو. انهيءَ مسئلي تي سوچي، انسان جوڻ يا تناسخ جو نظريو قائم ڪيو، جيڪو نه فقط هندستان، پر قديم زماني ۾ مصر، يونان ۽ ايران ۾ به مروج ٿي ويو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي به ان مسئلي تي سوچيو ۽ ويچاريو، ۽ ان کي سلجهايو آهي، پر سندس سوچ ۽ سمجهاڻي انسان جي شرف ۽ شان مطابق آهي. ان جو سبب اهو آهي، جو سندس ويچار ۽ ويچاءُ قرآني حڪمت مطابق آهي. هو انسان کي گمراه ۽ وٿوائڻ کان بچائي ٿو، ۽ انسانيت سوز حرڪت کان پري رکي ٿو. الله تعاليٰ جي فرمان موجب دنيا جي هرشيءِ فاني آهي:

ڪلُّ شيءٍ هالڪ الا وجهه (قصص ـ ٨٨)

(سواءِ ان منهن (ذات) جي سڀ شيءِ فاني آهي.)

ڪل من عليها فان ويبقيٰ وجه ربِّڪ ذوالجلال والاڪرام●

(الرحمان ـ ٦ س ٢٧)

جيڪي ڪجهه زمين تي آهي، اهو سڀ فنا ٿيندو، فقط رهندو منهن

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجي رب جو (تنهنجي رب جي ذات رهندي، جيڪو بزرگي ۽ تعظيم وارو آهي.)

شاهه صاحب به فرمايو آهي:

"فاني ڙي فاني، دنيا دم نه هيڪڙو."

جيڪا شيءِ گهڙي آهي، اها ضرور ڀڄي، جيڪو ڄائو آهي، اهو هتان ضرور موڪلائي. حضرت هارون ابن حيات ڪي اويس قرني رضہ فرمايو:

"منهنجو والد، حضرت آدم، حضرت حوا، حضرت نوح سڀ دنيا مان ڪوچ ڪري ويا. انهيءَ ڪري منهنجي اها وصيت ٿي، ته ڪتاب الله ۽ صراط مستقيم کي پنهنجي سامهون رک، ۽ موت کان هڪ گهڙي به غافل نه ٿيءُ."

حضرت ابوبڪر صديق رضہ جو شعر آهي:

الموت بيت وڪل الناس داخله

فياليت شعري بعدالموت مالدار

(موت هڪ دروازو آهي، جنهن ۾ سڀ داخل ٿيندا. ڪاش معلوم ٿي سگهي ها، ته موت کانپوءِ ڪهڙو گهر ملندو.)

ڀٽائي صاحب به فرمايو آهي:

"آهي موت مڙن تي گرڙيون ڪير گهي."

ٻي هڪ بيت ۾ شاهه صاحب چيو آهي:

جا پون پيرن مون، سا پون مٽي سڄڻين،

ڏڪ لتيا ڏوڙ ۾ اکيءَ ڏاسون،

ڏينهن مڙيو تي ڏون، اٿي لوچ لطيف چئي.

پاڻيجي ٿو، ته شاهه صاحب قبرستان ۾ ويٺو آهي، ۽ ان وقت سندس دل تي جيڪي خيال تري اڀري ٿا، انهن کي مٽيءَ ٻيت جي صورت ڏني اٿس. يعني جنهن زمين تي منهنجا پير آهن، ان جي هيٺان منهنجا پيارا پوريل آهن. اسان جي اکين آڏو ڪيترائي بهادر، دلير، سياڻا ۽ جوڌا جوان ڌرتيءَ هيٺ اچي ويا. جيتوڻيڪ هيءَ دنيا فاني آهي، پر اجائي نه

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. انهيءَ ڪري اهو ڪي ڪجي، جيڪو اڳتي ڪم اچي. مطلب تہ جيتوڻيڪ هيءَ دنيا فاني آهي، پر عمل جو ميدان آهي. هتي جيڪا پوک پوکبي، اها آخرت ۾ لڻبي. انهيءَ ڪري جيڪو وقت مليو آهي، ان ۾ ڪجهہ ڪري وٺجي.

شاهہ صاحب تِوڙي ٻين اسلامي مفڪرن موت بابت پنهنجو خيال قرآن حڪيم جي هن ارشاد موجب ظاهر ڪيو آهي:

"ڪلُّ نفس ذائقة الموت●" (الانبياء ـــ ٣٥) (هر نفس کي موت جو ذائقو چکڻو آهي.) موت ڪاليوءَ انساني روح نابود ۽ معدوم نہ ٿو ٿئي، پر زندگيءَ جو قافلو پنهنجيءَ منزل طرف وڌندو رهي ٿو. قرآن مجيد ۾ آيو آهي:

تعرج الملائكة والرّوح اليه في يوم كان مقداره خمسين الف سنة (معارج ـــ ٤) [فرشتا ۽ روح ان طرف ڏانهن چڙهندا، ان ڏينهن ۾، جنهن جي لنبائي پنجاهہ پنجاهہ هزار ورهيہ آهي.]

لتركبن طبقا عن طبق (انشقاق ـــ ١٩) (تو کي درجي بدرجي چڙهڻو آهي.)

موت، انسان کي جن مرحلن کان لنگهائي ٿو، ان جو تصور متين آيت جي روشني ۾ شاهہ صاحب هن طرح ڏنو آهي:

جتي عرش نہ اپ ڪو، زمين ناهہ ذرو،
نہ ڪو چارو چنڊ جو، نڪو سج سرو،
اتي آديسين جو، لڳو ڏنگ ڏرو،
پري پيہ پرو، ناٿ ڏٺائون ناٿهن ۾.

موت لاءِ قرآن شريف جو هڪ عام اصطلاح "لقائي رب" ۽ خدا طرف باز گشت آهي. سعيد روحن لاءِ قرآن حڪيم ۾ آيو آهي:

يا ايّتها النّفس المطمئنّة ارجعي الا ربّك راضية مرضية

(الفجر ٢٧ ـــ ٢٨)

(اي نفس، آرام وارا، پنهنجي رب جي طرف موٽ، تون ان کان راضي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن، ۽ هو توڪان راضي آهي.)
مولانا روم فرمايو آهي:

هر نفس آواز عشق مي رسد
ما ۽ فلڪ مي رويم عزم تماشا گر است
ما ۽ فلڪ بوده ايم يار ملڪ بوده ايم
باز هما جا رويم باز ڪ آن شهرما است
مار فلڪ برتريم در ملڪ افزون تريم
زين دو چران گذريم منزل ماڪبريا است.

شاهه صاحب اهڙي خيال جو اظهار تمام گهڻن هنڌن تي ڪيو آهي. خاص طرح مارئيءَ جي سُر جو تہ مرڪزي خيال ئي اهو آهي. هڪ هنڌ فرمائي ٿو:

هي هنڌ ماڙيون هان، سارڙيان سپ ڏينهن ري،
ڪل شيءِ يرجع اليٰ اصله، ٿي جهجان جهانگيءَ ڪان،
پري پنهنجي پان، پسان ملڪ ملير جو.

فنا ۽ بقا: موت ۽ روح تي ويچار ڪندي، مسلم صوفين فنا ۽ بقا جو مسئلو سلجهايو ۽ سمجهايو. ابوسعيد خراز رح پهريون شخص آهي، جنهن فنا ۽ بقا جي مقامات جي تشريح ڪئي. شاهه صاحب بہ پنهنجي مخصوص انداز ۾ هن مسئلي کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. فنا جو مطلب آهي: سالڪ پنهنجي نسبت بلڪل سلب ڪري ڇڏي، ۽ فقط حق تعاليٰ جو وجود پنهنجي ظهور ۾ ثابت ڪري. تہ فقط ايترو، پر هو پنهنجو ظهور ئي ذات مطلق جو ظهور سمجهي. شاهه صاحب انهيءَ مسئلي کي سمجهائيندي فرمايو آهي، تہ جن پنهنجو پاڻ کي بلڪل فنا ڪري ڇڏيو آهي، جن کي پنهنجو سماءُ ڪونهي، اهي ئي خوش نصيب آهن، ۽ اهي ئي ڪامياب آهن:

سر جدا، ڏڙ ڌار، دوگچ جنين جا ديگ ۾،
سي مرڪن پچار، هڪيا جن جي هٿ ۾.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه صاحب نه فقط اهو مسئلو سمجهائي ٿو، پر تلقين به ڪري ٿو،

"مرڻا منهن مرَ موڙ، وڃي ٿي وڏ لهي."

فنا کي صوفين "مرڻ کان اڳ مرڻ" نالو به ڏنو آهي. شاهه صاحب فرمائي ٿو، جيڪي جيئري ئي پنهنجو پاڻ فنا ڪري، موت جي منزل مائين ٿا، اهي دراصل مرن ڪونه ٿا، پر انهن کي هڪ اهڙي زندگي ملي ٿي، جيڪا ڪڏهن به فنا ٿيڻ واري نه آهي.

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿيا نه مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا.

او مرتي ڪيه مرن، مرڻا اڳي جي مئا.

"موت کان اڳ مرڻ" واري منزل مائڻ لاءِ، سالڪ کي سختيون سهڻيون پون ٿيون، ۽ ڪيترين ئي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، پر سالڪ ان درد مان به لطف حاصل ڪري ٿو، ۽ سمجهي ٿو، ته حقيقي زندگي انهيءَ ۾ ئي پنهان آهي. عربي شاعر ابوالعلا المعري (وفات ١٠٥٧ع) پنهنجي هڪ شعر ۾ چيو آهي،

"اسان مصيبتون سهون ٿا، ڇو؟ ان لاءِ ته اسان ڄاڻون، ۽ اهو اسان جو ڄاڻڻ ئي اسان جو سمورو علم آهي. جيڪڏهن اسان درد جي لوس ڀڄاڙن کي بيپرواهيءَ سان هٽائڻ جي ڪوشش ڪنداسون، ته پوءِ محبت ۽ همت جا گنبذ ڪري پوندا."

شاهه صاحب به چوي ٿو، ته ان کي آزار ۽ مصيبت نه سڏ،

"مَ چئو آزار ان کي، مَ ڪي مصيبت."

نه فقط ايترو، پر جن کي اهو درد نصيب ٿيو، انهن کي گويا سرور حاصل ٿيو،

" سرور جنهن کي سرير، سري تي صحت."

شاهه صاحب فرمائي ٿو، ته محبوب جڏهن پاڻ وٽ سڏائيندو آهي، تڏهن ظاهر اگهين ٿيندو آهي، ته هو قهار آهي، پر دراصل هو انهيءَ لاءِ

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڏيندو آهي، ته جيئن پنهنجي مجلس جو مزو وٺائي. اهو هن جو دستور آهي، ته هو جنهن جو دوست ٿيندو آهي، تنهن کي تڪليفون ڏيئي ضرور آزمائيندو آهي. پر سندس صحبت راحت آهي، ۽ نه آزار؛

ساٿر صحبت سهڻي، آهي نه آزار؛
مجلس وير مٺو ٿئي، ڪرليندي ٿهار؛
خنجر تنهن خوب هڻي، جنهن سين ٿئي يار؛
صاحب رب ستار، سوجهي رڳون ساه جون.

شاه صاحب جي فڪر جي بلندي ڏسو، جو محبوب جي ڪهڻ کي ڪهڻ نه ٿو سمجهي، پر ان تي پاڻ خوش ٿئي ٿو، ته محبوب سندس سنڀال لهي رهيو آهي؛

ڪُهي تان ڪر لهي، ڪر لهي تان ڪُهي؛
سي ٿي ماه مهي، سي ٿي راحت روح جي.

هو الهيءَ لاءِ بيماريءَ مان شفايابي حاصل ڪرڻ نه ٿو گهري، پاڻ طبيب کي به روڪي ٿو، ته ڪيس دوا نه ڏئي، ته جيئن هو چڱو ڀلو نه ٿئي. الهيءَ لاءِ ته من محبوب سندس بيماريءَ جو ٻڌي، ۽ سندس خبر لهڻ لاءِ وٽس ڪهي اچي؛

ويڄ مَ ٻڪي ڏي، الا! چڱي مَ ٿيان،
سڄڻ مانَ اچي، ڪرلاهو تي ڪلهين.

ان مان پوريءَ طرح واضح ٿيندو، ته هو انهن تڪليفن ۽ مشڪلاتن کي راحت سمجهي، انهن جي طلب ڪري ٿو، ته جيئن هو محبوب جي ويجهڙائي حاصل ڪري، فنا جي منزل تي پهچي. سندس نظر ۾ محبوب جو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ سر جو سودو ڪرڻو ئي پوي ٿو.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه رحه جي عظمت

شاعري هڪ باغ مثل ٿيندي آهي، جنهن ۾ شاعر لفظن جي سهڻي ترتيب سان قسمين قسمين گلن جا ٻوٽا ترتيب سان لڳائيندو آهي، جنهن ڪري ان چمن جي سير ڪرڻ سان دل کي فرحت ۽ روح کي تازگي نصيب ٿيندي آهي. جيترو قدر اهو گلستان سهڻو سينگاريل هوندو ۽ ان ۾ جو جدا جدا رنگن جا جيترا گل لڳايل هوندا، اوتري قدر دل کي وڌيڪ فرحت ڏيندو، ذهن کي جلا بخشيندو ۽ روح کي تازگي عطا ڪندو. انهيءَ نقطہ نگاہ کان جيڪڏهن ڏسبو تہ معلوم ٿيندو، تہ شاہ صاحب جي شاعري هڪ اهڙو اعليٰ ۽ افضل گلستان آهي، جنهن ۾ سدائين بهار آهي. انهيءَ کي نہ زماني جي ڪوسي واءَ جو پورهہ آهي ۽ نہ ڪن آفتن جو ڪي خطرو آهي. ان ۾ نہ ڪنهن گل جي کوٽ آهي ۽ نہ ڪنهن ٻوٽي جي ڪمي آهي. اڪثر شاعرن جي شاعري جو گلستان ڪنهن گل جي موجودگيءَ کان مشهور هوندو آهي، تہ ڪي مشهور گل وري ان ۾ ڪولهيا نہ ليندا آهن. پر شاہ انهن مڙني کان مٿانهون آهي.

ڏٺو ويو آهي، تہ ڪن شاعرن جو ڪلام يا تہ فقط داخلي ٿيندو آهي، يا وري خارجي هوندو آهي، پر لطيف جي ڪلام ۾ اهڙيون ٻئي ڳالهيون مڙني کان مٿي ملن ٿيون. ان ۾ جيڪو مواد آهي، اهو عوام الناس جي دلچسپيءَ جو آهي، انهي ڪري ٻار توڙي ٻڍي، پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل کي شاہ صاحب جي ڪلام مان حظ حاصل ٿئي ٿو. شاہ

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صاحب پنهنجا دلي جذبات تمثيلي انداز ۾ بيان ڪيا آهن. هن جيڪي سوچيو، ويچاريو، پروڙيو ۽ پرجهيو، ويچاريو ۽ ورتايو آهي، اهو ويهي بيان ڪيو اٿس. انهي ڪري سندس انداز بيان ذاتي ۽ داخلي آهي، جنهن ۾ خلوص آهي، ديانتداري آهي، حقيقت پسندي آهي ۽ صداقت آهي. ان سان گڏ ان ۾ فڪر جي گهرائي آهي، ۽ خيال جي پاڪيزگي آهي. اهو ئي سبب آهي، جو دلڪشي ۽ رنگيني، رواني ۽ اثر انگيزي سندس ڪلام جو خاص خوبيون آهن. اعليٰ فڪر جي باوجود ان ۾ ايڏو تاثر آهي، جو ڪهڙي به ذهني معيار جو ماڻهو هوندو، پڙهڻ سان بي اختيار ٿي ويندو.

علامه آءِ.آءِ قاضي مرحوم هڪ دفعي ملاقات ۾ ٻڌايو هو، "اهڙا شاهه لطيف جي ڪلام ۾ فڪر جي ايڏي گهرائي اٿئي، جو سندس فڪر آڏو يورپ جا مڙئي مفڪر پارهين چوڏهين ورهين جا ٻار آهن." ان مان شاهه صاحب جي اعليٰ فڪر جو اندازو بخوبي لڳائي سگهجي ٿو، پر لطف اهو جو ساڳيو ڪلام علامه آءِ.آءِ قاضي جهڙيءَ شخصيت تي به ايترو ئي اثر ڪندو، ته جهنگ جي جهانگيءَ جي دل کي به اوڏو ئي لوڏيندو.

اها آهي شاعر جي فن جي عظمت، جيڪا سندس انفرادي انداز بيان سان تعلق رکي ٿي. ڪيترائي اهڙا خيال آهن، جيڪي ڪانئس اڳ ٻين شاعرن به بيان ڪيا آهن، پر شاهه صاحب اهي ئي خيال اهڙيءَ ته جدت ۽ انفراديت سان بيان ڪيا آهن، جو بيت براهِ راست هرهڪ جي دل تي اثر ڪري ٿو. مثال طور هيءَ حقيقت ڪيترن ئي شاعرن بيان ڪئي آهي، ته "محبوب مون سان هميشه گڏ آهي." شاهه صاحب جو ڏاڏو شاهه ڪريم اها ڳالهه هن طرح بيان ڪري ٿو؛

پاڻياري سر ڀڃڙو، جر تي پکي جيئن،
اسان سجڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.

شاهه صاحب اهو ساڳيو خيال پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل جي سمجهه آهر جدا جدا تشبيهن ذريعي بيان ڪري، ان ۾ وڌو اثر ۽ ڪشش پيدا

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪئي آهي. انهيءَ حقيقت کي سمجهائڻ لاءِ هڪ مصرع ۾ ڪنڊين مينهن جي پور پوڻ جي تشبيه آندي اٿس؛

"جيئن مينهن ڪنڊين پور، تيئن دوست ورڪر دل سين."

هن مصرع ۾ زنجير جي ڪڙن، جو مثال ڏنو اٿس؛

"ڪڙو منجهه ڪڙيءَ، جيئن لوهار ليهيئون."

ڪاتب جڏهن لا لکندا آهن، ته "ل" ۽ "الف" ملائي ڇڏيندا آهن. شاهه صاحب، مٿين خيال کي ان مثال سان هن طرح بيان ڪيو آهي؛

"ڪاتب لکيو جيئن، لايو لام الف سين."

شاهه ڪريم هڪ خيال پيش ڪيو آهي، ته جنهن کي جنهن جي تات هوندي، ان جي دل ننڊ وقت به ان کي پيئي ياد ڪندي. فرمائي ٿو؛

"جي جاڳندي من ۾، ستي پڻ سيئي."

شاهه صاحب اهو خيال هن طرح بيان ڪيو آهي؛

"سي ستا ئي سرتهين، ننڊ عبادت تن جي."

عالمن ۽ شاعرن هيءَ ڳالهه وقت به وقت پئي بيان ڪئي آهي، ته ذات، ذات تي نه آهي. شاهه لطيف کان اڳ ۾ ٿي گذريل شاعر شاهه لطف الله قادري، اهو خيال هن طرح پيش ڪري ٿو؛

نه عقل نه علم ڪيو، نڪا ذات نه تات،

عالم سڀ عنايت جو، جنهه ڏٺي تنهه ڏات.

اهو خيال شاهه صاحب اهڙي ته اثرائتي انداز ۾ بيان ڪيو آهي، جو ماڻهو پڙهڻ سان بي اختيار ٿيو وڃي؛

لنئي سون لطيف چئي، ڪنا ڏاتر ڏات،

ڪا نه پڇين ذات، جي آيا سي اگهيا.

انهن مثالن مان معلوم ٿيندو، ته شاهه صاحب جي ڪلام ۾ فڪر جي گهرائي به آهي، ته انداز بيان ۾ دلڪشي، اثرانگيزي ۽ انفراديت به آهي. اهوئي سبب آهي، جو شاهه صاحب جو ڪلام پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل، ٻار توڙي ٻڍي کي بي اختيار ڪيو ڇڏي.

يعني شاهه صاحب جي فڪر ۾ گهرائي ۽ بلندي آهي، پختگي ۽

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حقيقت بياني آهي. من جيڪي ڪجهه چيو آهي، ان جو ڪيس پورو پورو يقين آهي. سنڌس فڪر ۾ نه انتشار آهي ۽ نه گندگي آهي. سنڌس انسان ڪامل انهيءَ تهذيب کان وڌ ويجهو هو، جنهن کي گندن خيالن، منتشر فڪر ۽ غير صحتمند نظرين لوڙيو ۽ گندو ڪيو آهي؛

اڇو پاڻي لڙ ٿيو، ڪالوريو ڪنگن،
ايندا لڄ مرن، ٽٽهن سَرُ مٿي هنجڙا!

سنڌس فڪر مادي مسئلن تائين محدود نه آهي. هو انهن کي هيڻاهون سمجهي ٿو، جيڪي زندگيءَ جو مقصد فقط مادي ترقي سمجهن ٿا؛

گندي ۽ گراهه، جنين سانڍيو ساهه سان،
انهي کان الله، اڇا آڳاٽهون ٿيو.

هو زندگيءَ جو مقصد ايڏو نه مٿانهون سمجهي ٿو، جو ظاهري عبادتن کي انجي ابتدائي منزل سمجهي ٿو؛

روزا ۽ نمازون، اي پڻ چڱو ڪم،
او ڪو بيو فهم، جنهن سان پسجي پرين کي.

شاه صاحب چوي ٿو، ته جن مفڪرن زندگيءَ جو اونهو مطالعو ڪري، زندگيءَ جو اصلي ۽ حقيقي مقصد نه سمجهيو آهي، انهن جي فڪر ۾ ڪامليت ڪانهي. اهڙن عالمن ۽ مفڪرن کي انهن انڌن سان تشبيهه ڏني اٿس، جن هاٿيءَ کي هٿ لائي، ان جو هڪ حصو معلوم ڪري، هاٿيءَ جي شڪل ۽ صورت جو پٺي اندازو لڳايو؛

مٿي هاٿيءَ سيه ماٺرو، اچي پيو انڌن؛
منائين هٿن سين، اکين ڪين پسين؛
في الحقيقت فيل کي، سڀا سڃاڻين؛
سنڌي سرداري، بصيرت بينا ڪري.

شاه صاحب چوي ٿو ته انساني ذهن جي ارتقا ضرور ٿي آهي، ۽ ٿئي ٿي. انسان اڻوڄهه مان سڃوڄهه ٿئي ٿو، سنڌس ڪچي ذهن ۾ پختگي اچي ٿي، ۽ ڪا رهنمائي ڪيس رستو ڏيکاري، منزل مقصود تائين پهچائي ٿي. هو سورن ۽ تڪليفن، ڏکن ۽ ڏاکڙن کي راهه ڏيکاريندڙ رهنما

سمجهي ٿو، ۽ ذهني ترقيءَ جو مکيه سبب دليءَ لڳاءُ ۽ محبت جو شديد جذبو سمجهي ٿو؛

رات ڏانئڻ روجهه؛ پاڻ کي اوڏي آئيا؛
پرتي پريهءَ جي، سڪڻ کي سهوجهه؛
هني گهڻو اپوجهه؛ سورڻ سونهائي سسئي.

اهوئي سبب آهي، جو هو ڏکن ۽ سورن کي سڪڻ جي سولهن تصور ڪري ٿو، جاڪاڻ جو انهن کانسواءِ مٿانهين منزل ماڻي ئي نه ٿي سگهجي؛

"ڏک سکن جي سونهن، کهوريا سک ڏکن ري."

شاهه صاحب ان درد مان به لطف حاصل ڪري ٿو ۽ سمجهي ٿو ته حقيقي زندگي انهيءَ ۾ ئي پنهان آهي؛

"سور جنين کي سرتئون، سري تن صحت."

هو چوي ٿو ته ان کي آزار ۽ مصيبت نه سڏ؛

"م چئو آزار ان کي، م ڪي مصيبت."

اهڙيءَ طرح سان جڏهن انسان جي ذهني ۽ روحاني ارتقا ٿئي ٿي، ته پوءِ شاهه صاحب جي نظر ۾ ان جي بلند پروازي ڪٿي به نه ٿي رڪجي، وڌندي ۽ وڌندي وڃي ٿي؛

جتي عرش نه اپ ڪو، زمين ناهه ڏرو
نه ڪو چارو چنڊ جو، نڪو سج سرو
اتي اديسين جو، لڳو دنگ درو
پري پيهه پرو، نات ڏانئون نانهن پر.

سندن فڪر جي بلندي ايڏي ته اتانهين ٿي وڃي ٿي، جو موت جي ماڻ کان مٿانهون ٿي وڃي ٿو؛

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿيا نه مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا.

مطلب ته شاهه صاحب جي ويچار ۽ پيغام ۾ ڪامليت آهي. ان ۾ نه فلسفيانه مونجهارو آهي ۽ نه غير فطري ۽ غير قدرتي ڳالهيون ملن ٿيون. هن انساني زندگيءَ جو مٿانهون مقصد نهايت اثرائتي انداز ۾ سمجهايو آهي. اهوئي سبب آهي جو سندس فڪر ۽ فلسفو پيغام جي حيثيت رکي ٿو. اها آهي شاهه جي عظمت.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهہ رح جي شعر ۾ انساني مزاج ۽ فطرت جي عڪاسي

شاه صاحب نہ فقط فطرت ۽ ڪائنات جي مختلف مظهرن جو مطالعو ڪيو هو، پر انساني مزاج ۽ فطرت جو بہ نهايت اونهو اڀياس ڪيو هو. شاه صاحب جي مشاهدي ۽ مطالعي جي نظر تمام تيز هئي. هن جيڪي ڏٺو وائٺو، انهن واقعن ۽ نظارن جي نهايت پُر اثر ۽ حقيقت پسندانہ نوع ۾ عڪاسي ڪئي اٿس. ان سان گڏ هن انساني طبيعت جا مختلف رخ، جذبا، امنگ، ارمان، عادتون ۽ خصلتون بہ نهايت باريڪ بينيءَ سان ڏيکاريون آهن. انساني مزاج ۽ فطرت جي اڀياس کي لفظن جو سهڻو ويس پهرائي، انهن ڳالهين جي چٽي نموني اپٽار ڪئي اٿس.

شاه صاحب انسان جي بنيادي خوبين، خاصيتن، ڪمين، ڪوتاهين، ڪمزورين، دلچسپين، اميدن، ارمانن، گڻن ۽ اوگڻن جي اهڙي نموني وضاحت سان عڪاسي ڪئي آهي، جو سندس شاعري جي عظمت جي اعتراف ڪرڻ کان دل رهي نہ ٿي سگهي. بي اختيار چوڻو پوي ٿو، تہ شاه صاحب دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي.

شاه صاحب انسان جي مزاج ۽ فطرت جي عڪاسي ڪرڻ سان گڏ انساني اوگڻ لاءِ انسان جي دل ۾ ڌڪار پيدا ڪري ٿو، ۽ گڻن جون خوبيون ذهن نشين ڪرائي، انهن کي اختيار ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. يعني هن انساني فطرت جو صحيح جائزو پيش ڪري، انسان جو رخ بديءَ کان نيڪيءَ ڏانهن موڙيو آهي. شاهہ صاحب انساني فطرت کي نظر انداز نہ ٿو ڪري، پر انساني جذبات ۽ احساسات جو رخ صحتمند نموني موڙي ٿو. جيڪي ڳالهيون انساني مزاج سان وابستہ

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن. اهي بلڪل صحيح نموني واضح ڪري ٿو. اها انساني طبيعت آهي، ته جڏهن انسان ڏک ۾ هوندو آهي، ته منجهس جوش جذبو ۽ ولولو جهڪو ٿي ويندو آهي. انهيءَ ڪري جن ڳالهين تي رواجي حالتن ۾ ڪاوڙ اچي سگهي ٿي، انهن ڳالهين تي ڏک واري ماڻهوءَ کي ڪاوڙ نه ايندي آهي. اها به حقيقت آهي، ته جڏهن بک پوريءَ طرح سان چانئجي ويندي آهي، ته پوءِ انسان جون ٻيون سموريون تقاضائون اهڙيءَ اونهيءَ ٿار ۾ وڃي لڪنديون آهن، جو انهن جو ڪو پتو نه پوندو آهي. اهڙي حالت ۾ جن ڳالهين تي ڪل اچي سگهي ٿي، ڪل نه ايندي آهي. پيٽ بکئي ڪان سواءِ الڳ اگهاڙي لاءِ به خوشيءَ جي موقعي ۾ شريڪ ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. يعني شاديءَ تي وڃڻ جو شوق انهيءَ کي هوندو، جنهن کي سنا ڪپڙا هوندا. انهيءَ ويچاري لاءِ ڪهڙو وهاڻ، جنهن کي ڪپڙو ئي ڪونهي. شاهه صاحب انساني مزاج ۽ فطرت جون اهي ئي اهم ڳالهيون نهايت وضاحت سان، حقيقت پسندانه نوع ۾، ڀرپور نموني ۽ مختصر طرح هن بيت ۾ پيش ڪيون آهن:

ڏکيءَ ڏمر ناهه؛ بکيءَ کل نه اچهي،
اگهاڙيءَ وهاڻ؛ وير ويچاريءَ وسري.

يعني شاهه صاحب انساني جذبن کي نظر انداز نه ٿو ڪري، پر انهن کي حقيقت پسندانه نوع ۾ بيان ڪري ٿو. هو بک جي مسئلي کي ڪچلي نه ٿو، پر ان جي اهميت بيان ڪري، ان جو حل ٻڌائي ٿو. انهيءَ مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ هو ٿر جي مارن جو مثال ڏئي ٿو. هو چوي ٿو، ته جيستائين گهرجن کي محدود نه ڪيو ويندو، تيستائين سکي زندگي گذاري نه سگهبي. هو چوي ٿو، ته ٿر جا ماڻهو انهيءَ ڪري مطمئن زندگي گذارين ٿا، جو هو جيڪي ڪجهه حاصل ڪري سگهن ٿا، انهيءَ تي ارها نه آهن:

ٿوري ٿورت ٿرآريا، رهن سپر سٽ؛
ڪٿيءَ ۾ کهه پکليا، پوڻ اهڙي پٽ؛

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهوار کي پٽ: پيمي پڻ ملير پر،

آئيءِ ۽ چاڙهيءِ، ڏٺ ڏيهاڻي سرمرا؛
سَڌا ڪير سيد چئي، سائون سڪائيءِ؛
منجهان لنب لطيف چئي، چانئر ڪير چاڙهيءِ؛
پلاءُ نہ پاڙيون؛ عمر آراڙيءِ سيءِ.

جيئن تہ هو پنهنجي حال کان آرما نہ آهن، تنهن ڪري منجهن احساس ڪمتري ڪونهي. يعني پنهنجي حال کي ٻي کان گهٽ نہ ٿا سمجهن. احساس ڪمتري نہ هجڻ ڪري، انساني وقار برقرار رکي سگهن ٿا. ۽ پنهنجو اصول ڪنهن حالت پر قربان نہ ٿا ڪن؛

اي نہ مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائي سون تي،
اڇي عمرڪوٽ پر، ڪنديس ڪانہ ڪريت،
پکن جي پريت، ماڙين سيءِ نہ مٽيان.

ڏڪار، بک جي مسئلي کي وڌائي، انسان ذات جي تڪليف جو باعث بڻجي ٿو. انهيءَ ڪري شاه صاحب ڏڪارين کي ننڌي ٿو؛

"ڏڪاريا ڏيهہ مان، مرڌي شال مرن."

ڏڪار جو سبب دراصل اهي واپاري آهن، جيڪي مال ميڙي رکن ٿا، تہ جيئن اڳتي هلي مهانگو ڪري وڪڻن. شاه صاحب فرمائي ٿو، تہ توڙي جو اهي ڏڪاريءِ مال مهانگو ڪري وڪڻڻ لاءِ سٽ سٽين ٿا، تڏهن بہ الله تعاليٰ پنهنجي مهربانيءَ سان رحمت جا ڪڪر وسائي، انهن جو رٿون رد ڪري ڇڏي ٿو، ۽ هو هٿ هڻڻ لڳن ٿا؛

"جن مهانگو ميڙيو، سي ٿا هٿ هڻن."

يعني شاه صاحب چوي ٿو، تہ اهي واپاري ئي ڏڪر ۽ بک جو ڪارڻ آهن، جيڪي هتراڌو مسئلا پيدا ڪن ٿا، ڇاڪاڻ جو مارن وٽ اهو مسئلو ئي ڪونهي. جيئن تہ انهن وٽ بدنيت واپارين وارو واپار ڪونهي، تنهن ڪري انهن وٽ سدائين سڪار آهي؛

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي رهي ريڙهيچن پر، سدائين سڪار؛
چوندير آئير چاڙهين، سندو ڏڙن ڏار؛
جن ريڙهين سي واپار: سي ڏوڙي هون نہ ڏهرا.

غلط قسم جي حڪومت ئي دراصل واپارين کي هٿي ڏيندي آهي، ۽ هو من ماليون ڪندا رهندا آهن. اُدنگا محصول ۽ ڍلن مٿان ڍلون بہ مهانگائيءَ جو باعث ٿينديون آهن، ۽ عوام بہ بي چيني ۽ پريشاني پيدا ٿيندي آهي. شاه صاحب انهيءَ ڳالهہ کي پوريءَ طرح محسوس ڪيو هو. شاه صاحب مارن جو مثال ڏيئي فرمائي ٿو، تہ هو اتي انهيءَ ڪري بلڪل خوشحال آهن، جو اتي اڌنگي حڪومت جون دست درازيون ڪونهن. يعني اتي چند ماڻهو پنهنجي ذاتي فائدي لاءِ عوام کي ايذائين نہ ٿا،

نڪا جهل نہ پل، نڪو راتر راڄ ۾،
آئير وڄهن آهرين، روهڙي رتا گل،
مارو پاڻ امل، مليرون مرڪيون.

غلط قسم جي واپارين ۽ اڌنگي حڪومت کان سواءِ خود عوام بہ هڪ ٻي لاءِ تڪليف جو باعث ٿيندو آهي؛ ڇاڪاڻ جو هرڪو انفرادي طرح سوچيندو آهي ۽ پنهن جي ٿوري فائدي لاءِ ٻي کي وڏي ۾ وڏي نقصان پهچائڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي؛ يعني عوامي ذهن نهايت پست ٿي ويندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ هرڪو چوريءَ يا زوريءَ ٻي جو حق ڦرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. انهيءَ ڪري ماڻهو پنهنجي مال ملڪيت جي بچاءَ ۽ سنڀال لاءِ سوچيندو آهي، ڪوشش وٺندو آهي، ۽ خرچ ڪندو آهي. يعني پست ذهنيت جي ڪري اجايا مسئلا ۽ پريشانيون پيدا ٿي پونديون آهن، ۽ ڪيترو خرچ ڪرڻو پوندو آهي. اها ڳالهہ بہ ٻڪ جي مسئلي کي اجهاڻيندي آهي. شاه صاحب فرمائي ٿو، تہ ٿر ۾ مارو ماڻهو ڏٿ تي گذران ڪن ٿا، ۽ ڏٿ پيدا ڪندڙ وڻ ٻوٽا سڀني جي گڏيل ملڪيت آهن. اهوئي سبب آهي، جو اتي ٻوڪ جي حفاظت ۽ سنڀال جو

www.sindhsalamat.comScanned with CamScanner

سوال ئي ڪونهي، انهيءَ ڪري ماڻهو بناوتي مسئلن کان آجا آهن،

پاڻهين پيچي پيئون، ريءَ واهت ريءَ واڙ؛
جوءِ ڪشادي جيڏيون، ملير مرڪ مهاڙ؛
ات اباڻا جنهين جا سا. ماڙيءَ مور مَ چاڙهه؛
جي اڪنديون آراڙ؛ لوهه تنين کي لاهيو.

يڪ جي مسئلي کان سواءِ انساني فطرت جي ٻين ڪيترن جذبن جو جائزو ملي ٿو. اها انساني فطرت آهي، تہ جنهن ڳالهہ کان کيس کهڻو جهليو آهي، تہ هو زور ڪري ڪندو ئي اها ڳالهہ آهي. حضرت آدم کي روڪيو ويو هو، تہ فلاڻي وڻ جي ويجهو نہ وڃجانءِ، پر سندس فطرت جي تقاضا کيس مجبور ڪيو ۽ ان وڻ جو ميوو کاڌائين. رومانوي داستانن مان بہ معلوم ٿئي ٿو، جيئن جيئن عاشق کي سمجهايو ويندو هو، تہ فلاڻي ماڻهوءَ جي پيچار ڇڏي ڏي، تيئن تيئن سندس دلچسپي وڌندي هئي. شاه صاحب انهيءَ انساني فطري جذبي جي ترجماني نهايت پُراثر نوع ۾ ڪئي آهي. فرمائي ٿو؛

جنن جنن جهلي جڳ؛ تنين تنين تو تاڪيد ٿئي؛
گهريو تو ڳالهيون ڪري، وهسي پٺ وڳ؛
لوڪ لتاڙي تن ۾، پنيءَ لالن لڳ؛
آرياڻي اورڳ، پنهوران پهر ٿي.

جڏهن وڇڙيا دوست گهڻي وقت کان پوءِ ملڻ وارا هوندا آهن، تہ سوچيندا آهن، تہ جڏهن ملياسين، تہ پاڻ ۾ هي ڳالهيون ڪنداسين؛ پر جڏهن ملندا آهن، تہ اهو وسري ويندو اٿن، جيڪو اڳ ۾ سوچيو هئائون. شاه صاحب انهيءَ انساني فطرت کي هن طرح بيان ڪيو آهي؛

چيتاري چونڊياس، ڳالهيون سيوني سڄڻين؛
جه مه مقابل ٿياس، تہ سڀ وڃنم وسري.

اهڙيءَ طرح سان انيڪ انساني جذبا صحيح نموني ۾ پيش ڪيا ويا آهن. ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ هن پاڻ سڃاتو هو. ۽ صحيح نموني

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمجھاتو ھو. ھن نہ فقط انسان جي روحانيت واري جذبي جي وضاحت ڪئي آھي، پر انسان جي مادي ضرورتن جي بہ حقيقت پسندانہ نوع ۾ اپٽار ڪئي آھي. انساني نفسيات کي پوريءَ طرح سان پروڙيو ائس ۽ ان جو صحيح جائزو پيش ڪيو ائس.

انساني فطرت جي تجزيي مان معلوم ٿئي ٿو، تہ انسان ۾ بہ قوتون آھن، جن تي سندس فڪر ۽ عمل جو دارومدار آھي، قوت ادراڪ، قوت احساس. شاعر ۾ قوت احساس غير معمولي ھوندي آھي، انھيءَ ڪري شاعريءَ جو دارومدار قوت احساس تي ھوندو آھي. ڪن ٿورن شاعرن جي شعر ۾ ٻنھي قوتن يعني ادراڪ ۽ قوت احساس جو دخل ھوندو آھي. اھي ئي عظيم شاعر ھوندا آھن، ۽ انھن جو ئي پيغام زمان ۽ مڪان جي پابندين کان آجو ھوندو آھي. شاہ صاحب جي ڪلام تي جيڪو ٿورو بحث مٿي ڪيو، ان مان معلوم ٿيندو، تہ سندس ڪلام ۾ اھي ٻئي ڳالھيون ملن ٿيون، جنھن ڪري سندس ڪلام ۾ فڪر بہ آھي، تہ پيغام بہ آھي، زندگيءَ جي تنقيد بہ آھي، تہ تصوير بہ آھي، دلي جذبات ۽ احساسات جي آئينہ داري بہ آھي، تہ معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي ترجماني بہ آھي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نوجوان ۽ شاهہ

شاهہ صاحب جو پيغام اسان لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو. من جيڪي سوچيو ويچاريو، پرجهيو ۽ پروڙيو، ويچاريو ۽ ورتايو آهي، اهو ويهي بيان ڪيو اٿس. انهيءَ ڪري سندس انداز بيان ۾ خلوص آهي، دياتداري آهي، حقيقت پسندي ۽ صداقت آهي. ان سان گڏ ان ۾ فڪر جي گهرائي آهي، زندگيءَ جي ترجماني آهي، ۽ خيالن جي پاڪيزگي آهي. اعليٰ فڪر جي باوجود ان ۾ ايڏو تاثر آهي، جو ڪهڙي به ذهني معيار جو ماڻهو هوندو، تہ پڙهڻ سان بي اختيار ٿي ويندو. خاص طرح سان نوجوان لاءِ ان ۾ وڏي ڪشش آهي. نوجوان، شاهہ جي فڪر جي روشني ۾ پنهنجو ڪردار سنواري، سڌاري، پنهنجي شخصيت جي تعمير ۽ تطهير ڪري سگهي ٿو.

نوجوان جڏهن عملي زندگيءَ طرف قدم وڌائيندو آهي، تہ سندس ذهن ۾ تازگي ۽ شگفتگي هوندي آهي، ۽ جذبو ۽ ولولو هوندو آهي، ۽ پنهنجي شخصيت کي اڀارڻ جو ارادو هوندو آهي. ان وقت جيڪڏهن سندس صحيح نموني رهنمائي ٿئي، تہ من جي طبيعت ۾ نکار ايندو، ۽ منجهس ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ جو جذبو اڀاگر ٿيندو. اهڙيءَ طرح هو صحتمند معاشري، ۽ دنيا جي امن ۽ سلامتي ۽ وطن جي خدمت ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. پر جيڪڏهن ان کي صحيح رخ نہ مليو تہ وٿواند ٿي ويندو. اهوئي سبب آهي، جو شاهہ صاحب جو نوجوان ان تهذيب کان ونڊ وجي ٿو، جنهن کي گندن خيالن، منتشر فڪر ۽ غير صحتمند نظرين لوڙيو ۽ گندو ڪيو آهي؛

اڄو ٻاٽي لڙ ٿيو، ڪالوريو ڪنگي،
ايندا لڄ مرن: تنهن سڙ مٿي منجڙا.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نوجوان جيڪڏهن چاهي ٿو، ته هو پنهنجي شخصيت کي اجاگر ڪري، ته هو شاهه جو ڪلام پڙهي ۽ ان مان رهنمائي حاصل ڪري. هو جيڪڏهن شاهه صاحب جي ڪلام تي سوچ ۽ ويچار ڪندو ته کيس معلوم ٿيندو، ته شاهه صاحب جي فڪر جو بنياد خود شناسي تي آهي. هو ٻڌائي ٿو:

"پهرين سڃاڻج پاڻ، پڇج پوءِ پرينءَ."

يعني شاهه صاحب جيڪو نظريءِ حيات ڏنو آهي، ان جو اولين اصول پاڻ سڃاڻڻ آهي. هو چوي ٿو، ته جڏهن مون کي عرفان ذات حاصل ٿيو، تڏهن سموريون راهون روشن ٿيون ۽ منزل مقصود تائين پهچڻ ۾ ڪاميابي ٿي:

جو مون پڙهيو پاڻ لئي، سبق سابق جو،
پهرين سڃاتم پاڻهنجي نفس جو نهو،
جت عرفان اصل ۾، تي روحي روز ڪيو،
وري ورق ويو، ڪليم ور وصال جو.

نوجوان جيڪڏهن زندگيءَ جي حقيقت ڄاڻڻ گهرندو، ته شاهه صاحب کيس ٻڌائيندو، ته انسان کي هن غمن ۽ سورن، تڪليفن ۽ آزمائشن جي دنيا ۾ موڪليو ويو آهي، ۽ خالق حقيقي طرفان اهو به چيو ويو آهي، ته انهن تڪليفن ۽ مصيبتن سان منهن ڏيئي، پاڻ کي دنيا جي گندگين ۽ آلودگين کان پاڪ رک،

مون کي مون پرين، ٻڌي وڌو ٻار ۾،
اپا اتي چون، متان پاند پسائيين.

هو اهو به چوي ٿو، جيستائين انسان ڪوشش نه ڪندو، جدوجهد نه ڪندو، تيستائين هو پنهنجي جوهر کي ظاهر ڪري نه سگهندو. اهوئي سبب آهي، جو هو هر گهڙي ۽ هر پل متحرڪ ۽ رهڻ جي تلقين ڪري ٿو:

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تتي ڦٽي ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي،
معان ٿئي"اورتناهه، پير نه لهه پريءَ جو

نوجوان کي شاهه صاحب جي هن هدايت مان سبق حاصل ڪرڻ کپرجي، ۽ سوچ ۽ لوچ سان پنهنجي زندگي سڦلي ۽ سڪارٿي ڪرڻ گهرجي. ٻي بيت ۾ علم ۽ عمل تي زور ڏيندي چوي ٿو:

پڇي سي پسن، جڏهن ڏڌهن پريءَ کي،
ڏوريندين ڏسين، اڳڻ هيبت جا.

نوجوان، انفراديت ۽ آزادي چاهيندو آهي. شاهه صاحب به انسان جي انفراديت، انفرادي خصوصيتن ۽ آزادي جو قائل آهي. البت هو انسان جي انفرادي ڪوشش کي ڇڙواڳ نه ٿو ڇڏي. هن جو خيال آهي، ته ڪن پابندين کان سواءِ آزاديءَ جو تصور ڪري نه ٿو سگهجي. هو ٻڌائي ٿو ته اسان جي ذاتي ۽ اجتماعي ڀلائي انهيءَ ۾ آهي، ته اسان الله تعالىٰ جي مقرر ڪيل حدن اندر پنهنجي زندگي گذاريون، ۽ ترقيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيون:

"ساري سڪ سبق، شريعت سنڌو سرهڻي."

بندگي، انسان جي مزاج ۽ فطرت جو مکيه جز آهي. نوجوان، جيڪڏهن شاهه صاحب جي شعر تي غور ڪندو، ته کيس اها حقيقت به سمجهايل نظر ايندي. شاهه صاحب ٻڌائي ٿو ته انسان ڪنهن بندگيءَ کان آجو ڪونهي. جيڪڏهن انسان هڪ الله جي بندگي نه ڪندو، ته ڪڪ بن، انسان ۽ حيوان جي پوڄا ۾ مبتلا ٿيندو. هو سمجهائي ٿو، ته توحيد جو تصور اسان کي گهڻن خدائن جي پرستش ۽ ذهني قيد ۽ بند کان آجو ڪري ٿو. توحيد جي عقيدي تي ايمان آڻڻ کان پوءِ ئي انساني ذهن ۾ صحيح آزاديءَ جو تصور اڀري ٿو. انساني ارتقا جون راهون روشن ٿين ٿيون، ۽ صحيح معنيٰ ۾ ڪاميابي حاصل ٿئي ٿي:

وحده لاشريڪ له، اي ومائج وڃءِ،
ڪتيءَ تروڙي هارائيو، هنڌ تنهنجو هيءُ،
پاٽا چوندو پيءُ، پري جام جنت جو.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه صاحب، توحيد سان گڏ رسالت جي عقيدي کي بہ ضروري سمجهي ٿو. هو ٻڌائي ٿو، تہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي پيروي ۾ ئي انسان جي فلاح ۽ بهبود ۽ انساني ذهن جي ترقي ۽ آزاديءَ جو راز سمايل آهي:

وحده لاشريڪ لہ، جان تون چئين ايئن،
تان مڃ محمد ڪارڻي، نرتئون منجهان نيهہ،
تان تون وڃي ڪينئي، ناتہ ڪنڌ ٻئي ڪي.

اسلامي تعليم جي حوالي سان شاهه صاحب، محبت، هڪ جهڙائي، سُرت ۽ ساڃاهہ جو سبق ڏنو آهي. هو چوي ٿو، تہ فرق ۽ امتياز، ويڇا ۽ ويڇاندڙ، انسانيت کي پاڳا ڪرڻ جو باعث آهن. ان سلسلي ۾ اسان جي نوجوان کي شاهه صاحب جي هن بيان تي غور ڪرڻ گهرجي:

"جيئن ميٺهن ڪنڌين پور، تيئن دوست وراڪر دل سين"

ڪُڙو منجهہ ڪڙي، جيئن لوهار لپيٽيو،
منهنجو جيءُ جڙي؛ سپيريان سرگهو ڪيو.

ڪاتب لکيو جيئن، لايو لام الف سين،
اسان سڄڻ تيئن؛ رهيو آهي روح ۾.

مطلب تہ شاهه صاحب جي ويچار ۽ پيغام ۾ انساني حقيقت جٽي طرح بيان ڪيل آهي. ان ۾ نہ غير فطري ۽ غير قدرتي ڳالهيون ملن ٿيون ۽ نہ ان ۾ فلسفانہ موڙجهارو آهي. هن انساني زندگيءَ جو مٿانهون مقصد نهايت اثرائتي انداز ۾ سمجهايو آهي. شاهه صاحب ٻڌايو آهي تہ، زندگي هڪ موقعو آهي، ۽ اها انهيءَ لاءِ آهي تہ انسان پنهنجو پاڻ کي سنواري، اجرو ڪري. سندس نظر ۾ انهيءَ اجارڻ جو رستو اهو آهي، تہ انسان خود پرستي ختم ڪري، ۽ هوس ۽ نفساني خواهشن تي قابض ٿئي. ڇاڪاڻ جو اهي خواهشون ۽ سڌون انسان کي صراط المستقيم تان هٽائي ڇڏين ٿيون. نوجوان کي جڳائي، تہ هو شاهه صاحب جي ان پيغام موجب زندگي گذاري.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رسالي جي ڪهاڻين جو فڪري ۽ فني جائزو

باڪمال شاعر ۽ اديب، ڪنهن ادبي ۽ فڪري شاهڪار تخليق ڪرڻ وقت تمثيلن ۽ علامتن، تشبيهن ۽ اشارن کان ڪم وٺندا آهن، ته جيئن دلڪشي ۽ تاثير به پيدا ٿئي، ته پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جي ذهن ۾ هلچل به پيدا ٿئي. دنيا جي سمورن غير فاني شاعر جو شعر تمثيلي آکاڻين، اتو ڪين علامتن ۽ ماحول مان ورتل تشبيهن جي تاڃي پيٽي ۾ اڻيل آهي.

تمثيل لاءِ آکاڻيون انهيءَ لاءِ به استعمال ڪيون وينديون آهن، ته جيئن مطلب وڌيڪ واضح ٿئي، ۽ حقيقت پوريءَ طرح ذهن نشين ٿئي. دنيا جي شاعرن توڙي مفڪرن پنهنجي مقصد جي اظهار لاءِ يا ته پنهنجون آکاڻيون جوڙيون آهن، يا وري روايتي آکاڻين کي استعمال ڪيو آهي. مولانا روم، پنهنجي مقصد بيان ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي ڪهاڻيون جڙتو آڻي ٿو، جن مان ڪيتريون ته غير فطري معلوم ٿين ٿيون. جامي وري روايتي ۽ تاريخي ڪهاڻين ۾ پنهنجو رنگ پيدا ڪري ٿو. مفڪرن ۾ ابن طفيل اندلسي پنهنجي ڪتاب "جيئرو پٽ جاڳندو" ۾ پنهنجي جوڙيل آکاڻي ذريعي پنهنجو مقصد بيان ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح انگريزي اديب ۽ مفڪر "ڪارلائل" به پنهنجي مدعا بيان ڪرڻ لاءِ هڪ مقصدي ڪهاڻي بيان ڪري ٿو، جيڪا غير قدرتي معلوم ٿئي ٿي.

مطلب ته آکاڻيءَ کي تمثيل طور آڻڻ، عالمي ادب جو هڪ بنيادي قدر آهي ۽ هر شاعر ڪنهن نه ڪنهن نموني ان جو پابند رهيو آهي. اسان جي شاعر شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو شعر به آکاڻين ۾ اڻيل آهي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاه صاحب جي شعر جي فني ۽ فڪري تجزيو ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿيندو. تہ شاه صاحب جي رسالي ۾ آيل آکاڻين جو انداز هن نموني جو آهي؛

١. ڪن شاعرن ۽ مفڪرن، مفصل ۽ مڪمل ڪهاڻيون بيان ڪيون آهن، جن مان سندن اصل مقصد نروار ٿئي ٿو. ڪن وري مڪمل ڪهاڻيون بيان ڪرڻ کان پوءِ آخر ۾ انهن مان نڪتا ڪڍي نروار ڪيا آهن. اهو نمونو مثنوي مولانا روم ۾ ملندو.

شاه لطيف جو طريقو منفرد ۽ مختلف آهي. هو مڪمل ۽ مفصل ڪهاڻي بيان نہ ٿو ڪري، پر آکاڻين جي ستا ۽ ڪردارن ڪي اشاري طور آڻي، پنهنجي مقصد کي ظاهر ڪري ٿو. هو چڻ قاريءَ کي ڪهاڻين جون مختلف ڳالهيون ياد ڏياري، پنهنجي مقصد ڏانهن وٺي وڃي ٿو.

٢. شاه لطيف جي رسالي ۾ آيل ڪهاڻيون، شاه صاحب جون پنهنجون جوڙيل نہ آهن، پر اهي ڪهاڻيون اڳي ئي سنڌ ۾ مشهور ۽ مقبول هيون، ۽ سنڌين جي انهن سان بيحد دلچسپي هئي. نہ فقط ايترو، پر انهن آکاڻين کي تاريخي ۽ ثقافتي حيثيت حاصل آهي، جنهن تي اڳتي هلي تفصيل سان بحث ڪيو ويندو.

٣. شاه صاحب پنهنجا جذبات، احساس ۽ مقصد ڪهاڻين جي ڪردارن جي واتان بيان ڪيو آهي، ۽ جيڪا تمثيل رکي اٿس، ان کي ڪيترن هنڌن تي واضح بہ ڪيو اٿس. مثال طور "سرمارئي" ۾ مارو، تر، پرينءَ سان لاڳون لهڻ جون تمثيلون آيون آهن. هن بيت ۾ واضح ڪيو اٿس، تہ پرينءَ يا "مارو" مان سندس مطلب آهي، خالق ڪائنات، ۽ پرينءَ سان لاڳون لهڻ مان سندس مراد آهي، الست جو عهد؛

چري چڻڪي چت ۾، وساريان ڪيئن وري؛
ڪنا عهد الست جي، ڪر تهاڙوءِ پري؛
لم يلد ولم يولد، مارئي ڪوه ڪري؛
اڄ ڪ ڪال مري، ساري سانيڙن کي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”سسئي پنهون“ جي سلسلي ۾ ”سر ديسي“ ۾ هيٺين بيت ۾ ”پنهون“ لاءِ ”رفيع الدرجات“ جو لفظ آڻي، ”پنهون“ جي علامت کي واضح ڪيو اٿس، جنهن مان سندس مطلب آهي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم:

ڪيچي ڪال ڪهي ويا، اديون آڌي رات؛
جاڳان تان جيڪس ٿئو، وهائي پريات؛
قرڙائو فقير کي، ڏنو جنهن ذات؛
رفيع الدرجات، پرمل پنهون ميڙيو.

”سر ڪاموڏ“ ۾ ”نوري ڄام تماچي“ جو رومانوي داستان آهي. ان ۾ ”نوري“ ۽ ”ڄام تماچي“ جون علامتون آهن. ”نوري“ نياز ۽ نئڙت جي نشاني آهي، ۽ ڄام تماچي ”نوازيندڙ“ ۽ ”پال پالاڻيندڙ“ جي تمثيل ۾ آندو ويو آهي. هيٺين بيت ۾ ”لم يلد ولم يولد“ آڻي، ”ڄام تماچي“ جي ڪردار کي نروار ڪيو ويو آهي. ان مان بخوبي معلوم ٿئي ٿو، ته ”نوري“ مان سندس مطلب آهي، ”پاڻهو“ ۽ ”ڄام تماچي“ مان سندس مراد آهي، ”سندس رب“:

نئي وڏي گنڊري، سپي آهه سياءُ؛
لم يلد ولم يولد، اي نجابت نياءُ؛
ڪبر ۽ ڪبرياءُ، تخت تماچي ڄام جو.

۴. ڪهاڻين جي سورمين جي مزاج، فطرت ۽ عمل جي ترجماني به ڪئي اٿس، ته انهن جي ڪردار تي ڀرپور تنقيد به ڪئي اٿس، جيئن سهڻيءَ لاءِ چوي ٿو:

ڏينهان گهاريندي ڏم سان، راتيان ساڻ ميهار؛
ورتائين ٻه يار، تيلانهين ٻڏي سهڻي.

سسئيءَ کي ميار ڏيندي چوي ٿو:

ليل ڌ جاڳين لک سين، ستئين رات سڄي،
هتان هر ڪاڻين جن، ويئين خزينون کڻي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوريا ئون نہ پچي، سبب ڪه ساڻي مڙيئي.

سومل، پنهنجي ڪوتاهين جو اعتـراف ڪندي چوي ٿي، تہ مـون جهڙي غلطيون ڪيون، اهي ٿي متهنجي آڏو آيون:

ڪڍي ساگاهيم سهڻيا جاڙون ڪيم جال،
سروا مون ڪي ڪال؛ موٽي مه پر آئيون.

لالچ ۽ لوڀ، حرص ۽ هوس، دنيا پرستي ۽ جاه طلبي، انسان کي اعليٰ مقصد ۽ خدا جي واٽ تان ثيڙي ڇڏين ٿا. شاه صاحب انهيءَ مقصد جي نسبت سان ليلا کي سندس ڪوتاهي ياد ڏياريندي چوي ٿو:

مـٺي تي مرمجي، هاريا ڳيڙه هار؛
ڪرڙين ڪنا ڪيرا، انهي خر خرار؛
پري وٺو پتار؛ آيه ڏنه ڏهاڳ جي.

شـاهه صـاحب چوي ٿـو، تہ دانـائي تي غرور ڪرڻ بہ انسـان لاءِ هاڃيڪار آهي. ليلا انهيءَ حقيقت جو اعتراف ڪندي چوي ٿي:

ڏاهي هيس ڏيهه ۾، سرتيون منجهه سجاڻ،
ڪا جا پيم ڪاڻ؛ جه جه مڻاتهون نہ ڪئان.

هـ شاهه صاحب ڪهاڻين جي تمثيل ۾ ۽ سورمين جي زباني زندگيءَ جو اعليٰ فـڪـر، ۽ خود شـناسـي ۽ خدا شناسيءَ جو درس ڏنو آهي. حقيقت اها آهي، تہ قديم زماني کان انسان پنهنجي ذات ۽ ڪائنات جي رنگارنگيءَ تي سوچيندو رهيو آهي. پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ۽ پنهنجي اندر جي اونهـاين تي سـوچ ۽ ويچار ڪرڻ، صـوفين ۽ فـيلسـوفن جو مک مضـمـون رهيو آهي. مـسـلـمـان صوفي بزرگن، انهيءَ مسئلي کي قرآني تعليمات جي روشنيءَ ۾ سمجهايو آهي. قرآن حڪيم ۾ آيو آهي:

ولقد خلقنا الانسـان ونعلم ماتوسـوس به نفسـه ونحن اقرب اليه من حبل الوريد (ق ـ ١٦)

(۽ بيشـڪ ماڻهوءَ کي پيدا ڪيوسين ۽ سندن نفس ڪيس جيڪو وسوسو وجهندو آهي، سو ڄاڻندا آهيون، ۽ اسين ڏانهس (سندس) ساهه

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي رڳ ڪان به وڌيڪ ويجها آهيون.)

صوفي بزرگن انهيءَ آيت جي روشني ۾ پاڻ سڃاڻڻ تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي، ۽ انهيءَ آيت جو پويون حصو شاهديءَ طور آڻي، انسان جو ڌيان ڇڪايو آهي. شاهه صاحب سنڌيءَ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو،

وجهه چئو وٺڪار، هت نه ڳوليءِ هرت کي!
لڪو ڪين لطيف چي، پاروچو ئي پار،
آئي سسئي، پڌ سترو، پرت پنهنجي سڃ پار،
نايو نينهن نهار، تن ۾ ڏيرو دوست جو.

شاه صاحب منطقي انداز ۾ پنهنجي ذات ۽ معرفت حقيقي جو تجزيو ڪندي چوي ٿو، ته مشاهدو ۽ مطالعو ٻڌائي ٿو، ته ذات حقيقي جو جلوو انسان جي اندر ۾ جاري ۽ ساري آهي. انهيءَ ڪري پنهنجو پاڻ فنا ڪري ڇڏيو، ته فقط اها ذات حقيقي قائم ۽ دائم رهندي. ان ڪان پوءِ جيئن ته هو پاڻ رهندو ئي ڪونه، ته فقط ذات مطلق جو جلوو جاري ۽ ساري نظر ايندو. شاه صاحب اها حقيقت سسئيءَ جي زباني هن طرح بيان ڪئي آهي،

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
نه ڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچي ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

شاه صاحب جي نظر ۾ ڪائنات جي ڪثرت جون رنگينيون الله تعاليٰ جي صفتن ۽ اسمن جا مظهر آهن. الله تعاليٰ ظاهر ڪرڻ وارو آهي ۽ ڪائنات، مظهر آهي. هن پنهنجي صفتن ۽ اسمن کي هن ڪائنات جي ظهور سان ظاهر فرمايو آهي. شاه صاحب سسئيءَ جي واتان اها حقيقت هن طرح آشڪار ڪئي آهي،

ووڙيم سڀ وڻن، يار ڪارڻ جت جي،
والله بڪل شيءِ محيط، اِي آريائي اهڃاڻ،
سڀ ۾ پنهون پاڻ، ڪيني ٻئي پرچ ري.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهيءَ حقيقت کي هٿ ڪرڻ لاءِ صوفي بزرگن فنا ۽ بقا جو مسئلو سمجهايو آهي. شاهه صاحب پنهنجي مخصوص انداز ۾ هن مسئلي کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس مقصد آهي، ته سالڪ پنهنجي نسبت بلڪل سلب ڪري ڇڏي، ۽ فقط حق تعاليٰ جو وجود پنهنجي ظهور ۾ ثابت ڪري، نه فقط ايترو، پر هو پنهنجو ظهور ئي ذات مطلق جو ظهور سمجهي. شاهه صاحب، قرآن شريف جي آيت جي شاهديءَ سان اها حقيقت سمجهائيندي، سسئيءَ کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

ميڪر هئن ڇڏ، ته اوڏي ٿيئي عجيب کي،
مارأيت شيأ ورأيت الله، تيئي اجها اوڏاهين آڏ،
ته هوت ترهين ڪان هڏ، پرين پاسي نه ٿئي.

شاهه صاحب جي نظر ۾ ذات باري تعاليٰ جي دربار ۾ عجز ۽ انڪساريءَ سان ئي فنا جي تڪميل ٿئي ٿي. صوفي بزرگن ٻڌايو آهي، ته جيڪو فنا جي درجي تي پهتو، جنهن عبديت جي مقام کي سڃاتو، جيڪو عاجزيءَ ۽ انڪساريءَ جي رستي تي هليو، اهو جڏهن روئي ٿو، ته حق تعاليٰ سندس ڳوڙها اگهي ٿو، اهو جيڪڏهن ڪِري ٿو، ته حق تعاليٰ کيس سهارو ڏئي ٿو، هو الله تعاليٰ جي آڏو پاڻ کي ذليل سمجهي ٿو، ته خالق ڪائنات کيس عزت جي خلعت پهرائي ٿو، هو فنا ٿئي ٿو، ته حق تعاليٰ کيس بقا جو درجو ڏئي ٿو. شاهه صاحب اها معرفت سمجهائيندي ليلا کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

سيئي سهاڳڻيون، سيئي ڳجهيءَ هار؛
پسڻ ڪارڻ پريءَ جي، سهسين ڪن سينگار؛
ويل تنهين جي وار، هيناهين هلي جي.

فنا جي منزل ماڻڻ لاءِ سالڪ کي سختيون سهڻيون پون ٿيون، ۽ ڪيترين ئي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. هونئن به زندگي ڏکن ۽ سکن جو گڏيل نالو آهي. ڏکن ۽ سکن جون سرحدون مليون پيون

آهن. شاهه صاحب جي نظر ۾ سچو سالڪ اهو آهي، جيڪو درد مان به لذت حاصل ڪري ٿو، ۽ سمجهي ٿو، ته حقيقي زندگي، ڏکن ۽ ڏوجهرن ۾ پنهان آهي. يعني شاهه صاحب جي نظر ۾ ڏک سکن جي سونهن آهي. عربي شاعر ابوالعلا المعري (وفات ١٠٥٧ ع) پنهنجي هڪ شعر ۾ چيو آهي:

"اسان مصيبت سهون ٿا، ڇو؟ ان لاءِ ته اسان چاهيون ٿا ۽ اهو اسان جو چاهڻ ئي اسان جو سمورو علم آهي. جيڪڏهن اسان درد جي لوس پهاڙن کي بي پرواهيءَ سان هٽائڻ جي ڪوشش ڪنداسون، ته پوءِ محبت ۽ همت جا گنبذ ڪري پوندا."

شاهه صاحب، سسئيءَ جي ڪاميابيءَ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو، ته ڏکن، ڏولاڻن ۽ ڏوجهرن مان ڪيس پرينءَ جو پرو پيو، ۽ سورن ئي سونهائي ڪئي، جو کيس وَرَ جو وصال حاصل ٿيو:

ڏيکاريس ڏکن، گندر گس پرين جو،
سنهائي سورن، ڪي هيڪاندي هوت سين.

خود سسئي انهيءَ حقيقت جو اظهار ڪندي چوي ٿي، ته جڏهن سُوَنِ سکن جي بدلي، ورهه جو وکر وهايم، تڏهن ئي پرينءَ جو پرو پيو:

سڙ سکن ڏيئي، ورهه وهاتم هيڪڙو،
مون کي نه نيئي، پير ڏيکاريو پريءَ جو.

اهڙيءَ طرح شاهه عرفان ۽ ايقان جا نڪتا. زندگيءَ جون اعليٰ حقيقتون، فلسفي ۽ فڪر جا اسرار و رموز ڪهاڻين جي ڪردار جي ذريعي بيان ڪيا آهن.

٦. ڪهاڻين جو پس منظر بيان ڪندي، شاهه صاحب سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن، ثقافت ۽ مزاج، جغرافيائي حالتن ۽ تاريخي اهڃاڻن جو ذڪر به نهايت خوبيءَ سان ڪيو آهي. "عمر مارئي" جي داستان ذريعي ٿر جي رهاڪن جي رهڻي ڪهڻيءَ جي ترجماني ڪئي اٿس، ۽ ماڻهن

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي مزاج ۽ فطرت جي عڪاسي ڪئي آهي. پنهنجي مارن جي اعليٰ روايتن جو ذڪر ڪندي، مارئي چوي ٿي؛

اي نہ مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائي سون تي،
اچي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانہ ڪريت؛
پکن جي پريت، ماڙين سين نہ مٽيان.

پنهنجي وطن ڇانئين جون خوبيون ۽ خصوصيتون بيان ڪندي چوي ٿو؛

ور سي وطن ڇانئيون، صحرا ستر جن؛
ڳرلاڙا ۽ ڳگريون، اوچڻ اباڻن؛
ويڙهيا ڳهن وليون، جهانگي منجهہ جهنگن؛
مون کي مارو تن، سڄ ڳنڍائي سيج ۾.

پنهنجي وطن وارن جي رهڻي ڪهڻيءَ جو ذڪر ڪندي، مارئي عمر کي مخاطب ٿي چوي ٿي؛

آئون ۽ ڇاڙهون، ڏٺ ڏهاڙي سومرا؛
ستا ڪنو سيد چي، سانون سڪايون؛
منجها لب لطيف چي، ڇانئر ڪنو ڇاڙهون؛
پلاءُ نہ پاڙيون، عمر آرازي سين.

هو انهيءَ سادگيءَ ۾ بہ انتها خوش آهن، ڇاڪاڻ جو هو حرص ۽ هوس جو شڪار نہ آهن. مارئي عمر کي مخاطب ٿي چوي ٿي؛

توري قوت قرارنا، رهي سير ست،
ڪٽي ۾ کہ پکلنا، پوئي اهڙي پت،
پنهوارکي پت، پيهي پچ ملير ۾.

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ذات اقدس جي طفيل غريب ۽ مسڪين ماڻهن جو مان مٿانهون ٿيو، ۽ امير غريب جا ويڇا ختم ٿي ويا. ٻانڌ سڳورن اپرن، اسونهن ۽ اڄاڻن کي پنهنجو ڪيو ۽ انهن کي صحيح رستي سان لاتو. شاهہ صاحب انهيءَ حقيقت کي نوري ڄام تماچي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ڪهاڻي جي حوالي سان هن طرح بيان ڪيو آهي. هن بيت مان سنڌ جي مهاڻن جي رهڻي ڪهڻي جي جٽي عڪاسي ٿئي ٿي:

چاريون، ڪاريون، چڃ، ڇهيون، جن جي محبت مڇي سان،
رهي، وهي سر پاڻڌيين، سيڻي بديوء هاڻ،
لٽڙن جني لطيف چئي، پاڻي رڃهين پاڻ،
تن ملاحن مان، سمي سر ڪنئر پاڇي.

اهڙي طرح شاه صاحب سنڌ جي ثقافت جي ترجماني به ڪئي آهي، ته اعليٰ فڪر، زندگيءَ جي حقيقت ۽ مقصد به ذهن نشين ڪرايو آهي.

سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي ترجماني ڪندي شاه صاحب جتي سنڌ جي سادي ۽ سماجي عوام جي ترجماني ڪئي آهي، ته سنڌ جي اميرن ۽ خوشحال ماڻهن جي هلت چلت جو به بيان آندو اٿس. "سر مومل راڻو" ۾ سنڌ جي سدا ملوڪ سوڍن جي سونهن، سوڀيا ۽ سينگار جي ساراهه هن طرح ڪئي اٿس:

جهڙا پاڻ پِيءِ، تهڙيون ساڻين مٿي ساٿيون؛
عطر ۽ عنبير سين، تازا ڪياتون تي؛
مڙهيا گهڻر مشڪ سين، چوٽا سان چندن،
سُنهن ريي سرن سين، سندا ڪامڻ ڪن؛
ڪيائين لال لطيف چئي، وڏا ويس ورن؛
منجهه مرڪنس مِيءِ سوڍي سين سڳَ ٿئو.

سر "ڪاموڏ" ۾ "نوري ڄام تماچي" جي رومانوي داستان ڏانهن اشارو آهي. ان ۾ سنڌ جي مهاڻن جي رهڻي ڪهڻي به ڏيکاريل آهي.

"سر سامونڊي" ۾ انهن سنڌي عورتن جي ڪيفيت بيان ڪيل آهي، جن جا ور، واپار جي سانگي سفر تي اسهندا هئا. ۽ اڻانگي سامونڊي سفر ۾ ڏاڍا ڏينهن لڳائيندا هئا. هيٺين بيت ۾ اهڙي وڇاري جي زال جي انتظار ۽ اوسيڙي جي ڪيفيت بيان ڪيل آهي:

تن جنين جي تانگ، سي سجڻ سفر هليا؛

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لنڄ لات، لطيف چئي، ڪلهه اينديم ڪانگ؛
ڪه سڻائي سانگ، پرين پرڏيهي ڪنا.

٧. شاهه جي آکاڻين ۾ جيڪو اثر ۽ اعليٰ فڪر نظر اچي ٿو، اهو صرف شاهه صاحب جي فن جي ڪمال جي ڪري آهي. "سهڻي ميهار" جي آکاڻي ۾ جيڪڏهن "سهڻي" جي ڪردار جو تجزيو ڪيو ويندو، ته اهو اسان کي ناگوار لڳندو، پر جڏهن شاهه صاحب "سهڻيءَ" کي تمثيل طور آڻي ٿو، ته سهڻيءَ جو ڪردار اتم ۽ اعليٰ ٿيو پوي؛ ۽ همت، جرئت ۽ قربانيءَ جي بيمثل علامت بڻجيو پوي؛

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، الاهي تهار،
جنگهه جرڪي وات ۾، سسي کي سيسار،
چوڙا پيڙا چڪ ۾، لڱ ۾ لڙيس وار،
لکين ڇهتيس لوهڻين، ٿيلهيون ترندون ڏار،
مڙيا مڇ هزار، پاڳا پيندي سوهڻي.

"عمر مارئي" جي آکاڻي ۾، مارئي مک ڪردار آهي، جيڪا ٿر جي رهواسي آهي، جتي ڏٿ ۽ ڦوڳ تي مارن جو گذر ٿئي ٿو. مارئي، عمر جي لذيذ طعامن، اوچن ڪپڙن ۽ عاليشان محلن ۽ ماڙين تي ٿر جي ڏٿ، لاک - رتي، لوئي ۽ پنهوارن جي پکن کي ترجيح ڏئي ٿي؛ ۽ عمر جي سمورين آڇن کي رد ڪري ڇڏي ٿي. هوڏانهن "نوري ڄام تماچي" ۾ "نوري" مک ڪردار آهي، جيڪا ڪينجهر جي مهاڻي آهي. مهاڻن جو مڇي سان واهپو آهي، ۽ ڪُنُ ۽ ڪوليون سندن قوت آهي. يعني "نوري" جي ماڻٽن جي به ساڳي ئي نموني سادي زندگي آهي، جهڙي مارئيءَ جي ماڻٽن "مارن" جي. پر "نوري"، مارئيءَ جي ڪردار جي ابتڙ هڪ بادشاهه جي آڇ کي قبول ڪري ٿي ۽ نوريءَ جا ماڻٽ بادشاهه جي نوازش تي بيحد خوش ٿين ٿا. ۽ سندن حالت ئي بدلجي وڃي ٿي. ظاهري طرح ٻنهي آکاڻين جي ڪردارن ۾ اصولي تضاد آهي. پر شاهه صاحب جڏهن پنهنجي فن جي ذريعي ٻنهي ڪهاڻين جي ڪردارن جي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عڪاسي ڪري ٿو، تہ پنهي آکاڻين جا ڪردار عظيم نظر اچن ٿا.

"نوري" نهٺائيءَ جي علامت بڻجي پيئي آهي، تہ "مارئي" حب الوطني جو اڻ مٽ اهڃاڻ، اهو شاهہ صاحب جي فن جو ڪمال آهي. "نوري" جي "واڻان" سندس نياز ۽ نهٺائي هن طرح بيان ڪيل آهي:

ترن سمين، آءٌ گندري، سرن ۾ عيبہ لک؛
هن منهنجي حال جي، ترڪي سڀ پرڪ؛
ڪانَ رب الک، متان ماڳر مٺيو.

"نوري" جي ڪردار جي ضد ۾ "سمين" ۽ "سومرين" جو غرور ۽ تڪبر ڏيکاري، نوريءَ جي ڪردار کي نهايت مثالي ۽ ڪامياب ڏيکاريو ويو آهي:

ڪِرِ سميون، ڀِي سومريون جي اچي اوڏهي ڳالهہ؛
ته سي ڪيئهو چائيون، جي ڦاچيءَ جي ذات؛
راتي ملا رات، مانڪ مَ پرائيو.

نوري جي نياز ۽ نهٺائيءَ جي ڪري، مهاڻن ۾ مان لڌو؛

چارا ۽ ڪارا، مال جنهن جو مڪڙيون؛
ڦاچيءَ جي تکيي، اچي سارا؛
مِي ميجي مارا؛ سمي سي سيڻ ڪيا.

"نوري" جي ڪردار جي مقابلي ۾ مارئي، پنهنجي مارن وٽ رهڻ پسند ڪري ٿي، ۽ وطن جي شين لاءِ اڪير ڏيکاري ٿي:

تي ساڙهيون سڌ مران، ڏنگا جنهن ڏار؛
پڻي سان پتار، پاٽر پيرون چرنديان.

نوريءَ جا مائٽ، ڄام تماچيءَ جي طفيل خوشحال ٿي وڃن ٿا. پر مارئيءَ جا مائٽ "سون" تي سيڻ ڪونہ ٿا مٽائين؛

"آءُ نہ مارن ريت جئي سيڻ مٽائي سون تي."

انهيءَ تضاد هوندي بہ شاهہ جي فن جي ڪمال سبب پنهي ڪهاڻين جا ڪردار عظيم نظر اچن ٿا.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تاريخي حيثيت:

شاهه جو شعر جن ڪهاڻين جي تاڃي پيٽي ۾ اڻيل آهي، اهي ڪي فرضي يا جڙتو ڪهاڻيون نہ آهن، پر انهن ڪهاڻين کي تاريخي حيثيت حاصل آهي. اهي ڪهاڻيون قديم زماني کان سنڌي ثقافت جو جز رهيون آهن ۽ عوام جي انهن سان بيحد دلچسپي رهي آهي. اهوئي سبب آهي، جو شاهه صاحب پنهنجي پيغام لاءِ انهن کي منتخب ڪيو آهي، تہ جيئن پنهنجو مقصد ۽ مفهوم پوريءَ طرح ذهن نشين ڪرائي سگهجي. شاهه صاحب اشارتي انداز ۾ انهيءَ ڪري اختيار ڪيو آهي، جو ڪيس خبر هئي، تہ انهن ڪهاڻين جي سٽا ۽ ساخت کان سمورا سنڌي باخبر آهن.

اها هڪ مڃيل ڳالهہ آهي، تہ شاهه جي رسالي سان تعلق رکندڙ سموريون ڪهاڻيون سنڌ جي تاريخي واقعن سان وابستہ آهن ۽ انهن جي تاريخي حيثيت ثابت ٿيل آهي. انهن ڪهاڻين مان "سسئي ۽ پنهون"، "سورٺ ۽ راءِ ڏياچ"، "مومل راڻو"، "عمر مارئي"، "ليلا چنيسر"، "سهڻي ميهار" ۽ "موڙي ۽ مڇ" جو قصو، سومرن جي دور جا داستان آهن. محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" (ص ۵۷ ۽ ۵۸) ۾ لکيو آهي:

"انهن قصن ۾ غالباً اوائلي قصو "سسئي پنهون" جو آهي، جنهن جو بنياد سنڌ ۽ بلوچستان جي وچ ۾، قافلن ذريعي واپار واري ماحول تي ٻڌل آهي. اهو واپار عربن جي ٻنايل انهيءَ خشڪي شاهراهہ سان هلندو هو، جيڪا لس ٻيلي، ڪيچ مڪران، ڪرامان ۽ اهواز کان ويندي عراق تائين جاري هئي. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو، تہ اهو قصو عربن جي دور جي بلڪل آخر يا ڪجهہ پوءِ جو آهي. ڀنڀور وٽان درياءُ پڻ انهيءَ اڳاٽي دور ۾ وهندڙ ..."

تاريخي آثارن مان هو بہ معلوم ٿيو آهي، تہ ان زماني ۾ ڀنڀور وڏو عاليشان شهر هو، ۽ واپار جو وڏو مرڪز هو. اهي ڳالهيون ۽ اهڃاڻ "سسئي پنهون" جي تاريخي حيثيت کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"مورڙي ۽ مڇ" جي قصي بابت محترم ڊاڪٽر بلوچ لکيو آهي:

"مورڙي ۽ مڇ جو قصو پڻ عربن جي حڪومت جي زوال ۽ سومرن جي بلڪل اوائلي دور جو آهي، ڇاڪاڻ ته هن قصي جو مرڪز "سون مياڻي" ۽ "ڪلاچي" (ڪراچي) وارو ساموندي ڪنارو آهي، جو سنڌ ۽ عراق واري شاهراه تي واقع آهي." (ص ٥٩).

اهڙيءَ طرح "سورٺ ۽ راءِ ڏياچ"، "عمر مارئي"، "مومل رائو"، "سهڻي ميهار" ۽ "ليلا چنيسر" جي تاريخي حيثيت به محققن جهڙوڪ آنجهاني ڊاڪٽر گربخشاڻي، سر ڳواسي ڇيتمل پرسرام ۽ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ثابت ڪئي آهي. "نوري ڄام تماچي" وارو داستان سمن جي دور سان تعلق رکي ٿو ۽ سمن جي هڪ پادشاهه ڄام تماچي سان وابسته آهي.

ڪينجهر ڍنڍ جا آثار به سلامت آهن. انهيءَ ڪري هن داستان جي تاريخي حيثيت به ثابت آهي. هي داستان جيئن ته تاريخي حيثيت رکن ٿا، انهيءَ ڪري سنڌي ثقافت کي سمجهڻ جو وڏو ذريعو آهن. هنن داستانن مان اسان کي سنڌي ثقافت ۽ مزاج متعلق هيٺيون ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون:

١. سنڌين کي پنهنجي وطن لاءِ بي پناهه محبت آهي، ۽ هنن کي پنهنجي وطن جي هر شيءِ سان اٿاهه پيار آهي.

٢. سنڌين جي مزاج ۾ خودداري، سادگي، سپاجهائي، قرب ۽ خلوص، نهٺائي ۽ نماڻائي سمايل آهي. هو قرب ۽ خلوص اڳيان ته ڪنڌ نوائڻ لاءِ تيار آهن، پر لالچ ۽ طاقت اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ سندن فطرت جي خلاف آهي. هو احساس ڪمتريءَ جو شڪار به ڪونه ٿا ٿين.

٣. سنڌي عورت کي پنهنجي ور سان بي پناهه پيار آهي، ۽ هوءَ ان سان هر حالت ۾ وفادار رهي ٿي. جيڪڏهن ڪانئس ڪا غلطي ۽ غفلت ٿئي ٿي، ته ان تي پشيمان ٿئي ٿي، ۽ پنهنجي ور کي حاصل ڪرڻ يا راضي ڪرڻ لاءِ هر قسم جا حيلا هلائي ٿي. آخر انهيءَ ڪوشش ۾

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجو پاڻ قربان ڪري ڇڏي ٿي.

۴. بهادري ۽ تيزاڪي سنڌين جو وڙ آهي. هن کي سونهن ۽ سڳنڌ سان دلي لڳاءُ آهي.

۵. سنڌ جي عوام جي رهڻي ڪهڻي سادي آهي، پر امير طبقي جي هلت چلت ۾ تصنع ۽ تڪلف آهي.

سنڌ جا اهي رومانوي داستان جيئن ته سنڌي تاريخ ۽ ثقافت جا اڻ مٽ اهڃاڻ آهن. انهيءَ ڪري قديم زماني کان سنڌ جي شاعرن پنهنجي شعر ۾ انهن آکاڻين جا اهڃاڻ پيش آندا آهن. انهن داستانن موجب چيل بيت نه فقط شاه عنات رضوي يا شاه لطيف چيا آهن، پر ڪانئن اڳ به ڪيترن ئي شاعرن اهڙا بيت چيا آهن. ان سلسلي ۾ ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا.

۱. حضرت عبدالجليل چوهڙ شاه بهاولپور ڊويزن جي ضلعي رحيم يار خان جي قديم شهر "موه مبارڪ" ۾ وڏو درويش ٿي گذريو آهي. سنڌ جا ماڻهو به سندس معتقد ۽ مريد هئا ۽ سندس درگاه تي ويندڙ هئا. سندس دربار ۾ ٿيندڙ هڪ سماع جي محفل ۾ سندس روبرو هڪ سنڌي ذاڪر هي ڏوهيڙو ڏنو:

جو گهڙي سر ٿي، ڪر جو ٿهر ڪلاچ ڀر،
خير ڪرد ڏي، رچ ڪچاڙو رنديو. (۱)

سندس وفات کانپوءِ سندس درگاه تي ٿيندڙ سماع جي هڪ محفل ۾ هڪ سنڌي ذاڪر، "حسيني مقام" جي لئي ۾ هي سنڌي ڏوهيڙا ڳايا:

جران ته چڪي چاڪ، رهان ته وهه سنجري؛
ماءُ! منهنجي ڏيل سيءِ، سورن ڪي اوطاق؛
جنهن تون جانان پاڪ، آسا بند اڙيي جو. (۲)

---

(۱) تذڪره قطبيه، جلال الدين ابوبڪر، ۱۱۸۵هه قلمي نسخو - بحواله سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ - ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ص ۱۱۷.

(۲) ايضاً، ص ۱۱۸ ـــ ۱۱۹.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

من کي لوح فراق، اسانهون نہ ڌار ٿئي؛
سکون پريان ساک، رب ڏکائي ڪڏهين.

مٿين بيتن مان پهريون بيت شيخ جوهڙ جي وفات يعني ۹۰۹هـ ۱۵۰۴ع کان اڳ جو آهي. ان جو مطلب ٿيو، تہ ۱۵ صدي عيسوي ۾ ڳايو ويو. ٿي سگهي ٿو، تہ انهيءَ صديءَ کان بہ اڳ جي ڪنهن شاعر جو هجي. پويان بہ بيت سنڌس وفات کان پوءِ تذڪرہ قطبيہ جي تصنيف کان اڳ چيا ويا. تذڪرہ قطبيہ ۱۵۴۰ ـــــ ۱۵۴۵ع ۾ لکيو ويو. يعني پويان بہ بيت ۱۶ صدي عيسوي ۾ ڳايا ويا. ٿي سگهي ٿو، تہ ان صديءَ جي ڪنهن شاعر جا هجن، يا ان کان بہ اڳ جي ڪنهن سنڌي شاعر اهي سنڌي بيت چيا هجن.

مٿين ٽن بيتن مان پهريون بيت "مورڙي ۽ مڇ" جي قصي بابت آهي، ۽ پوين ٻن بيتن مان پهريون بيت "سسئي پنهون" جي داستان مطابق آهي ۽ پويون بيت "عمر مارئي" جي قصي مان آهن. روايت مان معلوم ٿئي ٿو، تہ پويان بيت "حسيني مقام" مان ڳايا ويا. هو ڏيکاري ٿو، تہ اهي بيت "سر حسيني" ۾ ڳايا ويا هوندا. انهن حقيقتن مان ثابت ٿئي ٿو. تہ شاہ لطيف کان اڳ نہ فقط رومانوي ۽ تاريخي داستانن موجب تمثيلي نوعيت جو شعر چيو ويندو هو، پر باقاعدہ. "سر" بہ موجود هئا. ۽ سرن موجب شعر ڳاهيو ۽ ڳايو ويندو هو.

۲. انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ٻي روايت بہ ملي ٿي، جنهن جو تعلق پڻ سنڌ جي ان وقت ماتحت علائقي بهاولپور سان آهي. ان روايت ۾ بہ هڪ سنڌي بيت آيل آهي، جو "عمر مارئي" جي داستان سان وابستہ آهي.

بهاولپور ۾ "مروٽ" نالي هڪ قلعو آهي، جيڪو پراڻي هاڪڙي درياہ جي ڪناري تي آهي ۽ بيڪانير جي ويجهو آهي. مولانا عزيزالرحمان "تاريخ قلعہ مروٽ" ۾ لکيو آهي، تہ سومرن جي ڏينهن ۾ هتي هڪ سومرو حڪمران هو. ان کان سواءِ اهو بہ چاڳايو ائس تہ

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عمر سومرو "قلعي مروٽ" جو حڪمران هو ۽ مارئيءَ کي "مروٽ" جي قلعي ۾ قيد ڪيو هئائين. وڏيڪ لکيو اٿس تہ "قلعہ مروٽ" جي پسگردائي ۾ هڪ سنڌي بيت مشهور آهي، جو مارئيءَ ڏانهن منسوب آهي. اهو بيت هن طرح آهي:

عمرا پڄ نہ اُنھ؛ نہ ڪر زور ضعيف سان؛
هت نہ هوندا هيترا، ڀيا در متي دروان؛
ويندا هي فيل فنا ٿي، سڀ نغارا نشان؛
قاضي ٿيندا پاڻ، شرع ڪندا سومرا.

عمر سومرو "مروٽ" قلعي جو حڪمران نہ هو. البتہ ان عوامي روايت مان هيٺيون ڳالهيون واضح ٿين ٿيون:

(١) سومرن جي حڪمراني بهاولپور تائين هئي. انهيءَ ڪري "عمر مارئي" جو قصو بهاولپور تائين مشهور ٿي ويو.

(٢) سنڌ ۽ بهاولپور جا پاڻ ۾ ايترا گهرا تعلقات هئا. جو خالص سنڌي بيت بہ بهاولپور ۾ مشهور ٿي ويا.

(٣) روايت ۾ هي بيت مارئيءَ ڏانهن منسوب آهي، پر اهو صحيح نہ آهي. ڪنهن ٻي شاعر جو مارئي جي زباني چيل آهي.

(٤) بيت جي قدامت ڪٿي نہ ٿي سگهجي. پر جيئن تہ بهاولپور مان مليو آهي، انهيءَ ڪري ان کي قديم چئي سگهجي ٿو.

سنڌي شاعريءَ ۾ سمن جي آخري دور ۾ قاضي قاضن جو نالو ملي ٿو، جنهن ارغونن جي دور ۾ ١٥٥١ع ۾ وفات ڪئي. سندس ست يا اٺ بيت شاه ڪريم جي ملفوظات "بيان العارفين" مان ملن ٿا. هيٺيون بيت جيتوڻيڪ وحدت الوجود جي وضاحت ۾ آهي، پر اها حقيقت سسئي جي واتان بيان ڪئي ويئي آهي، جيڪا سڄاڳ ٿي ڪانيوءَ پنهنجي پنهونءَ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن واجهائي رهي آهي:

سڄڻ منجهہ هئام، مون ويئي واڪ ٿيا؛
هيڏانهن هوڏان هٿڙا، هينئن جاڙ وڏام.

خود شاه ڪريم جي بيتن مان ڪيترا بيت مذڪور داستانن موجب

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن. هيئين بيت ۾ سسئيءَ جي اها ڪيفيت بيان ڪيل آهي، جڏهن هن پنهور ڪان ٻاهر نڪري پنهونءَ کي ڳولهيو ٿي ۽ سڏ ڪيا ٿي:

جي مون سڏ ڪنا: پنهوران ٻهار ٿي،
سي جي پري سنا، ته هوند وٺا نه نڪري.

هيئين بيت ۾ سهڻيءَ کي صلاح ڏني ويئي آهي:

جيڪي گهران مَ وڃ، جيڪي موت مَ سوهڻي،
ميڪڙاڻي، هٿ ڪر: پيون پيري پڇ.

هيئين بيت ۾ مارئي، عمر جي اڳيان کپڙن کي ڏکاري ٿي:

ڪاٺيارين ڪيهءَ ڪي، عمر اڇا ڪپڙا،
جني جا ٿرن ۾، ور ڏٺا وڃڻ سهي.

هيئين بيت ۾ مومل جي ڪاڪ جو ذڪر آهي:

ڪاڪ وٺي سان، اوٺيو نه اوڙگي،
جي گڏ هون گهڻا، ته ٻه راڻا ٿيو روئندا وٺا.

هيئين بيت ۾ ليلان جا جذبات بيان ڪيا ويا آهن، جڏهن ڪيس چنيسر ڌڪاري ڇڏيو:

جيري اتي جن: داغ تنهنجو دا سڙا،
تو ڪيئن مٿان تن، چنيسر ڇت ڪٿون.

شاه ڪريم جي همعصر ۽ پير پاڻي سيد علي ثاني شيرازي (وفات ۱۵۷۲ ع) جو هڪ بيت به ملي ٿو، جنهن ۾ سسئيءَ جي اها ڪيفيت بيان ڪيل آهي، جڏهن هوءَ پنهونءَ کي ڳولهڻ لاءِ نڪري ٿي، پر سندس سرتيون ۽ سهيليون کيس روڪي ويهارڻ جا حيلا هلائين ٿيون:

سرتيون سانگ سکي جو، مونکي رهيو رهائيو،
آڏ ٿي هلان هرت ڏي، تان هو واريون رهائيو،
ورتيون ورن سين، ويٺيون گهر گهاريو،
پنتان ٿيون ڪاريو: ڪاڻ هلي ڪيچ ڏي.

خود شاه صاحب جي همعصر شاعر عنات رضوي جي رسالي ۾ به اهي رومانوي داستان نظر اچن ٿا. ان مان معلوم ٿئي ٿو، ته اهو دستور قديم زماني کان رائج آهي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُرُ ڪليان

مضمون ۽ فلسفو

ڪليان لفظ جي لغوي معنيٰ آهي؛ خير، سک، شانتي. راڳ وديا موجب سُر ڪليان راڳداريءَ ۾ هڪ راڳڻي، جو نالو آهي. هن سُر جا پنج جدا جدا قسم آهن، جي هي آهن؛

١ـ شام ڪليان، ٢ـ يمن ڪليان، ٣ـ ڀوپالي ڪليان، ۴ـ حمير ڪليان، ۵ ـ ڪيدار ڪليان.

ڳوين موجب ديپڪ راڳ کي اَٺَ پٽ هئا، جن مان سُر ڪليان هڪ آهي. سر ڪليان جي مٿي ذڪر پنجن قسمن کان سواءِ، سر ڪليان کي "شدّ ڪليان" به چيو ويندو آهي، ۽ ديپڪ کان پوءِ، ڏيئن ٻرڻ بعد ڳايو ويندو آهي. چون ٿا، تہ هن سر ڳائڻ سان دل کي سڪون ۽ قلب کي قرار حاصل ٿيندو آهي.

مسلمانن جو اهو دستور رهيو آهي، تہ پنهنجي تصنيف ۽ تاليف، تقرير ۽ تحرير جي شروعات الله تعاليٰ جي حمد سان ڪندا آهن. مسلمانن کان سواءِ هندن ۽ زرتشتن ۾ بہ اهو رواج رهيو آهي، تہ هو ڳالهہ کان اڳ ۾ ڀڳوانَ ڏڻي تعاليٰ جي وڏائي بيان ڪندا آهن.

شاهہ صاحب جي رسالي جو هي پهريون سُرَ آهي، ۽ هن سُرَ جي شروعات حضرت شاهہ صاحب حمد سان ڪئي آهي. الله تعاليٰ جي ساراهہ ۽ صفت، توحيد جي تعريف ۽ وضاحت سان گڏ، الله تعاليٰ جي آخري رسول، نبين جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي توصيف ۽ تعريف بہ بيان ڪئي اٿس. ڏيکاريو اٿس تہ ان سان محبت رکڻ ايمان ۽ انساني عظمت جي نشاني آهي، ۽ ان جي پيروي ۾ ئي دنيا ۽ آخرت

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي فلاح ۽ بهبود جو راز سمايل آهي.

الله تعاليٰ جي هيڪڙائي، وڏائي ۽ جلال جي ساراهه ڪرڻ کي حمد چيو ويندو آهي. حمد ٻن قسمن جو آهي، هڪ ذاتي، جيئن الله تعاليٰ جي عظمت، ڪبريائي يا وڏائي يا جلال بيان ڪرڻ. ٻيو صفاتي، يعني سندس ٿورا ۽ احسان مڃائي، سندس تعريف ڪرڻ ۽ شڪر بجا آڻڻ. هڪ بزرگ جو قول آهي، ته حمد وحدانيت جو اقرار آهي.

نبي ڪريم ﷺ جن جي ثنا ۽ صفت بيان ڪرڻ کي "نعت" چيو ويندو آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي: "سهڻي وصف". عربيءَ ۾ "وصف" جو لفظ به نعت جي معنيٰ ۾ آيو آهي. سنڌي زبان ۾ پاڻ سڳورن جي توصيف ۾ جيڪو ڪلام چيو ويندو آهي، ان کي مولود چيو ويندو آهي. ستا جي لحاظ کان مولود جي ستا سنڌي وائي ۽ ڪافيءَ جهڙي هوندي آهي. شاه صاحب ٻهن تونري واين ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي ثنا ۽ صفت بيان ڪئي آهي. واين کي اسان مولود چئي سگهون ٿا ۽ بيتن کي "نعتيه بيت" سڏي سگهون ٿا.

ان سان گڏ هن سُر ۾ شاه صاحب اصحابن سڳورن جي تعريف به بيان ڪئي آهي، ۽ شريعت جي پيروي ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

سر ڪلياڻ جو مضمون ۽ فلسفو

انسان پنهنجي بيشمار خوبين ۽ خاصيتن جي باوجود، ڪمترين ڪالهين ۾ مجبور ۽ بيوس ٿيو پيو. انساني فطرت ۽ مزاج جي جائزي وٺڻ کان پوءِ معلوم ٿيندو، ته فقر ۽ احتياج انسان جي فطرت ۾ شامل آهن. پنهنجي انهيءَ ڪمزوريءَ کي دور ڪرڻ لاءِ، هر نفعي ۽ نقصان پهچائڻ واري شيءِ کي انسان پنهنجو خدا ٺهرايو. هو پنهنجو احتياج دور ڪرڻ لاءِ انهن کي پڪاري ٿو، انهن کان مدد طلب ڪري ٿو ۽ پاڻ کان گهٽ مخلوق جي آڏو سجدي ۾ ڪري پوي ٿو. انهيءَ جهل ۽ ناداني ۽ عقل جي دوکي کي دور ڪرڻ لاءِ سچي دين جو هي پيغام

www.sindhsalamat.comScanned with CamScanner

پنهي جهانن جي سردار ڪائنات جي ڪارڻي، محمد عربي ﷺ دنيا کي ٻڌايو تہ انسان کي اهو نہ ٿو جڳائي تہ اشرف المخلوقات ٿي ڪري، پاڻ کي گهٽ درجي واري مخلوق جي آڏو ذليل ۽ خوار ٿئي. واضح ڪرڻ فرمايائون تہ انسان جو سِرُ انهيءَ همہ دان هستيءَ جي آڏو جهڪڻ گهرجي، جنهن جي دستِ قدرت ۾ سڄي ڪائنات جي واڳ آهي. سموريون صفتون انهيءَ کي ٿي سونهن. اها ئي هستي اسان جو الله آهي. اهوئي خالق آهي، مالڪ آهي ۽ روزي رسائيندڙ آهي.

ان مان معلوم ٿيندو تہ انسان جي ذهني ارتقا جو پهريون ۽ بنيادي سبب توحيد جو عقيدو آهي. شاهہ لطيف پنهنجي پيغام جي ابتدا بہ انهيءَ عقيدي سان ڪري ٿو. سندس رسالي جي پهرين سُرَ ”سر ڪلياڻ“ ۾ انهيءَ ئي عقيدي جي اُپٽار آهي. هو انهيءَ عقيدي کي پوريءَ طرح واضح ڪرڻ ۽ ذهن نشين ڪرائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪري ٿو. هو توحيد خالص تي زور ڏئي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو، ”وحده لا شريڪ له“ مڃڻ کان پوءِ ئي صحيح رستو هٿ اچي ٿو:

وحده لاشريڪ له، اي ورائج ويءَ،
ڪنيءَ جي هارائيءَ، هنڌ تنهنجو هيءَ،
پاتان چوندہ پيءُ، پري جام جنت جو.

الله تعالى قرآن حڪيم ۾ فرمايو آهي:

”الله تعالى ان شخص کي نہ بخشيندو، جنهن شرڪ ڪيو، پيو جنهن کي چاهي، ان کي بخشيندو.“ (قرآن)

شاهہ صاحب خبردار ڪري ٿو تہ شرڪ، انسان جي عظيم غلطي آهي. هيءَ اها غلطي آهي، جيڪا کيس سندس اصلي عظمت کان هيٺ ڪيرائي ڇڏي ٿي، کيس ذليل ڪري ٿي، ۽ ذهني ارتقا کي روڪي ڇڏي ٿي، انهيءَ ڪري فرمائي ٿو، تہ الله تعالى کي وحده لا شريڪ له مڃڻ سان ئي ڪاميابي قدم چُمي ٿي:

وحده لاشريڪ له، اي هيڪڙائي حق،
پيائيءَ کي پڪ، جي وڏو سي ورسيا.

شرڪ، توحيد جو ضد آهي. مشرڪ اهو آهي، جيڪو شرڪ في الوجود جو عقيدو رکندو هجي. شاه صاحب جي هن سُرَ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو، تہ هو هر قسم جي شرڪ کان منع فرمائي ٿو. پوءِ اهو شرڪ في الذات هجي، شرڪ في الافعال هجي يا شرڪ في الصفات هجي. انهيءَ شرڪ کان بچڻ لاءِ قرآن حڪيم ۾ واضح طور آيو آهي:

"لاشريڪ له" ـ(القرآن) (الله جو ڪوبہ شريڪ ڪونهي.)

شاه صاحب، الله تعاليٰ جو اهو حڪم ٻڌائي، خبردار ٿو ڪري، تہ جيڪڏهن تو ڪنهن بہ قسم جو شرڪ اختيار ڪيو، تہ وڃوائي ٿي ويندين:

وحده لاشريڪ له، ٻڌءِ نہ ٻوڙا،
ڪ تو ڪنيءِ نہ سنا، جي گهٽ اندر گهوڙا،
ڳاڙيندين ڳوڙها، جت شاهد ٿيندءِ سامهان.

صوفي چون ٿا، الله تعاليٰ هر قسم جي شرڪ کان پاڪ آهي. هو وجود، صفتن، افعال ۽ آثار مطلب تہ هر قسم جي شرڪ کان منع ڪن ٿا. هو چون ٿا تہ جيڪڏهن ڪنهن اٿيئن چيو تہ، مان بہ آهيان ۽ خدا بہ آهي، تہ چئو ان بہ شرڪ ڪيو. انهيءَ ڪري هو چون ٿا تہ حقيقي عبادت اها آهي، جيڪا شرڪ جي هر قسم کان پاڪ هجي. قرآن شريف ۾ بہ آيو آهي:

"اي ايمان وارؤ! نماز پڙهو ۽ شرڪ نہ ڪيو." (القرآن)

"نماز پڙهو ۽ شرڪ ڪرڻ وارن مان نہ ٿيو." (القرآن)

اسلام جي توحيد جي عقيدي مطابق هر شيءِ خارجي طرح مخلوق آهي. الله تعاليٰ ان جو خالق آهي:

"الله خالق ڪل شيء"
"وهو الخلاق العليم"

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسلامي تعليم مان اهو بہ ثابت ٿئي ٿو تہ تخليق تيل شيون، تخليق کان اڳ، اِلاهي علم ۾ ثابت آهن. ثبوت علمي رکن ٿيون ۽ معلومات حق آهن. صوفيہ صافيہ جي اصطلاح ۾ ايمان ثابتہ سڏيون وڃن ٿيون، ۽ انهن جو ٻيو نالو ماهياتِ اشياء ۽ حقائق اشياء آهي. امر "کن" مطابق جڏهن ظاهر ٿيون، تڏهن هُن خارجي وجود حق تعاليٰ جي امر مان ورتو آهي ۽ پنهنجي وجود ۾ ان جون ئي محتاج آهن. شاه صاحب انهيءَ حقيقت کي ٻڌائي ۽ سڏ جي ماهيت سان واضح ڪيو آهي:

پڙاڏو سو سڏ، ور واٺيءَ جو جي لهين،
متا اڳهين ڳڏ، ٻڌڻ ۾ ٻہ ٿيا.

ذات حق بالذات موجود آهي، قائم بالذات آهي، پنهنجي وجود ۾ ڪنهن جي محتاج نہ آهي، ۽ حيات ۽ علم، ارادي ۽ قدرت، سماعت ۽ بصارت مطلب تہ سمورين وجودي صفتن سان موصوف آهي. ان جي برخلاف ظاهري شيون فاني ۽ غير حقيقي وجود رکن ٿيون، ڇاڪاڻ تہ انهن جو وجود ذاتي نہ آهي. ذاتي وجود نہ هجڻ جو نالو عدم آهي، عدم اضافي، نہ عدم حقيقي. انهيءَ ڪري شاه صاحب فرمائي ٿو:

پاڻ ٻڌي پاڻ کي، پاڻ ئي محبوب،
پاڻ خلقي خوب، پاڻ طالب تن جو

انهيءَ ڪري صوفي جون تا تہ پنهنجي وجود کي حقيقي نہ سمجهجي. ان کي هو "پنهنجو پاڻ فنا ڪرڻ" ڪوٺين ٿا. حسين بن منصور فرمايو آهي تہ:

"صوفي ذات ۾ گم هوندو آهي، نہ تہ ان کي ڪو قبول ڪندو آهي، ۽ نہ هو ڪنهن کي قبول ڪندو آهي. ان جي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۾ الله من حيث الظاهر ۽ الله من حيث الباطن ويهجي ويندو آهي." حضرت جنيد رحہ فرمايو آهي:

"صوفي پنهنجي ذات کان فاني ٿي، حق تعاليٰ جي ذات ۾ گم ٿي، بقا حاصل ڪندو آهي."

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڀٽائي صاحب جن سُر ۾ انهيءَ ڳالهه تي گهڻو زور ڏنو آهي. هو ور ور ڪري چوي ٿو تہ پنهنجو پاڻ کي فنا ڪر. ان کان پوءِ ئي توکي ذاتِ حق جو قرب حاصل ٿيندو،

پهرين ڪاتي پاءِ، پڇج پوءِ پريتڙو،
ڏک پريان جي ڏيل ۾، واڄٽ جيئن وڄاءِ،
سيخن ماهہ پچاءِ، جي نالو ڳڃهہ نينهن جو.

هو ٻڌائي ٿو، تہ وجود وسارڻ سان محبوب حقيقي جو وصال ٿئي ٿو. فنا سان ئي بقا حاصل ٿئي ٿي. انهيءَ ڪري حقيقي عاشق، سر جو سانگو نہ ڪندا آهن. هو پنهنجو پاڻ فنا ڪرڻ کان پوءِ ئي عشق حقيقي جي راهہ ۾ قدم رکندا آهن،

اصل عاشق پانهنجي، سسي نہ سانديين،
لاهيون سِر لطيف چئي، ساهہ سلاڙيو ڏين،
ڪلهنئون ڪاٽين، پڇن پوءِ پريتڙو.

انهيءَ حقيقي عشق جي راهہ ۾ جيڪي تڪليفون اچن، انهن تي صبر ڪرڻو آهي، ڇاڪاڻ جو اهي تڪليفون دراصل عين راحت آهن. هو چوي ٿو تہ جيئن تہ اهو ئي ڪلاڪي ۽ روئاري ٿو، ماري ۽ جياري ٿو، تنهنڪري رضا تي راضي رهڻ گهرجي. شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ "هو جيڪڏهن توکي مصيبتن ۾ مبتلا ڪري تہ توکي پاڻ خوش ٿيڻ گهرجي ۽ سمجهڻ گهرجي تہ تون هن کي يادِ آهين." انهيءَ ڪري جنهن کي تون عذاب سمجهين ٿو، اهو تنهنجي روحاني راحت آهي،

ڪُهن تان ڪر لهن، ڪَرَ لهن تان ڪُهن،
سي تي ماهہ مهن، سي ئي راحت روح جي.

اهڙيءَ طرح الله تعالى جي هيڪڙائي بيان ڪئي اٿس، ۽ ان جي مڪمل طرح وضاحت ڪئي اٿس. ان کان پوءِ نبين جي سردار، ختم المرسلين، شفيع المذنبين جي ساراهہ ڪئي اٿس، ۽ ٻڌايو اٿس، تہ ان جي رسالت تي ايمان آڻجي، ان سان تعلق قائم ڪجي، ان لاءِ محبت جو

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جذبو دل ۾ پيدا ڪجي، ان کي ڪائنات جو ڪارڻ ڪري مڃجي. هو ٻڌائي ٿو، تہ الله تعاليٰ جڏهن ايءَ ڪائنات نہ خلقي هئي، احديت جي مرتبي ۾ هو ۽ ايءَ صفتن جو ظهور بہ نہ ٿيو هو، تڏهن سڀ کان پهرياڻ پنهنجي پياري حبيب حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جو نور پنهنجي نور مان پيدا ڪيائين. ان کان پوءِ ان جي طفيل، ان جي ظهور لاءِ سندس ئي نور مان هيءَ ڪائنات پيدا ڪيائين.

هو تلقين ڪري ٿو، تہ اهڙيءَ ڪامل ۽ اڪمل هستيءَ سان ناتو رکجي ۽ ان جي رسالت تي ايمان آڻجي. ان جي پيرويءَ ۾ ئي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي آهي. اهڙيءَ طرح شاه صاحب شريعت جي پيروي ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

هو چوي ٿو، تہ سلوڪ جي راهہ بہ تڏهن هٿ ايندي، جڏهن پهرياڻ شريعت جي مڪمل طرح پيروي ڪبي. شريعت کان پوءِ طريقت جي واٽ هٿ اچي ٿي، ۽ سالڪ شريعت ۽ طريقت کان پوءِ معرفت حاصل ڪري، وڃي حقيقت جي منزل تي رسي ٿو.

هو ٻڌائي ٿو، تہ سلوڪ جي راهہ ۾ قدم رکڻ سان پهرياڻ پنهنجو پاڻ فنا ڪرڻو پوي ٿو. يعني نفس اماره کي ماري مات ڪرڻو آهي، خوديءَ کي ختم ڪرڻو آهي، ۽ هستي ۽ هوڏ، ۽ پاڻ پڻي ۽ خود پرستيءَ جي پاڙ پٽي ڪڍڻي آهي. انهيءَ نقطہ نگاهہ کان شاه صاحب ور ور ڪري ٻڌائي ٿو، تہ سِر جي سودي ڪرڻ ۽ سوريءَ تي سِر ڏيڻ کان پوءِ ئي محبوب حقيقيءَ جو وصال نصيب ٿيندو، يعني فنا کان پوءِ ئي بقا حاصل ٿئي ٿي.

اهڙيءَ طرح حضرت شاه صاحب هن سِرّ ۾ سالڪ کي سلوڪ جي راهہ ٻڌائي آهي، جنهن تي هلي، هو منزل مقصود تي پهچي سگهي ٿو.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُر مارئيءَ جو مطالعو

شاعر نہ فقط پنهنجا جذبات ۽ احساس بيان ڪندو آهي، پر هو زندگيءَ جو هڪ نقطهءِ نظر متعين ڪري، پيغام بہ ڏيندو آهي. باڪمال شاعر ۽ اديب، ڪنهن ادبي شاهڪار تخليق ڪرڻ وقت تمثيلن ۽ علامتن، تشبيهن ۽ استعارن کان ڪم وٺندا آهن، تہ جيئن دلڪشي ۽ تاثير پيدا ٿئي. دنيا جي سمورن غير فاني شاعرن جو شعر تمثيلي آکاڻين، انوکين علامتن ۽ ماحول مان ورتل تشبيهن جي تاڃي پيٽي مان اڻيل آهي. تمثيل لاءِ آکاڻيون انهيءَ لاءِ بہ استعمال ڪيون وينديون آهن، تہ جيئن مطلب وڌيڪ واضح ٿئي، ۽ حقيقت پوريءَ طرح ذهن نشين ٿئي. دنيا جي مشهور شاعرن توڙي مفڪرن پنهنجي مقصد جي اظهار لاءِ يا تہ پنهنجيون آکاڻيون جوڙيون آهن، يا وري روايتي آکاڻين کي استعمال ڪيو آهي.

مطلب تہ آکاڻيءَ کي تمثيل طور آڻڻ، عالمي ادب جو هڪ بنيادي قدر آهي ۽ هر شاعر ۽ مفڪر ڪنهن نہ ڪنهن نموني ان جو پابند رهيو آهي. اسانجي عظيم شاعر عبداللطيف ڀٽائي جو شعر بہ آکاڻين پر اڻيل آهي. شاه صاحب جي شعر جو فني ۽ فڪري تجزيو ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿيندو تہ شاه صاحب جي آکاڻيءَ مان ڪم وٺڻ جو طريقو منفرد آهي. هو مڪمل ۽ مفصل آکاڻي بيان نہ ٿو ڪري، پر آکاڻيءَ جي ستاءُ ۽ ڪردارن کي اشاري طور آڻي، پنهنجي مقصد کي ظاهر ڪري ٿو. هو چئن قاريءَ کي ڪهاڻين جون مختلف ڳالهيون ياد ڏياري پنهنجي مقصد ڏانهن وٺي وڃي ٿو. هي ڪهاڻيون شاه صاحب جون پنهنجون جوڙيل نہ آهن، پر سنڌ جون مشهور ۽ مقبول ڪهاڻيون آهن.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مارئيءَ جو ڪردار ۽ سنڌي ثقافت

مصوري جي لافاني شاهڪار ”موناليزا جي مرڪ“ جي مصور ليونارڊو چيو هو، تہ ”اهو سڀ ڪجهہ، جيڪو حسين آهي، اهو فاني آهي، فن ئي ان کي لافاني بڻائي ٿو.“ اهڙيءَ طرح اهو شاهہ صاحب جي فن ۽ فڪر جو ڪمال آهي، جو شاهہ صاحب جي سورمن مارئي، سسئي، سهڻي، مومل، نوري، ليلا ۽ سورٺ لافاني حيثيت حاصل ڪئي آهي. شاهہ صاحب مارئي کي اهڙي عورت ڪري پيش ڪيو آهي، جيڪا پنهنجي اصول ۽ مقصد تي اٽل ۽ اڏول آهي. هوءَ نہ ڪنهن لالچ ۽ لوڀ ۾ اچي ٿي، ۽ نہ ظلم ۽ ڏاڍ، ارڏائي ۽ اٻلائي آڏو ڪنڌ جهڪائي ٿي. محل ۽ ماڙيون، مخمل ۽ پٽ، پانهيون ۽ دايون، طرحين طرحين طعام ۽ قسمين قسمين زيور ڪيس موهين نہ ڪونہ ٿا، پر پاڻ سنڌس نظر ۾ حقير ۽ ڪين جهڙا ٿي پون ٿا. هوءَ هر حال ۾ پنهنجي وطن جي ثقافت ۽ رهڻي ڪهڻيءَ کي هر شيءِ کان مٿانهون سمجهي ٿي.

شاهہ صاحب هن سر ۾ سنڌ جي ثقافت جي تصوير حقيقت پسندانہ نوع ۾ چٽي آهي. شاهہ صاحب کي مشاهدي مان معلوم ٿيو هو، تہ سنڌ جي ثقافت ٻن طبقن ۾ تقسيم ٿيل آهي؛ هڪ غريبن، اپوجهن، مسڪين مارن جي تهذيب آهي، ۽ ٻي بادشاهن ۽ اميرن جي تهذيب آهي. سادگي، خلوص، رواداري، هڪ جهڙائي، اخلاقي اصولن جي پابندي، نهٺائي، اصول پرستي، اطمينان قلب ـ عوامي ثقافت جون بنيادي خوبيون آهن. هٺ، وڏائي، تڪلف، بي ـ چاٻڙائي، پاڻ پڏائڻ، پرماريت، ٻين جا حق ڦٻائڻ ۽ عيش عشرت ـ اميرانہ زندگيءَ جا اوگڻ آهن.

شاهہ صاحب هن سر ۾ انهن ٻنهي تهذيبن کي نکيڙي نروار ڪيو آهي. شاهہ صاحب مارئيءَ جي زباني عوامي ثقافت کي فطرت جي ويجهو سمجهي ٿو، ۽ ان جي پاڪيزگي ۽ انسان دوستي جي ڪري، ان جو مانُ

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مٿانهون سمجهي ٿو. مارئي پنهنجي ثقافت، رهڻي ڪهڻي مزاج ۽ فطرت جي ترجماني ڪندي چوي ٿي، ته اسان مارن مائهن جو اهو وڙ نه آهي، ته ڏاڍ ۽ برماريت جي بنياد تي قائم ٿيل اميرانه ثقافت کي پنهنجي فطري ۽ پاڪيزه ثقافت تي ترجيح ڏيون. مارئي چوي ٿي؛

پٽولا پهنواريون، مور نه مٽي ڪن؛
جڻ لاڪ رتائون لوئيون، ته ساڻئان سونهن،
انُ ايلا چنئون اڳري، بخمل بافتي،
سُڪر پانيان سومرا، ڪٿي ڪان ڪنهن،
جا ڏنم ڏاڏاڻي، سا لاهيندي لڄ مران.

هوء عمر کي مخاطب ٿي چوي ٿي، ته مون کي اميرانه ثقافت ريشمي ڪپڙا ۽ پيون عيش عشرت جون شيون نه آڇ، ڇاڪاڻ جو اهي منهنجي آڏو حقير آهن. انهن قيمتي ريشمي ڪپڙن جي ڀيٽ ۾ مان ان لوئيءَ کي وڌيڪ بهتر سمجهان ٿي جيڪا مون کي پنهنجي اباڻن جي طرفان مليل آهي. اهي سڀ سون کان به بهتر آهن، جيڪي ماروءَ طرفان مليل آهن؛

سون برابر سڳڙا، ماروءَ سندا مون،
پٽولا پنهوارِ کي، عمرا آڇ مَ تون،
ور لوئيءَ جي لون، ڏاڏاڻي ڏيام جي

هوء پنهنجي وطن جي سادي ۽ فطري زندگيءَ جو اظهار ڪندي چوي ٿي، ته اها سادي زندگي، جنهن ۾ نه اوچا طعام آهن، ۽ نه قيمتي ڪپڙا، نه اتي عورتون برقعا پائين نه چادريون — ان هوندي به سيل ۽ ستر واريون آهن. پختي عزم واريون ۽ وطن جي حب جي جذبي سان سرشار آهن. ٿر جا وڻ ڪڪريون ۽ گولاڙا سندن ڏک ۽ پناهه آهن. مون کي مارن قيمتي وڳن جي بدران ٿر جي سج ۽ بک واري، پر فطري زندگي ڏاڍي ڀر ڏني آهي. مان ان کان مطمئن آهيان، ۽ اوهان جي پر تڪلف ثقافت کان بهتر سمجهان ٿي، ڇاڪاڻ جو توهان جي ثقافت غريب جي پگهر رت ۽ ست مان وجود ورتو آهي؛ ۽ اسان جي ثقافت

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فطري آهي ۽ قدرت جي جوڙيل ناهيل، سنواريل ۽ سينگاريل آهي. مارئي چوي ٿي:

ور سي وطن چانيون، صحرا سنڌ جي،
گرلاڙا ۽ گگريون، اوچن اباڻي،
ويڙهيا گهمن ولہ، جهانگي منجهہ جهنگ،
مُنکي ماروئڙن، سچ ڳنا ني سيج ۾.

مارئي پنهنجي ثقافت کي پاڪيزه سمجهي ٿي ۽ اُتي جي رهواسين کي امن ۽ سلامتيءَ سان رهندڙ، مطمئن زندگي گذاريندڙ، بي فڪر، آزاد ۽ صحيح معنيٰ ۾ سچا ۽ مخلص انسان سمجهي ٿي. هو نہ ڪنهن جي هٿين ۾ آهن نہ ڪنٿين ۾، منجهن پاٽپٽي، هٺ وڏائي، لالچ لوڀ ۽ خود غرضيءَ جي رتي بہ ڪونهي. هو بي محابا، بي ڇيا ۽ نڪر نہ آهن، پر انسان دوست، سچا ۽ سدورا آهن. مارئي چوي ٿي:

پلر پيئن، اوچن ان، جن جا پير مٿي پت پاڪ،
وِهن وَراڪن ۾، اُني جي آ جوکي اوطاق،
پاڻ نہ پسن پاڻ کي، ويچارا بي باڪ،
عمر اوه نہ عاق، ڏکنا، جمر ڏکو ٿيو.

شاه صاحب سمجهائي ٿو، تہ جيستائين خود غرضي ۽ خود پرستي ختم نہ ٿيندي، تيستائين سکي زندگي گذاري نہ سگهبي. هو چوي ٿو تہ ٿر جا ماڻهو انهيءَ ڪري مطمئن زندگي گذارين ٿا، جو فطرت جي ويجهو آهن، ڪنهن جو حق نہ ٿا مارين، ۽ جيڪي فطرت جي طرفان عطا ٿئي ٿو، ان تي اوها نہ آهن:

توري تورت قرارنا، رهن سنهر سنت،
کٿيءَ ۾ کہ پَکُلنا، پوٺي اهڙي پَت،
پهنوارکي پت، پيهي پچ ملير ۾.

جيئن تہ هو پنهنجي حال کان اوها نہ آهن، تنهن ڪري منجهن احساس ڪمتري ڪونهي. يعني پنهنجي حال کي بي کان گهٽ نہ ٿا

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمجهن. احساس ڪمتري نہ هجڻ ڪري انساني وقار برقرار رکي سگهن ٿا، ۽ پنهنجا اصول ڪنهن بہ حالت پر قربان نہ ٿا ڪن. اهڙيءَ طرح شاهہ صاحب پڌايو آهي، تہ صحيح انسان اهو آهي، جيڪو عزت، شان ۽ وقار سان زندگي گذاري، ۽ لوڀ ۽ لالچ تي هرڪجي پنهنجي عزت ۽ ملڪ جي وقار جو سودو نہ ڪري. شاهہ صاحب پڌايو آهي، تہ سنڌين هميشہ عزت ۽ شان کي هر حال ۾ برقرار رکيو آهي. هنن دنيوي لالچ ۾ اچي عزت جو سودو ڪرڻ انتهائي ذليل حرڪت پئي سمجهيو آهي. حضرت شاهہ صاحب عمر ماروئيءَ جي تمثيل ۾ مارن جون خوبيون ۽ خصوصيتون بيان ڪندي، سنڌين جي انهيءَ مزاج جي هر طرح ترجماني ڪئي آهي،

اي نہ مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائين سون تي،
اچي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانہ ڪريت
پکن جي پريت، ماڙيءَ سين نہ مٽيان.

يعني، مارو عزت جي سودي بازي نہ ڪندا آهن. هو عزت آڏو هر شيءِ کي هيچ سمجهندا آهن. هو عزت ۽ مان کي هر شيءِ تي ترجيح ڏيندا آهن. جيئن تہ مارن جي اها ريت نہ رهي آهي، تہ چند سڪن تي عزت وڪڻي ڇڏين، تنهن ڪري ماروئي چوي ٿي، تہ اي عمر! آءٌ بہ عمرڪوٽ ۾ اچي پنهنجي رسم ترڪ نہ ڪنديس، ۽ پکن تي ماڙين ۽ محلن کي ترجيح نہ ڏينديس.

ٻي هنڌ شاهہ صاحب مارن جي سادي زندگيءَ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو،

آئون ۽ چاڙهيون، ڏٿ ڏهاڙي سومرا،
سٺا ڪنئر سيد چري، سانوڻ سڪائون؛
منجها لنب لطيف چئي، چانور ڪنئر چاڙهيون؛
پلاءُ نہ پاڙيون، عمر آرائيءَ سين.

يعني، جيتوڻيڪ مارن جي اها حالت آهي، جو هيڏانهن ڏٿ ميڙي اچن

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تا. ۽ هوڏانهن رنڌي ٻجائي کائين ٿا، تڏهن به اُن ڏٿ کي پُلاءَ تي ترجيح ڏين ٿا.

شاهه صاحب چوي ٿو ته جيئڻ ته فطري زندگي گذارين ٿا. ۽ تصنع ۽ تڪلف کان پري آهن، انهيءَ ڪري سدائين سترا آهن؛

تي وٿهي ويڙهيچن ۾ سدائين سڪار؛
چوتڙيو آئيو چاڙهيءَ، سنڌو ڏونرن ڏار؛
جي جو ريڙين سيهه واپار؛ سي ڏوٿي مون نه ڏيرا.

يعني: جيڪي پنهنجي هٿن جو پورهيو ڪري کائين ٿا. سي سدائين پنهنجي حال ۾ خوش آهن. هنن ۾ نه بي اطمينائي آهي، ۽ نه منجهن لالچ ۽ اجائي هوس ٿي آهي. هو سدائين سترا آهن. ۽ وٿن سدائين سڪار ٿي سڪار آهي.

مارئي اميرانه ثقافت کي حقارت جي نظر سان ڏسندي، عمر کي مخاطب ٿي چوي ٿي، ته اسان لاءِ سادي ۽ فطري زندگي سرمائيدارانه زندگيءَ کان وڌيڪ بهتر آهي. آءٌ عزت ۽ مان، سون جي سڳن تي قربان ڪرڻ لاءِ ڪڏهن به تيار نه آهيان. منهنجي لاءِ اها ڳالهه به وڌيڪ بهتر آهي، جنهن سان عزت ۽ شان سلامت رهي؛

ڪارا ڪرايين ۾، سون اسان کي سوءِ،
رو جيڏين سيهه جوءِ، فاحق فرحت پانئيان

اهڙيءَ طرح شاهه صاحب، سنڌي عوام جي نه فقط رهڻي ڪهڻي ۽ سادهه ۽ فطري زندگيءَ جي ترجماني ڪئي آهي؛ پر سنڌس مزاج ۽ فطرت، ذهني لاڙن ۽ نفسياتي ڪيفيت کي به لڪيڙي نروار ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح هن صالح ۽ صحتمند معاشري جي مثالي انسان جون خوبيون ۽ خصوصيتون نروار ڪيون آهن. هڪ عربي شاعر عنتره جو هڪ شعر آهي؛

ولقد ابيت علي الطوىٰ واظله
حتيٰ آ فال به ڪريم الماڪل

www.sindhsalamat.comScanned with CamScanner

(مان ڏينهن رات بکيو رهي، محنت ڪريان ٿو، تان جو انهيءَ طريقي سان مان عزت واري روزي ڪمايان ٿو.)

هي شعر ٻڌي حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو هو، ته مون کي ڪنهن بدوي جي زندگي ۽ اخلاق تي رشڪ نه آيو، سواءِ عنتره جي هن شعر جي.

شاه صاحب جي ذڪر ڪيل بيتن ۽ عربي شاعر عنتره جي هن شعر جو مفهوم ۽ مقصد هڪ ئي جي ويجهو آهي.

سرمارئيءَ مان سبق:

(١) شاه صاحب هن سر ۾ سڀ کان اول اها ڳالهه ڪري ٿو، ته انسان جي ڀلائي انهيءَ ۾ آهي، ته الله تعاليٰ تي ايمان آڻي، جيڪو اڪيلو آهي، ۽ ان سان ڪو به شريڪ ڪونهي. ان کان سواءِ ڪوبه بندگيءَ جي لائق ڪونهي. اهوئي خالق آهي، اهوئي مالڪ آهي، ۽ ڪائنات جي نظام تي اهو اڪيلو قادر آهي. اهوئي دين فطرت آهي. قرآن حڪيم ۾ آيو آهي، ته هڪ قادر مطلق ۽ خالق عالم جو اقرار انسان جي فطرت ۾ داخل آهي.

فاقم وجهڪ للدين حنيفاً فطرت الله التي فطر الناس عليها، لاتبديل لخلق الله ذالڪ الدين القيم ولاڪن اڪثر الناس لايعلمون. (روم-٣٠)

(پوءِ (اي پيغمبر) پنهنجي منهن کي دين جي فطرت طرف ڪر. هيءَ خدا جي اها فطرت آهي، جنهن تي ماڻهن کي پيدا ڪيو اٿس، خدا جي خلقت ۾ تبديلي نه آهي. هيءَ سڌو دين آهي، پر گهڻا ماڻهو نه ٿا ڄاڻن.)

ان مان معلوم ٿيندو، ته الله تي ايمان آڻڻ انسان جي فطرت ۾ سمايل آهي. هي الست جو اهو عهد آهي، جيڪو خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ ٿيو هو. شاه صاحب سرمارئيءَ جي شروعات ئي اهڙن بيتن سان ڪري ٿو، جن ۾ انسان کي اهو الست جو عهد ياد ڏياري ٿو. داستان پهرين جو پهريون بيت هن طرح آهي:

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الست بربکم جڏهن، ڪن پيوم،
قالو بليٰ قلب سين، تڏهن تت چيوم،
تهڙه وير ڪئوم، وچن ويڙهيچن سين.

انســـان جو اهو فطري جذبو ڪڏهــن ڪڏهن پامرين اثرن ۽ غيــر فطري حالتن جي ڪري دٻجي ويندو آهي. قرآن مجيد بار بار انســان جي ان دٻيل جذبي کي اڀاريو آهي، ۽ انســان کي اهو وســريل وعــدو ياد ڏياريو آهي. قرآن مجيد ۾ آيو آهي.

آ في الله شڪ فاطر السمٰوات والارض ـ (ابراهيم ـــ ١٠)

(ڇا اوهان کي، آسمانن جي زمين جي پيدا ڪرڻ واري ۾ شڪ آهي؟)

قرآن ڪريــم ۾ آيو آهي تـ اي انسان! تون خالق ڪائنات جي باري ۾ شڪ ۾ مبتلا آهين؟ ڇا هيءَ ڪائنات پنهنجو پاڻ پيدا ٿي پيئي آهي؟ يا انهن پنهنجو پاڻ کي بڻايو آهي. ظاهر آهي تـ اهي ٻئي شيون سراسر غلط آهن، ڇاڪاڻ جو ڪابـ شيءِ نـ پنهنجو پاڻ بڻجي پوندي آهي، ۽ نـ هوءَ پنهنجو پاڻ کي بڻائيندي آهي. قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

ام خلقوا من غير شيءٍ ام هم الخالقون ● ام خلقوا السّمٰوات والارض بل لا يوقنون ـ (طور ـــ ٣٥، ٣٦)

(اهي سواءِ ڪنهن پيدا ڪندڙ جي (پاڻ ئي) پيدا ٿي پيا آهن ڇا؟ يا اهي (پاڻ) پيدا ڪندڙ آهن؟ آسمانن ۽ زمين کي پاڻ بڻايو اٿن ڇا؟ (اهڙي ڪا بـ ڳالهـ نـ آهي) بلڪ اهي يقين نـ ٿا آڻين.)

شاهـ هن سر ۾ انهيءَ ڳالهـ ڏانهن بـ ڌيان ڇڪايو آهي. هو چوي ٿو تـ گمراهـ ڪندڙ قوتون انسان جي انهيءَ فطري جذبي کي ڪچلڻ جون ڪوششون ڪن ٿيون، ۽ انسان جي ذهن ۾ فڪر ۽ شڪ شبها پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. پر شاهـ صاحب انهن قوتن کي مخاطب ٿي چوي ٿو، تـ اي سومرا! (گمراهـ ڪندڙ قوت) جن ازل کان وعدو ڪيو آهي، تن کي تون پنهنجي مقصد تان ٿيڙي نـ سگهندين.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فرمائي ٿو،

جڏهن ڪن فيڪون، من تنا ڪون ماڙيون،
تون ڪيه وجهين تن کي، سومرا شڪون،
هميرن هڪون، جاڙ جُسي کي پاتيون.

الست بربڪم جو فقرو قرآن حڪيم ۾ سورة الاعراف ۾ هن طرح آيو آهي،

واذا اخذ ربڪ من بني آدم من ظهورهم ذريتهم واشهدهم علیٰ انفسهم الست بربڪم ط قالوا بلیٰ شهدنا ان تقولوا يوم القيامة انا ڪنا عن هاذا غافلين. (الاعراف ـــــ ١٧٢)

(۽ ياد ڪر جڏهن تنهنجي رب آدم جي اولاد جي پٺين مان سندن نسل کي ڪڍيو ۽ کانئن پنهنجي جانين بابت اقرار ورتائين ته " آءُ اوهان جو رب نه آهيان؟ "جواب ڏنائون ته، " جو نه. اسين سڀ گواهه ٿيون ٿا." (انهيءَ لاءِ ته اوهين قيامت جي ڏينهن ائين نه چئو ته اسين انهيءَ کان بي خبر هئاسون.)

صوفي شاعرن قالو بلیٰ جي قول کي ياد ڏياري، الله تعالیٰ جي ذڪر جي تلقين ڪئي آهي. " ڪن فيڪون" جو فقرو قرآن حڪيم جي سورتن آل عمران (آيت ٤٦)، مريم (آيت ٣٥) ۽ مومن (آيت ٦٨) ۾ آيو آهي آيت هن طرح آهي،

اذا قضیٰ امرا فانما يقول له ڪن فيڪونْ (آل عمران ـــ ٤٧)

(جڏهن به ڪنهن ڪم جو ارادو ڪري ٿو، ته رڳو چوي ٿو، ته "ٿي وڃ" ۽ اهو ٿي پوي ٿو.)

مطلب هي آهي، ته الله جي ذات کان سواءِ مادي جو ڪو الڳ وجود ڪونهي، جنهن مان الله تعالیٰ هيءَ ڪائنات جوڙي، ٺاهي ۽ سينگاري آهي.

(٢) مولانا ابوالڪلام آزاد پنهنجي تفسير امُ الڪتاب ۾ لکيو آهي،
دين جي سکيا جو تتُ ڇا آهي؟ ان تي جيتري قدر به غور ڪيو

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويندو. هن ڇهن ڳالهين کان سواءِ ٻي ڳالهه ڏسڻ ۾ نه ايندي:

(١) خدا جي صفتن جو صحيح معنيٰ ۾ تصور

(٢) قدرت جي قانونن جو اعتقاد.

(٣) ايندڙ زندگيءَ جو يقين.

(٤) ڀلائيءَ ۽ خوش نصيبي جي راهه ۽ ان جي سڃاڻ.

شاه صاحب جي سرمائيءَ جو مطالعو ڪجي ٿو، ته معلوم ٿئي ٿو، ته شاه صاحب انهن ڇهني ڳالهين جي وضاحت نهايت پُر اثر نوع ۾ ۽ تمثيلي انداز ۾ ڪئي آهي. انهن ڇهن ڳالهين جي اپٽار شاه صاحب جي شعر جي روشنيءَ ۾ هيٺ ڏجي ٿي:

(١) خدا جي صفتن جو صحيح معنيٰ ۾ تصور: مولانا آزاد مرحوم فرمائي ٿو، ته "انسان کي خدا پرستيءَ جي راهه ۾ جيتري قدر به ٺوڪرون لڳيون آهن، اهي الله تعاليٰ جي صفتن ۾ ئي لڳيون آهن." انسان الله ۾ اعتقاد رکڻ جي باوجود، الله تعاليٰ جي صفتن کي ڏسي شرڪ ڪيو. هن ايئن سمجهيو، ته مارڻ وارو ٻيو آهي، ته جيئارڻ وارو ٻيو آهي، نيڪيءَ وارو ٻيو آهي، ته بديءَ واري ڪا ٻي هستي آهي. اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي خدائن ۾ يقين رکڻ وارا ٿي ويا. قرآن حڪيم ان ڳالهه کي رد ڪيو آهي. هو ٻڌائي ٿو ته الله هڪ آهي، اهوئي مارڻ وارو آهي، اهوئي جيئاري ٿو، اهوئي پالڻهار آهي ۽ اهوئي هر شيءِ تي قدرت رکي ٿو. نيڪي به هن کان آهي، ته بدي به ان جي پيدا ڪيل قانون قدرت جو حصو آهي. يعني خير ۽ شر ان جي پيدا ڪيل قانون جا به پاسا آهن، الڳ نه آهي، ته خير الله تعاليٰ وٽان آهي، ته "شر" جو خدا ٻيو ڪو ٻيو آهي. شاهه لطيف انهيءَ حقيقت کي هيٺين بيت ۾ ڪليءَ طرح سمجهايو آهي:

ڪرڻهي قادر ڪو ٻئو، آئين جو اپاءُ،
قل لن يصيبنا الا ماڪتب الله، اي معرفت ماءُ،

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيوري سياڳ، مارئيءَ مساوي ٿئو.

يعني الله هڪ آهي. ان سان ڪو بہ شريڪ ڪونهي، ۽ نہ هڪ کان وڌيڪ خدا آهن. جيڪي اهڙو اعتقاد رکن ٿا. تہ الله تہ آهي، پر صفتن ۾ ان سان ٻيا بہ شريڪ آهن، اهي گمراهيءَ سبب ٿيا آهن. ڇاڪاڻ جو الله هڪ آهي، ۽ ان سان ذات ۾ صفات ۾ ڪو بہ شريڪ ڪونهي، شاهديءَ طور شاه صاحب قرآن ڪريم جي هي آيت آندي آهي.

قل لن يصيبنا الا ماكتب الله (التوبة ـــ ٥١)

(چئو تہ ڪا بہ مصيبت، اسانکي نہ رسندي، سواءِ ان جي جيڪا الله اسان جي حق ۾ لکي آهي.)

يعني اهين سمجهڻ کپي جي جيڪا مصيبت اسان تي اچي ٿي، اها ڪنهن ٻيءَ طاقت جي طرفان نہ آهي، پر خدا جي ئي طرفان آهي، ڇاڪاڻ جو خدا کان سواءِ ٻي ڪنهن کي طاقت نہ آهي. انهيءَ ڪري سياڳ توڙي اڀاڳ ۾ تسليم ڪرڻ کپي، تہ اهو ان ذات وٽان آهي. شاهہ ٻي بيت ۾ چيو آهي:

"ڪانهي ڪواڻي، ڇڪيون جي ڇيت ڪري."

(٢) قدرت جي قانونن جو اعتقاد: انهيءَ ڳالهہ کي سمجهائيندي مولانا آزاد چوي ٿو، تہ "جهڙيءَ طرح دنيا جي هر شيءِ جي هڪ خاصيت ۽ قدرتي تاثير آهي، اهڙيءَ طرح انساني عملن کي بہ معنوي خاصيتون ۽ نتيجا آهن. نيڪ عمل جو نتيجو ڀلائي آهي، ۽ بڇي جو برائي."

شاه صاحب بہ هن سر ۾ اها حقيقت سمجهائي آهي. مارئي، عمر کي مخاطب ٿي چوي ، تہ تون هتي جيڪي ظلم، ڏاڍ ۽ ڪلا ڪم ڪندين، انهن جو توکي ضرور اڳتي هلي حساب ڏيڻو پوندو.

مينها ڏوھ نہ مارئي، نہ کِلي نہ کاھ،
عمر جي انصاف جا، ويلي واسا ماڳاھ،
هيءَ جا ڪيھ هاھ، سا، مهڏا ايندم مُنھ ۾

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(٣) ايندڙ زندگيءَ جو يقين: يعني انسان جي زندگي هن دنيا ۾ ختم نہ ٿي ٿئي، پر هن زندگي کان پوءِ زندگي آهي، جنهن ۾ جزا ۽ سزا جو معاملو پيش ايندو. شاهہ صاحب هن سر ۾ ان ڳالهہ کي مارئيءَ جي تمثيل ۾ تفصيل سان بيان ڪيو آهي. شاهہ صاحب سمجهائي ٿو تہ پاڻهو هن دنيا جي رنگينين ۽ رعنائين ۾ محو ٿي خدا جي ياد کان غافل رهي ٿو، پر کيس خبر هجڻ گهرجي، تہ هيءَ دنيا عارضي ۽ فاني آهي. پاڻهي کي ايندڙ دنيا ۾، هن دنيا جي عملن جو حساب ڏيڻو آهي. پوءِ اهوئي سرخرو ٿيندو، جنهن هن دنيا ۾ چڱا عمل ڪيا هوندا. شاهہ صاحب مارئيءَ جي زباني انهيءَ ڳالهہ جو پڇتاءُ بيان ڪري ٿو. جيڪو هن دنيا جي ڪمين ڪوتاهين جو اعتراف ڪري ٿو.

سونهن وڃايم سومرا، ميرو مُنہُ ٿيوم،
ويچ تنہِ پنومِ، جت هلڻ ناهہ حسن ري.

(٤) ڀلائي ۽ خوش نصيبي جي راهہ ۽ ان جي سڃاڻ: شاهہ صاحب جي نظر ۾ انسان جي ڀلائي انهيءَ ۾ آهي، تہ هن دنيا جي لوڀ لالچ ۾ ڦاسي، ايندڙ زندگيءَ کي وساري نہ ڇڏي. هو ٻڌائي ٿو. تہ آهي خوش نصيب آهن، جيڪي پنهنجي اصل ماڳ ۽ مڪان جو اونو ڪن ٿا:

تن مہ سرچارا مارئي، ملير جي جو ماڳ،
ناقص ترازي گهٽ، سندو تن سياڳ،
اڳن سرن اياڳ، ڪُسن ٿي هنجهي ٿئو.

شاهہ صاحب جي هر سر بابت محققن جا جدا جدا رايا آهن، پر سڀ ان ڳالهہ تي متفق آهن، تہ هن سر ۾ انساني روح جي تڙپ ۽ تانگهہ ۽ پنهنجي اصلوڪي وطن لاءِ سڪ ۽ اڪير ڏيکاريل آهي.

فطرت جو اپياس:

شاهہ صاحب جي شعر جي خاص خوبي هيءَ بہ آهي، تہ هن نظرياتي ۽ فڪري ڳالهين ڪرڻ سان گڏ فطرت جي مشاهدي جو ڳوڙهو اڀياس بہ آندو آهي. اهوئي سبب آهي، جو سندس شعر مان روحاني سبق بہ ملي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿو، تہ ان سان گڏ زندگيءِ جون حقيقتون بہ چٽيون ٿيون ٿيون. ان لحاظ کان مسدس شعر مان روحاني هدايتن سان گڏ هن زندگيءِ جي ڀلائي ۽ بهتريءَ لاءِ بہ پيغام ملي ٿو. هن سر جي روشنيءِ ۾ انهن حقيقتن جي نشاندهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي:

(۱) اها انساني فطرت آهي، تہ هر ماڻهو چڱائيءِ جي طلب رکي ٿو. سقراط چيو آهي، تہ ڪوبہ ماڻهو فطرتي لحاظ کان شر جو طالب نہ ٿو ٿئي. خير جي طلب انسان جي فطرت آهي، پر عمل جي ڪوتاهيءَ سبب هو خير کي شر سمجهي، ان جي پيروي ڪرڻ لڳي ٿو. انهيءَ ڪري ڏوڪن ۾ زندگي گذاري ٿو. نتيجي ۾ ظلم ۽ ڏاڍ روا رکي ٿو، ۽ ٻرمار ٿي، پنهنجي فائدي لاءِ ٻين کي ٻيڙي ٿو ۽ انهن جا حق کائي ٿو. دانا اهي آهن، جن جي دل خير ۽ شر جي ڪسوٽي آهي. اهيئي ماڻهو ڀائپي ۽ برادري قائم ڪن ٿا، ٻين سان محبت ڪن ٿا. ۽ ٻين جا ڏڪ ڏوکي ٿين ٿا.

۲. انسان ۾ الله تعاليٰ وڏي طاقت رکي آهي. جيڪڏهن هو پنهنجي اصول ۽ مقصد تي اٽل ۽ اڏول ٿي بيهي تہ دنيا جي ڪابہ طاقت ڪيس پنهنجي مقصد تان هٽائي نہ ٿي سگهي. هو هر طاقت ۽ ڏاڍ جو جرات ۽ بهادريءَ سان مقابلو ڪري سگهي ٿو، ۽ آخر هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. ماروئڙيءَ جي زباني شاهہ صاحب چوي ٿو:

زيرين پيرين لوهہ ۾، ڳچي ڪيس ڳاهہ،
سنگهي سنڌي سومري، هڏ نہ ڇاڙهيم ماهہ،
سرتيون! دعا ڪجاهہ، تہ پرين پاروڙيہ رهي.

۳. لالچ ۽ لوڀ انسان کي احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا ڪن ٿا. انهيءَ ڪري لالچ ۽ لوڀ ۾ اچي انسانُ پنهنجي وقار وڃائي ويهي ٿو. يعني احساس ڪمتري انساني شرف ۽ شان ۽ عزت نفس جو خاتمو ڪري ٿي، ۽ انسان کي پنهنجي اصلي منصب تان هيٺ ڪيرايو ڇڏي. انهيءَ ڪري شاهہ صاحب سمجهائي ٿو، تہ جيڪو پنهنجو پاڻ تي ڀروسو

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رکندو، اهو پنهنجي حال ۾ خوش رهندو، ۽ سادي زندگيءَ جي باوجود باوقار زندگي گذاريندو. شاهه صاحب مارن جي گهر جي پورهئي جي تصوير هن طرح چٽي ٿو:

مٿي ٿُڪَ ٿيڪڙا، ڇڪندڙا اڇن،
ٻڙيون کيهَ پَکُلِيون، پکهر سر پيرن،
اي وڙ ويڙيچن، مون لوڙائون لکيا.

۴. بهادري انهيءَ ۾ آهي، تہ اصولن تي سوديبازي نہ ڪئي وڃي، ۽ سر جو سانگو نہ ڪري سچ ۽ حق جو هوڪو ڏجي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪيترا ئي ڏک ۽ ڏاکڙا ڇو نہ اچن. پر پير پوئتي نہ هٽائجي. شاهه صاحب مارئيءَ جي زباني چوي ٿو:

ڳچيءَ ڳانا لوهہ جا، زيرون ۽ زنجير،
پَيڪڙا پيرن ۾، ڪڙيون اندر ڪير،
چاري چوڪاني ۾، واهيت ڪن وزير،
پَنِ نہ پيهي آهيان، اهڙيءَ سٽ سرير،
مارو چامر مليرا پهچ ڪجن پنهوار کي.

۵. اعليٰ اخلاقي قدر کي قائم رکجي، تصنع کان پري رهجي، ۽ سادگيءَ ۽ فطرت ۾ سونهن ڳولهجي. مصنوعي ۽ پرمارت واري معاشري کان پري رهجي. شاهه صاحب مارئيءَ کي مخاطب ٿي چوي ٿو، تہ جيترو وقت تون ڪوٽ ۾ قيد آهين، پنهنجي لوئيءَ جي لڄ رک، ۽ عمر جا قيمتي ڪپڙا نہ پاءِ. لوئي ني تنهنجي ڪڙم جي خاص خوبي يا گڻ آهي، ان کي ختم نہ ڪر. عمر ڪوٽ ۾ جيڪو دم آهين، پنهنجو ست سيل قائم رک. يعني انسان هر حال پنهنجي ذات ۾ خوبين ۽ گڻن کي قائم رکي. زماني جي حالتن جي ڪري اوگڻ اختيار نہ ڪري. شاهه صاحب فرمائي ٿو:

ڪر ڏيهُ آهيين ڪوٽ ۾، لوئي هڏمَ لاهہ،
ڪامڻ! آهين ڪُرَ جي، آڳ رکائي آهہ.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هت مَ پاڙج هيڪڙو، پانڙ جي پساهه،
سڀئي سيل تباهه، ملير ويندي مارئي.

٦. ظلم ۽ ڏاڍ کان ڏڪڻ بزدلي آهي ۽ انساني عظمت جي توهين آهي. انهيءَ ڪري ظلم ۽ ڏاڍ خلاف حق جو آواز بلند ڪجي، ۽ باطل خلاف بغاوت ڪري، جنگ جوٽي، انساني عظمت ۽ انسانيت کي برقرار رکجي. مارئي، هڪ مسڪين عورت آهي، عمر جي قيد ۾ بند آهي، عمر کيس ريجهائي راضي ڪرڻ لاءِ قيمتي ڪپڙا ۽ عيش عشرت جو سامان آڇي ٿو، پر مارئي اهي آڇون ٺڪرائي ڇڏي ٿي، ۽ عمر کي نهايت بي باڪيءَ سان مخاطب ٿي چوي ٿي:

پٽ نه پرهيان سومرا! جانڪيتان جيان،
آئون ڪيئن لوئي لاهيان، ڪارڻ پٽ ڏيئهان،
جانسين ٿي جيان، ڪانڌُ نه ڪنديس ڪو ٻئو.

٧. انسان جي عظمت انهيءَ ۾ آهي، ته ماحول جو اثر قبول نه ڪري. اٿين نه ڪري جو جهڙو ماحول ڏسي اهڙي نموني پاڻ کي بدلائي، انهن جهڙو ٿي پوي. يعني جيڪڏهن معاشري ۾ برايون آهن، ته پاڻ به انهن برايون کي اختيار نه ڪري. صحيح انسان اهو آهي، جيڪو خراب ماحول ۾ به ڪنول جي گل جيان پاڪ ۽ صاف رهي. شاهه صاحب انهيءَ سلسلي ۾ مارئيءَ جو مثالي ڪردار پيش ڪيو آهي، جيڪا قيد ۾ هجڻ جي باوجود عمر جي معاشري کي قبول نه ٿي ڪري ۽ ان کي حقارت جي نظر سان ڏسي ٿي. هن ٿي سر ۾ شاهه صاحب مارئيءَ جي ڪردار جي عڪاسي ڪندي سپ جو مثال ڏنو آهي، جيڪا پاڻيءَ ۾ رهڻ جي باوجود سمنڊ جو پاڻي نه ٿي پيئي، پر مينهن جي پاڻيءَ لاءِ پيئي اوسيڙو ڪندي:

سپ سمنڊين سيجي، ابر آ سارويس،
پاڙو پئي نه پيڙي، ملو مُنهَ لڳويس،
ماڪ تي مڙيس، جيءَ تنگ ڪيائين تار ۾.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يعني سڀ، سمنڊ جو ڪارو پاڻي نہ ٿي پيئي، پر مينهن جي مٺي پاڻيءَ جي اميد پر انتظار پيئي ڪري، انهيءَ محنت، ڪشالي ۽ اڃ سهڻ جو اهو فائدو ٿيو اٿس، جو مالڪ حاصل ٿيو اٿس. انهيءَ ڪري شاهه صاحب انسان کي صلاح ٿو ڏئي، تہ سپ مان سبق سکو، ۽ سٺي شيءِ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو ۽ ڪشالو ڪڍو. فرمائي ٿو:

سکو سپ سرتيون! سهي مُلا سير،
پنو مٺائي نيرُ، اپيون اٻر آسري.

٨. شاهه صاحب سمجهائي ٿو، تہ سچائي ۽ سڳارتي زندگي اها آهي، جيڪا ٻين جي ڪم اچي. اهو انسان ڪهڙو، جيڪو فقط پنهنجي غرض جو غلام هجي، ۽ فقط پنهنجي پيٽ ڀرڻ جي ڪوشش ڪري. ان لاءِ شاهه صاحب هڪ ننڍڙي پر ڪارائتي شيءِ سٽيءَ جو مثال ڏنو آهي، جيڪا ڪپڙن جي سبڻ ۽ اگهاڙن جي ڍڪڻ جو باعث بڻجي ٿي. شاهه صاحب فرمائي ٿو:

پاڇاهي ڏٿ ٻاڙيان، سرتيون! سٽيءَ سان،
ڍڪي اگهاڙن کي، ڪيئي وڪيائين پان،
پيهر ڇاپي ڇاڻ، اٻر جي اوصاف کي.

٩. اسلامي معيشت جو بنياد الله تعاليٰ جي ربوبيت، مالڪيت ۽ حاڪميت تي آهي. انهيءَ ڪري اسلام مطابق ڪو بہ انسان ڪنهن شيءِ جو حقيقي معنيٰ پر مالڪ ۽ متصرف ٿي نہ ٿو سگهي. ڪائنات ۽ ان جي سمورين شين، زمين ۽ ان جي سڀني شين جو مالڪ، متصرف ۽ حقيقي مختار فقط الله تعاليٰ آهي. جيئن قرآن حڪيم جي گهڻين آيتن پر آيو آهي. هڪ آيت هت ڏجي ٿي:

له مافي السموات وما في الارض ط (البقره ــــ ٢٥٥)

(جيڪي آسمانن ۽ زمين پر آهي، سو سندس ئي آهي.)

پر اها الله تعاليٰ جي حڪمت جي تقاضا آهي، جو انسان کي پنهنجو خليفو ۽ نائب بنائي، پنهنجي زمين ۽ ان جي شين مان فائدي حاصل ڪرڻ

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو اختيار ڏنو اٿس. ان جو اهو مطلب نہ آهي، تہ انسان زمين ۽ ان جي شين جو مالڪ ۽ مختار ٿي ويو. اسلام جي تعليم جي نقطہ نگاهہ کان اها نجي ملڪيت آزاد ۽ انسان جي پنهنجي مرضيءَ جي پابند نہ هوندي بلڪ اوهان جي ملڪيت هر لحاظ کان الله تعاليٰ جي حڪمن جي پابند هوندي ۽ انسان هڪ امين جي حيثيت سان انهيءَ نجي ملڪيت جي پيداوار کي حاصل ڪندو ۽ خرچ ڪندو. مطلب تہ اسلام، الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل حدن جي پابند نجي ملڪيت (Divine con-trolled private property) جي اجازت ڏئي ٿو، جنهن جي ذري پرزي جو حساب ڏيڻو آهي.

شاه صاحب هن سر ۾ اهڙن مالڪن کي ننديو آهي، جيڪي الله جي زمين جو مالڪ ۽ مختار ٿيڻ کان پوءِ الله جي حدن جي پابندي نہ ٿا ڪن، ۽ جيئن وڻين تو تيئن پيا ڪن. اهوئي سبب آهي، جو شاه صاحب عمر ۽ ان جي حڪومت جي تمثيل ۾ بادشاهت ۽ آمريت کي ننديو آهي. شاه صاحب مارئيءَ جي زباني عمر جي انصاف تي طنز ڪري ٿو. يعني مارئي چئي ٿي، تہ عمر مان انصاف جي اميد اجائي آهي:

متان ڏوھ نہ مارئي، ڪرتہ ان اوچاھ،
عمر جي انصاف جو پيئس ڪين پڙاءُ،
ويلي چوءِ: الله، مون تي مت نہ موٽيا!

ان جي پٺيان پر تہ جي آزاد معيشت جي تعريف ڪري ٿو، جتي ڪنهن کي بہ الله تعاليٰ جي زمين ۽ ان جي وڻن ٻوٽن تي کلي اختيار ڪونهي. شاه صاحب فرمائي ٿو:

تي وهيءَ ويڙهيچن ۾، سداتين سڪار،
چنديون، آٿيو چاڙهيون، سنديو ڏوتين ڏار،
جن جو ريڙهيءَ سيہ واپار، سي ڏوٿي ڦُرين نہ ڏيرا.

غلط قسم جي حڪومت ٿي در اصل واپارين کي هٿي ڏيندي آهي، ۽ هو من ـ مانيون ڪندا رهندا آهن. اڏنگا محصول ۽ ڏلن مٿان ڏلون بہ

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مهانگائيءَ جو باعث ٿيندڙ هون آهن، ۽ انهيءَ ڪري عوام ۾ بي چيني ۽ پريشاني ٿيندي آهي. شاه صاحب انهيءَ ڳالهه کي پوريءَ طرح محسوس ڪيو هو. هو مارن جو مثال ڏيئي فرمائي ٿو، ته هو اُتي انهيءَ ڪري بلڪل خوش آهن، جو اُتي اوڏنگي حڪومت جون دست درازيون ڪونهن. يعني اُتي چند ماڻهو پنهنجي ذاتي فائدي لاءِ پرمار بنجي ماڻهن کي ايذائين نه ٿا فرمائي ٿو:

نڪا جهل نه پل، نڪو راڙو ڏيهه ۾
آٿر وجهن آهرين، روهڙي رتا گل،
مارو پاڻ امل، مليرون مرڪشون

غلط تسر جي واپارين ۽ اوڏنگي حڪومت کان سواءِ خود عوام ۾ هڪ ٻي لاءِ تڪليف جو باعث ٿيندو آهي. جاڪاڻ جو هرڪو انفرادي طرح سوچيندو آهي، ۽ پنهنجي ٿوري فائدي لاءِ ٻي کي وڏي نقصان پهچائڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. يعني جيري لاءِ ٻڪري ڪهڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. اهو انهيءَ ڪري آهي، جو انسان لالچ ۽ لوڀ ۾ اچي الله تعاليٰ جون مقرر ڪيل حدون اورانگهي ٿو، ۽ الله تعاليٰ جي سونپيل امانت جو پاڻ کي ڪلي مختار سمجهي ٿو.

١٠. وطن جي پيار جو جذبو هڪ فطري امر آهي. انهيءَ کي هر حال ۾ قائم رکڻ ۾ ئي انساني عظمت ۽ سلڇڻي سياه جو راز پوشيده آهي. شاه صاحب هن سر ۾ وطن سان پيار جو اظهار ڪيو آهي. ۽ وطن واپس وڃڻ جي تمنا ڏيکاري آهي. بلاشبه شاه صاحب انسان جي اصلي ماڳ مڪان ۽ عالم الارواح جو ذڪر ڪيو آهي. ان هوندي به ڪيترن ئي بيتن ۾ هن زمين واري وطن سان پيار جو اظهار به نظر اچي ٿو. اهڙي نوعيت جا ڪجهه بيت هيٺ ڏجن ٿا شاه صاحب فرمائي ٿو:

"آءُ نه اکيين اگهان، جي پائر ڏنيءَ پير"
"سندي جا ساٿيهه، ڪه ڪٿوري پاتيان."

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۱۷۳! اچ ۽ مر هيه، جتي آن مران بند ۾،
جسو زنجيرن ۾، راتيان ڏيهان روه،
پهرين وڃان لوه، پوءِ مر پڄنم ڏيهڙا."
واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساهُه،
متان منهنجو بند ۾، قيد ٿئي ڪريجاهُه،
پرڏيهياڻي پرچه ري، ڏارمُ ڏريجاءِ،
لڏي وسائجاءِ ترن جي، مٽي منهنجي مٽاهُه،
"جي پوريان ٿئي پساهُه، ته نجاهه مڙهه ملير ڏي."

مطلب ته مارئي عزم ۽ استقلال جو اعليٰ نمونو پيش ڪيو آهي، وطن جي حب جو عملي تفسير اسانجي سامهون آندو آهي، ۽ آزادي جي تڙپ جو اعلان ڪيو آهي. هن کي ظالم کان نفرت آهي ۽ آزادي لاءِ پيار آهي. هن کي ڪڙن ۽ قلفن، زيورن ۽ زنجيرن، پٽڪڙن ۽ پهڙين، ھٿڪڙين ۽ هٿڪڙولن جي پرواه ڪانهي. هوءِ وڏي واڪي عمر کي مخاطب ٿي چوي ٿي:

آءُ ڪيئن ڇڏيان سومرا، تي پنهوارن پيار،
جڙ جنهن جي جان ۾، لڳي ري ۾ لوهار؛
ميڻرن محبت سنديون، هينڙي منجهه هزار؛
پڪا ۽ پنهوار، ڏئي مون ڏينهن ٿيا.

شاهه صاحب مارئي جي روپ ۾ اهو داناءُ پيش ڪيو آهي، جنهن کي چڱائيءَ جو صحيح شعور آهي. هو ماهرين ڏيک ويک تي پلجي نه ٿو. هو محلن ماڙين، زيورن ۽ ڪپڙن جي اصل حقيقت کي سمجهي ٿو ۽ انهن کي ڌڪاري ڇڏي ٿو. يعني ان ۾ اهو سبق سمايل آهي ته مي حق جي طالب کي جڳائي ته دنيوي شين جي ماهرين ڏيک ويک تي موهت ٿي، انهن جي جار ۾ ڦاسي نه وڃي، پر انهن جي اصل حقيقت سمجهي، انهن کي نظر انداز ڪري ڇڏي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روحاني راز: شاه صاحب جي هن سر جي روحاني راز بابت محققن جا مختلف رايا آهن، پر سڀ ان ڳالهه تي متفق آهن، تہ هن ۾ انساني روح جي تڙپ ۽ تانگهہ ۽ پنهنجي اصلوڪي وطن لاءِ سڪ ۽ اڪير ڏيکاريل آهي. روحاني راز بابت جدا جدا رايا هيٺ ڏجن ٿا؛

ڊاڪٽر گربخشاڻي:- مارئيءَ مان مطلب آهي روح، ملير مان وحدانيت جي وادي يا عالم ارواح، عمر مان نفس، عمر ڪوٽ مان هيءَ دنيا ۽ قاصدن مان مراد آهي؛ هادي يا رهبر.

غلام محمد شاهواڻي: انجهاني ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي خيال سان متفق آهي ۽ چوي ٿو تہ هي سر "ڪل شيءِ يرجع الي اصله" (هر ڪا شيءِ پنهنجي اصل ڏانهن موٽي ٿي) جو تفسير آهي. يعني روح ڪي ۽ پنهنجي اصل ماڳ تي موٽڻو آهي.

مرزا قليچ بيگ: مارئيءَ مان مراد آهي؛ سچو عاشق، عمر مان ظالم ۽ زور آور دنوي ماڻهو، عمر ڪوٽ مان بنديخانو، زيورن ۽ پوشاڪن مان ڏيک ويک ۽ سينگار.

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي: عمر مان مطلب آهي؛ حيواني طاقت، مارئيءَ مان ملڪي طاقت، ملير مان الهن جي ڪم ڪرڻ جو ميدان، ڪيٽ مان اسام يا اڳواڻ، جنهن جي هٿ مان اقتدار جون واڳون نڪري چڪيون هجن.

حقيقت ۾ شاه صاحب جهڙا تمثيل رکيا آهي. ان ڪي ڪيترن هنڌن تي واضح بہ ڪيو آئس. هن ۾ پرينءَ يا مارو مان سندس مطلب آهي؛ خالق ڪائنات ۽ پرين سان لاڱون لهڻ مان سندس مراد آهي؛ الست جو عهد؛

چرن چشڪي چت ۾ وساريان ڪيئن ورين؛
ڪنا عهد الست جي، ڪَ تهائين پري؛
لم يلد ولم يولد، مارني ڪوهہ ڪري؛
اڄ ڪ ڪال مري؛ ساري سانيڙن ڪي.

انهيءَ مقصد جا پيا بہ بيت ملي سگهندا پر طوالت جي ڪري انهيءَ بيت تي ئي اکتفا ڪجي ٿي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُرُ سامونڊيءَ جو فلسفو

عام طرح ڀورڙائيءَ ۾ ماڻهو پلجي پوندو آهي، ۽ اسلامي تصوف متعلق انهيءَ نظريي کي وزن ڏيندو آهي، تہ اسلامي تصوف ويدانت کان ويچار ۾ ويجهو ورتا آهن. پر جيڪڏهن حقيقت جي نظر سان ڏٺو ويندو تہ معلوم ٿيندو، تہ ويدانت جي واٽ ۽ اسلامي تصوف جي تنوار ۾ وڏو فرق ۽ ڦير نظر ايندو. نہ فقط ايترو، پر ٻنهي جي فڪر ۽ فلسفي، منزل ۽ مقصد، اهڃاڻ ۽ اصول ۾ تضاد نظر ايندو.

ويدانت جا ويچار، انسان کي سُکو بڻائڻ جي سکيا ڏين ٿا. اها حقيقت ڏينهن ڏٺي جهڙي چٽي آهي، تہ هندو ساڌن جون تپسيائون سانت سيکارين ٿيون. اوهان کان اها ڳالهہ ڳجهي نہ هوندي، تہ هندو يوگين جي يوگ جا مختلف نمونا آهن. ڪو يوگي سج ڏانهن منهن ڪري، مهينن جا مهينا بيٺو رهندو. ڪو وري ٽنگون اگهاڙي پلٿي ماري جهنگ ۾ ويهي رهندو. ڪو وري پاڻهن جهلي بيٺو رهندو، تہ ڪو وري ٽنگ مٿي جهلي بيٺو رهندو. ڪو دم چاڙهي ڇڏيندو، تہ ڪو سنئون نڪون تي سانت ڪري سمهي پوندو.

ان مان معلوم ٿيندو تہ يوگ جا سمورا قسم تحرڪ ۽ چرپر جي مخالفت ڪن ٿا. هو اهو ٻڌائين ٿا تہ تحرڪ کي ختم ڪرڻ سان ئي منزل ملي ٿي. ان جي ابتڙ اسلامي تصوف، تحرڪ جي تبليغ ڪري ٿو. اسلامي تصوف اهو نہ ٿو ٻڌائي تہ هڪ هنڌ ويهي سنڌ سڪائي ڇڏجن، يا دم چاڙهي ڇڏجي، پر چوي ٿو تہ هر دم سان ڏڻيءَ کي ياد ڪجي. انهيءَ ڪري صوفي چوندا آهن.

"جو دم غافل، سو دم ڪافر."

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيئن زندگيءَ تحرڪ جو نالو آهي، تيئن تحرڪ ۾ روحاني ترقيءَ جو ذريعو آهي. هو پڌائين ٿا، ته روحاني اوسر جي پڄاڻي نٿي ٿئي. هر منزل، ٻيءَ منزل جي ابتدا هوندي آهي. اهو سير ۽ سفر ڪڏهن به ختم ٿئي نه آهي. شاهه صاحب جو سر سامونڊي انهيءَ ساڃاهه جي سڌ ڏئي ٿو، ته جهڙيءَ طرح سامونڊي سفر اڻهاڻ آهي، اهڙيءَ طرح روحاني سفر جي منزلن جو به ڪاٿو ٿي نٿو سگهجي. انهيءَ ڪري روحاني وکر وهائيندڙ وڻجارن کي سدائين سفر جي تات آهي. هو نه ويهن ٿا، نه ساهي پٽين ٿا، پر هميشه اڻهاڻ سمنڊ جهاڳيندا رهن ٿا:

سامونڊين سڄيون، سدائين سفر جو
ڪر ڏيهه چتايو، اونهي وڃن اوهريا.

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃي جيئن
انهي پهر اٿي، سڄيو ڪنهن سفر جو.

وڻجارن واتي، سدا آهه سفر جي،
آيو ٻارهون ماهه، پڻ ٿو سفر سنبهي.

اسلامي تصوف جي جڳ مشهور مفڪر حضرت شيخ محي الدين ابن العربي پنهنجي ڪتاب "فتوحات المڪيه" جي ٻاويهين باب ۾ سلوڪ جي راهه جي منزلن جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ انهن جي حقيقت سمجهائي آهي. لکي ٿو ته منزلون بي شمار آهن، پر هتي اسان فقط انهن منزلن جو بيان ڪنداسون، جن جو تعلق اسلامي شريعت سان آهي، ۽ اهي ٻين منزلن کان ممتاز حيثيت رکن ٿيون. اسان اهڙيون منزلون بيان نه ڪنداسون، جن جو تعلق ٻين مذهبن سان آهي. اڳتي هلي اهڙيون منزلون الڳ پڌايون اٿس، ۽ لکيو اٿس ته انهن مان ڪن جون ڪيتريون ئي شاخون آهن. ان مان معلوم ٿيو ته ابن العربيءَ جي نظر ۾ روحاني سفر جي منزلن جو ڳاڻاٽو ٿي نٿو سگهي. ان لاءِ دليل ڏيندي لکيو اٿس "ٻانهي جي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پالڻهار جي ڪاڻ اهڙي حد ڪاڻهي جو پالڻهار ختم ٿي وڃي ۽ پالڻهار رب بڻجي."

شاهه صاحب الهيءَ حقيقت کي سمجهائيندي فرمايو آهي، ته جهڙيءَ طرح ساموندي سفر ۾ هڪ بندر کان پوءِ ٻيو بندر ايندو، اهڙيءَ طرح روحاني سفر ۾ به هڪ منزل کان پوءِ ٻي منزل آهي:

بندر ڏيساندي ڏيهه، مُلُ نه ملي وارِيءَ
فقيرائي ويس، اُمُلُ ڏيئي اتوريا.

جيئن ته سمنڊ اڇهاڳ آهي، ۽ منزلن جو ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي، الهيءَ ڪري وڻجارن کي هميشه وڃڻ جي واٽ آهي. هنن کي ڪيترو به روڪڻ جي ڪوشش ڪجي، پر هو رڪڻ جا نه آهن. زميني رشتا ۽ پيارن عزيزن جون دانهون ۽ ڪوڪون به هنن تي ڪو اثر نه ٿيون ڪن، يعني مادي تعلقات انهن جي راهه ۾ حائل نه ٿا ٿين. هو هر ڳالهه کان منهن موڙي سفر جو سانباهو ڪري وڃڻا رهن ٿا:

اڄ پڻ وايون ڪي، وڻجارا وڃڻ جيئن،
هلڻ هارا سهرين، روڪيا ڪين نه رهن،
آءُ جهليندي ڪيترو، آئيل ساموندين،
پڳهه ڇوڙي جن، وڃي ٻيڙا پار ٿيا.

ابن العربي فتوحات المڪيه ۾ چاڻايو آهي "جڏهن ڳولها ڪرڻ وارا ڪنهن مقصد کي حاصل ڪرڻ جي جستجو ڪن ٿا، تڏهن ڪين ان ۾ ڪاميابي ٿئي ٿي." يعني جڏهن راهه جي ور وڪڙن کان واقف ٿي اڳتي وڌجي ٿو، ته مولا جي مهر ٿئي ٿي، ۽ مسافر منزل ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. شاهه صاحب اها ڳالهه هن طرح سمجهائي آهي، ته جڏهن سڄهه سيجي رهيا هئا، ۽ ساموندي سفر جي تياري هئي، تڏهن ساموندي سفر بابت معلومات به حاصل ڪيائون ۽ رهبري به ورتائون. ان کان پوءِ جڏهن هو سفر تي نڪتا، ته منجهي ۽ پلجي وڃي اوجهڙ ۾ نه پيا، پر منزل مقصود تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڙهه ڦي سيباڻون، بندر جي تڙن تي،
ملا معلم خيرون، پڇي پوريائون،
سختڙ سونياڻون، اوتڙ ڪنهن نه اوليا.

البت ايترو آهي ته اهو سفر اڻانگو آهي ۽ ان جي رستي ۾ ڪيترائي ڪڻ ۽ ڪڙڪا آهن، ۽ پيا ڪيترائي خوف ۽ خطرا آهن. انهيءَ ڪري هميشه ڊڄندو ۽ ڏڪندو، ۽ مالڪ کان مدد جو ملتجي ٿي اڳتي وڌندو رهجي. جيڪڏهن ڪنهن منزل ملڻ کان پوءِ غرور ۽ تڪبر ڪيو، ته وٺواڻ ٿي ويجهو. ابن العربيءَ لکيو آهي ”پاڻهي ڪي اهو نه جڳائي ته هو پنهنجو مرتبو ڪنهن مرتبي تي غرور ۽ تڪبر ڪري. جيڪڏهن هن ائين ڪيو، ۽ پنهنجي حيثيت کان تجاوز ڪيائين ته تباهه ٿي ويندو.“ پاڻهو هيٺو آهي، هن جو هٿ اجايو آهي، ڇاڪاڻ جو مالڪ جي مهرباني کان سواءِ هو اڳتي وڌي ئي نه ٿو سگهي. ابن العربي صاف ٻڌايو آهي ته ”ادنيٰ درجي کان اعليٰ درجي ڏانهن ترقي ڪرڻ فقط تائيد الاهيءَ جي ذريعي ئي ممڪن آهي.“

شاهه صاحب تنهائيءَ ۽ تماشائي واري واٽ ورتي آهي. هو هٺ ۽ تڪبر نه ٿو ڪري، پر پنهنجي هيٺائي ۽ بي وسي ڏيکاري ٿو. انهيءَ ڪري پاڏائي ٿو ته ڪارساز پنهنجو ڪرم ڪري، ته جيئن سفر سڦائو ٿئي:

پران مرٌ پيچان، بندر مون ڏور ٿيا،
نه مون هڙ نه هنج ڪي، جو آءٌ چنبي چڙهان،
ايهين ڪيچ پاڻي، جتهي پرين مڙان،
ڪاريون ٿي ڪريان، تو در آيي ناڪتا.

مطلب ته جهڙيءَ طرح فطرت جي اٽل اصول موجب ترقي، تحرڪ سان وابسته آهي، اهڙيءَ طرح شاهه صاحب جي تصوف جي تشريح ۾ فطرت جي انهن مڙني اصولن پٺاندر آهي. هو سمجهائي ٿو، ته تحرڪ ۾ اچڻ سان ئي ترقيءَ جون راهون کلن ٿيون. پر جيڪڏهن ٿورو اڳتي هلي بيهي رهيو، ته وٺواڻ ٿي ويجهو، يعني وڌندو ۽ وڌندو رهجي. ان سان گڏ پاڻهي کي پنهنجي هيٺائيءَ جو به احساس هئڻ گهرجي. انهيءَ ڪري هٺ ۽ وڏائي ڇڏي مالڪ کان مدد جو ملتجي رهجي.

سُر معذوريءَ جو فلسفو

شاهه صاحب هن سُر ۾ انسان جي اصليت ۽ حقيقت، ڪيفيت ۽ ماهيت، زندگي ۽ موت تي نهايت سولي، سلوڻي ۽ اثرائتي انداز ۾ روشني وڌي آهي. زندگي ۽ موت، جزا ۽ سزا، ڏک ۽ سک جا مسئلا انساني سوچ ۾ ابتدا کان وٺي وڏي اهميت رکن ٿا. انسان هزارن سالن کان سوچيندو ۽ مختلف نظريا قائم ڪندو آيو آهي. انهن ئي مسئلن جي سوچ جو نتيجو هو، جو انسان جاني قربانيون ڏيندو هو ۽ وڏا جوکائتا ڪم سر انجام ڏيندو هو. انهيءَ ئي مسئلي جي سوچ انسان کي جانور ۽ انسان جي قربانين تي آماده ڪيو ۽ انسان پنهنجا پار قربان ڪرڻ، جيئري پنهنجو پيٽ ڦاڙي دل ڪڍڻ، پاڻ کي جيئرو جلائڻ کي پنهنجي سعادت ۽ ڇوٽڪارو سمجهڻ لڳو. انهيءَ ئي مسئلي تي سوچي انسان جُوڻ يا تناسخ جو نظريو قائم ڪيو، جنهن نه فقط هندستان، پر مصر، يونان ۽ ايران ۾ به مڃيو تي ويو.

انهن پراڻن نظرين انسان کي منجهايو ۽ پريشان ڪيو ۽ سنئين رستي تان ٿيڙي ڇڏيو. ڪيس اهڙي اوڙاهه ۾ وجهي ايلايو، جو هو پنهنجي اڏام جا پر ڪومي، ڏڏڙ ۾ ليٽڙڻ لڳو. هو پنهنجو شرف ۽ شان وڃائي، ڪکُ پن، پٿر لڪڙ ۽ جيت جڻتي کي پنهنجو خدا سمجهڻ لڳو. انهيءَ ڪري سندس ذهن ۽ شعور جي اوسر نه ڪانه ٿي، پاڻ پستيءَ ۾ ڪري پيو.

انسان کي اهڙيءَ حالت ۾ ڏسي خالق اڪبر پنهنجي پياري پيغمبر، نبي آخر زمان محمد صلي الله عليه وسلم جي ذريعي پنهنجو پيغام موڪليو ته جيئن هو پنهنجي خالق حقيقي کي سڃاڻي ۽ پنهنجي شرف ۽ شان کان واقف ٿئي. اسلامي تعليم موجب انسان عقل جي ڪامل ترين

www.sindhsalamat.comScanned with CamScanner

رهنمائيءَ جي لاءِ وحي رباني جي صورت ۾ خارجي روشنيءَ جي ضرورت آهي. انهيءَ کان سواءِ انساني عقل پنهنجو صحيح ڪردار ادا ڪرڻ کان محروم رهي ٿو. يعني جيڪڏهن انسان وحي الاهي جي رهبري ۽ رهنمائيءَ کان سواءِ پنهنجي سر فقط پنهنجي عقل تي هلندو ته وٿوائد ٿي ويندو. اسلام جي ٻي اهم ۽ بنيادي خصوصيت توحيد جو عقيدو آهي. قرآن حڪيم توحيد جي عقيدي کي انسان ۽ ڪائنات جي سموري اڀياس جو مرڪز ۽ محور بڻايو آهي، ۽ ان کي ڪائنات جي مطالعي لاءِ هڪ بنيادي ضرورت ٺهرايو آهي. توحيد تي ايمان آڻڻ کان سواءِ ڪائنات جي مطالعي جي جيڪا به ڪوشش ڪئي ويندي، اها بي سود ۽ لاحاصل هوندي. قرآن ڪريم ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪائناتي وحدت جو اصل اصول الله تعاليٰ جو وجود آهي، جيڪو هڪ آهي ۽ لاشريڪ آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو فڪر ۽ فلسفو به اسلامي تعليم جو ترجمان آهي. هن انسان ۽ ڪائنات تي سوچيو ۽ ويچاريو آهي، پر سندس سوچ ۽ ويچار، فڪر ۽ فهم قرآني حڪمت ۽ وحي الاهيءَ جي روشنيءَ ۾ آهي. هن جي نظر ۾ سڀني علمن جو ماخذ هڪ آهي ۽ ان جو مقصد ۽ منتها يعني نصب العين به هڪ آهي. هو چوي ٿو ته ڪائنات جون رنگينيون، ۽ نفس جون سڌون ۽ خواهشون، انسان کي وڏي آزمائش ۾ وجهن ٿيون. اهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن هو وحي رباني جي رهنمائي ۽ رهبري کان سواءِ فقط عقل جي غلامي اختيار ڪري، ڪائنات جي رنگينين جي پاهرئين ڏيک ويک تي ڀنيلجي پوندو، ۽ نفس جي سڌن ۽ خواهشن جي حصول کي پنهنجي زندگيءَ جو مول مٿو بڻائيندو، ته انسانيت جو شرف ۽ شان وڃائي ويهندو. پر جيڪڏهن سندس تعلق مالڪ حقيقي جي طرفان موڪليل پيغمبر ٻنهي جهانن جي سردار، سيد المرسلين محمد مصطفيٰ ﷺ سان هوندو ۽ سندس عمل ان جي رهبري ۽ رهنمائي مطابق هوندو، ته ڪيس ڪو جوکو نه رسندو. شاهه صاحب فرمائي ٿو؛

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏکا ، ڏنگر جا مروڙ، مر ٿا مون تي ڪن،
ڀُونڊا ڪيھ پريت تي، مي جا ستر ٿا سڄن،
سڳاڻپ جي سيد چئي، آهي سڌ سڀن،
هتڊ نہ هت ترن، پر قرابت ڪم ڪئو.

شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري ساڳيو خيال هن طرح بيان ڪيو آهي:

ڏکيون ڏاٽ پئو، هينئڙو لہ سنڌان جيءَ،
سنياري ڪي سجڻين، ورچي تان نہ وٺو.

شاهہ صاحب جي تعليم جو بنيادي مقصد هي آهي، تہ انسان پنهنجو پاڻ ڪي سڃاڻي ۽ پنهنجي رب جي وصال کي پنهنجو مقصد بنائي. هو ذهن نشين ڪرائي ٿو، تہ انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي مشڪلاتن ۽ مصيبتن دريپش اينديون، پر انهن جي پرواهہ ڪرڻ نہ کپي، فرمائي ٿو:

ڪنڊا مون پيرن ۾، ترٽي لڪ لڳن،
آگر آگرين نہ مڙي، ڇهون پير ڇڻ،
ويندي ڏاهہ ڀرين، جتي جات نہ پاڻيان.

”جتي جات نہ پاڻيان“ جو مطلب آهي تہ جيتوڻيڪ ڪيڏيون بہ تڪليفون اچن، پر عقل ۽ مصلحت جي غلامي اختيار ڪري، اها راهہ ڇڏي ڏيڻي نہ آهي. يعني ڪيڏيون بہ مصيبتون ۽ مشڪلاتون آڏو اچن، پر اصولن تي سوديبازي ڪرڻ نہ کپي.

هن سٽ ۾ شاهہ صاحب اهو سبق ڏنو آهي، تہ مسلسل جُهد انسان جي زندگيءَ جو مقصد هئڻ کپي. هن کي پنهنجي مقصد جي حصول لاءِ لڳي ويهي رهڻ نہ کپي، پر لاڳيتو ڪوشش ڪرڻ کپي ۽ هر حال ۾ قدم اڳتي وڌائڻ کپي. فرمائي ٿو:

هلندي هاڙ وهي، گسان تان مَ گسان،
لکن تان لطيف چئي، رڙهي مانَ رسان،
پنهون، شال پسان: رهان تان نہ وس پئو.

هو خبردار ٿو ڪري، تہ انهيءَ راهہ ۾ ڪيترين ئي ڳالهين توکي ڀٽڪائڻ جي ڪوشش ڪنديون، پر توکي اصل مقصد کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ مقصد ۽ مصلحت ۾ دلچسپي وٺي، اهو اصل مقصد هٿان ڇڏڻ نہ گهرجي. فرمائي ٿو:

هٿين پيرين، مونڙين، ڪهچ ۾ ڪپار،
مستان چوريا چليين، پريتئي پچار،
توکي سند سستي، سندي لُٽيءَ لغار،
جي هونئي هوت هزار، تہ پاڻ ڪومَ پنهوءَ سين.

هو چوي ٿو تہ منزلون ماڻڻ لاءِ ضروري آهي، تہ انسان هميشہ وک کڻندو وڌندو رهي. ايتري قدر جو ساهي پٽڻ ۽ ويساڻيءَ ۾ بہ ڪيس گهڻو وقت وڃائڻ نہ گهرجي. انهيءَ ڪري هو مشورو ڏئي ٿو تہ ساهي پٽڻ لاءِ تمام ٿوري ويرم ويهڻ گهرجي. فرمائي ٿو:

ٿور – ويرمي ٿيءُ، وڃڻ ويرم نہ سهي،
ڏينهي مرج ڏنگرين، جتي ڪارڻ جيءُ،
هلُ تہ هلندو هيءُ، ساهہ پريان تان صدقو.

يعني وصال لاءِ وڌندي، وات ويندي، جيڪڏهن هي ساهہ صدقو ٿئي تہ سچايو ۽ سڦلو آهي. اهو موت وڏي سعادت آهي ۽ واحد جي وصال جو ذريعو آهي:

ڏکيءَ سنديون ڏنگريون، اوچنگاريون اچن،
هٿي سانگ سستيءَ کي، ڪلو ڪٿو ڪيون،
جي هٿان هوت مرن، هوت تنهن جي هنج ۾.

انهيءَ کي صوفين فنا ۽ بقا سڏيو آهي. فنا جو مطلب آهي، تہ سالڪ پنهنجي نسبت بالڪل سلب ڪري ڇڏي ۽ فقط حق تعاليٰ جو وجود پنهنجي ظهور ۾ ثابت ڪري، نہ فقط ايترو، پر هو پنهنجو ظهورو ئي ذات مطلق جو ظهورو سمجهي. شاهہ صاحب سمجهائي ٿو، تہ پنهنجو پاڻ فنا ڪرڻ کان پوءِ ئي ٿون جانب جي جمال جو جلوو پسي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سکيندين. فرمائي ٿو؛

مري جيءَ تہ ماڻهين، جانب جي جمال،
تين ڪُند حلال، جي پند اهائي پاريين.

فنا کي صوفين " مرڻ کان اڳ مرڻ " نالو ڏنو آهي. يعني جيئري ئي پنهنجون سڌون ۽ خواهشون ختم ڪري ڇڏڻ ۽ پنهنجي مالڪ جي محبت ۾ پاڻ کي محو رکڻ. شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ، جيڪي جيئري ئي پنهنجو پاڻ فنا ڪري، موت جي منزل ماڻين ٿا. اهي دراصل مرڻ ڪونہ ٿا، پر انهن کي هڪ اعليٰ زندگي ملي ٿي، جيڪا ڪڏهن بہ فنا ٿيڻ واري نہ آهي؛

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿيا نہ مات،
هُئا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا.

نفي ۽ اثبات جي مسئلي کي ابن عربي فلسفيانہ نموني سمجهايو آهي. هو اصل حقيقت کي "عين" سڏي ٿو. الهيءَ عينيت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هو عالم جي نفيءَ سان ابتدا ڪري ٿو، يا خدا جي اثبات سان عالم جي نفيءَ کان اڳي هلي، هو مڃي ٿو تہ عالم جي حيثيت ٿالي ماتر آهي. اهو غير حقيقي، وهمي ۽ اعتزو وجود آهي، جو خارج ۾ معدوم آهي، موجود فقط خدا آهي. عالم يا ڪثرت جو وجود فقط وحدت جي تجليات جي حيثيت سان آهي، يا ان جي تعنيات جي حيثيت سان آهي؛ بذات خود عالم جو ڪوبہ وجود ڪونهي.

خدا کان ابتدا ڪري، ابن عربي چوي ٿو تہ عالم ئي خدا آهي. هيءَ تجلي آهي، جنهن ۾ وحدت پنهنجو پاڻ ظاهر ڪيو آهي. انهن تجلين ۾ وحدت بالڪل گم ٿي وڃي ٿي. انهن تجلين کان ٻاهر وحدت جو ڪو وجود ڪونهي. الهيءَ ڪري هڪ سالڪ کي الهيءَ عالم کان ٻاهر خدا جي ڳولها جي ڪوشش ڪرڻ نہ گهرجي. شاهہ صاحب الهيءَ حقيقت کي هن طرح سمجهايو آهي؛

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ولاڙيو وڏي چڙهي، ڏاڍو ڏوري ڏيرُ،
سهيريان جي سور، پري پڙاڏا ڪري.

ڪيفيت جو اهو ڪشف دائمي نہ ٿو رهي، جنهن کي هو "فرق بعد الجمع" سڏي ٿو. انهيءَ موجب هو چوي ٿو تہ موجود حقيقي کي ڪو خدا سڏي يا عالم چوي، توڻي عجز جو اعتراف ڪري، ساڳي ڳالهہ آهي. اسان جو شاهہ صاحب عجز جو اعتراف ڪري ٿو. فرمائي ٿو:

ولاڙيو وڏي چڙهي، رئي پسنو روهہ،
وِهان جو ويچ پوہ، سر ڪنهِ پر ڪهي لاهيان.

فرق جي معنيٰ امتياز آهي. تصوف جي اصطلاح ۾ فرق سالڪ جي انهيءَ روحاني مقام کي ظاهر ڪري ٿو. جنهن ۾ هن کي محسوس ٿئي ٿو تہ مان خدا کان الڳ آهيان ۽ جدا وجود رکان ٿو. جمع جي معنيٰ آهي: هڪ ٿيڻ. تصوف جي اصطلاح ۾ ان مان مراد آهي: سالڪ جو اهو مقام، جنهن ۾ کيس اهو محسوس ٿئي ٿو، تہ مان ۽ خدا هڪ ٿي ويا آهيون. فرق بعدالجمع جي معنيٰ آهي: هڪ ٿيڻ کان پوءِ جدائي. تصوف جي اصطلاح ۾ هي اهو مقام آهي، جيڪو سالڪ کي جمع جي منزل کان لنگهڻ کان پوءِ ايندو آهي. ان ۾ هن کي محسوس ٿيندو آهي، تہ منهنجو وجود خدا جي وجود کان الڳ آهي. شاهہ صاحب انهيءَ فڪر کي سمجهائڻ لاءِ هن سُر ۾ سسئيءَ جي تمثيل کان ڪم ورتو آهي، ڇاڪاڻ جو سسئيءَ کي بہ وصال کان پوءِ وڇوڙو حاصل ٿيو هو.

شاهہ لطيف فرق بعد الجمع جي نقطہ نگاهہ کان حقيقتون واضح بہ ڪري ٿو، تہ پنهنجي عجز جو اعتراف بہ ڪري ٿو. انهيءَ ڪري ٿي پاڻنجي ٿو تہ هن سر کي "معذوري" نالو ڏنو اٿس، ڇاڪاڻ جو "معذوري" جي معنيٰ آهي: ضعيف، لاچار.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سر ڏھر جو فڪري جائزو

جهڙيءَ طرح شاھ صاحب جي رسالي جا مختلف سر سنڌ جي مختلف تاريخي ۽ جاگرافيائي پس منظرن ۾ چيل آھن، اھڙيءَ طرح شاھ صاحب جو سر ڏھر بہ سنڌ جي ھڪ تاريخي ۽ جاگرافيائي پس منظر ۾ چيل آھي. ھي سر سنڌ جي ويران درياھ جي تاريخي ۽ جاگرافيائي پس منظر ۾ چيل آھي. معلوم ٿئي ٿو، تہ شاھ صاحب جڏھن ھاڪڙي درياھ جا ويران ماڳ ۽ مڪان ڏٺا، تڏھن دنيا جي بي ثباتي سندس آڏو روز روشن جيان عيان ٿي. ان کان پوءِ ان تاريخي ۽ جاگرافيائي پس منظر ۾ ھن سر جا بيت چيا.

(١) ھن سر جي شروع وارن بيتن ۾ شاھ صاحب ان ڪنڌيءَ جي وڻ کي مخاطب آھي، جيڪو سڪي ويل دريا يا ان جي ڪنھن شاخ جي ڪناري بيٺل ڏٺو ائس. ان منظر مان شاھ صاحب کي دنيا جي فنائيت جو ڏٺو وائٺو ثبوت ملي وڃي ٿو. اھو ان حقيقت جي اظھار لاءِ ڪنڌي کي مخاطب ٿي چوي ٿو، تہ ھتي ڪنھن زماني ۾ جيڪا خوشحالي ھئي، اھو اوج ڪيڏانھن ويو؟ اھي جنگ جھاز ڪيڏانھن ويا، جيڪي سامان سان پرجي ھتان لنگھندا ھئا؟ اھي ملاح، محصول اڳاڙيندڙ ڪامورا، ملڪ لتاڙيندڙ وڏا ونجارا ڪيڏانھن ويا، جن جي اچ - وڃ جي ڪري تنھنجي چوڌاري رونق ھئي؟ ھن درياھ ۾ پاڻيءَ جي جيڪا موج ھئي، اھا ھينئر ڪٿي آھي؟ شاھ صاحب فرمائي ٿو:

ڪرڪي ڳالھڙين، ڪنڌا ورو ڏاڍي جيري،
ڪيہ سي راتڙين، ڪہ ۾ ڏينھن گذاريا؟

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچ ڪـ سڪر ڊور، ڪنڌيءِ اَڪ ڦلاريا؛
جنگي ڇڏيو زور، سَڻُ سڪر سونگي گيا؛

جيڪو واهه اڳ هتان وهندو هو. اهو سڪي ويو آهي. ملاح پاڻيءَ جا پار ڏسي مڪڙا موڙي هليا ويا. ۽ هينئر هو اتي ڏسڻ ۾ نه ٿا اچن. نه آهن ملاح، نه محصول اڳاڙيندڙ ڪامورا ۽ نه وڻجارا. اڳي ”جسودن“ راجا جو هتي قائدو اوج هو. اهو هينئر ختم ٿي ويو آهي. هتان جيڪي جاڳي ۽ پٽهيل ناليءَ واهه وهندا هئا. انهن جو نالو نشان ٿي نه بچيو آهي. هينئر ڪن ڪِن هنڌن تي ڪا وسنوَ آهي. نه ته سچ پچ واڪا ڪري. اڳي جنهن ڪنڌيءَ تي قيمتي وکر جا ڪوڙ هوندا هئا. اتي سر ۽ ڪک پيا پسجن. ڪندو ويچارو هينئر اڪيلو ۽ ويڳاڻو آهي. چاڪاڻ جو بندر جو اڳيون اوج هينئر ويرانيءَ ۾ بدلجي ويو آهي. فرمائي ٿو،

ڪنڌا تون ڪيئن؟ جڏهه پريو ڊور وهي،
جسودن جيئن، تو ڪو ڪاٽيو پهيڙوَ؟

جڏهن واڳي ڊور، پٽي وهيا پليار ۾،
تڏهن تاجرين طور، هئو جسودن سڻ.

ڊور نه اڳيءَ وار، مهند ملاحي لڪئي،
ملئي چوڙيا مڪڙا، پسي پاڻيءَ پار،
جسودن جهڙا يار، پيڙا وير وماس ۾.

سڪي ڊور ديون ٿيون، ڪنڌيءَ ڏنو ڪاٺو،
پاڻي پٽهيل ۾، اڄ اڳيون نه آيو،
ماڙهن ميڙائو، ڪيهين ڪيهين پيئين.

(۲) شاه صاحب جڏهن دنيا جي فنائيت، ۽ انسان جي غفلت ۾ ڪوتاهيءَ تي ويچار ڪري ٿو، ته پاڻ اولداهيءَ ۾ ڪيس روشنيءَ جو

ڪرڻو نظر اچي ٿو، جنهن جي آثار تي هو حق ۽ باطل کي پرکي، پروڙي صحيح وات وٺي سگهي ٿو. اهو رهنما ۽ رهبر، ڪائنات جو ڪارڻ، مديني جو مير، ٻنهي جهانن جو سردار، اسلام جو باني حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ آهي. داستان ۾ پڻ هو آسرو ۽ اميد رکي الهيءَ هاديءَ کي دانهون ۽ پڪارون ڪري چوي ٿو، ته تو بنا ڪو واهر وسيلو ڪونهي. تون ئي اچي اوڙاهه مان ڪڍي پار ڪر، ۽ محبوب حقيقي سان ميڙاپي جو موقعو مهيا ڪر. تون ئي اڳين جو آڌار، ۽ هيڻن جو همراهه آهين. فرمائي ٿو:

مديني جا ڌڻي، سڀ منهنجا سڏڙا،
تنهنجي آهر تئي، پي ڪنڌي ساريان ڪان ڪا.

مديني جا مير، سڀ منهنجا سڏڙا،
سڻ تنهنجي سير، تون پار لنگهائين پيڙا.

هن سر ۾ شاهه صاحب جا دعائيه بيت به ملن ٿا، جن ۾ هن الله تعاليٰ کي پاڙايو آهي ۽ ان جي ساراهه ڪئي آهي. هڪ بيت هت ڏجي ٿو:

جيڪو تنهنجو ناءُ، پاڄهه به اوڏيائي مڱان،
ري ٿيءَ، ري لوڙيءَ، تون ڄڀو تون ڄاڻءُ،
ڪڇاڙو ڪهاڻ، ترڪي معلوم سڀ ڪا.

(۲) داستان ٽئين ۾ شاهه صاحب اهي خيال ظاهر ڪيا آهن، ته انسان جو هادي ۽ رهبر ٻين رهنمائن کان بلڪل مختلف آهي. هو ڪامل ۽ اڪمل آهي، ۽ سندس ٻڌايل وات هر لحاظ کان صحيح ۽ سڌي آهي. انسان اها وات وٺي هلندو ته پردي ۽ پناهه ۾ رهندو، ۽ وٿوائد ٿي نه ويندو. يعني نبي ڪريم ﷺ جي پيرويءَ ۾ ئي امن ۽ سلامتي، ۽ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي آهي.

شاهه صاحب تنبيهه ٿو ڪري، ته انهن اصولن جو صرف زباني اقرار

www.sindhsalamat.comScanned with CamScanner

ڪاڻي نہ آهي. غفلت ۽ ڪاهليءَ مان ڪجهہ ورڻو ناهي، عمل سان ئي انسان پنهنجي زندگي سنواري ۽ سڌاري سگهي ٿو. هيءَ دنيا ماڻهوءَ جي جاکوڙ جو ميدان آهي. اهو عمل جو ميدان بہ آهي. اهڙيءَ طرح سلطاني سهاڳ ننڊون ڪندي نہ ملندو. مطلب تہ شاهہ صاحب سمجهايو آهي، تہ غفلت نہ ڪجي، ۽ اجايو وقت نہ وڃائجي. فرمائي ٿو:

سُتا اُٿي جاڳَ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳُ، ننڊون ڪندي نہ ملي.

سُتي نہ سرنديا، ڪر پچار پرين جي،
رهاڻي ويندا، گهڻا هنئڙين هٿڙا.

شاهہ صاحب افسوس جو اظهار ڪندي چوي ٿو، تہ ڪيترا انسان دنيا جي شين جي موهہ ۾ ڦاسي، روح جي تقاضائن کان منهن موڙي ڇڏين ٿا. يعني هو ڦيڻ تي پنهنجن ٿا. پر ڪير جي ساهہ جي ويجهو نہ ٿا وڃن. ڪوڙ پنهنجن ڊوڙي عمر غرق ڪيو ڇڏين. پر سچ جي طرف اچڻ جي ڪوشش نہ ٿا ڪن. نہ فقط ايترو، پر لالچ ۾ اهي اصول بہ قربان ڪيو ڇڏين. فرمائي ٿو:

ڦريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نہ چڪيو،
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا.

مسڪ منهن سنرا، ڪريا ڳهڻ ڪلين،
سي ٿان وسرين، آيا جن ڪمن لئي.

يعني انسان دنيا جي حرص ۽ هوس ۾ ايترو ڦاسي پيو، جو هن کان اهو مقصد ئي وسري ويو، جنهن ڪم لاءِ هو هتي آيو هو. مطلب هي آهي، تہ قرآن حڪيم انسان کي آگاهہ ڪيو آهي، تہ انسان هتي الله تعاليٰ جي عبادت لاءِ آيو آهي، پر هن پنهنجي زندگيءَ جو اصل مقصد ئي وساري ڇڏيو آهي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(۴) سُر ڏھر جي بهترين بيتن ۾ شاه صاحب ھاڪڙي ۽ ان جي شاخن تي آباد بندرن جي ويراني کان سواءِ مڇ جو ذڪر به ڪيو آهي، جيڪو درياهه جي موج واري زماني ۾ ڦوڪڻ ۾ پرچي پيو گهمندو هو. هو پنهنجي گهمند ۾ رهيو، ۽ هيڏانهن درياهه سڪڻ لڳو. هو اهڙو ويسلو رهيو، جو پاڻي لٿي به ويٺو رهيو. آخر مهاڻن جي مهميزن جو شڪار ٿيو. فرمائي ٿو:

جان جر هيڙو سير، تان تون مڇ نه مرتيين؛
آڏا اڏي ڪير، گهٽ ۾ جهليا گهاتيين.

شاه صاحب جو مطلب آهي، ته انسان جو نفس ان مڇ وانگر آهي، جيڪو دنيا جي شين جي موهه ۾ موهجي، ڪامل ۽ ڪريتيو ٿيو وڃي. هو انهيءَ ڳالهه کان غافل رهي ٿو. جن شين جي لوڀ ۽ لالچ ۾ هو قاتل آهي، اهي آخر فنا ٿيڻ واريون آهن. هو انهيءَ ئي غفلت ۾ رهي ٿو، ته موت اچي ٿو متانئس پهچي، ۽ هو سڀ ڪجهه هتي ڇڏي، هليو وڃي ٿو.

(۵) داستان چوٿين جي بهترين بيتن ۾ ”ڪونج“ پکي جو ذڪر آهي. ”ڪونج“ پهاڙي پکي آهي، جيڪا پيٽ ڦوت لاءِ پنهنجو وطن ڇڏي نڪري ٿي. انهيءَ ڪري هر وقت ڪيس پيڇڻ جي سار آهي، جيڪي هو پوئتي ڇڏي آئي آهي. سندس وڇوڙي جا ورلاپ عاشق جي اندر جا ڦٽ اڪوڙيو ڇڏين؛

مَ لُنئُن ڪونجي، مات ڪر، چورو مَ هنيين چاڪ؛
ڦٽيون جي فراق، سي گهر گهاريندين ڪيترو.

هن مان شاه صاحب جو مطلب آهي، ته انسان عالم الارواح مان روحن کان وڇڙجي هت پهتو آهي، انهيءَ ڪري ڪيس روحن جي تانگهه ۽ طلب هڻڻ گهرجي، جيئن ڪونج پنهنجي وڳر کي ساري پيئي ورلاپ ڪري.

ڪونج جڏهن نڪرندي آهي، ته پنهنجي ولر سان گڏجي پرواز ڪندي آهي. شاه صاحب انهيءَ ولر جو منظر ڏسي چيو ٿو، ته هتي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پکين جي پاڻ ۾ ڪيڏي نہ پريت آهي، جو وڳر ڪان ڌار نہ ٿا ٿين. ماڻهن ۾ تہ ايتري محبت بہ ڪانهي. يعني انسان، انسان جو دشمن ٿي پيو ظلم ۽ ڏاڍ ڪري:

وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڙهنئا ميٺ گهٽ.

(٦) انهن بيتن کان سواءِ داستان چوٿين جي ڪن بيتن ۾ شاهہ صاحب سنگهارن ۽ پاڳين جو ذڪر ڪيو آهي، جن جي جهڳي مان آيو ويو ڏٺي ويندو هو. اتي شاهہ صاحب انهن پاڳين جي ذڪر سان گڏ مينهن جو ذڪر بہ پليءَ پٽ ڪيو آهي. فرمائي ٿو:

پورين پاند ڌمي، جهاڳ جهاڳي آئيون،
ڪاڇو مينهڙين، منڌائتو ماڻيو.

يعني شاهہ صاحب ڪاڇي جي جاگرافيائي حالتن ۽ رهڻي ڪهڻي جو ذڪر بہ ڪيو آهي. ڪاڇو اهو علائقو آهي، جيڪو جبل جي وٽ سان ميداني حالت ۾ ٿئي ٿو، جيئن ڏهر. پٽن جي پر ۾ ميداني زمين ڪي جيو ويندو آهي. ڪاڇي ۽ ڏهر جون طبعي حالتون ساڳيون آهن. پنهي جو دارومدار برسات تي آهي. جيئن مينهن نہ پوڻ جي حالت ۾ ٿر جا ماڻهو لڏي ويندا آهن، تيئن ڪاڇي جا ماڻهو بہ هڪ هنڌان ٻي هنڌ ويهندا آهن. ورڻ جڏهن مينهن پوندو آهي، ۽ ڪاڇو وسندو آهي، تہ ماڳن تي موٽي ايندا آهن:

ڪاڇي پني ڪرڪ، آيل سنگهارن جي،
مادر اوءِ ملوڪ، آئي ورڻا اڪري.

مطلب تہ هن بيتن ۾ شاهہ صاحب ٿر جي سنگهارن جو ذڪر بہ ڪيو آهي، تہ ڪاڇي جي مالوند ماڻهن جو احوال بہ آندو آهي.

(٧) ڪن بيتن ۾ انهن سنگهارن جي لاڏائي جو ذڪر آهي، جنهن ڪري اهي وٿاڻ ويران ٿي ويا. يعني فيض جي صاحبن جي هن جهان مان لاڏائي کان پوءِ انهن خانقاهن تي اها ڳالهہ نہ رهي. اهي تڙ تانگها تي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويا. جتان آيو ويو سنگ جي سرڪي چڪندو هو. فرمائي ٿو:

جهرڪون نہ جهٽڪن، وڳ نہ پسان وٽ پر،
آيل سنگهارن، جيڪس چٽاڻو ڪيو.

(٨) هن سر جي پوئين بيت ۾ لاکي ڦلاڻي جي قصي ڏانهن اشارو مليو ٿو. لاکو ڦلاڻي سمن جي سخي ۽ سردارن مان هڪ هو. هن جو نالو لاکو هو، ڦل جو پٽ هو ۽ ڪڇ جو رهاڪو هو. پهرين هن بيت ۾ شاهہ صاحب ڪڇ جي تهذيب ۽ تمدن جو ذڪر بہ ڪيو آهي.

لاکو اندازي طور ١٢٠٠ع کان ١٢٥٠ع تائين ٿي گذريو. ان وقت سردارن جا گهڻ سرڪشي، سورهيائي ۽ سخا لکيا ويندا هئا. جيڪي لاکي ۾ موجود هئا. لاکو جيئن ئي جوان ٿيو، تيئن سورهيہ ساٿي ساڻ ڪري، سنڌ جي سرحد تي لوڙهيون يعني ڌاڙا هڻڻ لڳو، خاص ڪري اوٺن مال جا وڳ هڪلندو هو. ايتري قدر جو اوٺار سندس پوءِ کان ملڪ ڇڏي ويا. هو ڀاڻ تہ اڙينگ جوان هو، پر سندس ساٿين مان "جسو" ۽ جسراج بہ گهٽ ڪون هئا. شاهہ صاحب اهو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

پيهان پلي نگنس، ڏيئي ڀاڳوڙي پير،
جسي ۽ جسراج جو، مٿي واڙين وير،
ڪڇ رهندو ڪير؟ لاکو لاڙاٿو ٿيو.

پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ راڄ ـــ ڇڳي مڙس جي پڳ ڇڏ هن لاکي تي آئي، تڏهن هن لوڙهيون هڻڻ ڇڏي ڏنيون، هيئنئر هن پنهنجي وڏن جي ماڳ تي لکين روپيا خرچ ڪري "ڪيراڪوٽ" نالي ڪوٽ اڏايو. جنهن کي سنڌ جي روايتن ۾ "ڪيروڪوٽ" يا "ڪالهرڪوٽ" ڪري سڏيو ويو آهي. نہ فقط ايترو، پر هن راڄ ـــ ڏاٽي ٿيڻ سان سخا جا واهڙ وهائي ڇڏيا. انهيءَ ڪري کيس سنڌ جي "ڏهن ڏاتارن" ۾ شمار ڪيو ويو آهي. شاهہ صاحب چيو آهي:

لاکي لچ ڪنين، آ ڪلي اوڏڙين جي،
ڪندو ڪاڏ ٻني، اڳ وسرائيل آهيون.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(٩) هن بيان ۾ شاهه صاحب اوڏن جي رهڻي ڪهڻيءَ جو ذڪر به ڪيو آهي، جيڪي پاڻ تہ پڪا اڏي ويهندا آهن، پر ٻين جا ڪوٽ اڏيندا آهن. لاکي جڏهن ڪوٽ اڏائڻ جو ارادو ڪيو، تہ اوڏن کي پاڻ وٽ اچي رهايو. لاکي پنهنجي سخا جي روايت موجب انهن سان ڏاڍا ڀال ڀلايا، پر اوڏن جو اهو دستور آهي، تہ جڏهن هڪ هنڌ ڪم پورو ٿيندو آهي، تڏهن اتان لڏي ٻئي پاسي ويندا آهن. شاهه صاحب هيٺين بيت ۾ اوڏن جي رهڻي ڪهڻي جو عڪس چٽيو آهي:

چنل ڇڄ هٿن ۾، ڪلهن ڪوڏارا،
پورهئي خاطر پانهنجي، آئين سوارا،
اوڏ بہ ويچارا، لاکا! وڃن لڏيو.

(١٠) ان زماني ۾ ڪڇ ۽ سنڌ جي سرحد تي ريباري قوم جا ماڻهو رهندا هئا، جيڪي مالوند ۽ خوشحال هئا. انهن لاکي جي ساٿين "جسي" ۽ "جسراج" جا ڪي ماڻهو ماريا. ان وقت ڪڇ جو راءِ، "ڪنگهار" هو، جيڪو ڄام لاکي جو مامو هو. ان جو جيئڻ تہ هڪ ريبارڻ سان رستو هو، انهيءَ ڪري انصاف ڪرڻ بدران ريبارين جو طرف ورتائين. ڄام لاکي مامي کي گهڻو ئي سمجهايو، پر ان تي ڪو اثر نہ ٿيو.

اهو حال ڏسي لاکو سٽل شينهن جيان جاڳي پيو. سورهيه سائي سان ڪري، پنهنجي پلي گهوڙي "لکي" تي چڙهي لوڙهين لاءِ نڪتو. ريبارين ڄاڙيجن کي سبق سيکاريائين، جيڪي لاکي کان منهن موڙي راءِ ڪنگهار جي طرفداري ڪرڻ لڳا هئا. ان کان پوءِ هو "واگڙ" جي ٽڪرين کان وري اچي ريبارين جي مٿان ڪڙڪيو. پوءِ تہ ايڏو ڌمڪاءُ پئجي ويو، جو ريبارين پنهنجون ڇڏي وڃي رڻ پٽ ۾ پاڻ لڪايو.

ان تي ريبارڻ، راءِ ڪنگهار کي ڏاڍا طعنا ڏنا، جنهن سان سنڌس رستو هو. آخر ريبارڻ جي سازش سان راءِ ڪنگهار، لاکي کي صلح جو پيغام موڪلي پاڻ وٽ گهرايو. صلح جي پيغام پهچڻ سان هن لوڙهيون هڻڻ ڇڏي ڏنيون، ۽ پاڻهون ٻڌارائي اچي مامي وٽ پيش پيو. جيئن ئي اندر

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهڙيو، تيئن راءِ کنگهار جي ماٺهن لاکي جي گهوڙيءَ لکيءَ کي ماري وڌو. اندر گهڙيو، تہ راءِ کنگهار کيس تلوار هڻي ماري وڌو. لاکي جي مرڻ کان پوءِ ريهارين، راءِ کنگهار کي بہ ماري وڌو. چاڪاڻ جو هن سندن ذات واري ريهارڻ کي سريت بڻايو هو. شاهہ صاحب لاکي ۽ لکي جي مرڻ جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي؛

لکي ۽ لاکو، ٻئي مئا، پاڃهہ ٿي،
ڦادر لاٿو ڪچ تان، اڏيون اولاڪو،
واڌيين ۾ واڪو، ريهاري رهي پيا.

هن ۾ "لاکو"، نفس جي علامت آهي. نفس بہ ٻهرياڻين سرڪش ٿئي ٿو. جڏهن طالب رياضتون ڪري ٿو، تہ ان جي سرڪشي ختم ٿئي ٿي. جڏهن نفس سرڪشيءَ جي حالت ۾ آهي، تہ ان کي "نفس اماره" چوندا آهن. هي نفس انسان کي خراب ڪمن جي ترغيب ڏيندو آهي. ٻي درجي جو نفس آهي، لوامہ. هن ڪيفيت وارو نفس انسان کي گناهن تي ملامت ڪندو آهي. انسان جڏهن پوريءَ طرح نفس کي ماري مات ڪري ٿو، تڏهن سندس نفس بلڪل بدلجي "مطمئنه" تي پهچي ٿو. هي نفس خراب ڪمن کان بلڪل صاف ۽ پاڪ آهي. هن قصي جي تمثيل ۾ شاهہ صاحب نفس کي پوريءَ طرح زير ڪرڻ لاءِ منزلون طيءِ ڪرڻ جي ترغيب ڏني آهي.

شاهہ صاحب سمجهايو آهي، تہ شروع ۾ نفس ايئن سرڪش ٿئي ٿو، جيئن جوانيءَ ۾ لاکو سرڪش هو. پيءُ جي مرڻ کان پوءِ لاکو سرڪشي ڇڏي نيڪ ٿيو. اهڙيءَ حالت ۾ ايا بہ خطرو آهي. انهيءَ ڪري انسان کي سنڀالي قدم کڻڻ گهرجي، ۽ هٺ ۽ وڏائيءَ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. ڪنهن بہ وقت سندس نفس وري سرڪشي اختيار ڪري سگهي ٿو، جيئن لاکي وري تازا هٺ شروع ڪيا. انهوئي سبب آهي، جو سالڪن طالب کي هدايت ڪئي آهي، تہ قدم قدم سنڀالي کڻي، جيستائين نفس کي پوريءَ طرح ماري مات ڪري.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇائترو: هن سر ۾ شاه صاحب دنيا جي حقيقت تي روشني وڌي آهي، ۽ انسان جي مزاج ۽ فطرت جون خوبيون ۽ خاميون نروار ڪيون آهن. هو سمجهائي ٿو، ته هيءَ دنيا فاني آهي، پر اجائي نہ خلقي وئي آهي. هي عمل جو ميدان آهي، جنهن ۾ انسان پنهنجي عمل ۽ ڪردار جي ذريعي کٽي ۽ هارائي سگهي ٿو.

هن سر ۾ شاه صاحب ٿر، ڪاڇي ۽ ڪڇ جي تهذيب ۽ تمدن جي عڪاسي ڪئي آهي. ڪڇ، ٿر سان لاڳاپيل آهي، ۽ ڪاڇو ڪيترين ڳالهين ۾ ٿر سان مشابهت رکي ٿو. جيئن تہ شاه صاحب جو مول مطلب آهي، دنيا جي فنائيت کي ذهن نشين ڪرائڻ؛ انهيءَ ڪري هن ٿر جي علائقي جي جاگرافيائي حالتن جي عڪاسي ڪري انهيءَ حقيقت کي نروار ڪيو آهي. خاص طرح سان هن درياهه جي سڪي وڃڻ کان پوءِ ويراني جو ذڪر ڪري اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرائي آهي.

سڪي ويل درياهہ هاڪڙي ۽ ان جي ڦاٽن ۽ واهن جا آثار ۽ اهڃاڻ اڄ بہ ٿرپارڪر، سانگهڙ، خيرپور، سکر ۽ بهاولپور ضلعن جي ڪيترن هنڌن تي جتا نظر اچن ٿا. جن اهي ماڳ ۽ مڪان ڏٺا هوندا، اهي جڏهن شاه صاحب جا هي بيت پڙهندا، تہ اهي نظارا سندن اکين آڏو اچي ويندا، ۽ دنيا جي بي ثباتي سندن دلين تي نقش ٿي ويندي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُرّ ڪاموڏ جو ادبي جائزو

شاهه صاحب جي شاعرانه اسلوب بيان جي هڪ خاصيت هيءَ به آهي، ته هو هڪ نه ٻي هنڌ پنهنجي اعوائن ۽ تمثيلن کي ٻٽري پٽ بيان ڪري ٿو. يعني رومانوي داستان جي تمثيل ۾ پنهنجا جذبا، احساس، خيال ويچار بيان ڪري، هڪ بيت ۾ انهيءَ ڳالهه کي کولي بيان ڪري ٿو، ته مارئيءَ مان سندس مطلب ڇا آهي، وطن مان ڇا مراد آهي، ۽ عمر مان ڪهڙي معنيٰ ۾ آندو آهي. هن سر ۾ نوري ۽ ڄام تماچي به مک ڪردار آهن. سر جي شروعات نوريءَ جي آهن ۽ دانهن سان ٿئي ٿي، جيڪا سمي کي ٻاڏائي چئي ٿي، ته مان مسڪين ڪين جهڙي آهيان.
منهنجون مَدايون ڏسي متان منهن متي وجين،

تون سمون آئون گندري، مون ۾ عيب اپار،
پسي لڳ الغار، متان ماڳر متيين.

اڳتي هلي هن بيت ۾ ٻڌائي ٿو، ته "سمي ڄام". مان سندس مطلب آهي، ذاتي تعاليٰ، جيڪو اڪيلو آهي، جنهن جو ڪوبه شريڪ ڪونهي، وڏائي فقط انهيءَ واحد کي ٿي سونهين ٿي، جيڪو نه ڪنهن جو ڄڻيو ڄايو آهي، ۽ نه ڪنهن کي ڄڻيو اٿس،

نه ڪه ڄايو ڄام کي، نڪو ڄام وياءُ،
نندي وڏي گندري، سڀين آهه سياءُ،
لم يلد ولم يولد، اي تحايت نياءُ،
ڪبير ڪبرياءُ، قدرت تماچي ڄام جي.

نوريءَ جي تمثيل ۾ شاهه صاحب ٻانهي کي اها حقيقت ذهن نشين

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرائي ٿو، تہ وڏائي واحد ڪي ئي سونهين ٿي. پاڻهي جو وڙ اهو هئڻ گهرجي، تہ هو پنهنجي خالق حقيقي، جي در جهڪي. آزي ۽ نيزاري اختيار ڪري، پاڻ کي ان قادرِ مطلق جي آڏو ڪين جهڙو سمجهي، پاڃهہ لاءِ پاڏائي. سُر ليلا چنيسر ۾ بہ اها ڳالهہ سمجهائي اٿس ۽ چيو اٿس؛

"جي ليلائي نہ لهين، تہ پڻ ليلائيج."

هن سر ۾ بہ اهوئي سبق ڏنو اٿس، ۽ ور ور ڪري ورجايو اٿس. پهرين داستان جا لاڳيتا پنج بيت هڪ ئي فقري، "تون سمون آهه ڪندري" سان شروع ٿين ٿا. جنهن ۾ پاڻهون پنهنجي خالق ۽ مالڪ آڏو پنهنجي عاجزي ۽ نهٺائي ظاهر ڪري ٿو. ان کان پوءِ لاڳيتا بہ بيت ساڳي ئي مفهوم واري فقري؛

"تون سمون آهہ ڪندري" سان شروع ٿين ٿا جنهن ۾ پاڻهو پنهنجي خالق ۽ مالڪ آڏو پنهنجي عاجزي ۽ نهٺائي ظاهر ڪري ٿو. ان کان پوءِ بہ بيت لاڳيتا ساڳي مفهوم واري فقري "تون تماچي تڙ ڏئي" سان شروع ٿين ٿا. ستن ئي بيتن جو مطلب ساڳيو آهي. يعني انسان پنهنجي عاجزي ڏيکاري پاڏائي چوي ٿو، تہ مون ۾ اپار عيب ۽ مٿين مدايون آهن. تون سنهنجي مداين ڏي ڏسي، پنهنجي مهر جي نظر پري تہ ڪجانءِ.

اهڙيءَ طرح ساڳيو ئي مطلب جدا جدا نمونن سان بيان ڪيو اٿس، تہ جيئن حقيقت پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ ۾ گهر ڪري وڃي. عام طرح جيڪڏهن ساڳي ڳالهہ مرمر بيان ڪبي آهي، تہ پڙهندڙ ڪڪ ٿي پوندو آهي. پر شاهہ صاحب لفظن جي ڦير گهير سان انهن ۾ حسن پيدا ڪيو آهي، جنهنڪري پڙهندڙ کي ذهني ۽ روحاني لطف بہ اچي ٿو، تہ هو مقصد کي بہ پنهنجي ذهن ۽ دل ۾ جڳهہ ڏئي ٿو.

پهرين بيت جي پهرين سٽ جو پهو فقرو آهي؛ "مون ۾ عيبن جوءِ" پنجن بيتن ۾ پهرين سٽ جو پهريون فقرو تہ ساڳيو آهي، پر بي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فقري جا ٻه پهريان ٽي لفظ "مون ۾ عيبن" ساڳيا آهن، فقط ٻي فقري جو پوئيون قافيه وارو لفظ بدلائي، مطلب ٻه ساڳيو رکيو اٿس، پر شعر ۾ حسن ۽ نواڻ پيدا ڪئي اٿس. اهي فقرا هن طرح آهن،

"مون ۾ عيبن جوهه"، "مون ۾ عيب اپار"، "مون ۾ عيبن ڪوڙ"، "مون ۾ عيبن ويهه"، "مون ۾ عيبن لک". اوهان ڏسندا ته فقري ۾ جيڪي پويان لفظ بدلايا اٿس. انهن جو مفهوم ٻه ساڳيو آهي. "اپار"، "ڪوڙ"، "جوهه"، "ويهه" ۽ "لک" سڀني جو مطلب آهي، بيشمار يعني "مون ۾ بي شمار عيب آهن." شاعر جو ڪمال اهو آهي، جو انهن پنجن بيتن جو آخري فقرو ٻه ساڳيو آهي. اهو آهي، "متان ماگر متيون." پهرين چئن بيتن جي پوئين سٽ جي پهرين فقري جو مطلب ٻه ساڳيو آهي. نه فقط ايترو، پر فقري جو پهريون لفظ "پسي" ٻه ساڳيو آهي. فقط فقري جا پويان ٻه لفظ هن طرح بدليل آهن،

"پسي راڻن روهه"، "پسي ليءَ لغار"، "پسي ڪڪيءَ ڪوڙ"، "پسي مشڪي ڏي."

اهو شاه صاحب جو ڪمال آهي، جو لاڳيتان بيتن ۾ ساڳيو مقصد بيان ڪيو اٿس، ۽ انهن لفظن جي ٿوري ڦيرڦار سان اسلوب بيان ۾ نواڻ پيدا ڪئي اٿس. هيٺ اوهان اهي بيت پڙهو ۽ حظ حاصل ڪريو،

تون سمون آءُ گنديري، مون ۾ عيبن جوهه؛
پسي راڻن روهه، متان ماگر متيين.

تون سمون آءُ گنديري، مون ۾ عيب اپار؛
پسي ليءَ لغار، متان ماگر متيين.

تون سمون آءُ گنديري، مون ۾ عيبن ڪوڙ؛
پسي ڪڪيءَ ڪوڙ، متان ماگر متيين.

---

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون سمون آءُ گندري مون پر عيبن ريهه
پسي منکي ڏيهه متان ماڳر مٽئين

تون سمون آءُ گندري، مون پر عيبن لک؛
مي منهنجي حال جي، توکي سڀ پرک؛
ڪارڻ رب الک، متان ماڳر ستيين.

سنڌي بيت جي شاعرن جي اها هڪ ادبي خصوصيت رهي آهي، ته هو گهڻيرا لاڳيتا بيت ساڳي فقري سان شروع ڪندا آهن. انهن کي "وراڻ" وارا بيت چيو ويندو آهي. شاهه صاحب جي من سر ۾ وراڻ وارا بيت مختلف هنڌن تي ملن ٿا. اڳ ۾ پيش ڪيل بيت به "وراڻ" جو سهڻو نمونو پيش ڪن ٿا. هن بيتن ۾ وراڻ جي هڪ خصوصيت رکيل آهي. يعني وراڻ پهرين فقري ۾ به آهي، ته پوئين فقري ۾ به آهي. يعني پهريون فقرو به ساڳيو آهي، ته پويون به. پهرين فقري واري وراڻ نه فقط انهن پنجن بيتن ۾ آهي، پر ان سان لاڳيتو آيل ٻين ٻن بيتن ۾ به آهي.

ساڳئي داستان ۾ ٻي هنڌ به وراڻ آهي، ۽ بيتن جو مفهوم به ساڳيو آهي. فقط لفظن جي ڦيرڦار سان نواڻ ۽ خوبصورتي پيدا ڪئي وئي آهي. اهي بيت هي آهن:

گند جنين جي ڳوڻ ۾، پاپوڙا پوشاڪ؛
اُنين جي اوطاق، راجا ريجهي آئيو.

گند جنين جي ڳوڻ ۾، پاپوڙا پوشاڪ؛
اُنيين کي انعام، مجهر مڙوني ڏيو.

گند جنين جي ڳوڻ ۾، مٽي تي مڙئيون؛
اچي سنهيڙئيون، سمي جي سلام تي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهڙي نموني وراڻ پڻ جاين تي به ملي ٿي. مطلب ته شاهه صاحب لفظن جي سهڻي جڙاوت ۽ اسلوب بيان جي انفراديت سان پنهنجي مطلب تي به زور ڏنو آهي، ته بيان ۾ حسن ۽ جمال، رواني ۽ اثرانگيزي، دلڪشي ۽ دل آويزي به پيدا ڪئي آهي. هن بيان ۾ وراڻ به آهي، ته رواني ۽ دلڪشي به آهي، ان سان گڏ منظر نگاري به آهي. هر بيت ۾ جدا جدا منظر جي عڪاسي ڪئي وئي آهي:

هيٺ جر، مٿي مجر، پاسي پريين سندام،
ڪڙيين ڪاڄ سڏام، اڻ سٽو ڪرڙ رهين.

هيٺ جر مٿي مجر، پاسي ۾ وڙاهر،
اچي ربي وچ ۾، ڦاڇيه جي ساهه،
لڳي اتر واءِ، ڪينجهر هندورو ٿيي.

هيٺ جر مٿي مجر، ڪنڌيه ڪنور ترن،
ورني واهوندن، ڪينجهر ڪشوري ٿيي.

اهڙي نموني پڻ بيان ۾ به منظر نگاريءَ جا بهترين نمونا ملن ٿا. هن بيت ۾ ڏيکاريو ويو آهي، ته ڪيئن چار جهڙو بادشاهه، نوريءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ سائس گڏجي ٻيڙي تي چڙهي پنهنجي هٿن سان چار هٿ ۾ ڪري، ميهءَ جو شڪار ڪري ٿو:

ميهه هٿ ۾ ڪلڙي، چام هٿ ۾ چار،
سڄو ڏينهن شڪار، ڪينجهر ۾ ڪال هئن.

ڪن بيتن ۾ مهاڻن ۽ مهاڻين جي شڪل شبيهه، رهڻي ڪهڻي، ڪار ڪرت ڏاڍي اثرائتي نموني ۽ حقيقت پسندانه نوع ۾ بيان ڪئي اٿس. مهاڻن جو نقشو هن طرح چٽيو اٿس:

ڪاڄ جنين جو ڪکيون، مال جنين جا مڏ،
سمي سي ٿي سپڻ ڪئا، هيڏا جنين جا هڏ،

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جهامرا ڀرتيءَ لاءِ، ساڻگين جي سيد ڇني.
سهائين جي رنگ روپ ۽ هلت چلت جي عڪاسي هن طرح ڪئي اٿس،

ڪڪيءَ هاٿيون ڪاريون، ڇپيءَ هاٿا ڇڄ؛
پانڌ جنين جي پاند سين، لڱو ٿيي لڄ؛
سمون جهامر سهڄ، اُپو ڪري اُنِ سين.

ڪاريون ڪرجهيون ڪُوڙيون، مور نه مرڄاريون،
ولي وينيون وات ڪي، ڪڪيءَ جيئن ڪاريون؛
اُنهن جيئن آريون، سمي ره ڪير سهي ؟

ڇاريون ڪاريون ڇڄ، ڇپريون، جن جي محبت مڇيءَ سان؛
رهن، وهن سر پانڌيون، سيپيٺي بدبوءِ هان؛
لتاڙن جيئن لطيف چئي، پاٿيءَ وجهن پاڻ؛
تن ملاحن جو ماڻ، سمي سر ڪنو پاهجي.

هنن بيتن ۾ ٻي ادبي خوبي به آهي. يعني هر سٽ ۾ لاڳيتا لفظ اهڙا آندا اٿس، جن ۾ قافيو آهي. مثلاً هڪ سٽ ۾ آهي: "ڪاريون، ڪرجهيون ڪوڙيون" بي هنن لفظ آندا اٿس؛ "ڇاريون، ڪاريون، ڇڄ، ڇپريون." هڪ سٽ ۾ وري لفظ آندا اٿس: "رهن، وهن، سر پانڌيون." اهڙيءَ طرح اندروني قافيه ۽ تجنيس حرفي ذريعي بيتن ۾ رس، رچاءُ ۽ مٺاج پيدا ڪيو اٿس.

عام طرح ڏٺو ويو آهي، ته /ڙ/، /ڏ/، /ڇ/ ۽ /ڻ/ وارا قافيا شعر ۾ ٻسا لڳندا آهن، ۽ جن شعرن ۾ اهي قافيا آندا ويندا آهن، انهن ۾ گهٽ رواني ۽ اثرانگيزي نه هوندي آهي. شاهه صاحب جا جيڪي بيت هيٺ آڏ پيش ڪري چڪو آهيان، انهن ۾ اهي قافيا استعمال ٿيل آهن، پر اوهان ڏسندا ته رواني، رنگيني، اثرانگيزي ۽ دلڪشيءَ جي لحاظ کان انهن ۾

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوبہ فرق نہ آيو آهي، پاڻ انهن حرفن ۾ خوبصورتي پيدا ڪئي آهي.

ٻوليءَ جي لحاظ کان شاهه صاحب جي شعر جي خوبي هيءَ آهي، تہ جيڪو سر، جنهن جغرافيائي خطي سان تعلق رکي ٿو، اتي جا مخصوص لفظ، محاورا ۽ چوڻيون ضرور آندا اٿس، ۽ انهيءَ معنيٰ ۽ ساڳي ئي طريقي سان استعمال ڪيا اٿس. هيءُ سر سنڌ جي ڊلٽا سان تعلق رکي ٿو. انهيءَ ڪري هن سر ۾ ڊلٽا جي پيداوار، ڊلٽا جي منظر، ڊلٽا جي شڪار ۽ ڊلٽا جي رهاڪن جي رهڻي ڪهڻيءَ جو ذڪر ملي ٿو.

هن سر ۾ مهاڻيءَ لاءِ "گندري" لفظ ملي ٿو. دراصل "گندرا" مهاڻن جي ذات آهي. "مانگر" بہ مهاڻن جي ذات آهي. هتي مهاڻن لاءِ "ماگر" لفظ آندو ويو آهي. مڇيءَ جي مثال جيڪا لڳلڳدار ڳڳ ٿيندي آهي، ان کي مهاڻا "لي" چوندا آهن. هن سر ۾ شاهه صاحب اهو لفظ بہ آندو آهي. "ميءَ" يا "ميڙهه" بہ مهاڻن کي چيو ويندو آهي. شاهه صاحب "مڪڪي" معنيٰ "ميءَ جي" لفظ آندو آهي. اهڙيءَ نموني جا ٻيا بہ لفظ آندا اٿس. جهڙوڪ، گلي = مڇي، جار، مڪڙي = ٻيڙي، ڇڇي = مڇيءَ جا آنڊا ۽ گجيون، ڇڄ ، ڇيرون = لٽيءَ جي تاري مان يا ڪانهہ جي ڪانن مان ناهيل تڏيون ۽ ڪاريون، جن تي مهاڻيون مڇي رکي وڪڻنديون آهن، پانڊيون، لڏڙو، گند = (هڪ قسم جو لوڙهہ)، ٻاٻوڙو= ٻوڻ جو ٻج، موڙيون= ڪک جو نهيل سيخون، جيڪي مهاڻيون مٿي رکي، انهن تي ڪارا ڪٽي هلنديون آهن، جهبر = مهاڻن جي هڪ ذات وغيره.

ان مان معلوم ٿيندو، تہ شاهه صاحب جي مشاهدي جي قوت تمام تيز هئي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُرِ سهڻي جو فلسفو

هن ڪائنات جا عجيب رنگ ۽ روپ آهن. هن ۾ ايتري رنگارنگي ۽ تنوع آهي، جو ان تي جيترو به ماڻهو ويچار ۾ ويچاءُ ڪندو، اوترو ويندو الجهندو ۽ منجهندو. البت هڪ حقيقت واضح نظر ايندي ته ڪائنات جي هر شيءِ ۾ تحرڪ آهي. انهيءَ ڪري ڪابه شيءِ ساڳي حالت ۾ نه ٿي رهي. ابن عربي، فتوحات المڪيه ۾ لکيو آهي، " ڪائنات جي شيءِ پنهنجي حالت کان ٻيءَ حالت ڏانهن هميشه منتقل ٿيندي رهي ٿي. انهيءَ ڪري عالم زمان، هر زماني ۾ بدلجندڙ آهي، ۽ عالم انفاس هر دم سان تبديل ٿيندو رهي ٿو."

معلوم ٿيو ته زندگي بيٺل پاڻيءَ مثل نه آهي، پر ان ۾ تحرڪ آهي ۽ تسلسل آهي. انهيءَ ڪري انسان لاشعوري طرح هڪ تڙپ محسوس ڪري ٿو، ۽ سندس اندر مان آڌمان اٿن ٿا. شاهه صاحب سر سهڻيءَ ۾ فرمائي ٿو:

چـــرڙاٽ چـــڙا، ٻُـــرن ٻـــيلايـن جـــا،
ســـتـي ســنـيـارن جـــو، پـيـيـرُ ڪـــس پـــڙاءُ،
رهـــڻ صـــون نه ورڙاءُ، سـڄـڻ جهاڻه جهڄي هـيـون.

سپاٽن ۽ سپورتين، سالڪن ۽ عارفن انهيءَ ڳالهه تي سوچيو ۽ ويچاريو آهي ته اها تانگهه ۽ طلب ڇا جي لاءِ آهي، ۽ ڇو آهي؟ سلوڪ جا صاحب اها سڌ ڏين ٿا ته اها تڙپ انهي ڪري آهي، جو هي جز، ڪل کان جدا ٿيو آهي. ڪيس اها جستجو آهي ته ڪل ۾ سمائجي هڪ ٿي وڃي. اهي جهد ۽ جولان انهيءَ ڪري اٿس، پر وات هٿ نه ٿي اچيس. شاهه صاحب سونهائي ڪندي سمجهائي ٿو، ته تنهنجو انهيءَ

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذات مطلق سان نينهن جو ناتو آهي، جيڪا ازلي ۽ ابدي آهي. ان سان تنهنجو قرب جو ڪاڏو اهڙو وقت ڪان آهي، جڏهن ايا هيءَ ڪائنات ني وجود ۾ نہ آئي هئي. فرمائي ٿو:

ساھڙ جا سينگار، اڄ ڏنا اڳي هتا،
تڪا ڪن نيڪون هئي، نڪا ٻي ٻچار،
ملڪنا مهند هئي، تروڙيءَ جي تنوار،
محبت سان مهار، لايائون لطيف چئي.

اهيءَ ذات مطلق جي حقيقت کي سمجهائيندي ابن عربي چوي ٿو، تہ وجود مطلق هڪ آهي. فقط اهوئي موجود آهي. هر ڪا شيءِ فقط ان جو مظهر آهي. اهيءَ ڪري عالم ۽ الله هڪٻئي جو عين آهن. اهيءَ ڪري هو عالم ۽ الله جي ذات کي ذات ۽ صفات جي حيثيت جي بناء تي تصور ڪري ٿو. يعني جوهر ۽ عرض جي حيثيت جي بناء تي. اهيءَ ڪري چوي ٿو تہ عالم، ان جي صفات جي محض تجلي آهي. بيان العارفين ۾ شاہ ڪريم جو قول آهي:

نہ بي صورت منجِ صورت ڪئر ظهورا
منجِ صورت بي صورت کي ڪرڻ نظر نگاهہ
جيهڙي نہ هيءَ صورت هڏهين هي نہ آهہ
پر آهي بي صورت جا، آهہ هوڙن تهين لاءِ
بي صورت کي صورت ڌارا لهجي نہ مورا.

شاہ صاحب ذات جي ساڃاهہ ڏيڻ لاءِ درياهہ جي تمثيل آندي آهي. هو سمجهائي ٿو تہ جهڙيءَ طرح درياهہ ۾ ڪيتريون لهرون اڀرنديون ۽ اسرنديون آهن، پر اصل ۾ پاڻيءَ جي پسڻ جي حقيقت هڪ هوندي آهي، اهڙيءَ طرح هي رنگينيون ۽ رعنائيون بہ اهيءَ ذات مطلق جا مظهر آهن. اهيءَ ڪري جڏهن ويچا وساريندي، تڏهن حقيقت هٿ ايندي.
فرمائي ٿو:

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لهرن لڪ لباس، پاڻيءَ پسڻ هيڪڙو،
اونهي ته عميق جي، واري ڇڏ وماس،
جت ناهه نهايت تيه جي، ڪر اُت پنهنجي ڪاس
تڙن جي تلاس، لاهه ته لالن لڳ تيين.

ٻئي هنڌ شاه صاحب پڙاڏي جو مثال فرمايو آهي:

پڙاڏو سو سڏ، ور واڻيءَ جو جي لهين.

ابن عربي الهيءِ حقيقت جي وضاحت ڪندي چوي ٿو ته عالم جي حيثيت ثانوي ماتر آهي. اهو غير حقيقي، وهمي ۽ اهڙو وجود آهي، جو خارج ۾ معدوم آهي، موجود صرف خدا آهي. عالم يا ڪثرت جو وجود فقط تجليات وحدت جي حيثيت سان آهي يا ان تعينات جي حيثيت سان آهي. بذات خود عالم جو ڪو وجود ڪونهي. انهيءَ نقطہ نگاهہ کان شاه صاحب چوي ٿو، ته ڪائنات جي هر شيءِ وڏي واڪي الهيءِ حقيقت جي تصديق ڪري ٿي، ته هر هنڌ فقط انهيءَ ذات مطلق جو جلوو جاري ۽ ساري آهي:

جر ڙر تڪ تنوار، وڻ ٽڻ واڻي هيڪڙي،
سهڻي شيءِ ثنا، سوريءَ سرا وار،
همه منصور هزار، ڪهڙا چاڙهندو چاڙهين،

سپت پچار پريں جي، سپت هوت حضور،
ملڪ مڙوئي منصور، ڪهي ڪهندين ڪيترا.

شاه صاحب فرمائي ٿو، ته اها حقيقت تہ ڏيهن ڏاڍي جهڙي جٽي آهي، ۽ ٻڌڙي پٽ پيئي آهي. پر ان تائين پهچڻ جو پنڌ اڻانگو آهي. هي اهو پنڌ آهي، جنهن کي طيءِ ڪرڻ پر عقل ۽ هوش، علم ۽ فهم ڪم ڪونہ ايندو، پر پاڻ آڏو اڃي انڪساهه پيدا ڪندو. انهيءَ ڪري شاه صاحب فرمائي ٿو، ته اها وادي ڏاڍي پُر خطر آهي. انهيءَ کي هو دهشت واري درياه سان ڀيٽي ٿو.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فرمائي ٿو:

دهشت دمر درياه ۾، جت ستاڻا سيسار،
بيحد ٻاگو بحر ۾، هيبتناڪ هزار،
ساريان ڪوڏ سرير ۾، طاقت توها ڌار،
ساهڙ چامر ستار، سگهو رسج سير ۾

اهي لڪ ۽ لانگهيا، پنڌ ۽ پار، ڌاڍا اوکا ۽ اڻانگا آهن، پر محبوب جي ميلاپ لاءِ، سمورئون مشڪلاتون ۽ مصيبتون سر تي سهڻيون آهن. جيڪڏهن محبوب جي سڪ سيني ۾ سانوڻ هوندي، تہ اڻانگا آرا تري، وڃي پرينءَ تائين پهچبو:

سه سيارو، پاڻي پارو، جت جهڙ، جهڪ ۽ جهول
مي اندر مهار جا، هيڙي اڇن هول،
جيلاه پٽيس پول، تي اڙانگا آر تران

انهيءَ منزل ماڻڻ کي سالڪن "فنا" سڏيو آهي. فنا جو مطلب هي آهي، تہ طالب پنهنجي انفراديت ختم ڪري، ذات مطلق اندر سمائجي، وحدانيت جي تڪميل ڪري ٿو. حضرت جنيد بغدادي فنا جا ٽي درجا بيان ڪيا آهن.

پهرين قسم جي فنا هيءَ آهي تہ طالب پنهنجي صفات اخلاق ۽ مزاج جي قيد کان آزاد ٿي وڃي. ٻئي قسم جي فنا هيءَ آهي تہ طالب پنهنجي نفس جي لذت کان بالڪل دست بردار ٿي وڃي. فنا جو ٽيون قسم هي آهي تہ طالب تي رباني تجليات جو اهڙو غلبو ٿي وڃي، جو سندس موجود وجود جي حقيقت سندس اکين کان اوجهل ٿي وڃي.

پهرين قسم جي فنا جو مطلب آهي تہ انسان پنهنجي ڌاهپ ۽ ذات جي ڏنگ کان پاڻ بچائي. گهمڻ گهڙيءَ ۾ انهيءَ وات سان پار پوڻ ۽ اهين آهي، جيئن مٽيءَ مٽي مهراڻ جا ڪارا ڪڻ لنگهي پار پوڻ، جاڪاڻ جو ڌاهپ ۽ ذات جا ڏيکاءُ غرور ۽ تڪبر، هٺ ۽ هوڏ جي اهڙي گهوڙي تي چاڙهيو ڇڏين، انهيءَ ڪري انسان وات ڇڏي، ڪڙائيو ٿي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وٺوائڻ ٿيو وڃي، انهيءَ ڪري شاهه صاحب خبردار ڪري ٿو، ته سنڀالي قدم کڻ. فرمائي ٿو:

ڪارا ڪڻ، ڪاري ٽڪي، جت ڪارڻهر ڪوڙڪا،
منجهه متي مهراڻ پر، اڇي ڏيارا ڏوڪا
وينديءَ ساڻ سامهان، جهول ڏنس جهوڙڪا،
ڪرڪن جا ڪڙڪا، سوڻها ٿيڙس سير ۾.

حضرت جنيد بغدادي فنا جي ٽئين قسم جي وضاحت ڪندي چيو آهي ته ”هن درجي مان مقصد آهي ته انسان انهيءَ شعور کان به عاري ٿي وڃي ته هو روحاني ذات حق جي مقام تي پهچي چڪو آهي.“ شاهه صاحب فرمائي ٿو:

نڪو سنڌو سير جو، نڪو سنڌو سڪ،
عدد ناهي عشق، پڄاڻي پاڻ لهي.

شاهه صاحب فرمائي ٿو ته واحد جي وصال جي واٽ اوکي ۽ اڻانگي ضرور آهي، پر جيڪي جوان سڪ سوائي رکي، محبت جي مهراڻ ۾ ڪڏي پون ٿا ۽ عقل ۽ هوش جي بجاءِ عشق ۽ مستيءَ کي پنهنجو رهنما ۽ هادي بڻائين ٿا. انهن کي اوڙڪ مان تڙ ملي ٿو. درياهه جي دهشت ۽ ڪنن جا ڪڙڪا به انهن جو وار ونگو ڪري نه ٿا سگهن. هو سير مان ثابت ملها وڃن ٿا. فرمائي ٿو:

ڪڪ جيئن گهيڙ گهڙي، جيئن اوڙڪا تڙ ٿيس،
سالم ويئي سرهٿي، ڪنان ڪري ڪنڌس،
آهس اکين ۾، پرين جو پنڌس،
حقا حق ٿيس، هئي طالب حق جي.

انهيءَ نقطه نگاه کان شاهه صاحب طالب کي تلقين ڪري ٿو، ته مٿي متي مهراڻ جي موج ۽ مستي، ڪن جا ڪڙڪا ۽ درياهه جي دهشت ڏسي، ڊڄي پير پوئتي نه هٽاءِ ۽ نه وري حيلن ۽ وسيلن جو ويچار ۽ ويچاءُ ڪري، پرينءَ جو پار پڄڻ ڏي، پر محبوب جي محبت من ۾

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رکي، بي اختيار ٿي موج پرڻي مهراڻ ۾ ڪڏي پئا،

گهڙنا سي چڙهنا، اينهين اليٿي،
مٿي منڌي مهراڻ ۾، پڻ تهو ڏيٺي،
تہ مهار مليٿي، سنيهڙو سيڻاهه سين.

الهي، ڪيفيت کي سالڪن ۽ عارفن مستي سڏيو آهي. مستي، الهي، ڪيفيت، الهي، حالت يا ڪيفيت جو نالو آهي، جو طالب دنيا و مافيها ۽ خود پاڻ کي لاتعلق ٿي وڃي، ۽ سدائين ذات مطلق ۾ گم هجي. مستي عشق الاهي جي حد ڪمال جي نشاني آهي. مستي، جذباتي ۽ تصوراتي انسان جي همت جو مظهر رآهي، جا حق ۽ انصاف ڪري ايري ٿي، ۽ حالات جي دستور موافق تمام توثيق سان عمل جو رستو اختيار ڪري ٿي، جو تردد ۽ تاويلات جي وهمن کان بالاتر آهي.

تاريخ جي ورق گرداني، مان معلوم ٿيندو تہ مستي جي ڪيفيت سبب انسان عظيم ڪارناما سر انجام ڏنا آهن. حضرت ابراهيم عليہ السلام جو باهہ ۾ ٽپي پوڻ، ۽ پنهنجي فرزند کي الله تعاليٰ جي حڪم موجب قربان ڪرڻ، مستي، جي مفهوم جا مظهر آهي. تاريخ پيا بہ ڪيترائي اهڙا واقعا محفوظ ڪيا آهن.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُرَ سارنگ جو مطالعو

"سارنگ" شاهه جي رسالي جو هڪ سر آهي. ان جي لفظي معنيٰ آهي: گهڻن رنگن وارو، رنگ برنگي، مور جي ڪوڪ وغيره. سنڌي زبان ۾ سارنگ، جهڙ، ڪڪر، سانوڻ، برسات جي موسم ۽ مينگهه ملهار لاءِ ڪم ايندو آهي. موسيقيءَ جي لحاظ کان "سارنگ" هڪ راڳڻي جو نالو آهي.

شاه صاحب جي سر سارنگ ۾ برسات جو ذڪر آهي. هن سر ۾ شاه صاحب ڏيکاريو آهي ته برسات، الله تعاليٰ جي رحمت آهي. جڏهن مينهن پوي ٿو، ته خشڪ زمين کي ريج اچي ٿو. جنهن ڪري پوکون ٿين ٿيون ۽ زمين تي گاهه جي چهچ ساوڪ چادر وڇائجي وڃي ٿي. ملڪ سرسبز ۽ شاداب ٿئي ٿو. گاهه ۽ آنُ جهجهو ٿئي ٿو. ڍنڍون ڍورا پاڻيءَ سان ڀرجي وڃن ٿا. انهيءَ ڪري ماڻهو خوشحال ٿين ٿا. ملڪ آسودو ٿئي ٿو، ۽ ڍور ڍڳا، پکي ۽ جيت جڻيا ڍائجي وڃن ٿا. انهيءَ اهميت ۽ ضرورت جي ڪري ماڻهو، مرگهه، ميڙهون، پکي پکڻ وسڪاري جي اوسيئڙي ۾ آهن ۽ منداٺي مينهن لاءِ سارنگ کي پيا سارين. جڏهن سارنگ پنهنجي ساز سامان سان يعني کنوڻين ۽ گجگوڙن سان ظاهر ٿئي ٿو، ته ماڻهو خوشيءَ ۾ نه پيا ماپن.

جڏهن ماڻهو ۽ ڍور ڍڳا، پکي پکڻ ۽ سمنڊ جون سيون سارنگ لاءِ وياڪل آهن، تڏهن قادر ڪريم جي رحمت کي جوش اچي ٿو، ۽ اتر طرف کان ڪڪر ڪارونيار ڪري، گجگوڙيون ڪندي رسيلا رنگ ڪيو ڪاهيندو اچي ٿو ۽ پوءِ رحمت جو وسڪارو ٿئي ٿو. نتيجي ۾ سرسبزي ۽ خوشحالي ٿئي ٿي ۽ ڏيهه جي ڏڪارين کي پٽ سان منهن ڏجي ٿو.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاه صاحب کي مينهن جي وسڪاري وقت ۾ غريب ۽ مسڪين مارو ماڻهو ياد اچن ٿا. ڪيس ڳڻتي ٿئي ٿي، ته من وڏ ڦڙي جي وسڪار ۾ غريب ويچارا ڪيئن ڪندا؟ جن جون جهوپڙيون جهريل آهن ۽ مينهن، مينهن ۽ واءُ جي سٽ سهڻ جهڙا نه آهن. انهن جو اجهو هيٺو آهي، ڏيل ڏڪويل آهي، ۽ نه اٿن پورو اوڇڻ ۽ نه سيءُ جي بچاءُ جا ڪپڙا ۽ سوڙيون. مطلب ته هن سر ۾ شاه صاحب مينهن جي اهميت ۽ فائدن جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ غريبن، مسڪينن، مارن ۽ پنوهارن جي رهڻي ڪهڻي، ۽ اميدن آسرن، مايوسين ۽ محروميتن، تڪليفن ۽ مشڪلاتن جو ذڪر حقيقت پسندانه نموني ڪيو آهي. هي بيت ملاحظه فرمايو:

اڄ پڻ اميدون، اُگھر سنديون اپ ۾،
ساوڻ پسي سرتيون، سڄڻ ساريون مون،
آئون آسائتي آهيان، مانَ پچائي پون،
گھر نه گھرجي تون، منڊ مڙيئي مينهن جي

شاه صاحب هن بيت ۾ فرمايو آهي ته اڄ به آسمان ۾ جهڙ ٿيڻ جي اميد آهي. ان ساوڻ جي موسم کي ڏسي مون پنهنجي پرينءَ کي ياد ڪيو. مون کي اميد آهي ته هن برسات وسي زمين کي آلو ڪري. اي منهنجا محبوب، مينهن جي موسم ۾ منهنجي گھر ۾ تنهنجي گھرج آهي. يعني توکي مينهن جي سڄي موسم ۾ گھر رهڻ گھرجي.
شاه صاحب مينهن جي ڳالهه ڪندي فرمائي ٿو:

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر ڪيائين،
منڌاڻئي مينهن جي، رت نه روڪيائين،
پلر پلٽيائين، گھٽا سانگين سڪ ٿئا.

مينهن جي علامت جي اپٽار ڪري فرمائي ٿو:

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر ئو ڪري؛
روضي پاڪ رسول جي، پلٽيو پٽ پري،
وجهي ساڻ وري، ته سنگھارن سڪ ٿئي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه صاحب فرمائي ٿو ته الله تعاليٰ اڄ ٻه اتر طرف جهڙ ڪيو آهي.
ان جهڙ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي روضي شريف جي اوسي پاسي وسي، خشڪ ميدان کي آلو ڪري ڇڏيو آهي. شل اهو مينهن رسول ڪريم ﷺ جي روضي کان ڪنوٺيون ڪندو، هيڏانهن موٽي ۽ هن سرزمين کي سيراب ڪري، ته جيئن ڍنارن کي سک ۽ سهنج حاصل ٿئي.

هيٺين بيت ۾ برسات جي سلسلي ۾ پاڻ سڳورن جي روضي اقدس جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

اتران تي آئيون، ڪري هڪل هيرهه،
پري تل ترائيون، جهڙي هليون جيرهه،
پسر جا پٽن ۾، ڪٿوري خوشبوءِ،
اچي روبروءِ، آئيون روضي تان رسول جي.

شاهه صاحب فرمائي ٿو، ته اتر طرف کان وڄون کجڪوڙ ڪنديون آيون. ملڪ ۾ وسي ڍنڍون ڊورا ۽ ترايون ڀري تمتار ڪري ڇڏيائون ۽ زمين کي سر سبز ۽ شاداب ڪنديون اڳتي وڌيون. وٽن ٽڪن جي پٽن ۽ گاهن ۾ ڪٿوريءَ جهڙي خوشبوءِ پيدا ٿي پئي آهي. انهن ۾ اهو اثر انهي ڪري پيدا ٿيو آهي، جو اهي برساتيون حضرت رسول ڪريم ﷺ جي روضي مبارڪ تي وسي هيڏانهن آيون آهن. اهوئي سبب آهي جو برسات ۾ ڪٿوريءَ واري خوشبوءِ پيدا ٿي وئي آهي.

ان سان لاڳيتو بيت ۾ ساڳي سلسلي جي ڪڙي آهي:

روضي تان رسول جي، ڪنر وڄڻ وارو،
پرياتون پير پٺي، نظر سيئي نارو،
هادي ۾ حڪم سين، هي تڙ تاسارو،
نرمل نظارو، پيئي پساير پاڻهين.

هن بيت ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو:

حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي روضي پاڪ تان ڪنوٺن موٽ ڪاڍي آهي ۽ پيرو ڏٺي هاديءَ جي حڪم سان، مهرو اري

نظر سان نوازي، ناري وارو اجايل سڪل تڙ پري چڙهيو اٿن. اي منهنجا مالڪ سائين، تون پنهنجي حڪم سان سڪل لوٽ تڙ پري ڪهڙو نه سهڻو ۽ پاڪ نظارو پسايو آهي. ۽ ڏيک ڏيکاريو آهي.

سر سارنگ جي پهرين داستان جي وائي ۾ شاه صاحب ٻنهي جهانن جي سردار جي شفاعت جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو:

منهنجي سيد سار لهندو، مُنکي آهِ اميد الله پوان وائي جي آخر ۾ فرمائي ٿو ته:

"هت ڏيندس مولو، ات بديون بخشائيندو."

يعني ان وائيءَ ۾ شاه صاحب فرمايو آهي:

مون کي اميد آهي، ته قيامت جي ڏينهن اسان جو آقا نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم اچي منهنجي سار لهندو. الله تعاليٰ کي آزي نيازي ڪري، امت جي ڇوٽڪاري لاءِ عرض ڪندو. جڏهن حضرت اسرافيل قيامت لاءِ صور ڦوڪيندو، سج اهڙي تپش ڪندو، جو اکيون پيهو لڪرنديون. هر ڪو پريشانيءَ ۾ نفسا نفسي ۾ پورو هوندو، ان وقت ٻانهن سگهورا الله تعاليٰ وٽ سرخرو ٿيندا ۽ مولا پاڪ کين مان ڏيندو. سندن شفاعت جي طفيل الله تعاليٰ اسان جون بديون بخشيندو.

شاه صاحب جي هڪ بيت جون پويون ٻه مصرعون ڏاڍيون مشهور آهن. جن ۾ وطن جي حب ۽ انسان دوستيءَ جو سبق سيکاريو ويو آهي. ان سان گڏ هو سنڌ کي دعا ڪري سڄي دنيا جو خير گهرو ٿيو آهي. حقيقت ۾ اهو ڏکيو بيت آهي. جنهن ۾ شاه صاحب اسلام جي روحاني فيض جو ذڪر ڪيو آهي. ۽ مختلف ملڪن جا نالا ڪڍي اسلام جي ڦهلاءَ جو نقشو ڏيکاريو آهي. شاه صاحب هن سر جي ڪيترن ئي بيتن ۾ صاف ڏيکاريو آهي ته اوهيڙن جي اوڪ مان سندس مطلب آهي: اسلام جو فيض، جيڪو نبي ڪريم ﷺ جي ذريعي دنيا کي حاصل ٿيو. سندس ولادت با سعادت سبب ڪفار جا ڪوٽ ڪري پيا. سڳهار سرها ٿيا. ڏرت ۽ ڏولاڪو ٿيو سڄو بيت هن طرح آهي:

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مرڪي ماڻهن جي وري ڪيائون وار،
وڃون وسڻ آئيون، چوڏس تي ڇپڙار،
ڪي اٿي هليون استنبول ڏي ڪي مٿيون مغرب پار،
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقندن سار،
ڪي رمي ويئون روم تي، ڪي ڪابل ڪي قنڌار،
ڪي دلي ڪي دکن، ڪي گڙن مٿي گرنار،
ڪهيون جنبي جسلمير تان، ڏنا بيڪانير بڪار،
ڪهيون بڇ پڇائيون، ڪهيون ڍٽ مٿاهيون وار،
ڪنهن اچي عمر ڪوٽ تان، وسايا ولهار،
سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين،

سارنگ ڦيرو ڏئي، اچي وري جهڙ جي تياري ڪئي آهي. ڪنوڻون چئني پاسن کان ڦري وسڻ لاءِ آيون آهن. هيٺئر انهن مان ڪن استنبول يعني ترڪي ڏانهن اٿي هليون، ته ڪن وري اولهه طرف رخ ڪيو آهي. ڪي چين ملڪ تي چمڪڻ لڳيون آهن، ته ڪن وري سمرقند جي رهاڪن ڪي ياد ڪيو آهي. ڪي ڪابل، قنڌار ۽ روم يعني اٽلي ڏانهن ويئون آهن، ته ڪي وري دهلي، دکن ۽ گرنار مٿان پيون گجگوڙ ڪن. ڪن جسلمير، بيڪانير ۽ بڪار تي وسڪارو ڪيو آهي، ته ڪن وري ڪڇ بڇ ڪي پڇايو آهي. ڪن سنڌ جي ٿر واري علائقي ڍٽ، عمر ڪوٽ ۽ ولهار ۾ وس ڪئي آهي. اي منهنجا سڀاجها سائين! سنڌ تي سدائين سڪار ڪر. اي مٺا محبوب! ان سان گڏ شل سڄي جهان کي آباد، سر سبز ۽ شاداب ڪرين. هن ۾ شاهه صاحب اسلام جي فيض جو ذڪر ڪيو آهي، ته اسلام جي روحاني فيض دنيا جي سڀني ملڪن کي سڄاڳي ۽ روشني سان منور ڪري ڇڏيو.

ادبي خوبين جي لحاظ کان به هي سر وڏي اهميت رکي ٿو. هن سر ۾ شاهه صاحب سنڌ جي ٿر، ڪوهستان ۽ ڪاڇي جي جاگرافيائي حالتن جي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ترجماني ڪئي آهي. ان سان گڏ برسات جي وسڪاري جي ڏاڍي رنگين ۽ دلڪش نوع ۾ عڪاسي ڪئي اٿس. بيت پڙهڻ سان اهڙو ته لڳي ٿو ته ڄڻ ته اکين اڳيان نظارو اکين آڏو آهي. مثال طور هيٺيون بيت ملاحظه فرمايو:

موتي ماڻهاڻ جي، پري ڪيائين پيچ،
وڄون وسڻ آئيون، سارنگ چڙهيو سيج،
تهه نوريون نوازيون، ڏني ڏوٿا ڏيج،
پٽ ڪئي پٽ هليا، هاري منجها هيج،
راضي منجها ريج، عالم سڀ آباد ٿيو.

يعني سارنگ، موتي، وري ماڻهاڻ منڊيا. جهڙ ڪري ڏاڍا وسڪارا ڪري، زمين کي ريج ڏئي ڇڏيو. ڪتوڻيون مينهن وسائڻ لاءِ آيو آهن، ۽ سارنگ پاڻ سيج پلنگ تي ويهي رهيو آهي. مِن چڙهن ۽ پي واهڻ ڙالن کي پيٺا ڏيج ڏيئي نوازيو آهي. هاري ماڻهو به وڏيءَ خوشيءَ سان پيچ ڪڻي ميدانن ڏانهن هليا آهن. اهڙيءَ طرح مينهن جي ريج سبب سڄو جڳ جهان خوش ۽ آباد ٿيو.

سپرين کي ساريندي شاهه صاحب جيڪي ڳوڙها ڳاڙي ٿو، انهن کي هو ڪڪرن مان مينهن وسڻ سان پيٽ ڏيندي چوي ٿو:

جهڙ نيڻئون نه لهي، ڪڪر هُونِ نه هُونِ،
ساريون سپرين کي، لڙڪ ڳلن تي ڳُونِ،
سي مر رويو رُونِ، جي مسافر سپرين.

مطلب ته آسمان ۾ ڪڪر هجي يا نه هجي، پر اکين تان جهڙ لهي ئي نه ٿو. يعني اکيون سدائين ڳوڙها ڳاڙيندڙيون رهن ٿيون. پنهنجي پرينءَ کي ياد ڪري ڳلن تي ڳوڙها ڪري پون ٿا. اهي ماڻهو ڀلي پيا روئن، جن جا پرين پرديس ۾ رهن ٿا، يا مسافري ۾ آهن.

وسڪاري کان پوءِ سرسبزي ۽ شادابي جو نظارو چٽيندي فرمائي ٿو:

اڳ تاڙي، ٻهر ڪنييون، پڪا پٽ سُوهي،
سرهي سيج، پاسي پري، مر پنا ميهه پهن،

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان ۽ پرين، شال هون برابر ڏيهڙا.

فرمائي ٿو، ته اڳئين پر عربي گهوڙا پڌل آهن ۽ ٻاهر ڪنڌيون مينهون، ٻيٺيون آهن. الهيءَ ڪري پٽ تي اڏيل جهوپڙيون ڏاڍيون سهڻيون پيون لڳن، ڇپر ڪٿ سرهاڻ سان واسيل آهي، ۽ پاسي پر پرين ويٺو آهي. هاڻي پلي پيا مينهن وسن. شل محبوب ۽ آءٌ هميشه اهڙي طرح هڪ هجون.

وسڪاري ڪان پوءِ اَنُ جهجهو ٿئي ٿو، ۽ سڪار سڪالي ٿئي ٿي. ان جو ذڪر ڪندي شاهه صاحب فرمائي ٿو:

ڳاهر ڳنڍي ڳنج، ابر پر اهاءُ ٿئي،
پسي پر پريَ جي، ڏور ٿئا سڀ ڏنج،
شال وسندو سنج، عاشق تي اوهيڙا ڪري.

يعني جهڙ پر ڪنوڻ جو چمڪاٽ ٿيو، هوڏانهن ڳوٺن پر مينهن جي وسڪاري سبب اَنُ پيدا ٿيو ۽ اَنَ سان ڳنڍيون ڀرجي ويون. ڪڪرن جي محبوب واري عادت ڏسي سڀ ڏک ڏاکڙا دور ٿي ويا. شال اهڙو مينهن سوير ٿي عاشق تي وسڪارا ڪري وسي.

مينهن نه پوندو آهي، ته اَنُ ذخيرو ڪندڙ واپاري، هتراڏو ڏڪار پيدا ڪري، پنهنجي هٿن سان عوام کي لٽيندا آهن. شاهه صاحب انهن کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

اَٺو اوهيڙا ڪري، عاشق مٿي اڄ،
ڏور ڏڪاريا ڀڄ، مينهن منهه ڏيکاريو.

يعني اڄ عاشقن تي مينهن وسڪارا ڪري وسيو آهي. اي بي رحم ڏڪاري، تون پري ڀڄي وڃ، ڇاڪاڻ جو مينهن برسات وسڻ شروع ڪيو آهي. الهيءَ ڪري اَنُ جام ٿيندو.

شاهه صاحب انسان کي محنت ۽ جدوجهد جو درس ڏيندي فرمائي ٿو، ته سارنگ مينهن وسائڻ جي ڪوشش پر آهي، پر اي انسان! تو کي پنهنجي ڪم جو الڪو ٿي ڪونهي، يعني تون سست ۽ ڪاهل ٿيو ويٺو

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهين. ڏس تہ سارنگ پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ يعني مينهن وسائڻ لاءِ ڪيترن نہ پيو ڪيچڪوڙ ڪري. هارين جي لاءِ هادي هر هنڌ هر ڪاهڻ جو سبب پيدا ڪيو آهي، ۽ اسان کي ياد ڏياريو آهي، تہ اٿين نہ وسهجو، تہ مينهن ڪونہ پوندو. يعني سارنگ جي ڪيچڪوڙ اسان کي پڌائي ٿي، تہ چاڻ مينهن وسيو. انهي ڪري هر ڪاهي زمين ڪيڙي ڇڏيو، تہ جيئن مينهن پوڻ کان پوءِ اها سرسبز ۽ شاداب ٿئي. بيت هن طرح آهي؛

سارنگ کي سعيو، ترڪي سعيو نہ ڪيو،
ڳجي تو ڳمان پر، آيوڪي آيو،
هارن ليءِ هَرُ هَرِ جاءِ پر، هادي هلايو،
متان ايءَ پانيو، تہ بادل آهہ بس ڪي.

مقصد؛ حقيقت ۾ هن سر ۾ شاهہ صاحب اسلام جي فيض جو ذڪر تمثيلي انداز ۾ ڪيو آهي. جهڙي طرح برسات وسڪارو ڪري، ويران خشڪ ۽ پڙپانگ زمين کي سيراب ڪري، سرسبز ۽ شاداب بڻائيندي آهي، اهڙيءَ طرح نبي ڪريم ﷺ جي آمد سبب دنيا ۾ خوش بختي ۽ روحانيت جي پالوت ٿي. شاهہ صاحب فرمايو آهي؛

مند ٿي منڌل . مَنَڌيا، آيو جهڙ جهاتي،
هيڪ ارزان ان ٿيو، بيو مکڻ منجهہ ماٽي،
ڪلمي سيءِ ڪاٽي، لاٿم ڪٽ قلوب تان.

ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ اسلام جي آمد سبب انسانن کي الله تعاليٰ جي هيڪڙائي جو سبق مليو. روحاني پالوت ٿي. انسان کي پنهنجو حقيقي شرف ۽ شان مليو. ذهني ۽ فڪري آزادي ملي. انسانيت جو شعور حاصل ٿيو، ۽ مادي خوشحالي آئي. عوام تان ڏرت ۽ ڏولاڙو لٿو. جبر ۽ ڏاڍ ختم ٿيو ۽ وهم ۽ ڀرم جي بار کان ماڻهو آزاد ٿيا. انهيءَ ڪري مادي توڙي ذهني خوشحالي نصيب ٿي. ثقافت هڪ نئون رخ اختيار ڪيو ۽ اسلام جي روحاني ۽ اخلاقي فيض سان ماڻهن جو دليون روشن ٿيون.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه صاحب سُر سارنگ جي ڪيترن ئي بيتن ۾ انهيءَ حقيقت جو اظهار ڪيو آهي.

هڪ وائيءَ ۾ فرمايو اٿس؛

جاڳ وقت ڄام، ڪريا ڪرت ڪفار،
اڪنڊيا جي ابر کي، سرها ٿيا سنگهار.

مطلب ته شاهه صاحب، سُرسارنگ ۾ سنڌ جي سرسبزي، شادابي، سلامتي، خوشحالي ۽ روحاني، علمي ۽ اخلاقي انقلاب جو ذڪر ڪيو آهي. شاهه صاحب جو مطلب آهي، ته روحاني سڪون ۽ قلبي راحت کان سواءِ مادي ترقي بي معنيٰ آهي. مادي ترقيءَ سبب، انسان کي جسماني سهولتون ته حاصل ٿين ٿيون، پر روح جي اڃ نه ٿي اجهامي روح جي اڃ ۽ اساس الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي پيروي سان اجهامي ٿي. اهوئي سبب آهي، جو شاهه صاحب ور ور ڪري هن سر ۾ علامتي ۽ تمثيلي انداز ۾ اسلام جي روحاني ۽ اخلاقي فيض جو ذڪر ڪيو آهي. سڪار مان سندس مطلب آهي؛ مادي خوشحالي ۽ روحاني ساڃاهه. يعني هن علم ۽ عرفان کي به سارنگ جي وسڪاري سان ڀيٽ ڏني آهي.

حقيقت اها آهي، ته اسلام جو مقصد آهي؛ دنيا ۾ علم، عرفان، وحدانيت ۽ صحيح معنيٰ ۾ انسانيت جو ڦهلاءُ.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُر ڪاپائتي جو فڪري ۽ لساني جائزو

شاھه لطيف جي سر ڪاپائتي ۾ بہ رسالي جي ٻين سرن وانگر هڪ فڪري مقصديت موجود آهي. ٻين سرن وانگر هي سر بہ سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي پس منظر ۾ چيو ويو آهي. هن سر ۾ شاھ صاحب پنهنجو مقصد، ڪاپائتين عورتن جي تمثيل ۾ بيان ڪيو آهي. هت شاھ صاحب جي هن سر جو ثقافتي، لساني ۽ فڪري جائزو مختصر طور پيش ڪجي ٿو.

ثقافتي پس منظر:

سنڌ ۾ قديم زماني کان ڪپهہ جا ٻوٽا يا وڻ يعني وڙڻ ٿيندا هئا. جن مان ڪپهہ ٽاڻي سٽ ڪتي ڪپڙو تيار ڪيو ويندو هو. موهن جي دڙي مان بہ اهڙا آثار مليا آهن، جن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ سنڌ ۾ ڪپهہ ٿيندي هئي، ۽ ڪپڙو اُڻيو ويندو هو. نہ فقط ايترو، پر سنڌ جو ڪپڙو ٻاهرين ملڪن ڏانهن بہ موڪليو ويندو هو، ۽ بهترين ڪپڙو سمجهيو ويندو هو. ٻاهرين ملڪن ۾ ان ڪپڙي کي سنڌ جي حوالي سان "سنڌن"، "سنڌن" ۽ "سندس" سڏيو ويندو هو. عرب دنيا ۾ "سندس" لفظ مروج هو. قرآن حڪيم ۽ حديث شريف ۾ "سندس" لفظ ملي ٿو. قديم زماني کان وٺندي انگريزن جي شروعاتي دور تائين، سنڌ جو ڪپڙو ٻاهرين ملڪن ڏانهن ويندو رهيو.

سنڌ ۾ وڙڻ ٿيندا هئا، جن جا گل چونڊي، انهن کي ٽاڻي ڪپهہ جدا ڪئي ويندي هئي. ان کان پوءِ سنڌ جون عورتون، ڪپهہ اٽڻ تي ڪتي، سٽ ٺاهينديون هيون، جن مان ڪوري، ڪپڙو تيار ڪندا هئا. عورتون جنهن جاءِ تي اٽڻ رکي ويهي سٽ ڪتينديون هيون، ان کي

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"آنڙ" سڏيو ويندو هو. رواج اهو هو، تہ واپاري ڪپهہ توري عورتن کي ڏئي ويندا هئا، ۽ پوءِ وري وٺائن سٽ ڪتڻ ايندا هئا. انهن واپارين کي "صراف" چيو ويندو هو. ڪتيل سٽ جي معيار موجب، صراف اجرت ڏيندا هئا. جيڪڏهن سنهو ۽ هڪ ـ ڪرو سٽ ڪتيل هوندو هو، تہ ان جي اجرت وڌيڪ هوندي هئي، پر جيڪڏهن ٿلهو، يا سنهو ـ ٿلهو يا ڳنڍيون ڳوڙها هوندو هو، تہ ان جي اجرت گهٽ هوندي هئي، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن صراف اهڙو سٽ قبول ڪرڻ کان نابري واريندا هئا. سٽ ڪتيندڙ عورت کي، ڪاتيارڻ يا ڪاپاڻي چيو ويندو هو.

سٽ ڪتڻ جو رواج سنڌ جي سڀني عورتن ۾ موجود هو. پوءِ اهي وڏ گهراڻي جون عورتون هجن يا غريب گهر جون. وڏ گهراڻي جون عورتون ونڊر ۽ تفريح لاءِ سهيلين سان گڏجي سٽ ڪتينديون هيون، ۽ پوءِ اهو سٽ ڪورين ڏانهن موڪلي پنهنجي مرضيءَ موجب ڪپڙو تيار ڪرائينديون هيون. ڪن گهرن ۽ خاندانن جو اهو گهرو هنر هو، ۽ آمدنيءَ جو ذريعو هو. اهڙن هنر مندن تي ذات طور ڪا تيار، ڪتيار ۽ ڪتبار نالو پئجي ويو. سنڌ ۾ اهي ذاتيون اڄ تائين موجود آهن، بلڪ "ڪتيار" ذات سنڌ جي هندن ۾ بہ اڄ تائين ملي ٿي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، انهيءَ پس منظر ۾ هي سر چيو آهي، ۽ پنهنجو مقصد اهڙي نوعيت جي تشبيهن ۽ تمثيلن ذريعي واضح ڪيو آهي. شاهہ صاحب جي مشاهدي جي نظر تمام تيز هئي. هو انهن سڀني ڳالهين کان واقف هو، جيڪي ڪاپاڻين سٽ جي قسمن، صرافن جي ڏيتي ليتي، ۽ ائٽ جي مختلف حصن سان تعلق رکن ٿيون. انهيءَ لحاظ کان شاهہ صاحب جي هن سر ۾ اهي خاص لفظ بہ ملن ٿا، جيڪي انهيءَ هنر سان واسطو رکن ٿا. انهيءَ لحاظ کان هن سر ۾ سنڌي لغت جو هڪ خاص ذخيرو بہ اصلي صورت ۾ محفوظ آهي.

لساني جائزو:

جنهن اوزار تي سٽ ڪتيو ويندو هو، ان کي "ائٽ" چيو ويندو هو.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اٺ ڪي شاھ صاحب ”ارٽ“ به چيو آهي. اٺ ۾ هڪ ڦيٿو هوندو آهي، جهڪو هٿي سان هورتون هلائيندو. ڦيٿو جن ڪاٺوڙن تي ڦرندو هو، ان کي ”مونا“ چيو ويندو هو. انهيءَ ڦيٿي جي سامهون پين ٽنڊن مونن تي سنهي چهب واري سيخ ڦرندي هئي، جنهن کي ”تڪ“ چيو ويندو هو. تڪ کي ڌور ڦيرائيندي هئي، جيڪا ڦيٿي ۽ تڪ تي پيل هوندي هئي. شاھ صاحب انهيءَ ڌور کي ”مال“ سڏيو آهي. ان وقت ڌور لاءِ اهو ئي لفظ مروج هو.

هورتون، اٺ جي تڪ تي جيڪو سٽ ڪتيندا هيون، ان کي ”ڪاپو“ چيو ويندو هو. شاھ صاحب ارٽ، مال، مونا ۽ ڪاپو لفظ بالڪل صحيح نموني هن بيت ۾ ڪتب آندا آهن:

اڄ پڻ اڄهڻ کي مرين، نڪي ڪتڻ ۽ ڪال،
مونا انجي اڪرتا، ارٽ ورڪي مال،
هيءَ تنهن جي حال، جن ڪاپي منجها ڪين ڪتو.

سٽ ڪتڻ کي ”ڪاپو ڪرڻ“ به چيو ويندو هو، ۽ ڪاپو ڪرڻ وارين کي ڪپائتيون چيو ويندو هو. شاھ صاحب اصطلاح ”ڪاپو ڪرڻ“ هن طرح استعمال ڪيو آهي:

”ريهي ڪند ڪاپو ڪر، گهتون گرهيون چڏ.“

سٽ ڪتيندڙ هورتن لاءِ، شاھ صاحب ”ڪاپاڻين“ جو لفظ هن طرح استعمال ڪيو آهي:

”ڪو جو وهه ڪاپاتيون، ڪتين ۽ ڪتي.“

سنهو ڪتيل سٽ قيمتي هوندو هو، جنهن مان سنڌ جي ململ ۽ ٻيو قيمتي ڪپڙو اڻيو ويندو هو. انهيءَ ڪري جيڪي ڪاپاڻيون سنهو سٽ ڪتيندڙيون هيون، انهن کي سني محنت ملندي هئي. شاھ صاحب اصطلاح ”سنهو ڪتڻ“ ۽ لفظ ”صراف“ هن طرح ڪتب آندا آهن:

چاوت پاڻي چت ۾، سنهو ڪتيو جن،
تن جو صرافن، ڌڪو داخل نه ڪيو.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪي ڪا تياريون، هنرمنديءَ سان نہ ڪٽينديون هيون، انهن جو ست هڪ ڪرو نہ ٻيهندو هو. ان کي رنڊا رڙڻ چيو ويندو هو. شاهہ صاحب اهو اصطلاح هن طرح آندو آهي:

محبت پاٽي مَن ۾ رنڊا روڙيا جن،
تن جو صرافن اڻ توريو ئي اگهائيو.

ڪتيل سٽ ۾ جيڪڏهن ڪٿي ڪٿي سنها ڳوڙها ٿي پوندا هئا، تہ انهن کي "پڙا" چيو ويندو هو. جيڪي عورتون مهارت سان سٽ ڪتينديون هيون، اهي سٽ ڪتڻ مهل، پڙن کي ختم ڪري، تند هڪ ڪري ڇڏينديون هيون. ان کي "پڙا پيڻ" چيو ويندو هو. شاهہ صاحب "پڙا پيڻ" جو اصطلاح هن طرح آندو آهي:

"آڪڙي آئون مون ڪان پڙا پيڳا نہ ٿيا"

ڪاتياريون، جيڪو سٽ جو سنهو هٿ ۾ ڪٽي، تڪ تي سٽ ڪتينديون هيون، ان کي "پهي" چيو ويندو هو. شاهہ صاحب لفظ "پهي" هن طرح آندو آهي:

"جاتو جن جاٽي، تن هٿان پهي نہ ڇڏي"

جنهن سيخ تي سٽ ڪتيو ويندو هو، ان کي "تڪ" چيو ويندو هو. جيڪڏهن "تڪ" ڪنهن جاءِ تي ڏنگي ٿي پوندي هئي، تہ سٽ تيزيءَ سان نہ ڪتبو هو. شاهہ صاحب انهيءَ حقيقت جو ذڪر بہ ڪيو آهي. شاهہ صاحب "ڏنگي" لاءِ "ونگي" لفظ آندو آهي، ۽ "ڏِنگ" کي "وڙ" يعني وڪڙ چيو آهي. هو چوي ٿو، تہ عام حالت ۾ وڙ واري ونگي تڪ تيزيءَ سان سنهو سٽ نہ ڪتيندي آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن اهو "وڙ" تيزيءَ سان سنهي سٽ ڪتڻ جو سبب بڻجندو آهي. فرمائي ٿو:

تڪ ونگي، وڙ گهڻا، هيءَ ڪتي ڪجاڙو؟
ڪاهي هٿان ڪيترو، آٿي آڏارو
جاڙهہ وڙ ڏنس وارو، تہ سرتهي سرتڻ ويچ ۾

طريقو اهو هو، تہ عورتون ٻهرياڻين ڪپهہ مان اٽ جي تڪ تي سٽ

ڪٽي، اما پاڻدي، تنهن تان لاهي ابري تي اوڀي. ان مان ٽاڄي تيار ڪئي ويندي هئي. شاهه صاحب لفظ "اوبڻ" هن طرح آندو آهي:

"ڪي اوبڻ عرب ۾، ڪي ڪابل منجهه ڪتين."

"ٽاڄي" لفظ هن طرح آندو اٿس:

"ٽاڄي توريائون، تہ عيب نڪتا اڳيان."

جنهن جاءِ تي ڪاتياريون گڏجي ويهي سٽ ڪتينديون هيون، ان جڳهہ کي اُٽڻ چيو ويندو هو. شاهه صاحب اهو لفظ هن طرح آندو آهي:

"ڪارڻ سود سنواريون، اُٽڻ منجهہ اچن"

اٽڻ، جيڪڏهن ڪنهن ڦٽي خاميءَ جي ڪري ڪم نہ ڪندو هو، تہ چئبو هو:

"ارٽ اولاڻجي پيو آهي." يعني اٽڻ خراب ٿي پيو آهي. شاهه صاحب لفظ "اولاڻيا" هن طرح آندو آهي:

"اولاڻيا ارٽ، ڪيڏانهن ڪتڻ واريون؟"

مطلب تہ شاهه صاحب نهايت باريڪ بينيءَ سان سٽ ڪتڻ جي هنر کي ڏٺو واٽتو آهي، ۽ ان سان واسطو رکندڙ لفظ نهايت صحيح معنيٰ ۾، پنهنجو پيغام واضح ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا آهن.

انهن خاص هنري ۽ فني لفظن کان سواءِ هن سر جي بيتن ۾ پيا بہ ڪيترائي انوکا ۽ خالص سنڌي لفظ ۽ اصطلاح استعمال ٿيل ملن ٿا، مثلاً: "اُڃهڻ" (ڪم نہ ٿيڻ)، سون ــ "ساريڪا" (سون جهڙا)، ولوائند (اڻ وڻندڙ، ڏڪاريل)، رتو، ڇاٽت، سڦرو، هينئڙو لوڻ ٿيڻ، وڏوڻو، ڏکو داخل ٿيڻ، ارٽ سان اورڻ، لڙجڻ وغيره.

فڪري جائزو:

هن سر ۾ شاهه صاحب هيٺيون حقيقتون ذهن‌نشين ڪرايون آهن، تہ جيئن ٻانهي جو پنهنجي مالڪ سان تعلق پيدا ٿئي، ۽ هو روحانيت جون منزلون طيءِ ڪري سگهي.

▲ پهريون سبق شاهه صاحب اهو ڏنو آهي، تہ انسان هن جهان ۾

www.sindhsalamat.comScanned with CamScanner

ڪجهه ڪرڻ لاءِ آيو آهي. انهيءَ ڪري ڪيس جدوجهد ڪري، پنهنجو وقت سڦلو ۽ سڄايو ڪرڻ گهرجي. ويسلو تي نه ويهجي، پر وقت جو قدر ڪري، دنيوي ۽ روحاني ترقي ڪرڻ گهرجي. هو انهن جي حال تي افسوس ٿو ڪري، جيڪي وقت اجايو وڃائين ٿا. ۽ زندگيءَ جي مقصد لاءِ هٿ ـ پير نه ٿا هڻن. شاهه صاحب اهو مقصد ارٽ ۽ سٽ ڪتڻ جي تمثيل ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي:

ڪتڻ جي ڪان ڪريو، سڀئي ساهيڙيون هڏ،
سيان اينده اوڄتي، عيد اڳهاڻين ڪڏ،
جت سرتيون ڪنده سڏ، اُت سڪنديءَ سينگار ڪي.

سون، سارينڪا هٿڙا، ڪرهه نه ڪتيو رڙ؟
وڃي ڪندم ڪاپر ڪر، گهتيون گرهيون ڇڏ،
نه صرافياڻي سڏ، مرڪيو هوند متائيو.

يعني، اي ياتهاا جيڪڏهن تون هن دنيا ۾ ڪجهه ڪري، مالڪ حقيقي جو راضپو حاصل ڪري ويندين، ته پوءِ آخرت ۾ انهن نيڪ عملن جي نتيجي ۾ مرڪي پنهنجو اجر حاصل ڪندين.

▲ هو چوي ٿو، ته اي ياتها تنهنجي عبادت، عاجزي، سچائي ۽ نيڪ نيتي سان هجي. تنهن جي وات تي ياتهب جي بولي هجي. تون پنهنجي رب آڏو عاجزي، انڪساري ۽ ڪين جهڙائپ اختيار ڪر. بزرگن، ياتهب تي ڏاڍو زور ڏنو آهي. مشهور صوفي بزرگ ۽ مفڪر ابن العربي جنهن وحدت الوجود جو فڪر پيش ڪيو آهي، ان به چيو آهي:

(ياتهو، ياتهو آهي، توڻي جو روحانيت ۾ ڪيڏي به ترقي ڪري؛ رب، رب آهي، خواهه ڪائنات جي شين ۾ ڪيڏو به ظهور ڪري.)

▲ غرور، تڪبر، هٺ ۽ وڏائي خالق حقيقي کي پسند نه آهي. اهڙيءَ حالت ۾ عبادتن ۽ رياضتن کي به قبوليت جو درجو ڪو نه ٿو ملي. اها حقيقت شاهه صاحب هن طرح سمجهائي آهي:

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيرنيءَ ۽ پاڇيءَ، اينئي وڏوڙ ڪاڻ،
ويلي اور ارٿ سيءَ، ڳجهيءَ، پاڻيو پاڻ،
تہ ٿنهنجو ني وڃاند، ڪٿو وٽو نہ ٿئي.

اهڙي مفهوم جا ڪجهہ بيت اڳ ۾ بہ اچي چڪا آهن، جهڙوڪ، چاڻت پاڻي......... ۽ محبت پاڻي......... پيا بہ ڪيترائي اهڙا بيت ملن ٿا، جن مان هڪ هت ڏجي ٿو:

ڪو جو وڻ ڪاپاٽين، ڪنڍ ۽ ڪتي،
ڪارڻ سُوءِ سنواريون، آتڻ منجهہ اچي،
ان جي سونهن سيد چئي، صراف تي سڪي،
اڳهيا ست سٽن، پاڻي ترازيءَ نہ توريا.

قرآن حڪيم ۾ بہ پاڻهب جو اهو طريقو سمجهايو ويو آهي. خاص طرح سان سورة فرقان ۾ اهو مطلب چٽيءَ طرح سمجهايل آهي. حديث شريف ۾ بہ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم اهو سبق سيکاريو آهي. هڪ حديث شريف جو مفهوم هن طرح آهي:

"الله تعاليٰ اوهان جي صورتن ۽ جسمن ڪي نہ ٿو ڏسي، پر اوهان جي دلين ۽ عملن ڪي ڏسي ٿو."

▲ شاهہ صاحب چوي ٿو، تہ انسان ڪمين ڪوتاهين کان آجو نہ آهي. انهيءَ ڪري هن کي پنهنجي نيڪ عملن تي فخر ڪرڻ جي بدران پنهنجي خامين جو جائزو وٺڻ گهرجي. جيڪڏهن پنهنجون گهٽتايون ۽ نافرمانيون ڏسندو، تہ هو پنهنجي مالڪ آڏو عاجزي اختيار ڪندو،

تاجي توريائون، تہ عيب نڪتا اڳيان،
ڪرني ڪاپاٽين ڪي، بعد ۾ پڇيائون،
اڳلوئي آئون، مون کان پڙا پڳا نہ ٿيا.

▲ شاهہ صاحب هن سر ۾ ان ڳالهہ تي بہ افسوس جو اظهار ڪيو آهي، تہ اڳ جيڪي معرفت جا صاحب ۽ اهل دل بزرگ ۽ الله جا پيارا پاڻها هئا، اهي پنهنجي اصلوڪي ڏيهہ اسهيا، هيئنر انهن جا ماڳ ـــ مڪان

www.sindhsalamat.comScanned with CamScanner

ڏسي، جيءُ جهري پوي ٿو،
نہ سي ونڻ وٽي پر، نہ سي ڪاتاريون،
پسيو باراريون، هنڄڙو مون لوڻ ٿئي.

اولاڻيان ارٽ، ڪيڏانهن ڪتڻ واريون؛
پهيون مٽي پٽ، لُوهن لاڪيڙن جون

▲ هڪ بيت ۾ شاهہ صاحب اها حقيقت بہ واضح ڪئي آهي، تہ هي اصول فقط ڪنهن هڪ قوم يا هڪ ملڪ، يا ڪنهن هڪ وقت لاءِ نہ آهن. پر اهي عالمگير اصول آهن، ۽ هر ملڪ، هر قوم ۽ هر دور سان لاڳو آهن. يعني زندگيءَ جا اهي آفاقي، الهامي ۽ بين الاقوامي اصول آهن. فرمائي ٿو،

ڪي اوڀر عرب ۾، ڪي ڪابل منجهہ ڪتن،
سٽ اُني جو سٽرو، متيو ماڪن،
قادر ڪيم ڪبن، ٿيلهي ٿلهي واريون.

مطلب تہ شاهہ صاحب هن سر ۾ زندگيءَ جو مقصد واضح ڪيو آهي ۽ ايندڙ زندگيءَ لاءِ ڪجهہ ڪرڻ جو سبق ڏنو آهي. ان سان گڏ اهو بہ بڌايو اٿس، تہ خالق حقيقي جو قرب تڏهن حاصل ٿيندو، جڏهن عمل ۾ اخلاص ۽ سچائي هوندي. سالڪ آڏو عاجزي، انڪساري ۽ پنهنجي محتاجي ظاهر ڪبي، ۽ تڪبر ۽ غرور کي ويجهو اچڻ نہ ڏبو. اهڙيءَ طرح شاهہ روحانيت جي طالب جي تربيت ڪئي آهي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُر بلاول جو مضمون

سر بلاول، شاهه جي رسالي کان سواءِ شاهه عنات جي رسالي ۾ بہ ملي ٿو. يعني هن سر تي سنڌي شاعر اڳ ۾ بہ بيت جوڙيندا هئا، جاڪاڻ جو شاهه عنات، شاهه صاحب جو وڏو معاصر آهي. شاهه عنات جي رسالي جي سُر بلاول جو بہ ساڳيو مضمون ۽ ساڳيون علامتون آهن. يعني سنڌ جي سخي مردن ۽ سورهين جي ساراهہ. نہ فقط ايترو، پر انهن سورهين ۽ سخي مردن جي علامت جي اوٽ ۾ الله تعاليٰ جون صفتون بيان ڪرڻ، ۽ نبي آخر زمان حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جون بي مثل خوبيون ۽ خصوصيتون بيان ڪري، سنڌس عام فيض جو ذڪر ڪرڻ.

هي سُر آنجهاني ڊاڪٽر گربخشاڻي جي رسالي ۾ ڪونہ آيو آهي، البت غلام محمد شاهواڻي مرحوم پنهنجي مرتب ڪيل رسالي ۾ هن سر جي مضمون ۽ مقصد تي مختصر نموني روشني وڌي آهي، پر اهو ڪونہ ڄاڻايو اٿس، تہ "بلاول" لفظ جي معنيٰ ڇا آهي، ۽ ان تي اهو نالو ڪيئن پيو. مگر ڪلياڻ آڏواڻي پنهنجي مرتب ڪيل رسالي ۾ هن سُر بابت لکيو آهي:

"سر بلاول ـــ هندستان جي ڳائڻ وديا موجب، بلاول، رامڪلي ۽ وانگر، هندول راڳ جي پنجن استرين مان هڪ جو نالو آهي. پڇي راڳڻيون ڏک ڪٽيندڙ ۽ اٿتي اچارڻ لاءِ موزون آهن. هن سر ۾ ڏٺيءَ، پيغمبر صاحب ۽ ڄام جکري جي واکاڻ اچاريل آهي. ڪٿي مراد اٿس، ڏٺي، ڪٿي نبي سڳورو." (١)

---

(١) ڪلياڻ آڏواڻي، شاهه جو رسالو، هندستان ڪتاب گهر بمبئي، ١٩٥٨ع، ص ٣٧٩

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن مان بہ اهو معلوم ڪونہ ٿو ٿئي، تہ لفظ "بلاول" جي معنيٰ ڇا آهي، ان جو تاريخي پس منظر ڪهڙو آهي، ۽ هن سر تي اهو نالو ڪيئن پيو؟ البت هن مان ايترو پتو پوي ٿو، تہ "بلاول" هڪ راڳڻي جو نالو آهي. انهيءَ ڳالهہ جي سوچ ويچار لاءِ موسيقي جي باري ۾ ڪتاب ويهي اٿلايم، تہ سڀ ڪا ڳالهہ ظاهر ٿي پيئي.

گرنٿن ۾ لکيل آهي، تہ "مهاديو جي" ڀيرياں ڇهہ راڳ بنايل، جن مان ڀيريون راڳ پهرون آهي. انهيءَ ڪري موسيقي جي ماهرن جو خيال آهي، تہ ڀيريون ٺاٺ پهرون هئڻ گهرجي، اهو انهيءَ ڪري بہ جو اهو صبح جي وقت جو راڳ آهي. البت "پنڊت ڀات کنڊي جي" ڏهہ ٺاٺ بيان ڪيا آهن، هن ڀيريون ٺاٺ شام جي وقت جو ڪلياڻ مقرر ڪيو آهي، جنهن ۾ تيور مڌم جو هجڻ ضروري آهي، ان تي ماهرن جو رايو آهي تہ ڪنهن ڪلياڻ ۾ بہ ست شدّ سُرَ ڪونهن، وڪرت سر ٽيور مدّم بہ آهي. ست ئي شد سر بلاول ۾ آهن، انهيءَ ڪري ڀيريون ٺاٺ بلاول جو هجڻ گهرجي.

پنڊت ڀات کنڊي جي هي بہ لکي ٿو، تہ گرنٿن ۾ بلاول ٺاٺ کي شنڪر ابرڻ سهل لکيل آهي، پر شنڪري جا ڪيترائي ئي قسم آهن، جن مان ڪوبہ بلاول وانگر سمپورن ڪونهي. جيڪو شنڪر ابرڻ مروج آهي، اهو کاڊو آهي، يعني ڇهن سرن جو آهي، ڪن شنڪر ابرڻ کي اوڊو يعني پنجن سرن جو راڳ سڏيو آهي.

بلاول ٺاٺ بابت ماهرن ڄاڻايو آهي، تہ وادي سمووادي سرن کي بدلائي، موسيقي جي ماهرن "بلاول" جا ڪي ئي قسم ٺاهيا آهن. ماهر اهو بہ چون ٿا، تہ بلاول کي صبح جو ڪلياڻ بہ چيو ويندو آهي. (١)

ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ، "بلاول" صبح جو ڪلياڻ آهي، شام جي

---

(١) ڪامل جهونا ڳڙهي، "پاڪستاني موسيقي" "حصہ اول" ڪراچي، ١٣٩١هہ، ص ٨٣ کان ٨٥

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽالي جي برٽش ميوزيم واري نسخي ۾ "سر بلاول ۾ صبوحي" ڄاڻايل آهي. يعني سر جو نالو ڄاڻايل آهي؛ "بلاول ۽ صبوحي."

هن مان ظاهر ٿئي ٿو، ته "بلاول" هندستان جي راڳ وديا موجب هڪ ٺاٽ آهي، ۽ صبح جو ڳايو ويندو آهي. موسيقيءَ جي ماهرن هن سر تي ان نالي پوڻ جو سبب ڄاڻائيندي لکيو آهي:

"بلاول تي ان نالي پوڻ جو سبب هي معلوم ٿئي ٿو، ته ملڪ ڪاٺياواڙ جي، علائقي سورٺ جي بندرگاهن ۾ سومنات پٽڻ سان لاڳيتو "ويراول" بند ۾ هو. هندي ۾ اڪثر / و / جي بدران / ب / اچاريون ويندو آهي، جيئن ته "شيو" کي شيب، " ۽ "وشنو" کي "بشنو" چيو ويندو آهي. ان کان سواءِ / ل/ بدران / ر/ اچاريو ويندو آهي، جيئن "ڪويل" کي "ڪويريا،" "هولي" کي "هوري"، ۽ اهڙيءَ طرح گجراتي لفظ "ويراول" بدلجي "بلاول" ٿيو آهي. (١)

ان مان ظاهر ٿئي ٿو، ته بلاول عربي، فارسي يا هندي لفظ ڪونهي، پر گجراتي لفظ "ويراول" بدلجي هندي ۾ "بلاول" ٿيو آهي. ماهرن اهو به ڄاڻايو آهي، ته مهراج ڪرشن "ويراول" جي ويجهو هڪ ڳوٺ جي ڍنار جي تير سان هرڻ کي مارڻ ويو. جيئن ته هن سر ۾ مهراج ڪرشن جي تعريف ڪئي ويندي آهي، انهيءَ ڪري هن سر تي ڪرشن سان تعلق رکندڙ ماڳ جي ڪري، "ويراول" نالو پيو، جيڪو بدلجي هندي ۾ "بلاول" ٿيو. ان کان پوءِ هي ٺاٽ هند ۽ سنڌ ۾ "بلاول" جي نالي سان ئي مشهور ٿيو.

سنڌي شاعرن هن سر ۾ مضمون ته "سارنگ" جو رکيو، پر شخصيت ۾ تبديلي آندي. يعني هن سر ۾ سنڌ جي سخي مردن ۽ سورهين جي ساراهه کي سمايائون. نه فقط ايترو، پر انهن سورهين ۽ سخي مردن جي

(١) پاڪستاني موسيقي، حصه اول، ص ٨٦.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

علامتن ذريعي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ثنا ۽ صفت، ۽ سدن فيض جي پالوٽ جو ذڪر ڪيائون.

شاه صاحب، ابڙي جي انهيءَ ڪري ساراهه ڪئي آهي، جو هو بهادر آهي، ساموں جهليندڙ آهي، عورتن جي ٻر ڪهور لهندڙ آهي، ۽ سام تي سر ـــ ساهه قربان ڪندڙ آهي. هو چوي ٿو:

سرڙيءَ جي سِڪ لئي، سام ڪنديءَ سردار،
جي آيون ابڙي جي آڌار، سي سرنگ نه ڏينديون سومرين.

هن ۾ انهيءَ تاريخي واقعي جي ڳالهه آهي، جڏهن سومرن ڌارين سان جنگ جي دوران، پنهنجون عورتون ابڙي ڄام کي سام ۾ ڏنيون هيون، ۽ ابڙي ڄام سام جو پورو حق ادا ڪيو هو. سام، سنڌي ثقافت جي خوبي رهي آهي. سنڌ جي ماڻهن نه سام جهلڻ کان ڪڏهن ڪيٻايو آهي، ۽ نه سام جو حق ادا ڪرڻ ۾ ڪڏهن ڪوتاهي ڪئي آهي.

شاه صاحب سنڌ جي انهيءَ سورهيه کي "ڏونگر ـ راءِ" جو لقب ڏني ٿو، جيڪو رياست جي سربراهه هجڻ جي حيثيت ۾ پنهنجي راڄ ڀاڳ جي ٻر ڪهور لهي ٿو، ۽ پوري پوري حفاظت ڪري ٿو:

پڇه مڱڻي ڏنيون، ڏني نه ڏونگر ـ راءِ،
ان ـ ڏئي آڏو قري، ڏنيون ڏني ڪڪاءِ،
لوڙيون لک مڱاءِ، ان مڱيري مرڪائيون.

شاه صاحب پنهنجي مختلف بيتن ۾ ابڙي کي ڪٿي ڏونگر ـــ راءِ، ڪٿي ڪڇ ـ ڌڻي، ڪٿي پٽ ڌڻي، ڪٿي راڻو، ته ڪٿي ڄڪرو سڏيو آهي. ابڙي جي سخاوت ۽ عوام سان مهربانين جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

ابڙو، وڏ ـــ وڏو، سوڍو، سمر، سورهين سين،
تهي در سپ اچي، ڪنڌ نه ڪڇي ڪڇ ـــ ڌڻي.

شاه صاحب جکري ڄام جي سورهيائيءَ ۽ سخاوت جو ذڪر ڪندي چيو آهي، ته هو پڻ سردارن جي پيٽ ۾ ابوجهن جو آسرو، آڌار

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ پرچهلو آهي. هو دلير، سورهيه ۽ جرائت پريو آهي، هو سوالين جون ضرورتون پوريون ڪندڙ آهي ۽ انهن کي ڪنهن به ويل وساري نه ٿو. هي اهو سردار آهي، جيڪو ضرورتمندن جو ضرورتون پوريون ڪري ٿو، ۽ منجهيل ماڻهن جو مشڪلاتون دور ڪري ٿو. هو پنهنجي پناهه ۾ آيلن کان سندن ڏک، درد، ڏک، سور، اهنج ۽ آزار پڇي، سندن گهرجون پوريون ڪري ٿو. شاه صاحب هن بيت ۾ جکري جون اهي خوبيون ۽ خصوصيتون هن طرح بيان ڪيون آهن؛

اڄڙو اڳاهين ۾، پرچهلو پاري،
سمي سوالين کي، ويلهه مَ وساري،
منهين ـ مٿي جکرو، طاماعين تاري،
پڇي سي پاري، جي عاجز آجورن ۾.

ان کان پوءِ شاه صاحب داستان ٻي ۾ جکري جي علامت کي چٽو ڪيو آهي. هن صاف نموني ڏيکاريو آهي، ته جکري مان سندس مطلب آهي؛ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم، جي ذات اقدس. هو جکري جي علامت جي اوٽ ۾ چوي ٿو، ته ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جو نه ڪو مٽ آهي، نه ثاني، سندس جهڙو نه ڪو ڄاوو آهي ۽ نه ڄمندو. فرمائي ٿو؛

جکرو جس ڪرو، پيا مڙيئي مل،
سمي جي سهاڳ جي، ڪنهِين نه پيئي ڪل،
مٿي ان مرسل، اصل هٿي ايتري.

جکرو جس ڪرو، پيا سڀ انيرا،
جياڻيءَ جڙيو جکرو، تياڻيءَ نه پيا،
مٿي تنهين ماڳا، اصل هٿي ايتري.

هن بيت ۾ شاه صاحب پاڻ سڳورن جون خوبيون ۽ خصوصيتون بيان ڪيون آهن. هن بيت ۾ ته واضح نموني پاڻ ڪريم جن جون وصفون

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ صفتون بيان ڪري، ثنا ۽ صفت ڪئي اٿس. هن بيت ۾ شاهه صاحب ٻنهي جهانن جي سردار جي معراج جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان حقيقت جو اظهار ڪيو اٿس، ته اسان جي پياري رسول، معراج تي اسهڻ کان اڳ ۾ بيت المقدس ۾ سڀني نبين جي امامت ڪئي. انهيءَ لحاظ کان پاڻ ڪريم جن کي سڀني نبين ۽ رسولن جو متو ۽ امام سڏيو اٿس. فرمائي ٿو،

جڪري جهو جوان، ڏسان ڪونه ڏيهه ۾،
مهڙ مڙني مرسلين، سرس سنڌس شان،
ڦڪان قاب قوسين او ادنيٰ، ايءَ ميسر ٿيس مڪان،
آڳي جو احسان، جنهن هادي ميڙيم مهڙ،

يعني الله تعاليٰ جو اسان تي اهو وڏو ڪرم آهي، جنهن اسان کي اهڙو رهبر ۽ رهنما ڏنو آهي. انهيءَ ڪري هن بيت ۾ شاهه صاحب اسان کي ٻڌائي ٿو، ته جڏهن اسان کي اهڙو هادي مليو آهي، ته پوءِ اسان کي ٻين جي درن تي ڀٽڪڻ نه گهرجي. مطلب هي آهي، ته اسان کي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي پيروي ڪرڻ گهرجي. ان ۾ ئي اسان جي فلاح ۽ بهبود جو راز سمايل آهي. فرمائي ٿو،

جيهس ڪونه جهان ۾، هند سنڌ، سورت هان،
در داتا مڱ، مڱتا! ٻي جي ڪيئم ڪان،
پاڻ ڪندم پاڻ، حال ڏسي پال ڪري،

هن بيت ۾ شاهه صاحب علامت ته ابزي جي آندي آهي، پر جيڪي خوبيون ۽ خصوصيتون بيان ڪيون ٿس، اهي فقط پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جي ذات اقدس ۾ ئي موجود آهن. انهيءَ ڪري ظاهر آهي، ته جڪري مان سنڌس مراد آهي؛ ٻنهي جهانن جو سردار، ڪائنات جو ڪارڻي، ٻي واهن جو واهرو حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم،

تون اوڏو، تون اوڏڪو، تون اجهو تون آڳي،
هت پڻ تنهنجو تڪيو، مهند پڻ ترتهين ماڳ،
سي لوڙيون ڏين نه لاڳ، جي اجهي آيون ابزي.

www.sindhsalamat.comScanned with CamScanner

شاه صاحب پاڻ سڳورن کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته توهان ئي اسان جو آڌار ۽ آسرو آهيو، توهان ئي پردو پناهه آهيو، توهان ئي اسان جو رهبر ۽ رهنما آهيو. هن جهان ۾ به توهان جي تاريءَ پيا تڳون، ته اڳتي يعني آخرت ۾ به توهان جي شفاعت ذريعي ڇوٽڪارو ملندو. شاه صاحب پوئين سٽ ۾ چوي ٿو ته، جيئن ابڙن جي پناهه ۾ آيل مسڪين صورتون محصول ڏيڻ کان والجهيل رهيون، تيئن نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي امتين سان انهن جي ڪمين ڪوتاهين جي باوجود واحد وڏا وڙ ڪندو ۽ انهن سان فضل جو قيرو ڪندو.

چوٿين داستان ۾ وڻجارن جو ذڪر آهي. انداز بيان مزاحيه آهي، پر شاه صاحب مزاح جي اوٽ ۾ حقيقتون بيان ڪيون آهن. جڏهن بيتن جي هن سلسلي تي غور ڪجي ٿو ته معلوم ٿئي ٿو، ته وڻجارن مان سندس مطلب آهي، ابن، تلار، ايرو ۽ اسونهون انسان، جيڪو جڏهن به جو پاسو وٺي ٿو ته کيس سڀ ڪجهه حاصل ٿي وڃي ٿو. يعني جڏهن انسان نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي پردي پناهه ۾ اچي ٿو، ساڻن صحبت ڪري ٿو ۽ سندن پيروي ڪري ٿو، ته کيس دنيا ۽ آخرت جون سڀ ڀلايون حاصل ٿي وڃن ٿيون. شاه صاحب چوي ٿو ته وڻجارن پنهنجي ليکي جيڪي ڪوششون ڪيون، انهن مان کين ڪو لاڀ نه مليو. پر جڏهن پاڻ سڳورن تي ايمان آڻي، عمل صالح اختيار ڪيائون، ته کين سڀ ڪجهه پرُ پيو:

وڻجارا وري آئيو، وسن ڪين وڏوس،
گنڌي ماني، ماڳ مرچارو، پاسي پير ٿيوس.

هنئين بيت ۾ شاه صاحب ظاهر ڪيو آهي، ته وڻجارا هونئن ته گندو پندو آهي، پر جڏهن پاڻ سڳورن جي صحبت ۾ اچي ٿو ته سُرهو ٿي پوي ٿو، ڇاڪاڻ جو نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي صحبت گندن کي گلاب جي خوشبوءِ وارو بڻائي ڇڏيندي آهي. شاه صاحب آخري سٽ ۾ اسان کي صلاح ڏني آهي، ته سراپا سونهن، سچ، سڳنڌ ۽ سرهاڻ

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يعني ٻاڻ سڳورن سان تعلق پيدا ڪريو، تہ اوهان بہ سدائين سُرها رهو. فرمائي ٿو،

وڳند وري آئيو، نسورو ٿي نرڳ،
گندا گلابي ڪري، سيد سو سرڳ،
عطر سڀ اورڳ، تہ هئين سدائين سرهو.

مطلب تہ شاھ صاحب، هن سٽ ۾ علامتي انداز ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي ثنا ۽ ساراھ ڪري، اسان کي ذهن نشين ڪرايو آهي، تہ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي ٻاڻ سڳورن سان تعلق پيدا ڪرڻ ۽ ان جي پيروي ڪرڻ ۾ آهي.

www.sindhsalamat.comScanned with CamScanner

سُر سريراڳ جو مطالعو

تاريخي پس منظر

سنڌ جي سرزمين قديم زماني کان سکي ۽ ستابي رهي آهي. منجهس آن پاڻي جهجهو ۽ جال رهيو آهي ته ماڻهن جو مزاج به مهذب رهيو آهي. موهن جو دڙو انهيءَ ڳالهه جي چٽي ثابتي ڏئي ٿو ته سنڌ، سوداگرن جي سرزمين هئي. سنڌ جا واپاري قديم زماني کان ڏورانهان ڏيهه ڏوري، وڻج واپار ڪري، پنهنجي ملڪ کي مالا مال ڪندا رهندا هئا. هيڏانهن هو عراق ۽ مصر طرف ويندا هئا، ته هوڏانهن سلون ۽ جاوا طرف ويندا هئا. سنڌ جي جغرافيه دان مانڪ پٿا والا لکيو آهي: ”گهڻيون صديون اڳ، مهراڻ جي هالوڪن ويران ڪپن تي هڪ روشنيءَ واري تهذيب هئي، جنهن جو تعلق ايران جي مٿانهين پٽ کان بابل تائين هو....... خشڪيءَ رستي قافلا عراق جي مندرن جو ڪجهه مال هت پهچائيندا هئا. سنڌين جا غوراب عربي سمنڊ ذريعي بابل پهچائيندا هئا.(۱)

اهو واپار نه فقط موهن جي دڙي جي تهذيب جي زماني ۾ هلندو رهيو، پر پوءِ به سنڌ جا واپارا پري پري تائين ويندا رهيا. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جون تيار ڪيل شيون، خصوصاً ململ ڏورانهن ڏيهن ۾ مشهور ٿي، جنهن تي نالو ئي ”سنڌن“ پئجي ويو. اها سنڌ جي ململ ئي هئي، جيڪا مصر ۾ لاشن کي حنوط ڪرڻ ۾ استعمال ڪئي ويندي هئي.

سلون ۽ انڊونيشيا طرف به سنڌي سوداگرن جا پير پهتل هئا. اها اچ وڃ پوءِ به قائم رهي، نه فقط ايترو، پر اسلام جي اچڻ کان پوءِ به

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌي تاجر جاوا ۽ سماترا طرف ويندا هيا. انڊونيشيا جي قديم تاريخ تي تحقيق ڪندڙ هڪ محقق جو رايو آهي ته انڊونيشيا ۾ اسلام پکڙڻ جي سلسلي ۾ سنڌ جي واپارين نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو.

شاهه لطيف جي سر سريراڳ مان به انهن تاريخي احوالن جي تصديق ٿئي ٿي. معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جا سوداگر ساموندي سفر جون صعوبتون سهي، ڏورانهان ڏيهه ڏوري، سودو سوٽي، ساوا ۽ ستابا ٿي سنڌ پرايندا هئا. هن بيت ۾ شاهه صاحب ڏيکاريو آهي، ته وڻجارا جنگ جهاز پري، سفر ستائيا آهن.

سڙه ستران، لاهو نران، اولا سنڌن عاج
ساٿي سفر هلئا، پري جُنگ جهاج
حاصل ڪريهين حاج، راحد وڻجارن کي.

هيٺين بيت ۾ سنڌ جي اڻانگي سفر جو نقشو چٽيو ويو آهي؛

آڳارا عميق جا، ڳڻتا غواص
جهَرين جهاڳي آئيا، ڪارونيار ڪُنن
سمنڊ سوجهي جي، آٿي امل اولئا.

●

ويرم مرلاهي ويڌ، ملي آر اوڙاهه جي
پسي پاڙي وارين، ڪج انديشو ايڌ
وينئو نه پسيه ڏيه، پٽن هي پار مٿي.

ساموندي سفر ۾ هميشه چورن جي ڦُر جو خطرو به رهندو آيو آهي. قديم زماني ۾ اهي دريائي ڌاڙيل "ميد" هوندا هئا. جيڪي اصل "سنڌيا" جا رهاڪو هئا. پر پوءِ انهن مان ڪيترا مڪران ۽ سنڌ ۾ به اچي رهيا هئا. سنڌ جا ميهاڻا انهن جي نسل مان آهن. سکر جي لڳ درياهه جي ڪناري تي به سنڌن بستيون هيون. درياهه تي بند به ٻڌو هئائون. جنهن کي عرب مورخن "سڪة الميد" لکيو آهي. مسعوديءَ پنهنجي ڪتاب "مروج الذهب" ۾ ڏيکاريو آهي ته ميدن جي پين قومن

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان ويڙهه هلندي رهندي هئي. انهن سامونڊي ڌاڙيلن راڄا ڏاهر جي زماني ۾ عربن جا ٻيڙا ڦريا هئا، جيڪي سرانديپ کان اچي رهيا هئا.

شاهه لطيف جي زماني ۾ يورپجو ڪيئز سامونڊي ڌاڙيل هئا، جن کي "فرنگي" يا "ڦلنگي" سڏيو ويندو هو. اصل ۾ "فرنگ" جي معنيٰ آهي: "يورپ،" ۽ "فرنگي" معنيٰ "يورپي." انهن فرنگي سامونڊي ڌاڙيلن ترخانن جي ڏينهن ۾ ٺٽي کي ڦريو هو، ۽ آخر ۾ شهر کي باهه ڏئي هئائون. جڏهن ته اها ايشيا جي وڏي ۾ وڏي ڦر هئي. شاهه صاحب هيٺين بيت ۾ انهن سامونڊي ڌاڙيلن کان وڻجارن کي خبردار ڪري ٿو:

ڏنگي وچ درياهه، ڪيئي ٻڏي ڪيئي اُٻڙي
هر جي واڌي وائٺا، سي سرتهن سڀ سڙيا
معلم ماڳ نه اڳٿيون، ڦلنگي منجهه ڦريا
ملاح تنهنجي مَڪري، اچي چور چڙهيا
جتي ورنگ وريا، تتي تاري تهجي.

هيٺين بيت ۾ شاهه صاحب سنڌ جي سوداگرن جي "ڪنم - ڪيڙاڻو" ڪوٺيو آهي. يعني ڪنڊن جا ڪنم لتاڙيندڙ يا سڄي دنيا گهمندڙ. اهو ظاهر ٿو ڪري ته سنڌ جا واپاري پنهنجي سامونڊي سفر دوران ڪيترائي ڏورانهان ڏيهه ڏوريندا هئا. هن مان وڌيڪ اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته هو اهڙا ته هوشيار سوداگر آهن، جو ڪنهن به بادشاهيءَ ۾ محصول نه ڏيڻ جي ڪري روڪيا نٿا وڃن. شاهه صاحب اهو مفهوم ٿن لفظن "سونگا نه سيٺي" ۾ بيان ڪري ويو آهي. سڄو بيت هن طرح آهي:

وچوچه جان ويهي، جَرُ پلءِ پاڻيان
"تُو هيرا! گهر سيرين" ! او سه اِي پيئي
جي، وڻجارو سين وڪرين، سرها سيپئي
حرمت سان حبيب جي، سونگا نه سيٺي
پانهه اوءِ پيهي، ڪنم - ڪيڙاڻو آتيا.

هيٺين بيت ۾ شاهه اهي شيون به ڏيکاريون آهن، جيڪي سنڌ جا

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڻجارا پرانهين ٻنڌ تان آڻيندا نيندا هئا. انهن ۾ قرنقل يعني لونگ ۽ ڦوٽا ۽ اجي وچن ٿا. اهي شيون "جاوا" جي طرف جون آهن. ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌ جا وڻجارا انڊونيشيا تائين ويندا هئا. لونگ ۽ ڦوٽا اتانهين آڻيندا هئا. ۽ ڪپڙي جا ٿانَ اوڏانهن کڻي ويندا هئا. هو جڏهن پيڙا پيري هلن ٿا ته هلڻ وقت الله ۽ رسول کي سنڀالين ٿا. "نذرنبيءَ جام جو، جڙهندي چياٿون." ان مان ثابت ٿئي ٿو، ته هو مسلمان آهن. ان مان ان ڳالهه کي ۽ ڪجهه قدر تهڪو ملي ٿو، ته سنڌ جا سوداگر انڊونيشيا ۾ واپار سان گڏ اسلام جي تبليغ به ڪندا هئا. سڄو بيت هن طرح آهي:

قرنفل، ڦوٽا، پارچا، پاٿيڪ پاناٿون
ڪوريون قيمت سنڌيون، تر ۾ تاڪياٿون
لاچين منجهه لطيف چي، پيڙا پٽاٿون
نذر نبي جام جو، چڙهندي چياٿون،
جي ڇُهي چوڙياٿون، سي بيڙيون رکين ٻاجهه سين.

فڪر ۽ پيغام

هن سر ۾ شاهه صاحب اها تمثيل آندي آهي ته جيئن واپاري، وڻج واپار جي ڪئي ڪمائيءَ لاءِ ٻاهرين ولايت ڏي وڃي، ڌن دولت ميڙي، ٻيهر ملڪ موٽي اچي ٿو، تيئن ٻانهون به هن دنيا ۾ آخرت لاءِ ڪجهه ڪرڻ لاءِ آيو آهي. انهيءَ ڪري انسان کي جڳائيءَ، ته هن دنيا ۾ اهو ڪي ڪري جيڪو آخرت ۾ ڪم اچيس. شاهه صاحب ان سلسلي ۾ اهو به ٻڌايو آهي، ته ڇا ڪرڻ گهرجي، ۽ ڇا نه ڪرڻ گهرجي. شاهه صاحب ٻڌائي ٿو، ته آخرت ۾ توکان تنهنجي حسب نسب بابت پڇائيءَ ڪانه ٿيندي، پر ڪرت مطابق جزا ملندي. شاهه صاحب اهي انهيءَ ڪري هت چڱا ڪم ڪر ۽ ٻرن ڪمن کان پاسو ڪر قرب ٿي ٿو.

www.sindhsalamat.comScanned with CamScanner

مان پڇنني سهرين، ڇت مَ ڇيتار ڪج،
ڪدج ڪالي ڪج ڪي، ڪرڙ مَ ڪمائيج،
رٺج رهائيج، سَڀُ سراگر سچ جو.

•

ڪرڙ ڪماءِ مَ ڪج، اٿي اور الله سين،
ڪڍ تون دعا دل مان، صاحب وٽي سچ،
محبت سندو من ۾، ماڻڪ ٻارج مچ،
ان ۾ اٿي اڄ، تہ سوڙو ليئي سڦرو.

يعني ڪوڙ، ڪمينو، ڪپت، دغا، دولاب ۽ بيائي، ڪي جيءَ ۾ جاءِ نہ ڏئي، ٻر سچائيءَ ۽ صفائي سان زندگي گذار، ان سان گڏ پنهنجي مالڪ حقيقي سان لنولڳا ۽ ان ذڪر سان پنهنجي دل کي پاڪ بناءِ، شاهہ صاحب پڌائي ٿو، تہ جيڪي الله تعاليٰ کي راضي ڪن ٿا، الله تعاليٰ بہ انهن جي عزت قائم رکي ٿو؛

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
اُن جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان،
ڪرڙيو ڪن سلام، اڳي اڄ آن جي.

ٻانهي کي ٻانهپ ئي سونهن ٿي، غرور ۽ تڪبر سندس ڪنئي ڪمائي ڇٽ ڪري ڇڏيندو. ٻانهي ڪري پنهنجي پالڻهار آڏو ازي نيزاريءَ ڪرڻ سان ئي کيس راضي ڪري سگهجي ٿو فرمائي ٿو؛

ساري رات سجان، سرڊو ڪن صاحب سين،
ٻانهپ پيري پيڙيون، هليا جوپ جوان،
ٻاٿي پهلوان خطي منجهہ لنگهي ويا.

قرآن حڪيم ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي، تہ جن ايمان آندو، ۽ پرهيزگاري اختيار ڪئي، انهن کي دنيا ۽ آخرت ۾ خوشخبري آهي، آيتون هن طرح آهن،

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اَلَّذِينَ آمَنُوا وَكَانُوا يَتَّقُونَ ● لَهُمُ الْبُشْرَىٰ فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَفِي الْآخِرَةِ. (سورت يونس ـ ٦٣، ٦٤)

(جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ڪئي اٿن. تن جي لاءِ دنيا جي حياتي ۽ آخرت ۾ خوشخبري آهي.)

شاهه صاحب "لهم بشري" ڏانهن اشارو ڪري، الله تعاليٰ جو اهو وعدو هن طرح بيان ڪيو آهي.

جنهن سودو سچ جو، وکر وهايو،
بخير لهم البشري جو، انهين لئي آيو،
ان کي لالن لنگهايو، ساندارو سمونڊ جو.

شاهه صاحب سمنڊ کي، هن جهان جي تمثيل ۾ آندو آهي جهڙيءَ طرح سمنڊ عميق آهي، ۽ ان ۾ ڪيتريون لهرون ۽ ڀيا خوڊ ۽ خطرا آهن، اهڙيءَ طرح هن جهان ۾ بہ ڪيتريون ئي رعنائيون ۽ رنگينيون آهن. جيڪي انسان کي پنهنجي مرهه ۾ ڦاسائي، ۽ ماديت پرست بڻايو ڇڏين. انهيءَ ڪري انسان پنهنجي اصل مقصد تان هٽي، تڙي تابڙجي، سچ جي راهه تان هٽي وڃي ٿو. انهيءَ ڇاڙهه مان ڇڙهڻ لاءِ ضروري آهي، تہ انسان پنهنجي رب کي مدد لاءِ پاڪارائيندو رهي. هن بيت ۾ شاهه صاحب دنيا جي گمراهہ ڪندڙ ڳالهين کان سمنڊ جي خوفن ۽ خطرن جي تمثيل ۾ بيان ڪندي خبردار ڪري ٿو.

لهرن ليکو ناهہ ڪو، جت ڪيرڪي ڪارا،
آچارا عميق جا، اڇن اوپارا،
اٿي آسارا، وڙهنده وسيرا.

شاهه صاحب هن سر ۾ الله تعاليٰ کي پاڪائڻ جو ڏس ڏنو آهي. هن بيت ۾ هو پنهنجي خالق کي عرض گذار آهي، تہ اي منهنجا مالڪ هن عاجز انسان کي دنيا جي خوفن ۽ خطرن کان پردي پناهه ۾ رک.

- لڙ لهرين، لس، ليٽ، جتي انت نہ آب جو،
الله! ات تہ اولـيين، پيڙا مٿي پيٽ،

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جوکر ٿئي نہ جهاز کي، ڦرهي اڃي نہ ڦيٺ،
لڳي ڪا ٽرليهيٺ، هي غاريبي غراب کي.

هيٺين بيت ۾ شاهہ صاحب ٻنهي جهانن جي سردار، سيد المرسلين، امام المتقين نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي درگاهہ ۾ پنهنجو حال پيش ڪندي چوي ٿو، تہ اسان جو حال تمام هيٺو آهي. اسان دنيا جي موهہ ۾ ڦاٿل آهيون، ۽ اهو نہ ڪيو آٿون، جيڪو اسان جو ٻيڙو تاري هيئنر اسان جو هي مسڪين جو جهاز توهان کي پرتو آهي. جنهن کي پنهنجي مهر سان " ۾ بندر ريور بندر يعني آخرت جي ڪاميابي پهچايو.

اڃي سو ڏنوه، جو ڪهر سوه ڪئي سين،
ستي لوڪ لطيف چئي، ياد نہ ذرو ڪئوه،
غافل ٿي غرواب کي، اوڙاهہ تي آندوه،
سوچٽرو چوهي ڪان رکيه، جو ٻيو پراڻو پوه،
جهازن ضعيفن جو، پاڻيءَ ۾ پرتوه،
سيدا ساڻ سندوه، "۾ بندر" پهچائيين.

نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي سيرت پاڪ کي سامهون رکبو، تہ معلوم ٿيندو، تہ پاڻ سڳورن انهن سان بہ ڀال ڀلايا، جن کي ڪيس تڪليفون ڏنيون. شاهہ صاحب پاڻ ڪريم جن جي ان اخلاق جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

چڱن ساڻ چڱايون، اهو سڀ ڪو ڪري،
تو جنين ڪري نہ ڪري، ٻين ساڻ ڀلائيون

شاهہ صاحب اهو بہ سمجهايو آهي، تہ ڪوشش انسان جي وس ۾ آهي، پر ان کي ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪرڻ الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي. انهيءَ ڪري شاهہ صاحب هدايت ڪئي آهي تہ پنهنجي ڪمن تي آڏ وڏائي نہ ڪر، پر پنهنجو ڪم ان پروردگار جي حوالي ڪر، تہ ڪاميابي حاصل ڪرين.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيئي سبحان جي، ڪر حوالي ڪم،
تي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم و هم،
قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري حاج تو.

هن سر ۾ شاهه صاحب "صرافن" جو ذڪر ڪيو آهي. جيڪي مائڪن اپوتين جواهرن جو وڻج، واپار ڪندا هئا. هن مان سندس مطلب آهي؛ اهل دل بزرگ، جيڪي علم ۽ فضل جو وَنڊ ورهائيندا هئا. شاهه صاحب هن بيت ۾ ان ڳالهه تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي، ته اڄ اهي فيض صاحب نه رهيا آهن؛ پر انهن جي بدران نام نهاد جوهري دوڪانداري پيا ڪن.

ڪا صراف سچن، پاڻ ڪرناٽين جوهري،
مائڪ مُٺِ ڪري، وانءَ وٺي وٽ تن،
سنئُن تي سيد چئي، کهڙو قدر ڪن،
پاڻيٺ تي پرکن، ڪڍِ ڪنچل ڳڻن ڪچ سين.

جيڪي هيرا ۽ موتي وڏيندا هئا. انهن کي وينجهار چيو ويندو هو. شاهه صاحب چوي ٿو، ته اهي وينجهار، جيڪي هيرا لعل وڏيندا هئا. انهن جي پوين ۾ اهو جوهر ڪو نه رهيو آهي. سندس مطلب آهي، ته جيڪي بزرگ روحاني فيض سان ماڻهن کي مستفيض ڪندا هئا، انهن جي پوين ۾ اها صلاحيت نظر ڪا نه ٿي اچي؛

وياسي وينجهار، هيرو لعل وڏين جي،
تين سندا پوٽيان، سيهي لهن نه سار،
ڪتين ڪت لُهار، هاٿي اُنهن پيشيين.

شاهه صاحب اهلِ دل بزرگن لاءِ "غواص" (ٽوبو) لفظ به ڪتب آندو آهي. هو ٻڌائي ٿو، ته جهڙيءَ طرح غواص سمنڊ سوجهي، پاتال ۾ پيهي، مائڪ ميڙي عوام کي آڇين ٿا. تهڙيءَ طرح روحانيت جا صاحب هن دنيا ۾ حقيقت کي پرجهي ۽ پروڙي اصل حقيقت جو سبق سيکارين ٿا.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فرمائي ٿو،

آڇارا عميق جا، گاڏيا غواصن،
جَھرين جھاڳي آئيا، ڪارونيار ڪنھ،
سمنڊ سوجھي جن، آئي امل اوليا.

انهن تمثيلن ۽ علامتن سان گڏ شاهه صاحب "ملاح" ۽ "معلم" جون علامتون به آنديون آهن. "ملاح" مان سندس مطلب آهي، ماڻهو، جيڪو زندگيءَ جي ٻيڙي کي هلائيندو رهي ٿو. شاهه صاحب هن بيت ۾ ملاح کي صلاح ڏئي ٿو، ته هي اٿاهه سمنڊ آهي، جنهن کي جهاڳڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. انهيءَ لاءِ ضروري آهي، ته ڪنهن سونهين جي صلاح وٺ سلامتي سان وير لنگهي وڃين.

تاري وانءُ تراز کي، منجھا موج ملاح،
دانهون ڪي درياهه جيون، اوتهي جا آگاهه،
سونهيءَ جي صلاح وٺ ته وير لنگهي وڃين.

"سونهين" مان سندس مراد آهي، علم ۽ فضل جا صاحب. جيڪي زندگيءَ کي سجايو ۽ سڦلو بنائڻ جو سبق سکيارين ٿا، ۽ پليل ۽ پتڪيل انسانن کي دڳ لائين ٿا. اهڙيءَ طرح شاهه صاحب هيءَ حقيقت ذهن نشين ڪرائي آهي، ته پلارن انسانن کان رهنمائي ۽ رهبري حاصل ڪرڻ ضروري آهي.

"ناکئو" ۽ "معلم" به ٻيڙي سان تعلق رکن ٿا. جيڪي ٻيڙي کي سلامتيءَ سان هلائڻ لاءِ ملاحن کي هدايتون ڏين ٿا. هن بيت مان ته معلوم ٿئي ٿو، ته شاهه صاحب "معلم" نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ذات اقدس لاءِ علامت طور آندو آهي، جنهن وٽان اسان کي زندگيءَ جي حقيقت، مقصد، ۽ زندگي گذارڻ جو صحيح طريقو حاصل ٿيو آهي،

ناکئو نگهبان، معلم منجهي خبرون،
جي ساري ڪنيو سمونڊ تي، سفر جو سامان،
لطف سان لطيف چئي، تن لنگهيو طوفان،
سنباري سبحان، وڃي عادتئو اڪتا.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"عاد ٿئون" جي معنيٰ آهي؛ عادن (عدن) ڪٿون. هتي "عدن" مطلب آهي؛ منزل مقصود. يعني جن انسانن حضور صلي الله عليه وسلم جي هدايتن موجب زندگي گذاري، اهي نهايت آسانيءَ ۽ سلامتيءَ سان وڃي منزل مقصود کي رسيا.

هن تفصيل مان معلوم ٿيندو، ته شاهه صاحب هن جهان ۾ ڪامياب زندگي گذارڻ جو طريقو سمجهايو آهي. سندس مقصد هي آهي، ته انسان هن جهان ۾ انهيءَ لاءِ موڪليو ويو آهي، ته الله تعاليٰ جي هدايتن موجب زندگي گذاري، آخرت جي ڪاميابي حاصل ڪري. هو سمجهائي ٿو، ته هن جهان ۾ انسان آزمائش ۾ رکيو آهي. جيڪڏهن هن دنيا جي رنگينين ۽ رعنائين، ۽ مادي آسائشين ۾ مبتلا ٿي، زندگيءَ جي اصل مقصد کي وساري ڇڏيو، ته ڪيس آخرت ۾ هٿ هٿان پوندا. جتي انسانن جي عملن جو حساب ڪتاب ٿيندو. زندگيءَ کي سجايو ۽ سڪارتو بنائڻ لاءِ انسان کي جڳائي ته هو هادي اعظم، نبي آخر زمان حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي پيروي ڪري. شاهه صاحب ٻڌائي ٿو ته، الله تعاليٰ جي ذڪر، توبهه تائب ٿيڻ، ۽ خالق ڪائنات جي بارگاهه ۾ آزيءَ نيزاري، تنهائي ۽ تماشائي اختيار ڪرڻ ۾ انسان جي ڪاميابيءَ جو راز سمايل آهي. هو الله تعاليٰ کي پاڻ ڏانهن ۽ ان کي مدد لاءِ سڏڻ جي هدايت به ڪري ٿو.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُرَ رامڪلي جو اڀياس

تاريخي پس منظر

هندو فقير: شاهه صاحب جو سُرَ رامڪلي هندو فقيرن سان تعلق رکي ٿو. شاهه صاحب سير و سفر دوران هندو فقيرن سان مليو. انهن سان صحبتون ڪيائين، انهن جي ريتن رسمن ۽ زندگيءَ جي مقصد جو گهرو مطالعو ڪيائين. نه فقط ايترو پر شاهه صاحب هندو فقيرن سان سير و سفر ڪيو، ۽ انهن سان گڏ سنڌ جي تيرٿن تي ويو. شاهه صاحب جي سير وَ سفر ۽ هندو فقيرن سان روح رهاڻيون پنهنجي ابتدائي جوانيءَ جي دور ۾ ڪيون. ان هوندي به هي سر پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو، ته شاهه صاحب جي مشاهدي واري نظر تمام تيز هئي. هن نهايت باريڪ بينيءَ سان هندو فقيرن جي هلت چلت، رهڻي ڪهڻي ۽ فڪر ۽ زندگيءَ جي مقصد جو نهايت اونهو اڀياس ڪري، ان مشاهدي، مطالعي ۽ پنهنجي تجزي کي نهايت اثرائتي نموني ۽ حقيقت پسندانه نوع ۾ پيش ڪيو آهي.

عرب سياحن جي سفر نامن ۽ ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو ته هندو جوڳي، ۽ ٻيا هندو فقير قديم زماني کان هند ۽ سنڌ ۾ گهمندا، سير و سفر ڪندا، تيرٿ ڀيٽيندا، جوڳ ڀڄائيندا رهيا آهن. ابو زيد حسن سيرافي پنهنجي ڪتاب سلسلة التورايخ ۾ لکيو آهي:

"هندستان ۾ ڪجهه ماڻهو بيابانن، جهنگلن ۽ ڀهاڙن جو سير ڪندا وتندا آهن، ۽ ماڻهن سان گهٽ ملندا آهن. هي ڪاهه ۽ جهنگلي ميوو ڪڏهن ڪڏهن کائي ويندا آهن. عضوي تناسل ۾ لوهه جي هڪ زنجير انهيءَ ڪري وجهندا آهن، ته جيئن عورتن ڏانهن وڃي نه

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهن. انهن مان ڪي بالڪل اگهاڙا رهندا آهن. منجهانئن ڪي سڄ ڏانهن منهن ڪري بالڪل اگهاڙا بيٺا هوندا آهن. انهن جي جسم تي چمڙي جي هڪ مختصر ڪل پيٺي هوندي آهي. هڪ ماڻهوءَ کي مون پڻ ڏٺو، تہ سڄ ڏانهن منهن ڪيون، بلڪل اگهاڙو بيٺو هو. ١٦ سالن کان پوءِ وري موٽي آيس، تہ ان کي انهيءَ ئي حالت ۾ ڏٺم. مون کي سخت عجب لڳو، تہ سڄ جي تپت تي سندس اکيون ڇو نہ نڪري ويئون." (١)

بي هنڌ ڄاڻايو اٿس؛

"هتي هڪ جماعت" بيڪر جيين" جي نالي سان مشهور آهي، جيڪا اگهاڙي رهندي آهي. انهن جا وارا ايڏا وڏا هوندا آهن، جو جسم ۽ شرمگاهہ کي ڍڪيو بيٺا هوندا آهن. ننهن وڏا ۽ نيزن وانگر تيز هوندا اٿن. البت ڪي پنهنجو پاڻ تئي پوندا آهن. هي ماڻهو سيرو سياحت ڪندا آهن. انهن مان هر شخص جي ڳچيءَ ۾ مالها هوندي آهي، جنهن ۾ انساني کوپري لٽڪندي رهندي آهي. جڏهن کين ڏاڍي بک لڳندي آهي، تڏهن ڪنهن هندستانيءَ جي درتي هليا ويندا هئا. هو انهن کي بابرڪت سمجهي هڪدم رڌل چانور آڻي ڏيندا آهن، جن کي هو کوپريءَ ۾ وجهي کائيندا آهن." (٢)

ابوزيد حسن سيرافي جي ڪتاب ۾ ٢٦٤هہ (٨٧٧ _ ٨٧٨ع) سن ملي ٿو. ان مان معلوم ٿئي، تہ هندو فقير جو هي احوال ٽين صدي هجري (نائين عيسوي) ۾ لکيو ويو.

مٿين بيان جي تصديق ٻين ڪتابن مان بہ ٿئي ٿي. جان ـ ٽي پلٽس (John.T.Platts) پنهنجي لغت ۾ هندو فقيرن جي هڪ قسم "ناگا" بابت لکيو آهي.

"ناگا" هندو فقيرن جو هڪ قسم آهي، جيڪي اگهاڙا رهندا آهن، ۽ اگهاڙا گهمندا وتندا آهن." (٣)

شاهہ صاحب "ناگا "فقيرن جو ذڪر سرراميڪليءَ جي ڪيترن بيتن ۾ ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ھہ بيت ھت ڏجن ٿا:

پورچا ڪر مَ پاڻ ڪي، سمجھ ڪي سامي،
ٿي نسورين سڀ سرو، ريھ مَ وسامي،
خطرا ڇڏي خامي، تہ نانڪا رسين نات ڪي.

•

جي پاڻ جوڳي ٿيان، تہ ترڪ طمع ڪي ڏي،
نانڪا نمي نات ڪي، تابع ٿيءُ تنھي،
ويراڳي وجود ڪي، لاشڪ ڇڏ لئي،
جو آجھائيون اڏي، پري پروب ان ڪان.

متي ابو زيد حسن سيرافي جي بيان ۾ اگھاڙن فقيرن جي پنڌ جو ذڪر آيو آھي. شاھ صاحب نانگن فقيرن جي پنڌ جي ڳالھہ ھن انداز سان ڪئي آھي:

جي پاڻ جوڳي ٿيان، تہ سڱ سيئي ڇڏ،
رچي در دونتي جي، نانڪا ڪيمَ پڇَ،
پَٽ تنھن جي پڙ، جن پڇي نہ پڇيو.

ھندو فقيرن جي در در پنڌ جي ڳالھہ پڻ بيان ۾ بہ ملي ٿي ھڪ بيت ۾ ان ڳالھہ جو بيان ھن طرح آندو اٿس:

رچيو ريلا رھي، سانجھيءَ رھن سمھي،
ٻڪ مرندي ٻکيا، ڪنھن ڪان ڪين گھرن،
پيٽ تہ ھيرايون پانڻ ٻڌي ڇُوري، سان ڇھن،
ڦڪي فقيرن، ماڳان پني مات ڪئي.

ھڪ بيت ۾ شاھ صاحب انھن فقيرن کي ”مھيسي“ ڪوٺيو آھي، جيڪي پَٽ ڪئي پڻ نہ ٿا، ۽ مخلوق جي گھرن کان پري رھن ٿا.

پنہ ڪين پَٽ ڪئي، گھرن ڪين گھران،
مھيسي مخلوق جي، آھين دور دران،
پڙھن ڪرم شرمان، اندر عدالت جي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوئين سٽ جي مفهوم کي شاهه صاحب ٻي هڪ بيت جي سٽ ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي:

"مٺي منجهه وهار، ته ٿاڦي ڪانيارو نه ٿئي."

"مهيسي" جو صحيح اچار "مهيشوري" آهي. جان پلٽس "مهيشوري" جي وصف هن طرح بيان ڪئي آهي.

"درگايا پاروتي ديوي جا پوڄاري، جيڪا شو جي زال هئي.(۴)

اڳ ۾ ابو زيد حسن سيرافي جي بيان ۾ هندو فقيرن جو نالو "بيڪر جيئن" آيو آهي. اهِين ٿو ڀانئجي، ته "بيڪر" "بيڪاري" جي بگڙيل صورت آهي، ۽ "جيئن"، "جوڳي" جي بدليل صورت آهي. انهن ٻنهي هندو فقيرن جو ذڪر سر رامڪلي ۾ ملي ٿو.

بيڪاري جو نالو هن طرح آيو آهي:

بابو بيڪاري ٿيا، اڄ نه آسڻ وٽ،
خودي ڪانئي هليا، پير نه لاٿئون پٽ،
هي ۽ هي ۽ جنهين هٽ، آڏو نه جيندي ان ري.

جوڳيءَ جو ذڪر ته گهڻن ئي بيتن ۾ آيو آهي. سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ تي نظر وجهجي ٿي، ته معلوم ٿئي ٿو، ته "جوڳي" جو ذڪر سڀ کان پهريان قاضي قاضن جي بيت ۾ ملي ٿو. بيت هن طرح آهي:

جوڳي جا ڳايوس، ستر هوس تن ۾،
تهان پوءِ ٿيوس، سنڌي پريان پيچري.

لفظ "جوڳي" يا "يوگ"، "يوج" مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: جوڙ، ميلاپ، ملائڻ، گڏڻ، روح جو ذات مطلق ۾ وصال (۵). قديم زماني ۾ جيڪو روحاني طريقو، سنڌ، هند ۽ پنجاب ۾ رائج هو، ان کي "يوگ" يا "جوڳ" چيو ويندو هو. "يوگ" نه فقط هندو فقيرن ۾ هو، پر ٻڌ ڌرم جا ڀڪشو، ۽ جين ڌرم جا فقير به ان طريقي سان پنهنجو اندر اجارڻ جا جتن ڪندا هئا. نه فقط ايترو، پر ويندڪ زماني کان به اڳ ۾، دراوڙ دور ۾ به موجود هو. هي هڪ روحاني طريقو هو،

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن جي ڏريعي، حق جو ڳولهائو، پنهنجو اندر اجاريندو هو. (٦) اهڙي جاکوڙيءَ کي يوڳي يا جوڳي چيو ويندو هو. سنڌ ۾ اهي هندو فقير موجود هوندا هئا. ۽ انهن جي رهڻ واري جاءِ کي "مڙهي" سڏيو ويندو. "مڙهي"، "مڙهه" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، مٿل ماڻهو يا لاش. جيئن تہ اهي فقير تارڪ الدنيا هوندا هئا. انهيءَ ڪري پنهنجي رهڻ واري جاءِ کي "ڪهر" چوڻ جي بدران مڙهي چوندا هئا. يعني انهن جي رهڻ جي جاءِ. جن دنيا جا لاڳاپا لاهي، من ماري مچ ڪيو هجي. هند ۽ پنجاب جا جوڳي هنگلاج ۽ ٻين ياترائن لاءِ سنڌ ۾ ايندا رهندا هئا.

شاهہ صاحب جي سر رامڪلي کان سواءِ رسالي جي سر "ڪاموڙي" ۾ بہ جوڳي فقيرن جو احوال ملي ٿو. سر رامڪليءَ جي ڪيترن ئي بيتن ۾ "جوڳي" يا "جوڳيئڙا" لفظ آيا آهن. رامڪلي جي داستان پهرين جا پهريان ٻہ بيت وراڻ وارا آهن، ۽ "جوڳيئڙا جهان ۾" فقري سان شروع ٿين ٿا. پهريون بيت هن طرح آهي:

جوڳيئڙا جهان ۾، نوري ۽ ناري،
ٻري جن ٻاري، آلا تہ جيندي اندري.

ڪيترا وراڻ وارا بيت "جي پاسئين جوڳي ٿيان" فقري سان شروع ٿين ٿا. هڪ بيت اڳ ۾ اچي چڪو آهي، ٻيو بيت هت ڏجي ٿو. جنهن ۾ "هنگلاج" جي ياترا جو ذڪر آهي:

جي پاسيہ جوڳي ٿيان، تہ پرگوءَ جي پار،
هرانون هنگلاج ڏي، ويندي سپ وسار،
نانگا نات نهار، سامي وڏيءَ سڪ سين.

شاهہ صاحب هن بيتن ۾ "جوڳ" جي اها ئي معنيٰ پڌائي آهي، جيڪا اڳ ۾ بيان ڪئي وئي آهي:

جسي سندي جوڳ ري، سون نہ ڳهر جي ماهہ،
سامي منهنجو ساهہ، آلا تہ جيئندي ان ري.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مٿين بيان مان معلوم ٿيندو، ته ”جوڳين“ ۽ ٻين هندو فقيرن جي هن مت ته اها هئي، ته هو دنيا کي تياڳ ڏيئي، ڌرمي يا تراٿن لاءِ گهمندا وتندا هئا. سنڌ ۾ يوڳ پچائڻ جو طريقو اهو هو، ته هو ڪنهن آسڻ تي هڪ هنڌ چپ ڪري ويهي يا ويهي جوڳ پچائيندا هئا. ابوزيد حسن سيرافيءَ پنهنجي اکين ڏٺي، اهڙي ”يوگي“ جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو بلڪل اگهاڙو سج ڏانهن منهن ڪري ڪئي ورهه هڪ هنڌ بيٺو رهيو. شاهه صاحب به اهڙا يوگي ڏٺا هئا. هن بيت ۾ انهن جو ذڪر طرح ڪيو اٿس:

ويئي جنهن ورهه ٿيا، مٿي سوڻ ميري،
اکيون جنهن جون الک ڏي، پون ڏي نه پيري،
ڪارڻان ڪڪا ٿيا، جراتيا چيري،
لوڪ لال لطيف چئي، ڪنبي ۽ ڪوري،
نينهن نه نبيري، سور چرندي سنڀرو.

رام ڪلي ۾ جوڳي، ناٿ، سهيسي ۽ ڀڪاري کان سواءِ ٻين قسمن جي هندو فقيرن جا نالا به ملن ٿا. جهڙوڪ: لاهوتي، ويراڳي، بيراڳي، ڪاپڙي، سامي، سناسي، ڪن-ڪٽ، ڪاپٽ، ڪنواتيا، ڪن ڇير، ڪن ڦار، لانگوٽيا، گودڙيا، صابري ۽ آديسي. ”آديسي“ اصل ”اداسين“ آهي. جي. ٽي پلٽس ”اداسين“ جي وصف هن طرح بيان ڪئي آهي:

”اهو فقير جنهن مڪمل طرح دنيا کي تياڳ ڏنو هجي، جنهن کي نه گهر گهاٽ هجي نه مٽ مائٽ ۽ دوست هجي.“ (٧)

شاهه صاحب اهڙن فقيرن جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

جوڳي ٿين نه يار، ڪنهن سان قريب ري،
هرائين هنگلاج ڏي، ويندي سڀ وسار،
ناڻگا ناٿ نهار، سامي وڃي سڪ سري.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسلمان فقير:

هندو فقيرن کان سواءِ شاهه صاحب مسلمان فقيرن جو ذڪر بہ ڪيو آهي، جيڪي الهن ڏينهن ۾ هند ـ سنڌ گهمندا وتندا هئا. الهن مان صابري فقيرن جو خاص طرح سان ذڪر ڪيو اٿس، فرمائي ٿو:

رهيا اٿئي رات، صبح ويندءِ صابري،
لُڙهه لُڙهه منجهه لطيف چئي، ڪر تنهين جي تات
سنڌي جوڳيان ذات، ٻي پيري پاڳ مڙي.

●

اڳُڻ آهين اڄ، صبح ويندءِ صابري،
ڪج ڪر ڪاپڙين مان روح رچندو رڄ،
پير تنهين جا پڄ، متان سڪين سنياسين کي

"صابري" مان مطلب آهي، اهي فقير جيڪي حضرت علاؤ الدين علي احمد صابر جي سلسلي جا مريد هئا، جنهن ١٣ ـ ربيع الاول، ٦٩٠هہ (٤ـ مارچ ١٢٩١ع) تي وفات ڪئي. سندس مزار "ڪلير" ۾ آهي. هو فريدالدين مسعود گنج شڪر (وفات ٦٦٤هہ ـ ١٢٦٥ع) جو مريد هو. سندس طريقت جو سلسلو هندالولي حضرت خواجہ معين الدين چشتي اجميري سان هن طرح ملي ٿو:

"حضرت صابر مريد حضرت فريدالدين گنج شڪر، اهو مريد حضرت خواجہ بختيار ڪاڪي (وفات، ١٢٣٠ع) ۽ اهو مريد حضرت خواجہ معين الدين چشتي اجميري رح (وفات ١٢٣٦ع)."

ديوبندي عالمن جي پير طريقت حضرت عبدالقدوس گنگوهي (وفات ٢٣ ـ جمادي الآخر ٩٤٤هہ ـ ٥ نومبر ١٥٣٧ع) جو طريقت جو سلسلو حضرت صابر ڪليري رحہ سان ملي ٿو.

حضرت صابر ڪليري جا فقير، جن کي شاهہ صاحب "صابري" سڏيو آهي، اهي هنگلاج ۽ ناني تي ڪونہ ويندا هئا. پر سير و سفر ڪري پنهنجي مرشدن جي مرشد ۽ هند ۾ اسلام جي شمع روشن

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪندڙ حضرت خواجه معين الدين چشتي جي زيارت لاءِ اجمير ويندا هئا. شاهه لطيف سندن اوڏانهن وڃڻ جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:
"جوڳي ويا جامير، جان مڙهيان منهن پائي."
"جامير، شهر اجمير" جي عوامي صورت آهي.
تمثيل: شاهه صاحب هن سر ۾ تمثيل طور الله تعاليٰ جي وحدانيت، رسالت، شريعت، اسلامي عقيدن، اسلامي تصوف جي اصولن جي اپٽار ڪئي؛ ۽ مومن مسلمان جي خوبين، خصوصيتن ۽ اخلاقي قدرن جي وضاحت ڪئي آهي. الله تعاليٰ جي وحدانيت جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

الفين اکر من ۾، ڪيو ڪاپڙين،
حرف ڌاران هيڪڙي، پير ڪئي پڇين،
فرض فنا في الله جو عين عبادت ٿي،
"قل هو الله احد" تا منجهان پرت پڙهن،
سعادت سرين، ڳر ڪي ڳاٽا ڪاپڙي

هن مان معلوم ٿيندو، ته شاهه صاحب جي نظر ۾ سچو فقير اهو آهي، جيڪو فقط الله تعاليٰ کي هڪ ڪري مڃي ٿو، ان سان ڪنهن کي به شريڪ نه ٿو ڪري؛ ۽ انهيءَ ئي ذات ۾ فنا ٿيڻ عين عبادت سمجهي ٿو. ان سلسلي ۾ هن قرآن شريف جي آيت "قل هو الله احد" ڏانهن به اشارو ڪيو آهي. سڄي سورت هن طرح آهي.
قل هو الله احد ● الله الصمد ● لم يلد ● ولم يولد ● ولم يكن له كفوًا احد ●
"(اي پيغمبر) چئو ته الله اڪيلو آهي. الله بي احتياج آهي. نڪي ڄڻيائين ۽ نڪي ڄڻيو ويو، ۽ سندس برابر ڪو نه آهي."
ان مان معلوم ٿيندو ته شاهه صاحب توحيد خالص اختيار ڪرڻ جي هدايت ڪري ٿو. هن بيت ۾ شاهه صاحب فرمايو آهي، ته اهي سچا فقير سدائين الله تعاليٰ جي ذات سان پنهنجو ناتو ڳنڍين ٿا، ۽ خدا جي

www.sindhsalamat.comScanned with CamScanner

ناراضپي جي خوف کان سدائين ڪنبندا رهن ٿا.

ڪنهن جنهن سناسي سوزَ جي، منجهه وهلور وتي،
اٿي پهر الک جو ڪي، وڃُ واوڙين،
سدائين صاحب لي، ٿا ڪاپڙي ڪنبن،
جي راتو ڏينهن رمن، هلو تڪياپسون تن جا.

هن هڪ بيت ۾ شاهه صاحب صفت "لم يلد ولم يولد" ڏانهن اشارو ڪندي، چوي ٿو ته اهي سچن فقيرن جو جيءُ ان ذات سان جڙيل آهي، جيڪو نه ڄائو آهي ۽ نه ڪنهن کي ڄڻيو آهي. فرمائي ٿو:

جي پاڻئيين جرڳي ٿيان، ته سڳَ سيبني تڙ،
جي ڄايا نه ڄاپندا، جيءُ تنهين سين جوڙ،
ته تون پهچين توڙ، محبت جي ميدان ۾.

يعني تون ان ذات سان تعلق پيدا ڪر، جيڪو اڪيلو آهي، ۽ نه ڪنهن کي ڄڻيو اٿس ۽ نه ڪنهن مان ڄائو آهي. اهڙيءَ طرح ئي توکي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي حاصل ٿيندي.

ان سان گڏ شاهه صاحب اها به تلقين ڪري ٿو، ته توحيد سان گڏ رسالت تي به ايمان آڻ، ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم کي الله جو رسول ڪري مڃ، پنج وقت نماز پڙهندو رهه، رمضان شريف جا ٽيهه روزا رک ۽ اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ جي معرفت حاصل ڪر. فرمائي ٿو:

جي پاڻئين جرڳي ٿيان، ته پڙ ڪلمي جي پار،
پنجين سان پـورو رهه، تون آيا ٽيهه مَ ٽار،
تڏهن ڏاڳا ڏار، جڏهن راهه سڃاڻين رب جي.

هن بيت ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو، ته قادر جي قدرت جو ڪو ڪندي ڪنارو ئي ڪونهي، ۽ ڪثرت جو ڪاٿو ڪٿي ئي نه ٿو سگهجي، انهيءَ حالت ۾ توکي منهجي ٻوڙ نه گهرجي، پر وقت جي وات وٺڻ گهرجي، يعني اٿين وسهڻ گهرجي، ته انهيءَ رنگارنگي ڪائنات جو خالق الله تعاليٰ آهي، جيڪو اڪيلو آهي ۽ ان سان ڪو به

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ياڳي پاٿيوار ڪونهي.
فرمائي ٿو:

جي پاڻيئين جوڳي ٿيان، تہ ولي وحدت ويهہ،
اوتهہ ملڪ الله جو، ڪنهن چلي نہ ڏئو ڇيهہ،
مانڻ مڙهي، جي پيهہ، تہ ويلي ٿي ويرنات ٿئين.

هن سر جي ڪن بيتن ۾ حضرت شاهہ صاحب ڪائنات جي ڪارڻي، ٻنهي جهانن جي سردار، انبيائن جي امام، انسانيت جي علمبردار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي ثنا ۽ صفت بہ بيان ڪئي آهي، ۽ قرآن شريف جون آيتون آڻي، پاڻ سڳورن جون وصفون بيان ڪيون اٿس. هڪ بيت ۾ فرمائي ٿو:

مرتا طورسينا، سندا سناسي،
سجدي ۾ سيد چئي، گوڏا گودڙيس،
فڪان قاب قوسين او ادنيٰ، تا نانگا اتي لهي،
ڪل من عليها فان، باقي ڪين پچس،
الله ولي الذين آمنوا يخرجهم من الظلمات الي النور، تا اهڙي پرت پڙس،
خر موسيٰ صعقا، جوڳي جنگ چلي،
ما زاغ البصر وما طغيٰ، اهڙي روشن رون،
مشاهدو محبوب جو اتي آديس،
بي يبصر بي يسمع، بي وصال وهي،
بي يمشي بي ينطق، تا اهڙي چال چلي،
سيد چئي سندن، ڪل پڇي تون ڪهڙي؟

هن بيت ۾ آيل آيتن جو ترجمو هن طرح آهي:
فڪان قاب قوسين او ادنيٰ (النجم ـ ٩)
(پوءِ ٻن ڪمانن جيتري وٿي هئي، يا (ان ڪان بہ) تمام ويجهو هو.) هن آيت ۾ حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي معراج جو ذڪر آهي، جنهن ۾ پاڻ سڳورن کي الله تعاليٰ جي ويجهڙائي حاصل ٿي.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڳتي هلي شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ اهو قرب حضرت موسيٰ کي بہ حاصل نہ ٿيو. ان سلسلي ۾ قرآن شريف ۾ ذڪر آيو آهي. شاهہ صاحب بہ ان واقعي بابت آيل آيت ڏني آهي، جيڪا هي آهي:

"خر موسيٰ صعقا"

سڄي آيت هن طرح آهي:

ولما جاء موسيٰ لميقاتنا وڪلمه ربه قال رب ارني انظر اليڪ قال لن تراني ولاڪن انظر الي الجبل فان استقر مڪانه فسوف تراني فلما تجليٰ ربه للجبل جعله دڪا وخر موسيٰ صعقا (الاعراف ـ ١٤٣)

(۽ جنهن مهل موسيٰ اسان جي انجام واري هنڌ آيو ۽ سندس پالڻهار ساڻس ڳالهايو (تنهن مهل) تنهن مهل چيائين تہ اي منهنجا پالڻهار مون کي پاڻ ڏيکار تہ آءٌ توکي ڏسان. (الله) چيو تہ مون کي ڪڏهن نہ ڏسي سگهندين، پر جبل ڏانهن نهار. پوءِ جيڪڏهن پنهنجي جاءِ (جبل) تِڪاءُ ڪيو، تہ تون مون کي ڏسي سگهندين، پوءِ جنهن مهل سندس پالڻهار جبل ڏانهن تجلو ڪيو (تہ) ان کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيائين، ۽ موسيٰ بيهوش ٿي ڪري پيو.)

ان مان شاهہ صاحب جو مطلب هي آهي تہ حضرت موسيٰ الله تعاليٰ جي تجليٰ جو تاب سهي نہ سگهيو، پر حبيب خدا صلي الله عليه وسلم جن ذات حقيقي سان معراج تي ملاقات وقت، مشاهدو مائٽ مهل پڻ ڪمان جي وٽي جيترو يا ان کان بہ ويجهو رهيا. شاهہ صاحب وڏيڪ فرمائي ٿو تہ حضرت موسيٰ تہ تجليٰ جو تاب نہ سهي بيهوش ٿي ويو، پنهي جهانن جي سردار رب سان ملاقات وقت ويجهڙائيءَ جو ڪوبہ اثر نہ ٿيو. ان لاءِ شاهہ صاحب بيت ۾ هيءَ آيت شاهديءَ طور آندي آهي.

ما زاغ البصر وما طغيٰ (النجم ـ ١٧)

"(پيغمبر جي اک) نڪي لڙي ۽ نڪي حد کان لنگهي"

هن بيت ۾ آيل ٻي آيت ۽ فقرن جي معنيٰ هن طرح آهي:

الله ولي الذين آمنوا يخرجهم من الظلمات الي النور (البقر ـ ٢٥٧)

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(الله مومن جو سنڀاليندڙ آهي، کين اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪڍندو آهي.)

شاهه صاحب جو مقصد هي آهي ته الله تعاليٰ ئي آخر زمان جي ذريعي مومن جي رهنمائي ڪئي، جو کين ڪفر جي اوندهه مان ڪڍي، دين جي روشني عطا ڪئي. بي يبصر بي يسمع (مون سان ڏسي ۽ ٻڌي ٿو)، ۽ بي يمشي بي ينطق (مون سان هلي ۽ ڳالهائي ٿو) جو مطلب هي آهي، ته حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جيڪي فرمائي ٿو، ۽ جن ڳالهين جي هدايت ڪري ٿو، اهو الله تعاليٰ جي فرمان مطابق آهي. يعني رسول الله صلي الله عليه وسلم جي پيروي دراصل الله تعاليٰ جي حڪمن جي پيروي آهي.

اهڙيءَ طرح هن بيت ۾ شاهه صاحب قرآن مجيد جي آيتن ذريعي ٻنهي جهانن جي سردار جو شان بيان ڪيو آهي. شاهه صاحب جوڳيءَ جي تمثيل ۾ سچي مرشد جو خوبيون، خصوصيتون، اخلاق ۽ ڪردار جي وضاحت ڪئي آهي. شاهه صاحب ٻڌائي ٿو، ته سلوڪ جي پهرين منزل شريعت آهي. اهڙيءَ ڪري سچو فقير اهو آهي، جيڪو شريعت تي عمل ڪري معرفت جي منزل تي رسي ٿو:

راهه شريعت هليا، تفڪر طريقون،
حال حقيقت رسيا، معرفت ماڳون،
ناسوت، ملڪوت، جبروت، اِيءَ انعام سندون،
پسي لاهوت لنگهيون، هاهوتي متيا هليا.

اهي سالڪ مولا پاڪ جي محبت ۾ محو آهن، با اخلاق آهن، اوگڻ جي اوڏو نه آهن ۽ معرفت ماڻڻ لاءِ پاڻ فنا ڪن ٿا.

منجهه محبت مچ، ٻهر ڏوڏا دوڙسي،
ڇڏيائون ڇر لهي ڪرڙ، ڪلڪن ڪچ،
اوگڻ اوڏا نه ٿيا، ڳڻ ڪيائون ڳچ،
جتي سڙن تتي سچ، جتي سڙن، تتي سرا.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن جي اندر ۾ سدائين الله تعاليٰ جو ذڪر جاري ۽ ساري آهي.

ڇڏ جاڳرتا جڳ سين، ورنهن ڪيم دڪاءِ،
واڌ ڪر ربڪ في نفسڪ اندر، آگ جلاءِ،
جن ڪي سڄڻ جي ساڃاهه، تن ڪي ڪيئان ملو ڪينڪي.

هن ۾ شاهه صاحب آيت جي ذريعي هدايت ڪئي آهي، ته پنهنجي رب کي پنهنجي دل ۾ ياد ڪر آهي. سڄي آيت جي معنيٰ هن طرح آهي ۽ پنهنجي رب کي پنهنجي دل ۾ عاجزيءَ ۽ ڀُوَ سان وڏي آواز ڌاران صبح ۽ سانجهيءَ جو ياد ڪر ۽ غافلن مان نه هج." (الاعراف _ ٢٠٥)

هيٺين بيت ۾ شاهه صاحب سمجهايو آهي، ته دنيا جي لوڀ لالچ ۾ گم ٿي نه وڃجي، ۽ دنياوي شين کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد نه بڻائجي.

گندي ۽ گراهه، جئين سناسي سانئين،
اُنهن ڪان الله، اجا اڳاهون ٿيو.

شاهه صاحب سالڪ جون وصفون پڌائيندي فرمائي ٿو، ته سچا سالڪ اهي آهن، جيڪي آزيون ۽ نيزاريون ڪري پنهنجي رب کي ريجهائين ٿا.

ڪانا ڪري ڪرنشون، پنٽي اپا پانهون،
اي الک سامهون، رتو رنائون.
سناسي سيد چئي، مليون مدعائون،
ولسوف يعطيڪ ربڪ فترضيٰ چتر چپائون،
لاتق لتائون، گر کي گلڙيا ڪاپڙي.

هن ۾ شاهه صاحب قرآن شريف جي آيت هيءَ شاهديءَ طور آندي آهي.

ولسوف يعطيڪ ربڪ فترضيٰ (الضحيٰ:٥)
(۽ تنهنجو پالڻهار سگهوئي توکي (ايترو) ڏيندو جو (تون) خوش ٿيندين)
هيٺين بيت ۾ به شاهه صاحب قرآن شريف جي آيت ڏانهن اشارو

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيو آهي.

جرڳي جڳ چڙي، پريا پورب پنڌ ڏي،
لاهوتي، لعل لطيف چئي، هليا لعل لڏي،
والله يدعوا الي دار السلام صاحب سين سڏي،
هيءُ هيءُ من هڏي، همه کي حيران ڪيو.

قرآن شريف جي آيت جي معنيٰ هن طرح آهي:
"۽ الله سلامتي جي گهر ڏانهن سڏيندو آهي." (يونس ـ ٢٥)
يعني الله پاڻهي کي سڏي راهه ڏانهن سڏي ٿو، پر هن هڏي (يعني هن دنيا) جي رنگينين ۽ رعنائين) سڀني کي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو آهي. البت سچا سالڪ دنيا جي مرهه پر گرفتار نه ٿا ٿين، پنهنجي رب جي هدايتن تي هلي، ڪاميابي حاصل ڪن ٿا.

اهڙيءَ طرح هن بيت پر شاهه صاحب سچي فقير يعني سلوڪ جي راهه جي پانڌيڙي جون وصفون بيان ڪيون آهن، ۽ سلوڪ جي راهه پر رهنمائي ڪندي، هدايتون ڏنيون آهن هو چوي ٿو ته آخرت جي ڪاميابي انهيءَ پر آهي، ته الله تعاليٰ کي هڪ ڪري مڃجي، رسالت تي ايمان آڻجي، ۽ شريعت جي واٽ وٺي، پنهنجي زندگيءَ کي سچايو ۽ سڦلو بڻائجي. هو چوي ٿو، ته ان لاءِ اهو به ضرور آهي، هن زندگيءَ جي آسائشن کي زندگيءَ جو مقصد نه بڻائجي.

حوالا

(١) حسن سيراڻي، ابوزيد، سلسلة التواريخ، ص ٥١
(٢) ايضاً، الڪتاب الثاني، ص ١٢٧ ـ ١٢٨
(3) John .T. platts: A Dictinery sang-e-Mell (Publications) lahore, 1983 Origen.
(1) حسن سيراڻي، ابو زيد، سلسلة التواريخ، ص ٥١
(2)ايضاً، الڪتاب الثاني، ص ١٢٧-١٢٨

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.comScanned with CamScanner

(3) John.T.Platts:A Dictionary of Urdu,Classical Hindhi and English,Reprint:Sang- e- meel Publication,Lahore,1983,originaly printed in London,Crosby Lock Wood and Son,199,P.1116.

(4) Ilid,P.1102

(5) Ilid,P.1253

(6) (i) Berry T: Religions of the World: Hinduism,Yoga Budhism, London,1971,P.77.(ii) A.L Basham: The Wonder that was India,London,1985,P.35 (iii) Dr.Dur-e-Shahwar Sayed:The Poetry of Shah Abdul Latif,1988,P.12.

(7) J.T.Platts:P.31.

(8) منگهارام اوجها، پرالو پارکر ،سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو ڇاپو،1988،ص 75.

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي رحہ

پروفيسر ڊاڪٽر الحاج ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ولد حاجي غلام حسين ميمڻ سن ۱۳۵۰ھ بمطابق ۱۱ سيپٽمبر ۱۹۲۱ع تي ٻڪوٽ ماڙي ضلع شڪارپور ۾ تولد ٿيا. ابتدائي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪيائون. سن ۱۹۴۸ع ۾ خاندان سميت لاهوري محلا لاڙڪاڻي ۾ اچي سڪونت پذير ٿيا. ملازمت جو آغاز روينيو کاتي ۾ ڪلارڪي سان ڪيائون ۽ پوءِ سول انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما پاس ڪري پي. ڊبليو. ڊي. ۾ اوور سيئر ٿيا.

ايم. اي سنڌي ادب ۾ امتيازي حيثيت ۾ پاس ڪرڻ کان پوءِ ۱۹۶۱ع ۾ اسلاميہ ڪاليج سکر ۾ ليڪچرار ٿيا. ان کانپوءِ اسلامڪ ڪلچر ۽ مذاهب عالم ۾ پڻ ايم. اي ڪيائون. ڊاڪٽريٽ جي ڊگري "بيان العارفين سنڌي ۽ جي ترتيب ۽ ايتار" جي عنوان سان ٿيسز لکي حاصل ڪيائون.

ڊاڪٽر صاحب جن سٺا دانشور، اديب، عالم ۽ محقق هئا. پاڻ سٺ کان وڌيڪ ڪتاب لکيائون. جيڪي مختلف موضوعات تي سنڌي ۽ اردو ۾ ڇپجي چڪا آهن. ان کان سواءِ بيشمار مضمون ملڪ جي مختلف معياري، علمي ۽ ادبي رسائل و جرائد ۾ ڇپيا. سندس علمي خدمتن جو اعتراف ڪندي پاڪستاني سرڪار تحفہ "امتياز" سان نوازيو.

سنڌ جي هن قلمياري عالم ۽ اديب ۱۱ فيبروري ۱۹۹۶ع تي هيءَ فاني دنيا ڇڏي پنهنجي حقيقي رب سان مليو.

ڊاڪٽر صاحب جي وفات بعد حڪومت پاڪستان سندن خدمتن جو اعتراف ڪندي پڻ صدارتي ايوارڊ سان نوازيو.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book